گل شڪر

سنڌي ادبي بورڊ

Suresh Rajni
16-10-81

گل شکر

(سنڌي پهاڪن بابت ڪتاب)

*

ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هن ڪتاب جو ڪَوَر ۽ شروعاتي 2 صفحا سنڌي ادبي بورڊ
پرنٽنگ پريس ٽلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد پاپولر پرنٽرس
ٽنڊي سڙڪ، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ ظفرحسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ
ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ڇاپو پهريون		1905ع
ڇاپو ٻيون		1915ع
ڇاپو ٽيون		1921ع
ڇاپو چوٿون	(س-ا-ب)	1953ع
ڇاپو پنجون		1956ع
ڇاپو ڇهون		1968ع
ڇاپو ستون		1978ع

قيمت 00-12 رپيا

Price Rs: 12-00

GUL SHAKAR: A Book on Proverbs in Sindhi.
Written by: Divan Kewal Ram Salamat Rai Advani
Published by: Sindhi Adabi Board,
P. O. Box-12, Hyderabad Sind, Pakistan.
1st: Edition 1905, 7th: Edition 1978.

فهرست مضامين

پهاڪو	صفحو
الف	
آنڌو آها ڇا ڪوري	٣
آب جو ڏنو ڪهڙي ڪم	٣
اندر اڇو نه ڪري	۴
اندر ٻڌ پهون	۴
انڌي وڃي ملتان لڌو	٥
آهو ڪرڄو مينهن وسندي	٥
اُستاد جي مار سنوار	٥
آن ڀلي ذات ڀلي	٦
آڻ گهريو ماءُ به	٦
اڃاڻ ڪي مصري	٦
آڻ سرنديءَ سيڪو	٧
آهاري وهنواري	٧
آهر ڪتي اوٺي	٧
انڌي اڳيان آهري	٨
انڌ ٿنڌ نگري	٨
آهو مون به گهوريو	٨
اڪن ڪان امان	٩
اڌي ۾ لوڻ	٩
آهر جي وڏائي	١٠
آمون ڏهه ڳامون	١٠
انڌو ڪڌ تي چڙهي	١٠
آٽ جي چاڙهيءَ ڪيو	١٠
انڌن وهاڻ	١٠
آٽاٽي به وٺي	١١
آٽ جي وات ۾ ڏيرو	١١
آٽ ڀڃيان گهنڊي	١١
انڌن آندو ڀن چڙو	١٢
انڌي جي جوءِ جڳ	١٢
آپرندي تاءُ جنهن	١٢
اڌ چيڙي سڄيءَ ڀڃيان	١٣
اڳر ڄاڻ	١٣
انڌا رکن روزا	١٣
آهه زبان آس ۾	١٣
اڳي به آن هو	١۴
آڏارو ڏجي تنهن کي	١۴
آن جو واپار هس ساٿ	١۴
آڙهڙ جي تتي ڏينهن	١٥
آٽ پوڙهو ٿيو ته به	١٥
آپ ۾ تڪ آچلائيندو	١٥
آڻ پڙهيا پڙهين اڳيان	١٦
اياڻو ڇوري	١٦

ڀاڪو	صفحو
اُنان مينهان دا ڪيها	۱۶
آٽ جي وات ۾ لوڻ	۱۶
اگھہ ڪٿيو ڪانجي	۱۷
انبان پور	۱۷
اڳياڙي تڏهن سرهي	۱۷
انڌ وٽ منڊ وٽ	۱۸
آڪرن مٽان وڃهن	۱۸
آٽ پنهنجي مٽ ۾	۱۹
آٽ جي چوري پکي ۾	۱۹
آئي ٽاندي ڪيہ	۱۹
آٽ ڪي لاٽو گھوڙي ڪي	۲۰
اڳين پاٽي پوين چڪ	۲۰
انڌو هاٿي	۲۱
آهر جي آسري	۲۱
آپ ڦاٽي ڪيي	۲۱
انبن جون سڪون	۲۲
آٽ چڙهئي بہ ڪڏهن	۲۳
آپ سکي تہ	۲۳
اگھہ ۾ گپ سي سڌ	۲۳
انڌو ۽ اٺ سونهون	۲۳
آٽ پيو تہ ...	۲۴
اچان مينهون جهنگ ۾	۲۵

ب

ڀاڪو	صفحو
بادشاهين پوندي	۲۴
بکئي ڪي بصر سان	۲۵
بندي جي من ۾ هڪڙي	۲۵
بي عقل جي بلا دور	۲۵
بي عقل دوست ڪان	۲۶
باسڻ هڪڙو ڪٽي	۲۷
بک وچان اگھڙ ياد نہ آهي	۲۷
بک بيڙو ٽول	۲۷
بيڙو ڪتو ڏٽي پٽائي	۲۸

ٻ

ڀاڪو	صفحو
ٻلي ڪائيندي ڪين ساري	۲۸
ٻارهن ٻوڙي ٻانهي	۲۸
ٻہ ٻائر ٽيون ليکو	۲۹
ٻاهران چکي مکي	۲۹
ٻاي ۽ شهر ٻاهايا	۲۹
ٻہ ٽڪرا هڪڙي رٽ ۾	۳۰
ٻن ٻيڙين تي پير رکي	۳۰
ٻڪري ۽ ڪي ساس جي	۳۱
ٻڪري جنهن وڻ سان	۳۱

پهاڪو	صفحو
پاڻيءَ کي خواب	۳۱
پاپل آچاري	۳۱
پ	
پڳو گهڙو ٻون ٻون ڪري	۳۲
پڳي ٿي سان پير	۳۲
پنگڙي سلطان	۳۳
پنگڻ چيز ٻڌن	۳۳
پنگ جهنگ ۾ پاڻي	۳۳
پاڙي ۾ مسواڙ جو	۳۳
پيٽر پنهوران	۳۴
پنگي پائر ۾ جتان	۳۴
پنگي ديجو سداسهاڳڻ	۳۴
پرئي اٽ نان وڃي	۳۵
پيچ چريا مست آيئي	۳۵
پجندڙن جي اڳ ۾	۳۵
پلي پاڻ آئي	۳۶
پڳڙن ڪاڏي هٿ	۳۶
پريءَ چني ڪان	۳۶
ت	
توڙي وڃي روم	۳۷
تڪڙي ڪتي	۳۷
تڪڙو ماڻهو	۳۸
تڪيا سپ تڪيام	۳۸
تنهن جي مرڻ جو ارمان	۳۸
تاڙي هڪ هٿي	۳۹
تماڪو تاڻي	۳۹
تيل سهانگو هو تم	۳۹
تنوڻ جو تڪرار سان	۴۰
تڪڙ ۾ طمع ڇا ڏجي	۴۰
تر جي گتي	۴۱
ٿ	
ٿوري ڪنئي گهٽي	۴۱
ٿوري گرهين	۴۲
ٿڏو گهڙو پاڻ ڪي	۴۳
ٿورو ڏسي ارهو	۴۳
ٽ	
ٽنوڻءَ ڪي ٽارو	۴۴
ٺ	
ٺلهو ڇڙو	۴۴
ٺڙ ڪجي ٺڪاو ڪجي	۴۴
ٺونٺ لڳي	۴۵

پھاڪو	صفحو
پ	
پرائي ڏيءَ تان	٤٥
پڇندڙ نہ منجھندڙ	٤٥
پنھنجي ڪئي جو نڪو	٤٦
پاڻي ۾ باھ	٤٦
پاڻي کان اڳي ڪپڙا	٤٦
پيادي مان هسوار	٤٧
پنھنجي ڏوري ڪي ڪتو	٤٧
پرڻ چوي ڏونگھي ڪي	٤٧
پنڻ وچان پڙهڻ	٤٨
پيٽ ڀريو تہ	٤٩
پٽ ڪپٽ پينگھي	٤٩
پاڻ نہ پلي سستي	٥٠
پاڻي پي نہ ذات	٥٠
پنھنجي پير تي پاڻ	٥١
پلاه رحمتہ الله	٥١
پرائي دهلين	٥٢
پرائي پٽ ڪي چمي	٥٢
پلا چڏي پاپي کو	٥٢
پاڻ نہ پاري	٥٢
پٽ ڏهن تي پاڻي	٥٣
پاڻ ڪنڙا هوا	٥٣

پھاڪو	صفحو
پيٽ پير پئي لڏ	٥٣
پير کان بہ ويساه پلو	٥٣
پٽيندڙ پئي پيٽ ڪي	٥٤
پٽ پراڻو تہ بہ	٥٤
پنھنجي ٽوري گڏه	٥٥
پرائي ماڙي ڏسي	٥٥
پريو مڙس پي	٥٥
پنھنجي گھر ۾ ٻلي	٥٦
پاپ جي مايا پرا ڇٽ	٥٦
پلو سيري کان بہ پلو	٥٧
پائجي تہ وڏي ڀيران	٥٧
پوءِ ڀائي کان قرض	٥٧
پرائي آس	٥٨
پهر چور ٽئي	٥٨
پڙهڻ ترڻ تير هڻڻ	٥٨
پرائي گوٿري	٥٩
پٽ تي گذار تہ	٥٩
پيٽ بہ پانھون	٥٩
پنئين مڱئين گھر هلي	٦٠
پڙهي پاڻ نہ جاڻي	٦٠
ق	
قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ	٦١

پهاڪو	صفحو
ڦرندي گهرندي نامردان دي	٦١
ڦٽ ٻجو ڪج پر	٦١
ڦر ڪان اڳي ڄڙ	٦١
ڦورو نہ ڦولهي	٦٢
ڦلهير ۾ ٿو	٦٢
ڦڙهو جاتي ڪائي	٦٣
ج	
جهڙي ڪرٽي	٦٣
جنهن ساس ڏنو آهي	٦٣
جڏهين پورا ٿي سبيا	٦٤
جو واءُ جبل اڏائي	٦٤
جيڪي هوندو ياڳ ۾	٦٤
جهڙا عاشق عيد ۾	٦٥
جنهن ڪاڻ اڳي هلي	٦٥
جنهن جي وِلا	٦٦
جنهين سندي منهين	٦٦
جاڏي وڃي واڳهو	٦٦
جڙيءَ ڪي جس	٦٧
جنهن جي هيڪار ڪيائين	٦٧
جيڪي لکيو منجهہ ازل	٦٨
جنهن جي وات نہ وڃي	٦٨
جاسين ڀانءِ مٿو ڪنهي	٦٨

پهاڪو	صفحو
جاسين للو لٽ ڪٽي	٦٩
جن جي پليءَ ۾ داتا	٦٩
جوا جي هارڻ واري جو	٧٠
جيڏي رات تيڏو سپنو	٧٠
جاڏي پوي جهار	٧٠
جنهن ڪي ساهہ ڪنئين ڪل	٧١
جنهن جو ڪم اهوئي ڪري	٧١
جر نينس پر	٧١
جي پوندا سوڙهين	٧٢
جاتي ونڻ نہ آهي	٧٢
جوَ ڍيري گڏهہ رکوال	٧٢
جيڪي ڏسي چار	٧٣
جاتي پاڻي تاتي پاڻ	٧٣
جيڪا ڏاريان ٻڪري	٧٤
جواريءَ ميڻي هار	٧٤
جاتي ڪير تاتي ڪنڊ	٧٤
جڏهين ڏند هٺا	٧٥
جبل سان مٿو هڻئين	٧٥
جڳ مڙيوئي جوابازي	٧٦
جي وسي ڇٽ	٧٦
جنڊ ٻہ وار ٻٽ ٻہ وار	٧٦
جيڏرو تہ ڪک جو	٧٦
جي نہ وڃي پاڻ	٧٧

پهاڪو	صفحو
جي هنيني ناٺو	٧٧
جي جڏهن پڳا	٧٨
جهڙي پٽ تهڙو ڇٽ	٧٨
جهڙي نيت تهڙي مراد	٧٨
جيڪي کوهه ۾ هوندو	٧٨
جيڪي کني ۾ هوندو	٧٩
جهڙا روح تهڙا ختما	٧٩
جهڙا کانوَ تهڙا ٻچا	٨٠
جيڏا آٿ تيڏا لوڏا	٨٠
جي جڏهن چڙهيا	٨١
جيڏو پٽ تيڏي بکيا	٨١
جهڙي سٽ تهڙيون	٨١
جا مڙسي مڙسن ۾	٨٢
جاني پڇي نه سگهجي	٨٣
جيءُ خوش ته جهان خوش	٨٤
جا بندي کي بار	٨٤
ڄ	
ڄگر ۾ چار اکهه	٨٥
ڄٽ بکيو موري کائي	٨٥
ڄٽ جي ڄمار	٨٥
ڄاٺي وڃونءَ جو منڊ به نه	٨١
ڄپ جي ترکڻ کان	٨٦
ڄٽ جي ڄمار	٨٧

پهاڪو	صفحو
جهه	
جهونا ڪپڙا	٨٧
چ	
چيريءَ آهر پير	٨٨
چڱو جن لکيو	٨٨
چاڪر چياڪر	٨٨
چرئي ڪان پڇيائون ڪي چڱو	٨٩
چريا ٻرين گڏيا	٨٩
چرين کهڙا چٽ	٩٠
چريءَ جو چوڙو	٩١
چري ڦٽ ۾ به خرش	٩١
چوري نه موري	٩١
چڱو ڪر ته چڱو ٿيئي	٩١
چوٽو نه آوٽو	٩١
چاڪريءَ چور	٩٢
چڱا سي جن جا پويان	٩٢
چاڪيءَ ڏاند وڃايو	٩٢
ڇ	
ڇتي ڪتي جي دوا	٩٣
ڇڏ منڊو واريءَ ۾	٩٣

پهاڪو	صفحو
ح	
حمائتي گڏه	٩٤
خ	
خون ڪٺوري ڳجها نه رهن	٩٤
د	
دريا ۾ تي چوڪرَ	٩٤
دم درميان الله مهربان	٩٥
دال روٽيءَ ڪاڏي	٩٥
دل ڪوني عذر گهٽا	٩٥
دائيءَ کان ڪو پيٽ	٥٦
دولت نهن ڪان	٩٦
دل ڪاريءَ ڪان	٩٧
دولتمندن جا ڏاند	٩٧
ڌ	
ڌاتوري ڌاري	٩٨
ڌڪو ڪٿجي پاءُ لڳ	٩٨
ڌٽيءَ ري ڌڻ سجو	٩٩
ڌن رڪ ڌوڙ ۾	٩٩
ڏ	
ڏاهو ڪانءُ ڪاڏي	١٠٠
ڏاهو ڪانءُ پڇ ٽنگو	١٠١

پهاڪو	صفحو
ڏڏو ڪير ٽٽڻ ۾	١٠١
ڏيڻ سپ چڱو	١٠١
ڏئي ڪي پٽ ۾	١٠١
ڏيتا نهين چي پورا تول	١٠٢
ڏنيجي گڏه سور	١٠٢
ڏاندان گاه	١٠٣
ڏچر گهوڙو سچر زال	١٠٣
ڏڪڻ مينهن نه وسٹا	١٠٣
ڏني جو پٽ چٽو	١٠٣
ڏيري ڍور ڪي	١٠٤
ڏيڻ ڏيه چڏڻ	١٠٤
ڏياريءَ جو ڏيٺو ڏٺو	١٠٦
ڏٺو سپ وسار	١٠٦
ڏاند چڙهئي تي ڏڪ	١٠٧
ڏٽ نه ڪٺو ڏوٽي ڪٽا	١٠٧
ڏس ڪاٽيءَ ڪان	١٠٨
ڏاڻ هلي مرُدا ڪيڻ	١٠٨
ڊ	
ڊچ تنهين جي ڊاء	١٠٨
ڊني واٽي لاپ نه مور	١٠٩
ر	
رڪ جا چٽا آنڌا ڌاڙن	١١٠

ڀاڱو	صفحو
راڪي رام تہ	١١٠
رھي راھوڄين	١١٠
رڙا ڪين رڄھن	١١١
راڻي سا جا راءِ ڪي	١١١
رڍ اڳيان رباب	١١١
راجا ڪري سونياءُ	١١٢
رن پٽ ڪي لڳي ڀاڳ	١١٢
رات ٿوري	١١٣
رن ڇڪي هري	١١٣
راءِ ري گھران گيھہ	١١٢
رن پٽ ريدار	١١٣
رٺي ۽ رائر جو	١١٤
روزن پنيان عيدون	١١٤
رت ڏسي رمي	١١٤
ز	
زيري لاءِ ڀڪري	١١٥
زالان ڏاوڻ	١١٥
س	
سورائنڻ سور	١١٥
سنگ تاري	١١٦
سچ جي پيڙي لڌي	١١٧
سڪٽي ڪني	١١٧
سٽي ٿي سيڏائي	١١٧
سر ڏجيءِ پر	١١٨
سڪن گڏ آلا پرن	١١٨
سوڻي ھئي ساڻ	١١٩
سون پر ڪجي ڪسوڻيءَ	١١٩
سر ڪان پوءِ سچ	١٢٠
سپھو نہ وسھو	١٢٠
سرمو سڀڪو پائي	١٢٠
سنت سنت سڀڪو چوي	١٢١
ستين لنگھين	١٢١
سڄن پيٽان وڍيا	١٢١
سيرو ڪاڏ و	١٢٢
سو چورئي نہ آھي	١٢٢
سپتيو ماٺھو	١٢٣
سچ سير	١٢٣
سڪ تور ڪان	١٢٣
سياري جي سوڙ	١٢٣
سڄڻ سڄي ٻانهن ڏئي	١٢٤
سچ مرچان ڪوڙ گڙ	١٢٤
سياري ۾ سيئي چڱا	١٢٤
سياري بہ سيئي چڱا	١٢٥
سڳا سيئي سيڻ	١٢٥
سلوسو جو انگورين پلو	١٢٥

پهاڪو	صفحو
سوڙهي سياندري	١٢٦
سڙئي گهوڙي	١٢٧
سو ڪري سينگار ته به	١٢٧
سهٽا ڏوهه به پٽن	١٢٧
سيڪا ٻڪري	١٢٨
سچا عاشق پيئو دي آچار	١٢٨
ستي لڪڙن کان ٻوٽي	١٢٩
سبر سان سينءَ	١٢٩
سي اڍائي مي سادا به	١٣٠
سوناري جو سؤ ڏکن	١٣٠
سياڻي اڳيان رڻ	١٣٠
ستي شينهن کي	١٣١
سيکو پنهنجي هٺيءَ	١٣١
سکوڪات ٻپاسا ٻيجي	١٣٢
ست ڪئا ڪائي ٻاي	١٣٢
ش	
شڪر ڪر صحيح	١٣٢
شينهن اڳيان لڪڙي	١٣٣
شينهن نه ڏيکيا ته ڏيک	١٣٣
ص	
صبر جنين سينگ	١٣٤
صبر وڏو تول آهي	١٣٤
صلاحين شينهن ٻجهن	١٣٥
ظ	
ظلم قائم آهي	١٣٥
ع	
عقل ري ارمان	١٣٥
عيسي نه موسي	١٣٦
عقل آهين جو	١٣٦
علت وڃي عادت نه وڃي	١٣٦
غ	
غريب جي جوءِ	١٣٧
ق	
قرض ڪوڙه جو نڪو	١٣٧
قاضي چاٽي	١٣٧
ڪ	
ڪتير سپ چمار	١٣٨
ڪکان ڪوڙي پاه	١٣٨
ڪتي جا ڏند گڏه جو	١٣٩
ڪني ماضي من ۾	١٣٩
ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن	١٣٩

پهاڪو	صفحو
ڪارو وهي ڪمري ڳنڍ	١٤٥
ڪهڙي سيڪو ڪهي	١٤٠
ڪتي ڪي ڪنهن آماز	١٤٠
ڪتي جو پيچ ٻاره مهينا	١٤١
ڪتو ڇا ڄاڻي	١٤١
ڪالهوڻي ڪالهه ڳئي	١٤٢
ڪنيءَ رن جا پار	١٤٢
ڪري سو پائي	١٤٢
ڪهي سا رهي	١٤٢
ڪوسا ناوي ڏڏا ڪاوي	١٤٣
ڪري ڇڳائي چٽ سان	١٤٣
ڪنڌيون پار	١٤٣
ڪچيءَ ڪنا نہ وريا	١٤٤
ڪک هيٺ لک پيو آهي	١٤٤
ڪوڙو ڪائجي	١٤٤
ڪوئي مري ڪوئي جيوي	١٤٥
ڪجريءَ جو يار	١٤٥
ڪشيئي نہ ڪمان	١٤٥
ڪميڻو ڪپڙا ڪري	١٤٦
ڪاٽي وسوڙي	١٤٦
ڪم قوت آڪڙ بهت	١٤٧
ڪوڙ جمار جي ڪتر	١٤٧
ڪاٽي جي وهانو ۾	١٤

پهاڪو	صفحو
ڪرم هيٺ ڪيتي ڪري	١٤٨
ڪني جو ڪارو منهن	١٤٩
ڪڏهن ماڻي مٽ تي	١٤٩
ڪنو ٻہ ڪا ڏو ڪک ٻہ نہ	١٥٠
ڪني آڳر ويڍي ڇڳي	١٥٠
ڪوڙي سچڻ ڪان	١٥٠
ڪتي چور سچا	١٥٠
ڪنهنجو اڱهي ڪوڙ	١٥١
ڪڏهن ڳاڙهو ڳهوٽ	١٥١
ڪانياري ٻلي	١٥١
ڪک جو چور سو	١٥٢
ڪتو ۽ ڪپاٽ ٽوڙهي	١٥٢
ڪٽڪ ڪيڏي ٻهہ ڪي	١٥٢
ڪوري پلوين نہ پائجي	١٥٣
ڪوري ڪڏ ڪٽي	١٥٣
ڪم پئي ڪل پوي	١٥٤
ڪوڙي جي ڳالهه	١٥٤
ڪنگر ۾ ڪڪڙا پڙي	١٥٤
ڪيڏي ڪاڏارا ڏٺي	١٥٥
ڪم پرين سيڪو آهي	١٥٥
ڪوسو پاڻي ڪک نہ	١٥٦
ڪاڏي ڪوري ڪاڏي	١٥٧
ڪچي وزيران	١٥٧

پهاڪو	صفحو
ڪ	
ڪير جو ڪانيل	١٥٧
ڪاٺي ڪچٽي اونڌو طباق	١٥٨
ڪٽي ڏاڙهي هٿ نه اچي	١٥٨
ڪيتي سر ميتي	١٥٩
ڪاڏي ڪي ڪامن	١٥٩
ڪٿو واٽيو ڪاڳر ساري	١٥٩
ڪوه جي مٽي ڪوه ڪي	١٥٩
ڪر ماڻهو وڻ ٻاپرو	١٦٠
ڪير ۾ موري وجهي ٿوء	١٦٠
ڪڏ چي جيءَ سڏ	١٦١
ڪير ۾ ڪنڊ نور ۾ نور	١٦١
ڪٿ ڪلو نه ٽيٺي پاو	١٦١
ڪٿيو ڪائي مڙس جو	١٦٢
ڪٿيو ڌو تان کهوريو	١٦٢
گ	
گذر گئي گذران	١٦٢
گذري ڪون ڦر ياد نه	١٦٣
گڏي اڏجي يا لڏي	١٦٣
گولاڙو گپان ٻچي	١٦٤
گدڙ گدڙ جي ڪوڪ	١٦٤
گڏهه پنهنجي سانوٽي	١٦٥

پهاڪو	صفحو
گدڙ ڈاک نه پچ سگهي	١٦٦
گابي وانگي چٽ	١٦٦
ڪن ڪن سان نه ڏوپي	١٦٧
گهگهيرو گهوڙو پيٺيرو	١٦٧
گهپيه ٽڪرن مان پاٽي	١٦٨
گڏهه ڪي ٻه ڪو گج	١٦٨
گڏهه ڪي ٻه ڪڏهن گابو	١٦٨
گڏهه جو چا وس جو	١٦٩
گيهه پوندي ٻه ڪو مٿو	١٦٩
گرمي چڏي جهڻ ڪنگر	١٦٩
گنجي مٿي ۾ جوڻ نه ليک	١٧٠
گدرو ڪري ڪاتيءَ	١٧٠
گگر گگر پنڊا اڙيا	١٧٠
گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي	١٧١
ڳ	
ڳوٺ سئين، ساوهانو مٺين	١٧١
ڳڙ سان مري ته زهر	١٧٢
ڳالهين سنديون ڳالهيون	١٧٢
ڳڙ چائي ڳڙ ڳوتري	١٧٢
گهه	
گهٽي زالين گهر نه هاي	١٧٣

پهاڪو	صفحو
گهٽيو ڏاڍيرو آن کي	١٧٣
گهرجريبر چاهه جوسارنگ	١٧٤
گهوڙاءِ پٺ ملاءِ پيت	١٧٤
گهوٽ ماءُ کان ٻه	١٧٤
گهٽي کاڌي کان گهٽو ڏنو	١٧٤
گهر ۾ ڪَڏ هٿي	١٧٥
گهر ۾ ٻه گهر کاڻو	١٧٦
گهوٽ ڪنوار راضي	١٧٦
گهٽي ڪنٽي کان مور	١٧٦
گهر ۾ غرقي ٻه مس اٽس	١٧٧
گهٽ پيٺاري ٻکري	١٧٧
گهٽ کي ٽمر هڪڙي	١٧٧
گهٽ ڪنٽي چير ڪجي	١٨
ل	
لوچ نه لهين لعل کي	١٧٨
ليڇي وڃي ڏڏهن	١٧٩
لچان چوران پٽ نه ڪائي	١٧٩
لک ڪنيا ڏومٽيءَ	١٧٩
لنگهي لاٿي لوٺي	١٨٠
لنگهن پنهنجو وهاڻءَ	١٨٠
لڪي منجهان لک	١٨٠
لنگو چڙي ٿگن کان	١٨٠
لوپ سين پاپن پاڙ	١٨١
لوپيءَ سندي راج ۾	١٨١
لکيون لوهارن کي	١٨٢
لوڻ وجهي پيت پائيوارٿيو	١٨٢
لوپ چڱ نه سون مٺن سان	١٨٢
لهي لوهه ٻه نه چي	١٨٣
لکين ليلائون	١٨٤
لٽر کي چڪر پهچي	١٨٤
م	
مائٽو پنهم لچو	١٨٥
موٽيو آئي مان جاني	١٨٥
مڙس جو پاهوڙن سان	١٨٦
ماڻهو چندي پڙي	١٨٦
مگر ڏاڻي ڪارڙي ڏاتي	١٨٦
مغلن اگيان فارسي	١٨٧
مور چڱو پر پير ڏنگا	١٨٧
مڏ پيوڻ ذات پرکڻ	١٨٧
مارڻ واري کان رکڻ وارو	١٨٨
موگو پنهنجي مانيءَ مان	١٨٨
مالڪ وجي پيڙيءَ چڙها	١٧٨
مرسين سچا ٿا پٺي جمکهون	١٨٩

پهاڪو	صفحو
مرسان مرسان پر	١٨٩
ماڻهو سڀ چڱا	١٨٩
ماچي تہ ناچي	١٩٠
ماڻهو سڀ نہ سهڻا	١٩٠
مروان موت ملوڪان	١٩١
مٺا پٽ، پنجن هيل	١٩١
مٺا آهن جيئرا، جي وس	١٩١
محبتي مڙن	١٩٢
منهن ڪنڙي	١٩٢
مڙيا سي جڙيا	١٩٢
ملڪ صاحب دا وسي	١٩٣
مينهن ڏائي هوري هلي	١٩٣
منهن ڏسي تلڪ ڏجي	١٩٣
ماديءَ ڪڪڙ بہ ڪڏهن	١٩٤
مٽي ڪي مارڻ سورهہ	١٩٤
ماءُ مري رکي سڪي	١٩٤
مارئيءَ جي گهر	١٩٥
ميهر مينهن مان نڪتو	١٩٥
مارئي ڪان پڏايو چڱو	١٩٥
موتن جي پوک مان	١٩٦
ملڪ ۾ ذيڊ ڪهور	١٩٦
ميون گهور لائق	١٩٦
ملو مٺو مهابو لتو	١٩٧

پهاڪو	صفحو
مياں جي مڏي	١٩٧
مٺا بہ ڪڏهن	١٩٨
ن	
نَهن مان ڇڄي تہ	١٩٨
نہ ڪنهن کي عقل سنجهايو	١٩٩
نہ ڏي نہ ڏکوءِ	١٩٩
ناٿو نر چتو ڪري	١٩٩
ناٿو جهڙي تاوَ سان	٢٠٠
نڪي پاراتن ۾ نڪي	٢٠٠
نٿن بہ تکي ڳڙ بہ مٺو	٢٠٠
نندي وات مان وڏو	٢٠١
نہ ڪنهن جي ڪني ڪي هٿ	٢٠١
ناٿو سوجو گنڊي	٢٠٢
نہ ڪتي نہ ڪوريءَ جي	٢٠٢
نانگ ريجهائڻ سولو	٢٠٣
نيچ نوڪري آتم ڪيٽي	٢٠٣
نندي مري نہ ماڙي	٢٠٣
نڪي ديگڙن مال ميڙيو	٢٠٤
نون ميهارن مينهون ڏاريون	٢٠٤
نئين سناسڻ چيلهہ ۾	٢٠٤
نانءُ چڙهيو واپاري	٢٠٥
نچڻ هلي تہ گهونگهٽ	٢٠٥
ناٿو ڏجي آڪرو تہ	٢٠٥

پهاڪو	صفحو
و	
واڳ ڏٺيءَ جي هٿ	٢٠٥
ويٺي سڳن کي ڪن ۾	٢٠٦
ويهي ويهي مڙس ڪري	٢٠٦
وهي درياءَ جي پر تي	٢٠٦
واڳڻ هڪڙن کي وائي	٢٠٧
واتون خرار ڪاڇن	٢٠٧
واهڻ جو واڻيو	٢٠٧
وير هڪڙو ۾ گهٽو	٢٠٧
ونڊ ڪانيئي سک پائيئي	٢٠٨
وٺجن پير ڪائن ڊاڪون	٢٠٨
وير وير واڌائي ۾ ورچائي	٢٠٨
وڃ ڪير ڏٺيءَ ته	٢٠٩
وهندي پير پوڙ ۾ چڱي	٢٠٩
وه وڃيءَ سو	٢١٠
وسي ته ۾ ڏبري گسي	٢١٠
ه	
هرهر هورائي وڃڻ	٢١٠
هاسي ڪره جي ماسي	٢١١
هڙ ۾ گاسو لوڪ ۾ تاشو	٢١١
هڪڙو چوري پيو مچي	٢١١
هٿ جنين جو جو هٿين	٢١١
هنجهن سان حرص ڪري	٢١٢
هنر واري جو هنر کپي	٢١٢

پهاڪو	صفحو
هڙ ۾ تماڪ نه	٢١٣
هڙ سڪٽي لوڏ گهٽي	٢١٣
هٿ جي ڪنگڻ لاءِ	٢١٣
هو ساڻ نه نيندا هيءَ	٢١٣
هو سوڙ پاند ۾ نه ڏين	٢١٤
هنگ سهانگي ته	٢١٤
هارئي ڪان پيتو پلو	٢١٥
هڻ ڏيءَ کي ته	٢١٥
هنجهه نه سيرو وت	٢١٦
هٿ سهائيندو ڪائجي	٢١٦
هيٺي ڪي نه هٺي سو	٢١٧
هاٿيءَ جا ڏند ڪائڻ جا	٢١٧
هٿن ڪين حمير	٢١٧
هند ڏسي هاسي ڪجي	٢١٨
هڪڙو هٿ ڪير ۾	٢١٨
هرٽي اڳي نچٽي	٢١٨
هٿن سان هاجون ڪري	٢١٩
هيانو تتي ڪان ڪڙي	٢١٩
هڪ سچ ۾ پاچا	٢٢٠
هسٺو جوڳي پڏٽي نار	٢٢٠
ي	
يار ۾ تيلي سينڌ ۾ سيلي	٢٢٠
ياد جنين کي يار	٢٢١

ڏڻيءَ جو آسرو

ڏڻيءَ جي ساراهه

ساراهه ٿـو ڪريان ڏڻيءَ جي، جنهن پنهنجي توهم سان هن ماڻهوءَ کي سڀني ساهه وارن ۾ وڏي مان وارو ڪيو آهي، اُنون ٻالهائڻ لاءِ جڀ ۽ سمجهڻ لاءِ ذهن بخشي، مٿس اشرف المخلوقات نالو رکيو اٿس؛ اُنون سندس ڪاڻ، پيٽ، پهرڻ لاءِ طرح طرح جون وٿون جوڙيون اٿس. تڏهن هن کي ٻڻ جڳائي، جو پنهنجي ذهن آهر جڀ سان هن جي ساراهه ڪري، اُنون پڇنديءَ سارو سنديس وڏائي چئي سگهائي.

ان پاڄهاري جو شڪرانو ٿو ڪريان، جـو مون کي ٻڻ ان ماڻهن ۾ اڀائي، ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي نالو رکي حيدرآباد سنڌ ۾ رهاڪو فرمايو اٿس.

تنهن آڀاٺهار جي دڳي سان ڪي ڏهاڙا مير صاحبن جي راڄ جا، اُنون گهڻا ڏهاڙا سرڪار جهانمدار انگريز صاحب بهادر جي سلطنت جا، ايمان اُنون مان سان نوڪري ڪري، تاريخ ١٦- فيبروري ١٨٦٤ع کان وٺي سؤ (١٠٠) رپين مهيني پينشن ۾ آيو آهيان.

هڪڙيءَ مهل هڪڙي سردار سنڌي ٻهاڪن ٻڌڻ جي دل رکي، تڏهن سو (١٠٠) ٻه سا (٢٠٠) ٻهاڪ لکائي ڇپايامانس. پر ويچار ڪيم، جو ٻهاڪن ۾ گهڻو ڪري ملڪ جا اصطلاحي اکر آيا آهن، جن مان ڪي اکر سنڌ جي سڀني ماڻهن کي ٻڻ سمجهڻ ۾ نه اچن، جن جي ٻولي ماءُ پيٽان آهي، تڏهين ٻين ملڪن جي ماڻهن کي جي پوءِ ٻولي ٿا سکن، سمجهائيءَ جي گهرج ڇونه ٿيندي؟ تنهن خيال تي هن ريت جي ڪتاب جي رٿ ڪيم.

اڳي گهڻن سياڻن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب جوڙيا آهن، پر آهي عمر جا جوان، اُنون عقل جا تکا، سي وڏن ڪاريگرن وانگي آهن!

جهڙا ونجهر، جي موتي وِنڌن؛ يا خاتو بند، جي ڪاٺ آئون عاج جا آچا ڪم ڪن، يا جڙيا، جي سون ۾ جواهر جي جڙت جوڙين، يا نقاش، جي چٽيون صورتون جوڙين. تن جي اڳيان آءٌ هڪڙو پورهيو، اياڻو، ڌوڙ-ڌوئي جهڙو ساديءَ ڪم وارو آهيان. هن ريت، جو ڌوڙ-ڌوئي جو ڪم هي آهي، جو سونارن جي هٽن جو يا کهٽين جو ٻهر گڏ ڪري، ڌوئي، منجهانس مال ڪڍي. تن وانگي مون پڻ گهڻن جا ڳيل سادا پهاڪا گڏ ڪري، پورهئي سان منجهانئن مطلب ڪڍيو آهي. مگر پڙهندڙن جي مهربانيءَ ۾ هيءَ اميد ٿو رکان، جو جيڪو منجهس ڀولو رولو ڏسن. تنهن جي وڏائيءَ ڏي نه نهاري، پنهنجي لائق سڄاڻي، ان ڀل چڪ کي سنواري ڇڏين.

ڀهرائين پانيم، جو هڪڙي هڪڙي ذڪر بابت ڌار ڌار باب ڪري لکان؛ پر پهاڪا گهڻن ذڪرن بابت آهن، ان طرح جيڪر گهڻا باب ٿي پون: سو ڪو ته ڪي پهاڪا اهڙا آهن، جو جيڪر هڪڙي پهاڪي لاءِ ڌار نيجو باب ڪرڻو پوي؛ تنهنڪري سنڌي الف-بي جي تختيءَ تي نظر رکي، هڪ ٻئي پٺيان هڪڙي-هڪڙي منڍ واري اکر جا پهاڪا لکان ٿو.

ڪن پهاڪن جي معنيٰ ۾ ڳالهه جي پورائيءَ لاءِ ٻين ٻولين جون شاهديون آيون آهن، تن ڪري ڊنس، ته متان صاحبن سنڌيءَ جي پيار وارن کي نه وڻن، يا ٻين ٻولين جو محاورو نه هجين، تنهنڪري ان کي پڻ اتي جو اتي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇڏيان ٿو.

پهاڪا

الف

١- اٽندو اها، جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

هي پهاڪو ظاهري وات ۾ ڪوريءَ جي اختياري ڏيکاري ٿو، جو جڏهن تاجي اڳيانس پڪڙيل آهي، اُئون پيٽي لاءِ نڙو هٿ ۾ اٿس، تڏهن ڪپڙو گهاٽو اُٽي توڙي ڇڊو: تہ مرضي سنديس.
پر حقيقت جي وات ۾ مطلب هي اٿس، جو ڌڻي سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نہ ڪنهن جي صلاح وهيٽو، نہ ڪنهن جو دلبو ڪائي، نہ ڪنهن جو مٿس زور هلي، نہ ڪنهن جي واهرڪهري.
جيڪي وڻيس سو ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: قادرا قدرت تو داري، هرچہ خواهي آن ڪني،
مُرده را جاني بہ بخشي، زنده را بيجان ڪني،
شـاهہ را تاجي ستاني، آروزوئي نـان ڪنـي،
هر گدائي را ڪہ خواهي، آن زمان سلطان ڪني.

سنڌي: اي ڌڻي! سگهارو آهين، جيڪي وڻيئي سو ڪرين،
مـڱـي ڪـي جيارين، جيئري ڪـي مارين،
راجاڪان ڇٽ ڪسي انڪي مانيءَ جو محتاج ڪرين،
جنهن پينارکي وڻيئي تنهن کي ان مهل راجا ڪرين.

٢- آب جو ڏنو کهڙي ڪم، جو جاسين رب نہ ڏيئي.

آبَ يعني پيءُ، رب يعني ڌڻي. ڪي ماڻهو آرسي، پيءُ کي وڏهيون ڏسي، پاڻ دولت ڪمائڻ لاءِ پورهيو نہ ڪن.
پائين، جو اها پيءُ واري دولت ورثي ۾ هٿ ايندي: سا بس آهي.
ائين نٿا ڄاڻن تہ ابي اها ڪٿان آندي. هي پهاڪي وارو

انهن کي چينب ڪري چوي ٿو، ته پيءُ جي دولت جو به آسرو نه ڪر ۽ پنهنجي ڪمائيءَ تي پاڙ. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: ميراث پدر خواهي علم پدر آموز؛
که اين مال پدر خرج توان کرد به ده روز.
ترجمو: جي پيءُ جو ورثو گهرجني ته پيءُ وارو علم سک،
جو هي پيءُ جو مال ڏهن ڏهاڙن ۾ خرچجي ويندو.

۳- اندر اڇو نه ڪري، ڏٺي ڏو ڏاڳا.

ڏاڳا هن ملڪ جي فقيرن جو ويس آهي، جو مٿي تي ويڙهين، يا ڳچيءَ ۾ پائين، يعني جو ماڻهو پنهنجو اندر ڪوڙ آئون ڪپٽ، دولاب آئون ٺڳيءَ کان، آئون بين بڇڙن ليڇن کان پاڪ نه رکندو، آئون رڱيا ڏاڳا ڏئندو، تنهن کي ڪيئن پاڪ ڄاڻبو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي؟

قارسي: بر زبان الله در دل ڳؤ وخر؛
ايــن چنين تسبيح ڪي دارد اثـر.
ترجمو: جپ تي الله جو نانو، دل ۾ ڏاند آئون گڏهه،
اهــڙي تسبيح ڪهـڙو ڳــڻ ڪــدي.

۴- اندر ڀڏ، ڀهون، ٻاهر آنڻ آن جو.

ڀڏ، لاڙ ملڪ ۾ هڪڙي گاهه جي ٻاڙ آهي، جنهن جي ڏڪار ۾ ماڻهو اٽو ڪري ماني پچائي کائين؛ ڀهون معنيٰ گهٽي، آنڻ سڪو اٽو، جو ڪڻڪ جي اٽي جي چاڻي کي پچائڻ وير لائيندا آهن. ٻهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي: جو ڀڏ جي اٽي جي چاڻيءَ کي ڪڻڪ جي اٽي جو آنڻ مکيو ته به اندريون سواد ڀڏ ۾ ڪين مٽيندو. تهڙيءَ ريت ڪليچٽو ماڻهو ڀڻ جيڪڏهن لباس چڱو پهريندو، ته به سنديس عادت ڪين ڦرندي: اهڙو لباسي مثل ڀڏ آهي:

فارسي: از برون چون گور ظالم پُر حال،
اندرون قهر خُداي عزّ و جلّ.

ترجمو: ٻاهران ظالم جي قبر وانگي ڪپڙن سان ڍڪيل،
اندر ڌڻي تعاليٰ جو قهر.

٥- انڌي وڃي ملتان لڌو.

ملتان هن ملڪ کان ٻه سا ڪن ڪوهه پنڌ آهي، تنهن ۾ انڌو ڪيئن پهتو؛ يعني پڇندو ڏس پڇندو ويو. پر مطلب هي آهي، ته جو ماڻهو مرشد يا استاد کان پڇي ڏس وٺندو، سو پنهنجي گوليل کي پهچندو؛ جهڙو گرونانڪ شاهه جو وچن آهي:

وچن: سڻ سڻ انڌي پاونهه راهه.
ارٿ! پڇڏي پڇڏي اندر به واٽ لهي.

٦- اهو ڪر، جو مينهن وسندي ڪم اچي.

. مينهن وسندي، جو مطلب آهي ته گهرج مهل، يعني هلندي چلندي ۾ اهڙو خرچ ڪر، جو چاقائيءَ ناچاقائيءَ ۾ بک نه مرين. تنهنجو ارٿ هي آهي ته: ڪي کاءُ، ڪي بچاءِ. تنهن تي هڪڙي وڏي اشراف سردار جي زبانؤن هڪڙو ٽوٽڪو ٻڌو اٿم، ته ماڻهن جا ليڻ ٽن طرحن جا آهن: هڪڙا نوراني، سي آهي، جي پنهنجي ڪمائيءَ مان اڌ کان ٿورو خرچ ڪن ۽ گهڻو بچائين؛ ٻيا انساني، جي اڌ کائين، اڌ بچائين؛ ٽيا حيواني، جي اڌ کان گهڻو کپائين، ٿورو رکن.

٧- استاد جي مار سنوار آهي.

استاد جو ماريندو، سو رڳو سيکارڻ لاءِ، تنهن کان پاسو ڪرڻ نه کپي؛ سو چو ته فائدي واري دوا گهڻو تڏو ڪوڙي ٿيندي آهي. فارسي واري پڻ چيو آهي.

فارسي: بادشاهي پسر بمڪتب داد، لوح سيمينش درڪنار نهاد،
برسر لوح او نوشت بہ زر: "جور استاد به ز مهر پدر".

ترجمو: راجا هڪڙو پٽ اسڪول ۾ ڏنو، فرحي روپي ڪچ
۾ ڏنائينس، ان جو فرحيءَ تي سون سان لکيائين:
"استاد جو ظلم، پيءُ جي مهربانيءَ کان چڱو".

۸- آنُ پَلي ذات پَلي.

پَلي آنُ رکڻ جي شيء آهي، جا ٻهراڙيءَ جا ماڻهو
گهرن جي اڳيان جوڙي سنجهس آن رکن. پهاڪي جو مطلب
هي آهي، جو جنهن جي گهر ۾ آن سان ڀريل پَلي آهي، تنهن
کي وَنهيون چاڙهيون ۽ وَنهيون اڻ پُڇيو سان وارو آهي. تنهن
تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: زوردار را بہ مجلس در تنگ جا دِهند؛
بي زر اگرچہ دور ولي دور تر ڪُنند.

ترجمو: دنيادار کي مجلس سوڙهيءَ ۾ بہ جاء ڏين،
نرڌن توڙي ڀري هئي تہ هيڪاري پري ڪنس.

۹- اڻ ڳُهريو ماءُ بہ ٻمڻ، کي ٻيو نہ ڏئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڳالهائي بنان، رڳي
ماڻ مان ڪو ڪم نہ ٿيئي؛ تنهن لاء هندي پڻ شاهدي ٿو ڏئي:

هندي: مونتي ڪون سيوتي * رهي،
بن بولي ڪاي گهر ڪو نہ ڪوارو.

ترجمو: ماڻ مان ڪير مطلب کي پهتو،
ڳالهائي بنا پنهنجي گهر جو در بہ نہ پڄي.

۱۰- اجاڻ کي مِصري تهڙي ڦٽڪي.

جيتوڻي ڦٽڪيءَ جو رنگ پڻ مصريءَ جهڙو آهي، ۾
سوادُ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ وڏو ڦير آهي. آجاڻ ماڻهو

* سيوتي معنيٰ مطلب کي پهتل.

سندن سواد ڪي نہ سمجهي، ۽ هي ڪي هڪجهڙو ڄاڻندو آهي۔
اهڙو مثل هنديءَ واري ۾ پڻ چيو آهي:
هندي: آن جانت ڪون پارداس * مصري ڦٽڪي ايڪ۔
ترجمو: ساڳيو ٻهاڪي جو مطلب۔

١١- اڻ سرنديءَ سيڪو نري، ڪرو ڪو سرنديءَ نڙی۔

ٻهاڪي جو مطلب هي آهي: جو اڻ ٻڇنديءَ وارو ماڻهو ٻہ غريبيءَ سان هلندو، پر ٻڇنديءَ وارو جڏهن غريب ٿي هلي، تڏهن چڱو مڙس سڏجي۔ جهڙو فارسيءَ وارو چيو آهي:
بيت: تواضع ز گردن فرازان نکو ست،
گدا گر تواضع کند خوي اوست۔
ترجمو: نياز وڏن ماڻهن کي چڱو آهي؛ پينار جيڪڏهن نياز ڪندو تہ اها هن جي عادت آهي۔

١٢- آهاري، وهنواري، نيون گهوٽ سهاري، لڄا ڪري تہ هاري۔

آهارُ يعني ڪاڻ، وهنوار يعني ڏيتي ليتي، مهارو، گهوٽ پرڻيل جي پهرئين رات جي سهڻ جي جاء۔
مطلب هي آهي، جو سياڻا چوندا آهن تہ لڄ چڱي آهي، پر ان ٽن ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مرڳو گهاٽو آهي۔ تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڏني جو ڳولو پڻ منسار جا حجاب نہ پڇندو تہ ڏنيءَ کي واصل نہ ٿيندو۔

- آهير ڪتي اوٺي، رن وڃائي رنبو۔

اهيرَ جهڙي ماڻهو، اوٺي هڪڙي لوهہ جي هلڪي شيء دڪو ٻہ تور آهي، جنهن تي زالون سٽ اوين۔ رنبو، هڪڙو

---

* پارداس، شاعر جو نالو۔

لوهہ جو وڏو نيچ آهي، جنهن سان ڳاهہ ڪونهي. مطلب آهي تہ جيڪڏهن مڙس تورو ڪمائيندو، ۽ سنديس زال گهڻو وڃائيندي، يا خرچ ڪندي، تہ اهو گهر ڪٿان وسندو. اهڙي ڳالهہ نمبر ٤٧٢ واري پهاڪي ۾ پڻ آهي.

١٤- انڌي اڳيان آهيري، ڪَرَ تئو تنگيو آهہ.

انڌي ماڻهوءَ جي اڳيان آرسي اهڙي آهي، جهڙو اڄاڻ جي اڳيان ڪتاب، سو ڪو نہ تہ انڌي کي آرسيءَ جو قدر، نہ اڄاڻ کي ڪتاب جو مان. آن لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

جيسي نرمل آرسي ديئي انڌ ڪي هاٿ.

ترجمو: اڄاڻ کي ڳڻن جي ڳالهن پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيڻ اهڙو آهي، جهڙي صفا آرسي انڌي جي هٿ ۾ ڏجي.

١٥- انڌ ڏنڌ نگري، چَرپَٽُ راجا،

ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا.

ڀاڄي يعني سائو ساڳ جو سستي وڪري آهي، کاڄا هڪڙو مهانگو ميوو آهي، سي ٻئي شيون هڪڙي اگهہ وڪامڻ بي ويچاري ڳالهہ آهي: تهڙيءَ ريت جنهن راڄ ۾ ڪُنياءُ هلي، تاتي لچ آئون ڇڱي مڙس جو قدر ڪونہ رهي. جهڙو هنديءَ واري بہ چيو آهي:

هندي: پلي بري جهان ايڪسي تهان نہ بسئي جاءِ؛

جيون انياءِ پُر ۾ بڪي ڪَتُرُ ڳُڙُ ايڪي ڀاءِ.

ترجمو: جاتي ڇڱو مٺو هڪجهڙا تاتي وڃي نہ رهجي؛

جهڙو ڪنياءَ واري شهر ۾ ڪَتُرُ ۽ ڳُڙُ هڪ اگهہ وڪامن.

١٦- آهو سون بہ گهوريو، جو ڪنَ ڇني.

هن ملڪ جون عورتون سونهن لاءِ ڪنن ۾ سون جا ڳهہ پائينديون آهن، پر ڪنهن مهل ان مٿين جي بار سان سونهن

بدران ڪن پچي يا ڇڇي پوندا اٿس. اهڙي زبان واري سون پاڻ جي هي پهاڪو گلا ڪري ٿو. يعني جو ڪم فائدي واسطي ڪجي، تنهن مان سور ڳوگهاٽو پوي، سو ڪم نه ڪري ڇڏيو. هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

هندي: ڪريئي سک ڪون، هوءُ دک، يه ڪه ڪون سيان؟
وه سوني ڪون جارهيي جا سون ٽوٽي ڪان.

ترجمو: ڪجي سک لاءِ ٿئي ڏک، اها ڪهڙي سياڻپ آهي؟
جنهن سون مان ڪن ڇڄن، تنهن ڪي ساڙي ڇڏجي.

١٧- آڪن ڪان آما گهري، ٻبر ڪان ٻير.

آڪ هڪڙو جهنگلي ٻوٽو وڻ آهي، آئون ٻٻر هڪڙو ڪنڊن وارو وڻ آهي؛ تن مان آمان يعني انب، آئون ٻير ڪٿان ماندا؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ڪم ٻڇڙا ڪري ڦل چڱو گهرندو، تنهن ڪي ڇا حاصل ٿيندو! ان تي هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ڪري برائي سک چهي ڪيسي پاوي ڪوءِ.
روبي پيڙ ٻبول ڪو انب ڪهان ني هوءِ؟

ترجمو: ٻڇڙائي ڪري سک گهرندو، سو ڪٿان لهندو،
ٻبر جي وڻ پوکڻ سان انب ڪٿان ٿيندو؟

١٨- اٽي ۾ لوڻ.

هن پهاڪي جي جوڙڻ واري جو مطلب هي آهي جو جيڪڏهن ڪنهن خير جي ڪم ڪرڻ لاءِ سچ سان ٿورو ڪوڙ گڏجي ته حرڪت نه آهي؛ جهڙو اٽي ۾ ٿورو لوڻ. شيخ سعديءَ چيو آهي:

فارسي: دروغ مصلحت آميز به از راستي فتنم انگيز.

ترجمو: صلح گڏيل ڪوڙ جهيڙي جا ڳالهائڻ واري سچ کان چڱو.

جيتوڻي ڪي ڪم شعر جوڙڻ جا آئون پيا اهڙا آهن، جن ۾ ڪوڙ جي گهرج رهي ٿي، تنهنڪري پاڻيجي ٿو، جو اهڙن صورتن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ موڪل ڏني هونداٿون؛ نه

آءٌ پانيان ٿو ته جڏهن ڳهٺو ڪوڙ ٻيڙو آهي، تڏهن ٿورو ڪوڙ پڻ چڱو نه آهي.

۱۹ـ آهر جي وڏائي، ڪني پاٽ آتي آئي.

آهر يعني جهنگلي ماڻهو، ڪنو، پاٽ، نڪر جا ٻاسڻ، جن ۾ غريب ماڻهو رنڌين ۽ کائين. مطلب هي آهي، جي جهنگلي غريب ماڻهوءَ کي ايترا وسلا گهر ۾ ٿيا ته ٻه پاڻ کي هوند وارو ڄاڻندو؛ تهڙيءَ ريت نرڙي ماڻهوءَ کي ٿورڙي دولت هٿ لڳي ته پاڻ کي وڏو ماڻهو چوائيندو.

۲۰ـ آمون ڏهه ڳامون.

آمون يعني انب. هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري. مگر آرائين جو اصطلاح آهي، جو وڻ انب جو هڪڙو ٻئي کي ويجهو پوکجي ته وڏي هوندي سوڙهه جي سبب ڦر ٿورو ڪري؛ تنهنڪري پري پري يعني ڏهن ڏهن وکن تي پوکڻ چڱو آهي.

۲۱ـ اندو کڏ تي چڙهي هنگي، چي، مون کي ڪونه ٿو ڏسي.

يلا جيڪو کڏ تي چڙهي اگهاڙو ٿيندو، تنهن کي ڪيئن نه گهڻا ماڻهو ڏسندا! تنهن وانگي ڪي ماڻهو پنهنجي ٻيڙائيءَ کي لڪائين، پر لڪڻ بدران پڌري ٿي پوي. اهڙن ماڻهن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

۲۲ـ آٽ جي چاڙهيءَ کي ٻه لعنت، لاهيءَ کي ٻه لعنت.

آٽ هڪڙو ڏکهو ۽ بيڊؤلو وهٽ آهي، سو جڏهن چاڙهيءَ لاهيءَ تان چڙهي لهي، تڏهن سوار کي اهنجو لڳيءَ تنهنڪري پهاڪي واري ڳالا ڪئي آهي. مطلب هي آهي جو اوڻئي ماڻهوءَ جي دوستي توڙي دشمني ٻه آٽ جي چاڙهيءَ لاهيءَ وانگي ڏکدائڪي آهي.

۲۳ـ انڌن جي وهاڻهُ، منڊا نچڻ، ٽنڊا پاين ڦيريون.

انڌن جو وهاڻهُ، منڊن جو نچڻ، ٽنڊن جون ڦيريون، هي سڀ ڳالهيون اڻ ٿيندڙ آهن. تنهن وانگي جاتي گهڻا لچ

يا اڃاڻ، يا ولها گڏ ٿي پنهنجي لسل يا عقل هوند ڪان وڏو ڪم رڻن، تہ ڪٿان پوري پوي- اهڙن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

٢٤- آٽائي بہ ويئي ٽٽائي بہ ويئي، وري ڪپهہ جي ڪپهہ.

هي پهاڪو اصل هن طرح آيو آهي، جو آنيميءَ هڪڙي ڪي وات جي پرسان پيشاب ڪندي پنڪي لڳي ويئي. اوچتو ماڻهو اتان لنگهيو، تنهن سندس مٿي تان پڳڙي لاهي، ڪپهہ جي پوٽي مٿس رکي. ذري ڪان پوءِ جڏهن پنڪي ڪليس، تڏهن پڳڙيءَ بدران پوٽي ڏسي، تپرس ڪائي هي پهاڪو چيائين: يعني ڪپهہ ڪنجي سٽ ٿيو ۽ سٽ آجي ڪپڙو ٿيو، سو پورهيو سڀ ويو، وري ڪپهہ تي پيئي. جهڙو ڪي هڪڙو سرڪاري نوڪر ٿوري پگهار وارو چڱي نوڪري ڪري وڏي درجي کي پهچي، پر ڪنهن غفلت يا قصور جي سبب وري اڳوڻي ننڍي درجي واري پگهار تي وڃي.

٢٥- آٽ جي وات ۾ زيرو.

زيرو تمام سنهڙا داڻا آهي، ۽ آٽ جو وات وڏو، جو ٿلها گاهہ چري؛ تنهن ۾ جي زيرو پوي تہ جيڪر چبڻ ۾ بہ نہ اچيس. تهڙيءَ ريت، جو ماڻهو سير ان جو کاڌارو هوندو، تنهن کي ڏکي آنَ مان کهڙو ڍَو ٿيندو؟

٢٦- آٽ پٺيان گهنڊڻي.

گهنڊڻي جو آواز تمام ننڍو آهي، ۽ آٽ وڏو سگهو وهٽ آهي، سو جيڪڏهين ڪو ماڻهو آٽ کي ڊيڄارڻ لاءِ پٺيان هڪڙي گهنڊڻي وڄائيندو، تہ آٽ کي ڇا ڪندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي ڇوڪر آٽ تي چڙهي آٽ جي ڊيڄارڻ لاءِ ٽاڙيون وڄايون، تڏهن آٽ چيس، جو مون تي نغارا وڄن تہ بہ نہ ڊڄان، تنهنجي ٽاڙي ڇا ڊيڄاريندين؟ تهڙيءَ ريت هڪڙو نياڳو ماڻهو پنهنجي مطلب ڇڏائڻ لاءِ ڪنهن بختاور کي ڏڙڪائيندو،

تہ بختاور جو کھڙو پنجھڙ پرندو.

٢٧- انڌن آندو ٻلن چٽيو.

انڌو ماڻهو ڏونري يا گيهہ جهڙي يا اهڙي ٻي ڪا شي گهر ۾ آڻي اگهاڙي رکندو، تہ جانئي ٻلي چٽي ويندي، تڏهن چائبو، جو ناڻو اجايو ويو. تهڙي ريت هڪڙو ٻرڙو ماڻهو گهڻو ناڻو ڪمائي، پچاڙيءَ جي گڻتي نہ ڪري، ٿوري ويرم ۾ اجايو خرچي وهندو، تہ پوءِ گهرج مهل ڏکيو ٿيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: ابلهي ڪو روز روشن شمع ڪافوري نهد،
زود بيني ڪش بشب روغن نباشد در چراغ.

ترجمو: جو اياڻو ڏينهن ڏٺي ۾ ڪافوري شمع ٻاريندو،
سگهو ڏسندينس، جو رات جوڏئي ۾ تيل نہ هوندس.

٢٨- انڌي جي جوءِ جو واهي الله.

واهي الله، جنهن جو الله واهي هجي، تنهن کي کهڙو جوکو آهي؛ پر سنڌ ۾ هي اصطلاح آهي جو هڪڙو ٻئي کان گهري، اڳاو چوندس جو الله ڏينديئي، تہ چائبو جو ڪين ڏيندس. يا هڪڙو چوي جو فلاڻي جو گهر ۾ الله جو نالو آهي، تہ چائبو جو ڪي ڪين آهي. تهڙيءَ ريت هن "واهي الله" جي لفظ جي معني هيءَ چاڻڻ گهرجي، جو واهي ڪونہ. پر مطلب هي آهي، جو جيڪو ماڻهو پنهنجي ذمي جي ڪم تي ڌيان نہ ڪندو، تہ جانئي ڪم بگڙندو. تڏهن هي پهاڪو مٿس لاڳو ٿيندو.

٢٩- آيرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، سو آلهندي چا ڪندو؟

سچ جڏهن آيرڻ ويل سوجهرو نہ ڪندو، تڏهن لهڻ مهل چا ڪندو؟ تهڙيءَ ريت جو ماڻهو ننڍپڻ ۾ للايتو نہ هوندو، سو وڏپڻ ۾ چا ڀونو ٻاريندو. اهڙي ڳالهہ ١٢٨ واري پهاڪي ۾ ٻڻ هلي آهي.

۳۰- اڌ چڱي سڄيءَ پنيان ڊوڙي تنهن جو اڌ به وڃي.

هي پهاڪو قناعت ڪرڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري. هن ريت، جو ڌڻيءَ جي ڏني تي قناعت ڪري گذران ڪرڻ سياڻپ جو ڪم آهي: ڇا ڪان، ته جو لالچ ڪري ٿورو چڱي کڻي پنيان ڊوڙندو، تنهن کي ڇا حاصل ٿيندو؟ ويتر اڳوڻي کي جوکو ٿيندس.

۳۱- آڳر ڇائن لهرُ جاٿي.
جڏهن آڳر لوهار جي هٿ آهن، تڏهن ساڻن ڏيا ٻڇائڻ لاءِ وَسُ وارو آهي؛ تهڙيءَ ريت هن انسان جا سڀ ڪم ڌڻيءَ جي اختيار ۾ آهن، جيئن وڻيس تيئن ڪري. پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو تون پڻ پنهنجا ڪم ڌڻيءَ کي سونپ، يعني توڪل ڪر.

۳۲- انڌا رکن روزا، تڏهن ڏينهن به ٿين وڏا.
اگرچ پهاڪي وارو چوي ٿو ته انڌن جي روزي رکڻ مهل ڏينهن وڏو ٿئي ٿو، پر اها ڳالهه ٿيڻ جي نه آهي، ان جو مطلب هي آهي ته نياڻو ماڻهو جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو، سو جيڪڏهن سولو هوندو ته به اوکو ٿي پوندو.

۳۳- آها زبان آس ۾ وهاري، آها زبان چانوُ ۾ وهاري.
چانوَ ۽ آس، اشارو مان ۽ بي مانائيءَ جو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته جو ماڻهو ادب سان، يا مٺو، يا سچ ڳالهائيندڙ هوندو، سو آدرُ پائيندو؛ ۽ بي ادبيءَ سان، يا ڪَوڙو، يا ڪوڙ ڳالهائيندو، سو بي مانو ٿيندو. هاڻي ويچار ڪرڻ کپرجي ته ٻن طرحن جي ڳالهائڻ لاءِ زبان هڪڙي، پر هڪڙيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو ڦل هڪڙو، ۽ ٻيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو ٻيو ڦل. تڏهن پهاڪي واري جو خيال برابر آهي.

٣٤- اکي به آنءُ هو، پوءِ به تيو آن،
ڪانو آڻ پڻ، ويو وڇون ٿي نڪري.

ٻج جي پوک ۾ پوي، سو آنءُ آهي. جڏهن پوک پچي لبي، ۽ ٻاهجي وانرجي. تڏهن وري به آنءُ ٿي رهي؛ پوءِ ڪانا توڙي پن ويندا رهيا. تنهن وانگي پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو انسان جو وجود اصلي خاڪ آهي، سو مرڻ پاڇڻا وري نه خاڪ ٿي ويندو؛ پوءِ هن دنيا جا ڏنڊا ڪاٺي ڪم ايندا. فارسي واري جو چوڻ آهي:

بيت: اي برادر چو عاقبت خاڪ است،
خاڪ شو پيش زانڪ خاڪ شوي.

ترجمو: اي ادا جڏهن مٽي ٿيڻو آهين،
تڏهن مٽي ٿيڻ کان اڳي مٽي ٿي رهه.

٣٥- اڌارو ڏجي تنهن کي، جنهن کان گهرجي نه،
اڌارو وٺجي تنهن کان جو گهُري نه.

اڌارو ڏيئي نه گهرڻ، يا اڌارو ڏيئي نه گهرندو، هي ٻئي عجب جهڙيون ڳالهيون آهن، پر مطلب هي آهي، جو اهڙيءَ پت واري ماڻهوءَ کي اڌارو ڏجي، جو گهرڻ ڌاران پهچائي، ۽ وٺڻ مهل اهڙي ڀاول کان وٺجي، جو گهرڻ مهل ڏک نه ڏئي، ۽ پاڻ اونو رکي پهچائي. ڏسو اهڙي صورت ۾ پڻ ٻنهي ڌرين کي گهرڻ جو ضرور ڪڻان رهندو. پر نج مطلب هي آهي جو پهاڪي وارو سڀت جو تاڪيد ٿو ڪري.

٣٦- آن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس ڪري.

هس، ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳرو مٿيو آهي، ۽ چلو آڱر جي پائڻ جو هلڪو ڳهه آهي. پهاڪو آن جي واپار جو حال ٿو ڏيکاري ته منجهس واڌو به گهٽو، گهاٽو به وڌو. جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: يا گنج برگيري، يا در تلاطم امواج بميري.
ترجمو: يا خزانو لهين، يا لهرن جي ڌڪاون ۾ مرين.

سو ڪو، ته ان جو اگهه ڪڏهن ڏهه رپيا خرار جا، ڪڏهن سؤ رپين خرار جو پڻ پڌڻ ڏڻ ۾ آيو آهي. پوءِ جنهن واپار جي اگهه ۾ ايترو ڦير گهير ٿئي، تنهن لاءِ پهاڪي واري جو چوڻ سچو آهي.

٣٧- آڙهڙ جي تتي ڏينهن، ساوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شال نه ٿئي هنگڻ تات.

هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري، مگر هي ٽيئي مهاون نوري تي وچڻ ڏاڪڙو آهي؛ يعني ڪٺهلو ڪم سيڪو دقت ڏيندڙ آهي.

٣٨- اٺ پوڙهو ٿيو، ته به مُتڻ نه سکيو.

پيو سيڪو جانور پيشاب اڳتي ڪري، رڳو اٺ آبتڙ آن جي پوءِ ڏي مُتي. تنهن لاءِ سياڻن هي پهاڪو چيو آهي؛ پر مطلب سندس هي آهي، ته جو ماڻهو وڏڻ تائين علم يا عقل نه سکي، سو پڻ هن پهاڪي جو مُهاڏو آهي. جهڙو فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: گوسالهء ما پير شد و گاو نشد.
ترجمو: گابو اسان جو پوڙهو پر ڏاند نه ٿيو.

٣٩- آپ ۾ ٽڪ آچلائيندو، تنهن کي منهن ۾ پوندي.

هن پهاڪي جي اکرن جي معني پڌري آهي؛ مگر مطلب سندس هي آهي ته جيڪو پاڻان ڏاڍي سان وڙهندو، سو پاڻ کي مارائيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: هرڪ بابزرگان ستيزد، خون خود بريزد.
ترجمو: جيڪو ڏاڍن سان وڙهي، سو رت پنهنجو هاري.
ان ڳالهه تي هندي پهاڪو پڻ آهي.

هندي: سُر سنڌي آڪاس ڪُون، ڦر ماٿي آوي.
ترجمو: تير هٿي آپ ۾ ته وري مٿانس اچي.

٤٠- اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڍوئيندا.

پريون ڍوئيندا، يعني مزوري ڪندا. اها ڳالهه پڌري آهي ته پڙهيل ماڻهو نوڪريءَ يا واپار مان، يا ٻئي ڪرت مان سؤ (١٠٠) هزار (١٠٠٠) ڪمائي سگهي، جنهن مان سکبو دم گذاري، آئون اڻ پڙهيل ڪي مزوريءَ بنا ڪهڙي واهه؟ تنهن لاءِ هي پهاڪو علم پڙهڻ جو تاڪيد ڪري ٿو، آئون چوي، ٿو ته علم ڌارن مزوري ڪرڻي پوندي. تنهن لاءِ فارسي وارا پڻ چوي ٿو:

فارسي: ميا موز جز علم گر عاقلي، ڪ بي علم بودن بود غافلي

ترجمو: نه سک علم بنا جيڪڏهن سياڻو آهين،

چو ته علم ري هئڻ غفلت آهي.

٤١- اياڻو چوي سياڻو ويچائي.

جڏهن اياڻو ماڻهو اهڙي ڳالهه ڪري جا گمان جهڙي هئي، يا ويسهه جهڙي نه هئي، تڏهن سياڻي کي ويچار کان پوءِ وسهڻ گهرجي. سو ڪوه، ته جيڪڏهين اياڻو ٻڌڪ هٿي چوندو، جو هاڻي ڪري پيو هو. تنهن کي ٻلي گهيري ويئي، تنهن تي سياڻو وسهندو، تـه سياڻپ ۾ ڦير اٿس، تنهن لاءِ هندي وارو به چوندو آهي:

هندي: نادان بات ڪري، دانا قياس ڪري.

ترجمو: ماڳيو پهاڪي جو مطلب.

٤٢- آنان مينهان دا ڪيها ميلا، او چرن پٽ، ته او چرن پيلا،

آٽ آئون مينهون پاڻ ۾ هم جنس نه آهن، هن جي جوءِ چرڻ جي پٽ، آئون هن جي جوءِ پيلو، تنهنڪري پاڻ ۾ سنگت نٿي ٿيهين. مطلب هي آهي ته ناجنس جي صحبت ڪنهن کي به نٿي وڻي.

٤٣- اٽ جي وات ۾ لوڻ وجهه ته به رڙي، ڪنڌ وجهه ته به رڙي.

معني هن پهاڪي جي سپ ڪو ڄاڻي ٿو. مطلب هي آهي جو لچ ماڻهوءَ سان دوستيءَ مان زيان، آئون دشمنيءَ مان به زيان؛

سياڻا چوندا آهن لچ جي صحبت اُنون ڪتو ڏاڍ ڦڪڙا آهن. هن ڪري، جسو ڪتو خوش ٿئي ته پوڻ چٽي، جي ڏمرجي ته چنگهون ڦاڙي؛ جهڙو سمن شاعر هنديءَ ۾ چيو آهي:

هندي: سمن پريت سُوانَ ڪي دونون باتين دُکُ؛
ڪيجي ته ڪاٽي پاوڪون، ريجهي ته چاٽي مُک.

ترجمو: ڪتي جي دوستيءَ مان ٻن طرح ڏک آهي،
ڏمرجي پير ڦاڙي، ريجهي ته منهن چٽي.

٤٤- اڳهه ڪٽيو ڪانجي، وٽ ڪٽيو نه ڪانجي.

وٽ ڪٽيو ڪاٺ يعني تور ۾ گهٽ ڏيڻ. مطلب ٻهاڪي جو هي آهي ته واپار جي ڪم ۾ اڳهه مهانگو يا سهانگو وڪڻ واپارين جو ڌرم آهي. پر ڪي دولابي واپاري اڳهه سهانگو ٻولي وَٽَ ڪوڙي وٽ سان توري ڏين. اهڙن دولابين کي ٺوڪي ٿو.

٤٥- انبان پور، ڪلالان لاها.

لاها يعني ڪٽيو. هن پهاڪي مان نرالو مطلب ڪو نه نڪري ٿو؛ مگر هيءَ ڳالهه پڌري آهي ته انب جي وڻ ۾ ڀريائين پور گهڻو ڏسجي، پر نيٺ انب جي ڪي ٿورا رهن. تنهن وانگي ڪلال جي آبت پڻ ڀرين گهڻي ڏسجي، پر اوتر سوڌر ۾ هارجي ويرجي ٿو رهي.

٤٦- اڳياڙي تڏهين سُرهي، جڏهين پڇاڙي سُرهي.

مطلب هي آهي، ته جڏهن ڪنهن سان دوستي رکجي، تڏهن گهرجي جو پڇاڙيءَ تائين نباهجي، اُنون جيڪڏهن اڳياڙي ۾ دوستي رکي پڇاڙيءَ ۾ ڪُلال ٿيو، ته اڳياڙيءَ جي چڱڙسي پڻ وهندي رهندي. اُنلو بيزاري ٿي ڳنبي. تنهن لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

هندي: پريت ڪري پاڇي ٿري پاهي ڪهني سوءِ،

* ناڌا نيهن نہ ڇوڙيئي جا هوئي سا هوءِ.
ترجمو: دوستي رکي پوءِ ٽوڙي، سو پاڻ ئي ڇنجي،
* ناڌا دوستي نہ ڇڏجي، پوءِ جا ٿيئي هئي سا ٿئي.

٤٧- انڌ وٽ، منڌ، پر نند وٽ.

انڌ يعني انڌو وهٽ، منڌ يعني منڌو وهٽ. هي پهاڪي وارو انڌي آئون منڌي وهٽ کان پڻ پوڙهي وهٽ جي وڌيڪ گلا ٿو ڪري. سو اها ڳالهہ وسهڻ جهڙي آهي. اهڙو ذڪر پهاڪي نمبر ٢٢٦ واري ۾ پڻ آيو آهي، آئون فارسي واري پڻ چيو آهي:

فارسي: طرب نوجوان ز پير مجو، کہ دگر نايد آب رفتہ بہ جو،
ز رع راچون رسيد وقت درؤ، نخرامد چنانک سبز نؤ،
ترجمو: جوان جي خوشي پوڙهي کان م گهُر،
جو گئي مان ويل پاڻي نہ موٽي.
پوک کي جڏهن لاباري جي مهل اچي،
تڏهن تازي سبزي گهاءِ ڪڏهن نہ نلي.

٤٨- اکرن ۾ مٺا وجهن، سي مٺهرن کان نہ ڊڃن.

اکري هڪ کان يا ٺڪر جي پوري شي آهي، جنهن ۾ آن ڇڙجي، مهري ڪان جي ڊگهي شيءِ آهي، جنهن سان اکريءَ وارو آن ڪُٽجي. مطلب هي آهي، جو جيئن ڪو ماڻهو هرڻ جو شڪار ڪري، آئون آس يا آج کان ڊڄي، يا مڇيءَ جي شڪار وارو ٻڏڻ کان ڊڄي، يا راجا جنگ کان ڊڄي، تيئن ڏٺيءَ جو ڳولو زماني جي ڏک ڏاکڙي کان ڊڄي، مطلوب کي ڪٿان پهچندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: ندارد ز مقصود جنگ،
اگر بر سرش تيغ بارند وسنگ.

---

* ناڌا، شاعر جو نالو.

ترجمو: عاشق پنهنجي گهربل کان هٿ نه کڻي،
توڙي مٿس تراريون ۽ پاهڻ ڪري وسن.

٤٩- آن پنهنجي مٿ ۾ ترڪي.

آن جا پير اهڙا ترڪڻا آهن، جو گهڻا پيرا سندس مٿ ۾ سندس پير ترڪندا ڏسڻ ۾ آيا آهن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪليڇٽو ماڻهو پنهنجي ليڇڻ کان پاڻ بيڇڙو ٿئي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اگر زدستِ بلا بر فلڪ رود بدخو،
زدستِ خوءِ بدِ خويش در بلا افتد.

ترجمو: ڪليڇٽو بلا کان ڀڄي جي اڀ ۾ وڃي،
پنهنجي بيڇڙن ليڇڻ جي هٿان بلا ۾ پوي.

٥٠- اٺ جي چوري ڍڪي ۾ ڇا لڪندي؟

اٺ وڏو وهٽ آهي، تنهن کي ڪو چورائي ڍڪي ۾ لڪائيندو ته ڪاٿي لڪندو. تنهن وانگي جا ڳالهه پڌري ڪهڻ ڪنن تي پيل هوندي، سا ڪيئن ڪو لڪائي سگهندو؟ جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: نهان ڪي ماند آن رازي، ڪز و سازند محفلها.

ترجمو: اهو ڳجهه ڪٿان لڪي، جنهن جون مجلسون ڪن.

٥١- آئي ڏاڏي کي بورچاڻي ڏي وڃي.

هن پهاڪي جي ظاهري معني هيءَ آهي، جو پرائي گهر ۾ نوري ڪر لاهه اچي، گهر جو دعويدار ٿي ويٺو. جهڙو فارسي وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: آمد براه اخگر-چون مطبخهه نشست.

ترجمو: ساڳيو پهاڪي جو ترجمو:

پر مطلب هي آهي، جو هيءَ دنيا پرائو گهر آهي، تنهن ۾ ماڻهو رڳو عبادت لاءِ آيو آهي؛ اهو ڪم ڇڏي ٻاڻ ڪي گهر جو ڌڻي ڄاڻي ويٺو آهي. آڏون فريد صاحب جي هن سلوڪ کي نٿو سمجهان:

سلوڪ: چار گنوايا هنڍڪي، چار گنوايا سُمهه،
ليکا رب مڱيسين، تون آيون کهڙي ڪم؟

ارٿ: چار پهرڏنڍي ڀروچايئي، چار پهرننڊ ۾ وڃايئي،
حساب ڌڻي گهرندءِ، آئين کهڙي ڪم؟

٥٢- اٺ کي لاڻو، گهوڙي کي داڻو، مرد کــي ناڻو،
محبوب کي ماڻو.

لاڻو هڪڙو جهنگلي گاهه آهي جو اٺ کي چڱو لڳي؛ ماڻو يعني ناز. هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري، مگر جهڙيءَ طرح پهرين ٽن کي ٽي شيون چڱيون آهن، تهڙي ريت محبوب کي پڻ ناز چڱو آهي. خصوصاً فارسيءَ واري محبوب ۽ ناز کي ابجد جي ليکي هڪ ڪري ڏيکاريو آهي:

ناز		محبوب	
اکر	انگ	اکر	انگ
ن	٥٠	م	٤٠
ا	١	ح	٨
ز	٧	ب	٢
		و	٦
	٥٨	ب	٢
			٥٨

٥٣- اڳين پاڻيءَ پوين ڇڪ.

ڪنهن تلاءَ ۾ پاڻي ٿورو هجي، آئون آتاهون ڌڻ يا لشڪر گهڻو آچايل لنگهي، تہ جيڪي اڳي هوندا سي پاڻي پيئندا،

جيڪي پوءِ هوندا آهي، ڇڪ ڇنيندا. پر مطلب هي آهي، جو ٻهاڪي وارو ڦڙتائي جو سعيو آهي آرس جي ڳالا تي ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: ڪه آفتهاست در تاخير طالب را زيان دارد.

ترجمو: ته دير ۾ آفتون آهن، ڳوليندڙ کي ڇهو آهي.

۵۴- انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.

لشڪر ۾ هاٿي هئڻ چڱو آهي؛ پر جي هاٿي انڌو هوندو ته واهر بدران سندس لتن ۾ لشڪر لتاڙجي مرندو. تهڙيءَ ريت ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪم سڌارڻ لاءِ ڏبو ۽ هو اڄاڻ هوندو ته سڌارڻ بدران بگاڙي ڇڏيندو.

۵۵- آهُر جي آسري جهنگ نه ڇنائون.

آهر، ڏڳا يا آن آهي پيا پاليل وهٽ جهنگ ۾ چرڻ وڃن، تن جي رات جي چرڻ لاءِ سندن ڏٽي ڏارو، يا ڪڙ، ڪتر تيار ڪري رکن، تنهن کي آهُر چئجي. پر جهنگ ۾ گاهه چرڻ وهٽ جي وس آهي. آءُ آهر جوڙي رکڻ ڏٽيس جي وس. جڏهن ڪو آهر جي لالچ دل ۾ رکي جهنگ ۾ گاهه نه چرندو، آءُ بکائجي گهر ايندو، آڏون ڏٽيس به آهُر نه جوڙيو هوندو. ته بک مرندو يا نه؟ تنهن واتگي جو ماڻهو پنهنجي وس وارو فائدي جو ڪم پرائي وس واري ڪم جي آسري تي سيڙائيندو، سو فائدو ڪٿان پائيندو؟

۵۶- آپ ڦاٿي کي به ڪڏهن اڳڙي پوي.

اڳڙي پوڻ يعني ڳنڍ پوڻ، آپ ڦاٿي يا آپ ڦاٿي کي ڳنڍ وجهڻ نه ٿيڻ جي ڳالهه آهي. تڏهن ٻهاڪي جو مطلب هي سمجهڻ گهرجي ته جنهن ڪم جو ٿيڻ يا جنهن ڪم ٿيڻ واري جو ذڪر ٿيڻ ناممڪن هئي، تنهن لاءِ ڳڻتي نه ڪائجي. تنهن لاءِ هڪڙو نقل ياد آيو آهي:

نقل

هڪڙي ماريءَ جهرڪي ڦاسائي ان کي ڪهڻ جو رادو ڪيو. جهرڪيءَ چيس تہ مون مان اڌ ڏوڪڙ گوشت نڪرندو، تنهن مان ڪهڙو ڍؤ ٿيندءِ؟ آئون توکي ٽي نصيحتون چوندس، پر هڪڙي تنهنجي هٿ ۾ چوندس، ٻي جڏهن ڇڏيندين تڏهن وڻ تي ويهي چونديسانءِ، ۽ ٽين وڻ تان اڏامڻ مهل. ماريءَ اها ڳالهہ مڃي. جهرڪيءَ چيس: جيڪا ڳالهہ ٻڌين ۽ عقل جي قياس کان ٻاهر هجي تہ نہ ويسهج. تڏهن ماريءَ ڇڏي ڏنس. جهرڪيءَ وڻ تي ويهي چيس تہ جو ڪم هٿان نڪري وڃي، آئون وري هٿ اچڻ جو نہ هجي تہ ان لاءِ ارمان نہ ڪائج؛ ايترو چئي جهرڪي روئڻ لڳي. آئون ماريءَ جي حال تي ارمان ڪائي ڇپائين تہ منهنجي پيٽ ۾ ٻہ ڏوڪڙ تور هيرو آهي؛ جيڪڏهن هٿ اچئي ها تہ چمار لاءِ ڍؤ هجي ني ها. اها ڳالهہ ٻڌي ماريءَ هٿ سهڻي ارمان ڪاڻو. تڏهن پکي اڏاڻي. تنهن کان باقي ٽين نصيحت پڇيائين تنهن چيو جو ٻن ڳالهين توکي اثر ڪونہ ڪيو، هن ريت جو اڌ ڏوڪڙ تور پکيءَ جي پيٽ ۾ ٻن ڏوڪڙن تور وارو هيرو ڪٿان ماپندو؟ تنهن تي ويسهہ ڪيوءِ، پر جي هجي ها تہ بہ اڏامي کان پوءِ وري هٿ اچڻ جو نہ هوس، تنهن لاءِ ارمان ڪاڏءِ: تنهنڪري توجهڙي ماڻهوءَ کي باقي نصيحت چوڻ ڪار نہ آهي.

٥٧.. انبن جون سڪون بہ ڪي انبڙين مان لهن.

انب هڪڙو پڪو ميوو آهي؛ تنهن جو سواد انبڙيءَ مان ڇا ايندو، جا ڪڇي ۽ ڪچي؟ جهڙو ڪڻڪ سيپ ڪڻڪ، پر جو سواد حلوي مان اچي سو سٽن ۾ ڪٿي اچي؟ تنهن وانگي جنهن کي ڌڻيءَ جي عبادت مان چشش آئي هوندي، تنهن کي دنيا جا ڏنڊا ڇا وڻندا؟

٥٨- آنٺ چڙهيءَ ۾ ڪڏهن نانگ ڪاٽي.

جو ماڻهو آنٺ تي چڙهيل هوندو تنهن کي ڪٿان نانگ ڏنگيندو؟ تنهن وانگي جو ماڻهو پيا سڀ آسرا ڇڏي ڌڻيءَ جي آسري رهندو، تنهن کي دنيا جي ڏنڀڻ جو ڪهڙو ڊپ؟ جهڙو سڌني پڳت جو وچن آهي:

وچن: شنگهم سرن ڪتِرِ جائيئي جو جمڪ ڪيراسي؟

ارٿ: شينهن جي شام ڇو وڃي جاتي گدڙ کائي؟

٥٩- آپ سکي تہ جگ سکي.

جو ماڻهو پاڻ سهي آهي تنهن جي لیکي سارو جهان سکي آهي. اهڙي وارداتي نمبر ٢١٨ واري پهاڪي ۾ گهڻي وضاحت سان آئي آهي.

٦٠- اگهم آئون گپ جي سڌ الله کي.

گپ يعني پيٽ وارو پار؛ معنيٰ هيءَ آهي جو جنس جو اگهم سهانگو ٿيندو يا مهانگو، ۽ پيٽ وارو پار پٽ ڄمندو يا ڌيءَ، سا خدا کي ڪل. پر ان گالهم ۾ منهنجو چوڻ هي آهي، جو سڀ ڪم جو هاڻي ڪاڻ پوءِ ٿيندو، تنهنجي سڌ ڌڻيءَ بنا ڪنهن کي ناهي. جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: ڪس را وقوف نيست کہ انجام ڪار چيست.

ترجمو: ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ اوڙڪ ڪم جو ڇا آهي.

٦١- انڌو ۽ اڻ سڃاڻهون هڪجهڙا.

هن پهاڪي جي مطلب ۾ ذرو بہ فير نہ آهي؛ ڇاڪاڻ جو هن انسان جي اندر ۾ ذات پاڪ جو نور آهي، پر جڏهن اڻ سونهپ ڪان آن کي نٿو جاڻي، تڏهن انڌو چائيس يا نہ؟ تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: آنچہ ما کرديم با خود هيچ نابينا نکرد،

درميان خانہ گم کرديم صاحب خانہ را.

ترجمو: جيڪي اسان پاڻ سان ڪيو، سو ڪنهن اندي به نه ڪيو،
گهر جي اندر گهر ڏئي ڪي وڃايوسون.

۶۲- آڻ پڙهو ته به به ڪنواٽ لهي.

ڪنواٽ يعني آڻ نئيو، نئون سکيل. يعني جيئن پڪو آڻ بار ڪٽڻ ۾ ڪنواٽ کان واڌو آهي، تيئن پوڙهو ماڻهو سياڻو پڻ رڳ پنهنجي ڪم ۾ جوان نئي سکيل کان وڌ ڄاڻبو. جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: آنچه در آئينه بيند جوان، پير اندر خشت بيند پيش زان.

ترجمو: جيڪي جوان آرسي ۾ ڏسي،
سو پوڙهو تنهن کان اڳي سر ۾ ڏسي.

۶۳- اڃا سينهون جهنگ ۾ ڏوئي ڏرياڻون رڄ.

رڄ يعني باسڻ؛ جڏهن سينهون جهنگ مان چري اچن، تڏهن سيڪو باسڻ ڏوئي ڪير ڏهي، آئون اڳواٽ باسڻ ڏوئڻ اڳ ڪٽيو ڪم ڪرڻ آهي، سا ڳالهه سياڻن ڪي نه وڻي. تنهن لاءِ نمبر ۳۹۶ واري پهاڪن ۾ گهڻو ذڪر هليو آهي سو ڏسن گهرجي.

ب

۶۴- بادشاهين پوندي معاملي چٽي ڪير ويچاري؟

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي جو دنيا ۾ ڏک توڙي سک اهنجي توڙي سهنجي سڀڪنهن ڌي، هڪجهڙا پيئي آهي، جهڙي راجا تي تهڙي پينار تي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ڪيا رنڪ، ڪيا ڀُوپ، دک سک سنگ سدا رهي،
گهر اجاڙ جيون ڪرپ رهي؛ دوهون گهٽ جيوڙي.

ترجمو: ڇا راجا، ڇا غريب، ڏک سک سدا ساڻ رهيس،
گهر ۾ کوه هئي، يا سڄ ۾، ته دلي جي گڇي ۾ نوڙي.

٦٥- ٻڪئي ڪي ٻصر سان روٽي رکيائي؛
سيري ڪان سواد ۾ ڏيدي سوائي.

ڀائي ماڻهوءَ ڪي پلاءُ ۾ اهڙو سواد نه ڏئي، جهڙي ٻڪئي ڪي رکي روٽي سواد ڏئي. تنهن تي هڪڙو مثال آهي:

هڪڙي درويش جي ڀنڊار ۾ روٽيون پڪيون؛ پر ڏئيءَ جي حڪم سان تيون ڪونه هو. درويش جي هڪڙي ٻالڪي رکي روٽي کائڻ جي نه ڪئي. درويش جي چوڻ سان اُن جي روٽي لڪائي رکيائون. ڪجھ ڪان پوءِ ٻالڪي کي ٻک لڳي، تڏهن ڦڪو ٿي آڏا رکي روٽي ڳولي لهي، مٺي ڪري کاڌائين؛ تڏهن درويش ڪليءِ هي فارسي سٽ پڙهي:

فارسي: گوفته را نان تهي گوفته.

ترجمو: ٿڪي کي رکي روٽي ڪوفتو آهي.

٦٦- بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي.

هي بندو گهڻو چاهي جو فلاڻو ڪم ڪريان، يا فلاڻي شي هٿ لڳيم؛ پر جيسين ڏئيءَ کي نه وڻي، تيسين ڇا ڪري سگهندو؟ جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: همري من ڪڇ اَور هئي، ڪرتا ڪي ڪڇ اَور؛
همري نائي نت رهي، پرڀ ڪي نائي نور.

ترجمو: منهنجي دل ۾ ڪا ٻي، ڏئيءَ جي دل ۾ ڪا ٻي؛
منهنجي رٿي بيجاءِ ٿئي، ڏئيءَ جي رٿي بجاءِ.

٦٧- بي عقل جي بلا دور.

دين جي ڪم ۾ هن ڀاڪي جي ڪم آڻڻ جي گهرج نه آهي، مگر دنيا جي ڪم ۾ آهي. جيڪڏهن ڇنجي جو ننڍي پار وانگي بي عقل ٿي رهه، ته ماڻهن جي نظر سان تنهنجي بلا پڄي، ته به هڪڙي ڳالهه. جهڙو فارسيءَ وارو چوي:

فارسي: هر چند عقل بيش، غم روز گار بيش،
دیوانہ باش، تا غم تو دیگران خورند.
ترجمو: جيترو عقل گهڻو، اوترو زماني جي ڳڻتي گهڻي،
چريو ٿـي تہ تنهنجـي ڳڻتي ٻيا ڪـائين.

پر ان ڀهاڪي لاءِ منهنجو مت هي آهي، جو بي عقل کان بلا دور يعني بي عقل جي سنگت کان ٻيو تہ سڪو ڀڃي، پر بلا ٻہ. تنهن لاءِ فارسي ۾ بيت ۾آيو آهي:
بيت! ترا اژدها گر بود يار غار، زان بـہ ڪ جاهل بود غمگسار،
ترجمو: توکي جيڪڏهن اروڙ هئي سڄڻ ڳوڙهي،
تنهن کان چڱو جو جاهل هئي ڏک اوريندڙ.

٦٧- بي عقل دوست کان دانائُ دشمن چڱو.

هن ڀهاڪي وارو بي عقل جي سنگت کان ڀڄڻ جو ڏاڍو تاڪيد ٿو ڪري؛ ڇاڪاڻ جو بي عقل جي صحبت مان ساهہ جو ڏپ آهي. ان تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي شخص جو باندر هڪڙي تي ويسہ ٻڌل هو، تنهن کي ڏهاڙي رات جو پنهنجي کٽ جو جاڳـو وهاريندو هو. هڪڙي ڏهاڙي هو ننڊ ۾ هو، ۽ باندر ترار اگهاڙي ڪري مٿس واهي بيٺو هو. اوچتو چور هڪڙو چوريءَ لاءِ آيو، جنهن کـي باندر ڪين ڏٺو. ان مهل ڪـرڙي هڪڙي گهر ڌڻيءَ جـي ٻـت تي چڙهي، باندر ترار سنباهي تہ هئي ڪـرڙيءَ کي ماري. اهو حال ڏسي چور سمجهيو جو ترار سان ڪـرڙي تہ مرندي، پر گهر ڌڻي ٻہ ساڻس. تڏهن ٻوڙي باندر کي هٿ کان جهليائين؛ تنهن بکيڙي تي گهر ڌڻي جاڳيو ۽ چور جي واتان سڄو حال ٻڌي، چوڻ لڳو جو فارسيءَ واري سچ چيو آهي:
فارسي: اگر خصم جان تو عاقل بود،
بہ از دوستداري ڪ جاهل بود.

ترجمو: جيڪڏهن سيائو تنهنجي ساهه جو ويري هجي،
تہ بہ هو ان سڄڻ کان چڱو جو جاهل هجي.

٦٩- باسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهڻن کي ڏئي.

نڪر ڏيڻ يعني گلارو ڪرڻ. هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، گهڻن ماڻهن سنگتين مان هڪڙو ڪنهن باسڻ جي چوري ڪري، تہ جيڪر گمان سڀني ۾ پوي؛ يعني هڪڙو لونبو ماڻهو گهڻن اشرافن جي سنگت ۾ هوندو تہ سڀني کي گلارو ڪندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: چنيدستي ڪو گاوي در علف زار،
بيالايد همه گاوان دهہ را.

ترجمو: پڌو اٿي ڏاندن مان هڪڙو ويءَ ۾ پوي،
تہ جهلائي سڀن ڏاندن ڳوٺ جي کي.

٧٠- بک وڃان آگهڙ ياد نہ آهي.

ڪمائيءَ واري ماڻهوءَ کي سڀ کان اڳي پيٽ پاڙڻ کپي، تنهن کان پوءِ انگ ڍڪڻ. پيا سڀ ڪم ان کان پوءِ؛ جڏهين ڪنهن کي پيٽ ڀرڻ لاءِ پورت نہ هوندي، تڏهن آگهڙ يعني انگ ڍڪڻ ڪٿان ياد پوندس؟ مطلب هي آهي، جو اڻ هوند واري ماڻهوءَ کي ڪو سک نہ ماندو، فارسي واري چيو آهي:

فارسي: فراعت بہ فاقہ نہ پيوندد،
جمعيت در تنگدستي صورت نہ بندد.

ترجمو: بک سان واندڪائيءَ جو لاڳاپو نہ آهي؛
اڻ هوند ۾ جمعيت حاصل نہ ٿئي.

اهڙو ذڪر نمبر ١٢٦ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

٧١- بک ٻيڙو ٽول، دانا ديوانا ڪري.

ڏٺي شال پيٽ جي بک ڪنهن نہ ڏئي: بک سڀ کان ٻيڙي ڏوار آهي. جهڙو ڪنهن کي مرض غالب پوي تہ حواس باختا ٿي وڃن، تنهن وانگي جنهن کي بک زور

پوي، تنهن جو عقل هارجي رهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: پراگنده روزي پراگنده دل.
ترجمو: جنهن جو رزق پريشان تنهن جي دل پريشان.

٧٢- ٻچڙو ڪتو ڏٽي پٽائي.
ڏٽي پٽائي يعني ڏٽيءَ کي گاريون ڏياري. ڪنهن مهل ڪتا ماڻهن کي ڏاڙهن، ته آهي ماڻهو ان جي ڏٽين کي گاريون ڏين. تنهن وانگي جو ماڻهو ٻچڙي چال هلندو ته پنهنجي مائٽن کي ٻڻ گلا ڏياريندو.

ٻ

٧٣- ٻلي کائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.
ڪنهن مهل ٻلي گهٽو يا ڏاڏو کاڄ کائي وڃي؛ پر جڏهن اهو کاڄ پيٽ ۾ وڪڙ وجهيس، تڏهن ڏکي ٿئي. تنهن وانگي هڪڙا ماڻهو ڪنهن مهل ڪنهن جي وهانو وڏائي تي کائڻ وڃن، ته اڳلي حال ڏي ڏسي قناعت ته نه ڪن، پر سورگهو هيچ ڪري کائڻ جيترو ته کائن، پر ٻيو زيان پڻ ڪن. پر جڏهن وٽن شادي مرادي ٿئي، ۽ اهي ساڳيا کائڻ لاءِ اچن، ۽ اهڙي ساڳي هلت ڪن، تڏهن هن پهاڪي وارو حال ٿئين. پر مطلب هي آهي جو سڀ ڪنهن ڪم ۾ اڳياڙيءَ مهل پڇاڙي ڳڻڻ ميناڙپ جو ڪم آهي.

٧٤- ٻارهن ٻوڙي ٻانڀي، چوڏهن ٻوڙي چمار.
جي تون اهڙو ڪاسي، ته ٻه گهر ڏوٻي ڪونار.
هن پهاڪي جي عبارت جو مضمون هي آهي، جو ان ٽن قومن جي عورتن سان زناءُ ڪرڻ ڪري ٻارهن، چوڏهن پيڙهيون نرگ ۾ ٻڏنديون، سو اها ڳالهه سچ آهي. پر جڏهين انهن قومن جو زناءُ ٻوڙيندڙ آهي، تڏهين ٻين قومن جو زناءُ نه ٻوڙيندو ڇا؟ تنهنڪري منهنجو چوڻ هي آهي جو زناءُ سڀ

ٻچڙو ۽ سڄو ڪندڙ آهي. زناءُ ڪندڙ جو ڪڏهن ٻاڻ نه لڳندو، تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: زاني نه مالي، اشتداقي نه خالي.

ترجمو: زناءُ وارو وهيون، سوير جاڳيندڙ ولهو نه ٿئي.

٧٥- ٻه ڀائر ٽيون ليکو.

هي پهاڪو وهنوار ۾ سوڌي هاڻ لاءِ سمجهائي ٿو، پوءِ ڀوڙي سڳي ڀاءُ سان هجي، ته به وهنوار کي ڀائن وانگي ڇاڻبي ساڻس سونو هلجي. اهڙو پهاڪو فارسيءَ ۾ پڻ آيو آهي: "دوبرادرم سيويم حساب." جنهنجو مطلب ساڳيو پهاڪي جهڙو آهي.

٧٦- ٻاهران چڪي مڪي، اندران ٻڙ ٻڙ ڏڪي.

هڪڙا ماڻهو ٻاهران فاقيرو ويس پهري، اندر ۾ پاپ آئون ڪپت رکن، تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. اهڙن کي گرو نانڪ شاه پڻ ننديو آهي:

وچن: ٻاهر گيان، ڌيان اشنان، انتر وياپي لوڀ سوان.

ارٿ: ظاهري ويچار، ۽ ڌيان ۽ نبي دل، ۽ وهنجڻ،
باطني ڪتي وانگي لالچ ۾ گهڙيل.

٧٧- ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪون ڪانوڻ آيا.

هي پهاڪو ڏسي هي مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي ماڻهوءَ کي گهڻن ماڻهن جو قرض ڏيڻو ٿيو، رت ڪيائين ته جيڪڏهن ڏيوالو ڪيندس، ته به ڳلا ٿيندي، تڏهن هڪڙي سياڻي سان ڀَهہ ڪيائين، تنهن چيس جو جيڪو قرض چڪيئي، تنهن کي چرين وانگي هيءَ ورندي ڏي: "نچ." حاصل ڳالهه جو، اهڙيون ورنديون ٻڌي لهڻي وارن آن کي چريو سمجهي، قرض چڪڻ کان بس ڪئي. پر آن سياڻي جو پڻ کي قرض مٿس هو، تنهن گهريس، تنهن کي پڻ چيائين "نچ."

چي ڙي سون کي به ”نچ“، چي ”توکي ته توکي، پر تنهنجي پيءُ کي به ”نچ“. حاصل ڳالهه جو، لچ کي چڱي مت ڏسڻ پاڻ لاءِ ڄڄل پرائڻ آهي.

٧٨- به گدرا هڪڙيءَ مٺ ۾ نه ماپن.

مطلب هي آهي ته جو ماڻهو ڏٺيءَ کي ڳولي، سو جڏهن دنيا جي ڏنڏن کان پاڻ آجو رکي، تڏهن ڏٺي ڏي مهاڙ ڏئيس. يعني دنيا جو ڏنڏو ۽ ڏٺيءَ جي ڀادگيري ٻه ڪم گڏ پورا ٿيڻ اڻانگو ڪم آهي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي!

هندي: اڪر اوستابسَنہ آڪسا نيند نه آوي نئن؛
ٻنان اڪر ڪيون پائيئي آتم سُک کي چئن؟

ترجمو: دل ايڪانت ڏاران اکين ۾ ننڊ نه اچي،
ري ايڪانت ڪئن پائجي ڏٺيءَ ملڻ جو سک؟
انهيءَ تي هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

راجا هڪڙي، ڪامل هڪڙي جي خدمت ۾ ڏٺي ملڻ جي وات ڏيکارڻ لاءِ وينتي ڪئي ۽ آن مراد حاصل ڪرڻ لاءِ فقير کي پنهنجي بنگلي ۾ آڻي ٽڪايائين. هڪڙيءَ رات فقير بنگلي جي ڪڏ تي چڙهي هيڏي هوڏي ڏسي نهاريو؛ تنهن کان راجا پڇيو. فقير چيو جو ”آن وڃايو اٿم، سو ٿو ڳوليان.“ راجا چيو ”جو آن وڃايل به ڪڏهن ڪڏ تي ڳولجي؟“ فقير چيو جو تڏهن ڏٺيءَ ملڻ جي وات راج جي تخت تي ڪئن ڳولجي؟ مطلب جو جاسين دنيا جي ڏنڏن کان پاڻ نه ڇڏائيو، تاسين ڏٺيءَ جي ملڻ جي اميد نه رهندي يعني ٻئي هاجون گڏ هٿ نه ايندي يون.

٧٩- ٻن ٻيڙين تي پير رکي، تنهن جون جنگهون ڦاٽن.

هن پهاڪي جي مطلب سمجهڻ لاءِ نمبر ٧٨ وارو پهاڪو ساڳيو آهي. تنهنڪري ٻيو نٿو لکان.

٨٠- ٻڪري کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.

هن پهاڪي جي مضمون جهڙو هڪڙو پهاڪو نمبر ٨٦ ۾ وارو آيو آهي، تنهن ۾ گهڻي وارداتي هلي آهي؛ تنهنڪري هت تفصيل نه لکيل آهي.

٨١- ٻڪري جنهن وڻ سان ٻڌجهي، سو وڻ چري.

هن پهاڪي جي اکرن جي معنيٰ اهڙي آهنجي نه آهي، جنهن ۾ ڪو منجهي؛ ۽ سندس مطلب هي آهي جو لچ ماڻهوءَ کي جيڪو ايچيو ڪندو، تنهن کي آهو لچ مورگو گهاٽو وجهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: خبيث را چو تعهد کني و بنوازي،
بدولت تو نگه ميکند به انبازي.

ترجمو: خبيث تي جيترو توه ۽ پالنا ڪندين،
تنهنجي دولت تي ڀيڙائيءَ جي نظر ڪندو.

٨٢- ٻليءَ کي خواب ۾ به ڇيڇڙو.

ڇيڇڙو هڪڙي ميري شي آهي، پر هميشه ٻليءَ جو کاڄ آهي. هن کي سپني ۾ پڻ آهو ميرو کاڄ نه وسري. تنهن وانگي لچ ماڻهو جو لچائيءَ ۾ سدا رُڌو رهي، تنهن کان ياجي، سپني ۾ پڻ چڱمڙسيءَ جو ڪم نه ٿيندو. جهڙو فارسيءَ جو بيت آهي:

بيت: ز ابليس هرگز نيايد سجود؛
نه از بد گهر نيکوئي در وجود.

ترجمو: شيطان کان ڪڏهن متو نايو نه ٿئي،
لچ کان پڻ موچارائي موجود نه ٿئي.

٨٣- ٻاٻل آچاري، پر ڪو مڃي.

ٻاٻل يعني مکي، يا پريو مڙس؛ آچاري يعني ڀورو نياءُ چوندڙ. مطلب هي آهي ته پريو مڙس گهڻو ئي سچ چوندڙ هئي، پر اگيان مڃيندڙ جو ڪونه هوندو! تنهن وانگي نصيحت ڪرڻ

وارو هوندو، پر ٻڌڻ واري ۾ جي لل ڪونه هوندو ته ڇا حاصل ٿيندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: فهم سخن گر نکند مستمع- قوت طبع از متکلم مجو.
ترجمو: سمجهه ڳالهه جي جيڪڏهن نه ڪري ٻڌڻ وارو،
زور طبع جو ڇونڊڙ ڪان ۾ ڳول.

ٻ

٨٤- ٻگو گهڙو ڏون ڏهن ڪري.

جهڙو ٻگو گهڙو، تهڙو اجاڻ ماڻهو، يعني هن جو ڪڙڪو ٻچڙو تهڙو هن جو ڳالهون اجايو، جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ان پوچي هي جانيئي مُوڊُ ديک من ماهه،
چلکي اوچي نيرپر، پوري چلکي ناهه.

ترجمو: اڻ پڇي مورک جو حال دل ۾ ڄاڻي ونجي،
پريل دلي جو پاڻي نه چلڪي، ۽ اوٹي جو چُلڪي.
اهڙي ڳالهه نمبر ١١٥ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

٨٥- ٻگيءَ سان ٿي پير، جاسين رتو راس ٿئي.

هي پهاڪو پڻ قناعت جو تاڪيد تو ڪري، جو جاسين تو وٽ دولت گهٽ نه آهي تاسين سادي سودي تي سنجم ڪري دم لنگهاءِ. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بيت: گر نبود بالش آگنده پر،
خواب توان کرد حجر زير سر.

ترجمو: جيڪڏهن وهاڻو ڪنين پريل نه هُئي،
پاهڻ مٿي هيٺ ڏيئي ننڊ ڪري سگهجي.

٨٦- ڀنگڙي سلطان، هيري موتيان دي کاڻ،
نہ جيوڻ ڪا آسرا، نہ مرڻ دي ڪاڻ.

هي پهاڪو نجو ڀنگ پيڻ وارن موالين جي چوڻ جو آهي، جي ڀنگ پيڻ مهل ڀنگ جي ساراه بابت چوندا آهن، ۽ منجهانس پيو مطلب ڪونہ تو نڪري.

٨٧- ڀنگان چيز ڀڏن، لنڊي رووي ڪٽڪ ڪُون.

هي پهاڪو بہ ڀنگ پيڻ وارن موالين جي چوڻ جو آهي، پر سندس ٻڻ هن طرح آهي، جو هڪڙي هنڌ ڪٽڪ ۽ ڀنگ جي پوک هڪٻئي جي ڀرسان پيئون هيون. اوچتو برسات ڏاڍي تي، جنهنڪري ٻئي پوکون ڀڏڻ لڳيون. پوک ڏٺيءَ جي جوءِ زيان ٿيندو ڏسي ڪٽڪ جي ڀڏڻ جو ارمان ڪائي رُئڻ لڳي. اوچتو آتاهون موالي هڪڙو لنگهيو، تنهن هي پهاڪو چيو. پر مطلب هي، جو سڀڪنهن کي پنهنجي مطلب واري ڳالهہ ۽ دل گهربل شيءِ وڻي. پوءِ ٻئي کي وڻي نہ وڻي، نہ وڻي تہ چاه.

٨٨- ڀنگ جهنگ ۾ پاڻي، ملڪ ۾ آباداڻي،

هي پهاڪو بہ ڀنگ گهوٽڻ کان پوءِ ڀنگ ۾ پاڻي وجهڻ مهل موالي چوندا آهن، هن مطلب تي، جو جڏهن جهنگ ۾ پاڻي اچي تڏهن آبادي ٿئي، تنهن وانگي ڀنگ ۾ پاڻي پوڻ ڪري بہ چاڻ موالين لاءِ وسندي ٿئي.

٨٩- ڀاڙي ۽ مسواڙ جو ڪٿ ڪونہ آهي.

ڪٿ يعني قاعدو، يعني ڀاڙو ۽ مسواڙ ڪڏهين سهانگو ڪڏهن مهانگو. جيتوڻيڪ پهاڪي وارو رکيو ان ٻن ڪمن جي اگهہ جي بيهڪ نہ هئڻ جو بيان ڪري ٿو، پر سچ هيءَ ڳالهہ آهي، جو دنيا جو ڪو بہ ڪم سدا هڪڙي حال ۾ نٿو رهي. تنهن تي اُردوءَ واري چيو آهي:

بيت: جب گيا بلبل چمن ۾ ديک ڪي فصل خزان،
روکي هس کهني لگا گاهي چنين گاهي چنان.
ترجمو: جڏهن بلبل باغ ۾ ويئي جهولي جي منڊ ڏسي،
روئي ڪلي چيائين ڪڏهن ڪِيئن ڪڏهن ڪيئن.

۹۰- پينر پنيوران جي پکيون مٿي ڇٽيون.
پنيور هڪڙو جبل ۾ ٻوٽ، جنهن ۾ سسئي ٿي لنگهي آهي، پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو سسئي جڏهن پنيور کان ڪان پکي، تڏهن ڪرُ ڇنّي. تنهن وانگي جو ماڻهو دنيا جي ڪپتن کان ڀڄندو، سو ڏٺيءَ ڪي واصل ٿيندو.

۹۱- ڀنگي ياٺر ۾ جٽا ضوفي ست هزار، ماري مٿهرن سان ترڙ ڪيائون ڏار، پيئي لوڪ پچار ته پڙ پنگين ڪٽيو.
صوفي يعني ڀنگ جو اٺ پياڪ. مٿهرو يعني ڀنگ گهوٽار جو ڏنڊو. هي پهاڪو رکيو ڀنگ پيندڙن موالين جي گهڻي جو آهي، جي پاڻ کي اهڙو سورهيه ٿا ڄاڻن، جو ڪرَ (۷۰۰۰) ستن هزارن صوفين کي، پن موالين ماري ورتو. سو جي اهڙ سورهيه هئن ها، ته جيڪر حبش جي ويڙهه تي ڪڏي ويا، پر کوڙ جو مسئلو ڪوڙ.

۹۲- ڀنگي ڏي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي ڏي جوءِ رووي،
ڪئفي ڏي جوءِ اينوين آکي، ماريا هت نه هووي.
هن پهاڪي سان ڏار مطلب ڪونه نڪري ٿو، رکيو نشي پيڻ وارن جا اچڻ ڏيکاري ٿو. هن ريت، جو ڀنگ پيڻ وارو ماڻهو نشي جي مهل زبان توڙي دل ڪُٺري رکندو آهي؛ تنهنڪري سنديس جوءِ ڪنانس سرهي رهي ٿي آفيمي ماڻهو نشي ۾ پنڪيون ڪائي؛ جنهنڪري ڪنهن مهل ضروري ڪم کان پڻ گسي وڃي، تنهنڪري جوئس ارمان ڪائي؛ ۽ ڪئفي يعني شرابي نشي مهل ڪاوڙ گهڻي ڪري؛ ۽ زال سان اڻ وڻت رکي،

تنهنڪري جوٺس پاڻئي، جـو نشي مهل شال گهر ۾ نـہ هئي.

٩٣- پرئي اَٽ تان وچٽي لٿي، تہ بہ چڱي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۾ ڪي موڙهو ڪين آهي؛ جنهن جو بيان ڪجي، مگر مطلب سو هي آهي، جو جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ کي پنجاهہ ڪوهہ پنڌ ڪرڻو هئي، تنهن مان هڪڙو ڪوهہ بہ ڪيائين تہ بہ شڪر ڪرڻ کپيس؛ يا ڪنهن کي سؤ رپين قرض ڏيڻو هئي تنهن مان هڪڙو رپيو بہ لٿو، تہ بہ سرهو ٿيڻ گهرجيس، جو ٿورو توڙي گهڻو تہ گهٽ ٿيو. تنهن وانگي جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاپ جهڙا ڪم گهٽا ڪندڙ هئي، تن مان هڪڙي ڪرڻ کان ڇٽو تہ بہ چڱو.

٩٤- پيچ چريا مست آيئي.

هن پهاڪي ۾ اهڙي مُعما ڪانہ آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ جي گهرج هجي. رڳو ايترو اهي، جو نشئي ماڻهو چرئي ڪان بہ چريو چئجي. جو چرئي کي ڪنهن مهل رات ۽ ڏينهن جي ڦير جي سڌ رهي؛ نشئيءَ کي ايتري بہ نہ رهي. جهڙو هڪڙو سنڌي سڌ چوندو اهي: "پنڪان پي پُٽ مانجهي، تہ بيون ڏن سڌ جون، صبح منجهان سانجهي."

٩٥- پچندڙن جي اگ ۾ لڪندڙن جي پوءِ ۾.

هي پهاڪو پچاپڙن ماڻهن جي حال تي آيو آهي، جن کي فارسيءَ ۾ خانہ برانداز چئجي. جيڪي هڪڙي هنڌان ٻُڌي ٻئي هنڌ ٻُڌائي ٻن دوستن جي وچ ۾ ڏڦير وجهن. اهڙن لاءِ فارسيءَ واري پڻ بيت چيو آهي:

بيت: مال داري را بگويد مال دار؛
دزد را گويد کہ املاڪش برار.

ترجمو: مال واري کي چوي مال سوگهو ڪر،
چور کي وسلا چورائينس.
پر اهو ڪم لچن جو آهي؛ اشراف کي اهڙيءَ هاج
کان پاسو ڪرڻ کپي. ڏٺي اهڙيءَ سنگت ۽ اهڙن لچن کان
رکيا ڪري.

٩٦- پلي پاڻ آئي، سا به نه پلي.
هن پهاڪي ۾ ڏنارن جي اصطلاح جا اکر آيا آهن: ته
جو ڍور پلي يعني ڏڻ مان رلي ويو، ۽ وري پاڻ يعني وٿاڻ
۾ آيو، آهو به ڪرَ نه پلو، تنهن وانگي پاپ يا ٻڇڙي ڪم
کي جنهن ماڻهوءَ بڇڙو جاڻي ڇڏيو، ۽ توبه ڪئي، تنهن به جاڻ
ٻڇڙو ڪم نه ڪيو. ويتر اهڙن پاپن کي ماڻهو ساراهيندا آهن.
جهڙو فارسي مثل آئو آهي:
فارسي: گنهگار توبه کار به از عابد ناپرهيزگار.
ترجمو: بي ڪريائتي فقيرکان توبه وارو پاپي چڱو.

٩٧- پگڙن کاڌي هٿ ڌوتا پيا آهن.
جنهن کاج جي کائيندي کاج ۾ هٿ پرجن، تنهن جي
کاڌي هٿ ڌوئڻ ضرور آهن؛ پر پگڙن کاڌي نڪي هٿ پرجن،
نڪي ڌوئجن. تنهن وانگي دنيا جي ڪنن ڪمن ۾ هٿ
وجهو، ته پچاڙيءَ جي گڏتي رهندي. نه ته ڪهڙو ڏپ؟ جهڙو
فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: تو پاک باش برادر، مدار از کس باک؛
زنند جامه ناپاک گاذران برسنگ.
ترجمو: ادا، تون پاڪ رهه، پوءِ ڪنهن کان ڏپ نه رک،
ڪتي به پليت ڪپڙي کي پاهڻ تي سٽي.

٩٨- پيريءَ چنيءَ کان پيري چنو چڱو.
هڪڙي هنڌان ڪنهن مزور کي چار مڻ بار جا ڪٺي
ڪاٺي پهچائڻا هئا، سو جيڪڏهن هڪ پيري اهو سڀ پري

ٻڌي ڪٽيندو، ته ڇيلهه يا ڳانو ڀڃي پوندس، پر جي هڪڙو مڻ چار پيرا ڪري ڪڻندو، ته جيتوڻيڪ ڀنڊ گهڻو ٿيندس، پر زيان ڪونه پهچندس؛ تنهن وانگي جو ڪم هري هري سڌرندو، سو تڪڙ سان نه ٿيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: بچشم خويش ديدم در بيابان،
که آهسته سبق برد از شتابان،
سمند بادپا از تگ فرومانده،
شتربان همچنين آهسته مي رانده.

ترجمو: پنهنجن اکين سان پٽ ۾ ڏٺم،
ته هوري هلندڙ ڪئيو ڊوڙندڙ کان،
گهوڙو تکو ڊوڙي ٿڪي پيو،
اوٺي هري هري هلندو رهيو.

ت

۹۹- توڙي وڃي روم، ته به هي نصيبان اڳرو،
ڊوڙي مٿان ٿوم، لکيي لوح قلم ۾.

ڊوڙو، جوار ٻاجهريءَ جي ماني، ٿوم هڪڙو ٻاجيءَ جو قسم آهي، هي ٻئي شيون سادو کاڄ غريبن جو آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اُچي کاڄ ملڻ لاءِ ڪنهن پرانهين ملڪ ۾ به ويندو، ته به نصيب ۾ سادو لکيو ويو هوندس، ته اُچو ڪٿان ملندس!
جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: رو مغرب، رو مشرق، رو، رو، رو،
هرچه نصيب است ازان کم نشود جو.

ترجمو: الهندي وڃ آيرندي وڃ جاڏي وڃين وڃ،
جيڪي نصيب آهي تنهن سان جوَ به نه گهٽبو.

۱۰۰- تڪڙي ڪتي انڌا گُلر ڄڻي.

گُلر يعني ڪتي جا پونگڙا. ڪتي توڙي ٻي ڪا ويامندڙ، پوري وقت کان اڳي ويامندي، ته جائي ٻچو ڪچو

چڙهندي. تنهن وانگي جيڪو ماڻهو ڪم ۾ اجائي تڪڙ ڪندو، تنهن جو ڪم رلندو. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: ڪه تعجيل ڪار شياطين بود،
ترجمو: جو تڪڙ شيطان جو ڪم هئي.

۱۰۱ـ تڪڙو ماڻهو ٻه- پيرا هڻگي.

ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو تڪڙو ڪم ڪرڻو هئي، ۽ ان مهل ۾ جهاڙو اچيس؛ پر تڪڙو تـي خطري مٿائڻ کان اڳي جهاڙي تان اٿي اچي، ۽ ڪم ڪندي وري جهاڙي جو خطرو ٿئيس، ته وري پيو پيرو پوئيءَ ۾ وڃڻو پويس. هاڻي ڏسو ته ان تڪڙ مان اٿلو سيڙاپو ٿيو يا نه؟ مطلب، جو هي پهاڪو پڻ نمبر ۱۰۰ واري پهاڪي وانگي اجائي تڪڙ کان جهلي ٿو.

۱۰۲ـ تڪيا سڀ تڪيام، توري تڪيو نانه ڪو.

تڪيو يعني آسرو، تڪيام معني ڳوليم، ته ڏٺيءَ بنا پيو آسرو ڪونه آهي. سو ان ڳالهه ۾ ڦير ڪونه آهي. ان تي فارسيءَ واري جي به شاهدي آهي:
فارسي: ندارم بجز تـو پناهي دگـر؛
نه غير از درت روءِ راهي دگر.
ترجمو: تو ڌاران پناهه نه رکان ٻي، تنهنجي
در ڌاران ڪو منهن يا وات نه رکان.

۱۰۳– تينهن جـي مـرڻ جـو ارمان ڪائجي، جنهن جي جيڻ مان فائدو هئي.

هيءَ ڳالهه پڌري آهي، جو ماڻهو مٺي کي ڪونه رئي، سيڪو پنهنجي سک کي رئي، يعني جنهن مان سک ڪونه هوندو، تنهن جي مرڻ جـو ڏک ڪنهن کـي ٿيندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: هرڪه در زندگي نانش نخورند، چون بميرد نامش نه برند.
ترجمو: جنهن جي جيئندي هٿانس ماني نه کائيندا،
جڏهن مرندو، نالو به نه وٺندس.

۱۰۴- تاڙي هڪ هٿ نه وڄي، ٻه هٿ وڄي.
تاڙي هٿ هٿ تي هڻجي، تنهن مان ٺڪاءُ نڪري، تنهن ٺڪاءُ جو نالو. پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته دوستي توڙي وير جاسين هڪڙي دل ۾ هجي، تاسين پڌري نه ٿئي. جڏهن ٻن ڌرين جي دل ۾ پوي، تڏهن اثر ڪري. هنديءَ واري پڻ اهڙو پهاڪو چيو آهي:
هندي: دو آو چاهي ملن ڪون تون ميلاپ نرڏا،
ڪهون نانه باجئي ايک هاٿ سون تار.
ترجمو: ٻئي ملڻ چاهين تڏهن گڏجاڻي ٿئي؛
ڪڏهن هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄي.

۱۰۵- تماڪو تاڻي جنين وڏو جان ۾، انهن کي آئي حورون ڏيندا هنجن ۾.
هي تهاڪو تماڪ جي ساراهه جو آهي؛ جو تماڪ جا پياڪ گهڻو ڪري چوندا آهن. پر جي ري ڪل پڇو ته، ته هي پهاڪو سچ پچ ته هئن چوڻ کپي جو "طمع کي تاڻي جنين ڪڍيو جان مان، انهن کي آئي، حورون ڏيندا هنن ۾"، يعني جو لالچ ڇڏيندو، سو سکي رهندو.

۱۰۶- تيل سهانگو هو، ته جيڪر گدڙن پچ مکيا.
سڀ ڪم جي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن مان هڪڙي شيءِ گهرجي، سي ڪهڙيون ٻه؟ زر يا زور. پوءِ عقل ته به زور، علم ته به زور؛ جو ماڻهو ان ڏران ڪنهن ڪم جو سوس رکندو، سو گدڙ آهي، ۽ ڪم اگهيانس تيل آهي. تنهن تي فارسي مثل به آيو آهي:

فارسي: ميخواستم ڪه سڪه زنم تا به روم و شام،
عقلم جواب داد ڪه بي زر نميشود.

ترجمو: پانيم ته روم شام تائين پنهنجو سڪو هلايان،
عقل جواب ڏنم ته ناڻي ڌاران نٿو ٿئي.

١٠٧- تَوَڻ جو تڪرار سان، سڌ جنهن کي هوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

تَوَڻ يعني رات ڏينهن جو ڪاڏو؛ هن پهاڪي جو ذڪر نمبر ٢٩٠ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي. پر ان ۾ باز ۽ سرڪار جي قرض جي ڏپ بابت ڳالهه آهي. اُن ۾ هڪ ڳٽيءَ جي وچ ۾ وڏو قير آهي. بازار جي قرض واري ڪم معافيءَ جي اُميد، نه ته ٿوري قيد جو پَوَ پر آتي به ڪاڏي جي بڪ ڪانه رهنديس، ۽ تَوَڻ جو الڪو سڀ ڪان ڏاڍو آهي. ڏٺي آن سيني ڳٽين ڪان شال بچاءُ ڪري. اهڙي حال واري لاءِ فارسيءَ واري پڻ ارمان ڪائي چيو آهي:

فارسي: شب پراگنده خسپد آنکه پديد،
نبود وجه با مدا دانش.

ترجمو: رات جو پريشان سمهي اهو، جنهن کي پڌري،
نه هئي تَوَڻ صبحائي جي.

١٠٨- تڪڙ ۾ طمع ڇا ڏجي؟

يعني ڪنهن ڪم جي طمع رکي، تنهن ۾ تڪڙ ڪبي، ته ڇا پرائبو؟ ڇا ڪان، جو طمع پاڻ هڪڙي بيڇڙي بلا آهي. جنهن جي فارسيءَ وارو ڳلا ٿو ڪري:

فارسي: بدوزد طمع ديده هوشمند،
درآرد طمع مرغ و ماهي به بند.

ترجمو: لالچ سياڻي جي اک سبي،
ميجي ۽ پکي ۽ کي لالچ ڦاهيءَ ۾ وجهي؛
تنهن ۾ وري تڪڙ ٻي بلا آهي.
جنهن جي عربيءَ وارو گلا ٿو ڪري.

عربي: التعجيل فعل الشيطان.

ترجمو: تڪڙ شيطان جو ڪم آهي،

هاڻي قياس ڪرڻ گهرجي، تہ جاتي هڪڙي بلا خراب ڪرڻ لاءِ گنج آهي، تاتي ٻہ بلائون گڏ هونديون تہ منجهان ڪٿان سک ٿيندو؟

١٠٩ - تيرَ جي گُٽي سوَ (١٠٠) چوڻُون ڪانِي.

تيرُ هڪڙو انّ جو قسم جنهن جو تمام ننڍڙو داڻو آهي؛ پر سنڌ جي اصطلاح ۾ ٿوري کي چئجي. چوڻَ يعني ڏڪو. معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ٿوري تان بہ ڪنهن ڳالهہ ۾ جو ماڻهو گُٽو، سو سوَ (١٠٠) ڏڪا کائيندو؛ يعني ڏکي ٿيندو. تنهنڪري ڪپي تہ جيڪي ڳالهائجي، يا ڪم ڪجي سو سمجهي ويچاري ڪجي. ۽ تڪڙي بي ويچاري ڳالهائڻ يا ڪم ڪرڻ کان ويچار واري مات پلي آهي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: تامّل کنان در خطا و صواب،
به از ژاژ گويان حاضر جواب.

ترجمو: ويچار ڪندڙ سڌائيءَ ۽ ڏنگائي ۾،
اجائي ڳالهائيندڙ حاضرجواب ڏيڻ واري کان چڱو.

١١٠ - ٿوريٖ ڪٺي گهڻي برڪت.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڦير آهي. پلا ويچار ڪپي، جو ٿوريءَ آپت ۾ ٻي برڪت ڪٿان رهي پوندي؟ ۽ جيڪڏهن ائين هجي تہ گهڻي ڪٺي لاءِ جيڪر ڪير رلي آجهي؟

پر سندس پورو مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو قناعت ڪي ٿو ساراهي، ته جنهن کي ڪمائي ٿوري به هئي ۽ خرچ آپت آهر ڪري، ته سُکيو رهي. تنهن لاءِ هي نقل ياد آيو اٿم:

هن حيدرآباد شهر ۾ آڳاٽو، ڀائي مينگهراج هڪڙو وڏو سائين لوڪ سدا ڌڻيءَ جي عبادت ۾ رهندو هو؛ ۽ ڪنهن کان گهرڻ يا ڪي وٺڻ جي هير نه هيس، مگر آڳاٽا (١٠) ڏهه (٢٠) ويهه رپيا گڏ ڪيل صراف وٽ وياج تي رکيل هيس، تنهن جو جيڪي وياج ملندو هوس، تنهن مان وڏي سنجم يعني صرفي سان سڄي مهيني جي ٽوڻ ڪندو هو. مرڻ مهل آهو ڏراوت وارو ناڻو ڌرم ڪري ڇڏيائين. ڏسو، جو اهڙيءَ نيت واري ماڻهوءَ کي ٿوري ڪنئي ۾ برڪت پيئي يا نه؟ ۽ مرڻ مهل سوڌو وُهيون رهيو ڪونه؟ پر جيڪڏهن ڪو چوي، جو ڏهن ويهن رپين واري کي ڇا وهيون ڇٽبو، ته تنهن جو جواب فارسيءَ واري چئي ڇڏيو آهي:

فارسي: اگـر فرمان روائي ڪامران اسـت،
وگـر درويش حاجتمند نـان است.
دوران ساعت ڪه خواهد اين و آن مرد،
نخواهند زين جهان پيش ازڪفن برد.

ترجمو: جيڪڏهن راجا مراد هلائيندڙ آهي،
۽ جيڪڏهن فقيرمانيءَ جومحتاج آهي،
جنهن مهل هي ۽ هو ٻئي مرندا،
هن جهان مان ڪفن کان واڌو نه نيندا.

١١١ - ٿوري گرهين گهٽو ڪاٽجي.

معني پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ننڍن گرهن ڪاڌي ڪاڄ گهٽو ڪاٽي وڃجي؛ جهڙيءَ ريت، وڏن منزلن وارو پانڌيڙو سگهو ٿڪجي، ۽ ننڍن منزلن وارو چرڪو: جئن ته فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اي بسا اسپ تيز رو ڪـه بماند،
ڪه خر لنگ جان به منزل برد.

ترجمو: گهڻا پيرا گهوڙو تڪو هلندو رهي ويو،
جو سنڌي گڏه ساه منزل تي نيو.

پر آءٌ پانيان ٿو، جو هن پهاڪي ۾ قناعت جي ساره آهي. جو ماڻهو ٿورو کائيندڙ هوندو، تنهن جو سدائين هٿُ سچو رهندو، ۽ هٿ سچي وارو ماڻهو گهڻا ڏهاڙا جيئندو ۽ کائيندو. ۽ جي گهڻ کائڪ هوندو، ته هڪڙي پاسي گلان ٻي پاسي طبع ۾ ڪَسُ. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: چوڪم خوردن طبيعت شد ڪسي را،
چو سختي پيشش آيد سهل گيرد،
وگر تن پرور است اندر فراخي؛
چو تنگي بيند از سختي به ميرد.

ترجمو: جڏهن ٿورو کائڻ ڪنهن جي عبادت ٿي،
جڏهن اهنجي اگيانس اچي ته سنهنجي لڳيس.
جيڪڏهن بت پاليندڙ آهي سنهنجائيءَ ۾،
جڏهن اهنجي ڏسي ته ڏک ۾ مري.

۱۱۲— ٽڏو گهڙو پاڻ چانوَ ۾ رکائي.

جنهن دلي ۾ پاڻي سگهو يا گهٽو ٽري، تنهن کي سيڪو پاڻيهي چانو ۾ رکي. تنهن وانگي، جو ماڻهو اشراف، يا ايمان، يا وفاداريءَ، يا نمڪ حلاليءَ سان هلندو، تنهن کي سيڪو ڏيندو؛ يعني پنهنجو مان سيڪنهن کي پنهنجي وس آهي.

۱۱۳- ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي.

مطلب هي آهي، جو سک ۽ ڏک ۾ سرهو يا ارهو نه رهه، ۽ اهو سڀ ڏڻيءَ جي پاران ڄاڻ، ۽ شڪر ڪر، ته ڏڻي ان ڳالهه ۾ راضي رهندو آهي. ان ڳالهه لاءِ فارسيءَ وارو شاهد آهي:

فارسي: اگر عزّ و جاه است ور ذلّ قيد،
من از حق شناسم نه از عمر زيد.

ترجمو: جيڪڏهن وڏائي ۽ مان آهي يا قيد جي پنڌ آهي.
آئون ڏٺيءَ ڪان ڇاٿان نہ فلاڻي ڪان.

ٺ

۱۱۴- ٺٺونءَ کي ڏارو، تازيءَ کي اشارو.

ٺٺون يعني ڍرلو گهوڙو، ڏارو يعني لڪڻ. هن پهاڪي وارو چوري ٿو: جو جيترو پنڌ ٺٺون لڪڻ هڻڻ سان هلي، پلو گهوڙو اشاري سان اوترو هلي. تنهن وانگي جو ڪم سياڻو ماڻهو اشاري سان ڪري، اهو ڪم اياڻو ماڻهو ڦٽ لعنت مان بہ مس ڪري.

ٿ

۱۱۵- ٿلهو چڙو وجي گهٽو.

چڙو يعني گهند يا گهنڊي، گهنڊي جڏهن پوري آهي تڏهن کڙڪو ٿي ڪري، پر جي نهري هئي تہ جيڪر ڪٿان وڄي؟ تنهن وانگي ماڻهو پڻ جو سچو هوندو، سو گهٽي بڪواد ڪندو، ۽ سائو ٿورو ڳالهائيندو. اهڙو ذڪر نمبر ۸۴ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

۱۱۶- ٿيڙ ڪجي ٿڪاؤ ڪجي، اڳلو نہ پڄي تہ پاڻ پڄجي.

يعني جهيڙي جي مهل کڙڪو ڪري جهيڙو ڏارجي، پر جي آن ڏڙڪي تي بي ڏر نہ ڏري، تہ پاڻ ڏري پاسو ڪجي. مطلب جو جيئن تيئن ڪانڌ ڪرڻ چڱو ڪم آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: چو پرخاش بيني تحمل بيار،
کہ نرمي بہ بندد در ڪارزار،

ترجمو: جڏهن جهڳڙو ڏسين تڏهين ڪانڌ ڪر،
تہ ڪونئرائي جهيڙي جو در بندي.

۱۱۷- ٿونٽ لڳي ساهيڙي ڀڳي.

ٿونٽ ٻانهن جي اڏ واري سنڌي جو نالو، ساهيڙي يعني دوستي. مطلب هي آهي، جو دوستي هڪڙي چڱي وٿ آهي، تنهن کي غنيمت ڄاڻ. ۽ جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهه تي دوستيءَ جهڙي نازڪ جواهر کي نه ڀڃ. فارسيءَ واري پڻ هڪڙو اهڙو مثل ڏنو آهي:

فارسي: سنگي بچند سـال شود لعل پـاره،
زنهار تا به يک نفسش نشکني به سنگ.
ترجمو: پاهڻ ڪيترن ورهن کان پوءِ جواهر ٿئي،
سنڀال ته ٿوريءَ ويرم ۾ پاهڻ سان نه ڀڃينس.

پ

۱۱۸- پرائيءَ ڏيءَ تان ڪارڪ به چڱي.

هن پهاڪي جي ٻاڙهن طرح آهي، جو هڪڙو ماڻهو پاڙوسيءَ جي ڏيءُ جي وهانءُ تي ويو، جڏهن وري آيو، تڏهن پاڻس پڇيو ته ڇا مليئي؟ چي ڪارڪ. چي بس؟ تڏهن هي پهاڪو چئي ٻڌايائينس. مطلب جو جيڪي اونهيئين ري کپت ملي، پوءِ توڙي ٿورو هجي، ته به چڱو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: مفت را چـه بايـد گفت.
ترجمو: مفت ملي تنهن کي ڇا پڇبو.

۱۱۹- پڇندڙ نه منجهندڙ.

هن پهاڪي وارو پڻ نمبر ٥ واري پهاڪي چوندڙ وانگي مرشد کان وات پڇي وڃڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري، ۽ چوي ٿو ته پڇندين ته وات ملندئي، ۽ منجهندين ڪين. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: جـو ينده يا بنده.
ترجمو: ڳوليندڙ سو لهندڙ.

١٢٠- پنهنجي ڪئي جو نڪو ويج، نڪو طبيب.

هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪونہ ٿو نڪري، رڳو ايترو آهي، تہ جو ماڻهو پاڻ پنهنجو زيان ڪندو، تنهن جو علاج ڪير ڪندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: خود کرده را علاجي نيست.

ترجمو: ساڳيو پهاڪي جو مطلب.

١٢١- پاڻي ۽ باهہ تورا نہ چاڙهجن.

اکري هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب هي آهي، جو باهہ توڙي هڪڙي چڻنگ بہ هجي تہ بہ توري نہ ڇنجي، ڇاڪاڻ جو وڌندي ويرم نہ ڪري؛ ۽ پاڻي تہ بہ ان طرح جو هڪڙي واهہ ۾ ننڍو پاڻي هجي، تنهن ۾ ڪو بيخوف ٿي گهڙي، پر جي آن ۾ هڪڙي ڳنڍ هئي تہ ٻڏي يا نہ؟ تنهنڪري پنهي کي تورو نہ چاڙهجي؛ ۽ ڏجڻ گهرجي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: آب و آتش بہ چشم کم ديدن،
کار داناء دوربين نہ بود.

ترجمو: پاڻي ۽ باهہ اکين سان تورا ڏسڻ،
ڪم ڏاهي پچاڙي ڏسندڙ جو نہ هئي.

١١٢- پاڻيءَ ڪان اڳي ڪپڙا نہ لاهجن.

ڪنهن واهہ جو پاڻي لنگهڻو هجي، تہ پاڻي وٽ اچي سيڪو ڪپڙا لاهي، پر واهہ تي پهچڻ ڪان اڳي ڪپڙا لاهڻ اهڙو ڪم آهي، جهڙو حجامت جوڙائڻ واري ڏينهن حجام اچا آيوئي نہ هجي، اڳيئي مٿو اگهاڙو ڪري پسائي ويهجي، يعني اڳ ڪٿيءَ ڳالهہ لاءِ فڪر ڪرڻ سياڻپ نہ آهي.

۱۲۳- پيادي مان هسوار، هسوارن مان پيادا.

دنيا جو معاملو سدائين ڪنهن مان هڪجهڙو نہ ٿو رهي؛ هڪ سجن مان ساوا پيا ساون مان سجا ٿين. تنهن تي هي هڪڙو مثل آهي!

بادشاهہ هڪڙي ڪامل، هڪڙي ڪان پڇيو، جو ڏٺي ڪهڙا ڪم ڪري؟ ڪامل چيس، جو گهوڙي تي چڙهي جهنگ ڏي هل، تہ ورندي ڏيانءِ تنهن موجب ڪامل پنڌڙيو ۽ بادشاهہ گهوڙي تي چڙهيل جهنگ ۾ ويا. تڏهن بادشاهہ ڪامل جي چوڻ پٺاندر گهوڙي تان لهي پنڌ ٿيو، ۽ ڪامل گهوڙي تي بادشاهہ کي سوال جي ورندي ڏني، تہ ڏٺي هي ڪم ڪري، جهڙو مون کي پيادي مان سوار ڪيائين، ۽ توکي سوار مان پيادو، ان تي گورو نانڪ شاهہ پڻ چيو آهي:

وچن! ريتي پري، پري سڪناوي، يہ نانڪو وهنوار.

ارٿ: ٿلها پري، پريا ٿلها اهو سندس ڏنڌو.

۱۲۴- پنهنجي ڏنئري کي ڪتو ڪونہ چوي.

هن پهاڪي جي اکرن جي معني پڌري آهي؛ مگر مطلب هي آهي، جو پنهنجي وٿ جي گلا ڪوبہ ڪونہ ڪري. ويتر سيڪو ساراهي، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: تا سمند زمين در يورش است،
ڪس نگويد کہ دوغ من ترش است.

ترجمو: جاسين ڌرتيءَ جو گهوڙو ڊوڙندو آهي،
ڪو ماڻهو نہ چوي تہ منهنجو ڏڌ کٽو آهي.

۱۲۵- پرڻ چوي ڏونگهي کي وچ نہ ٽنگا.

پرڻ، هڪڙو انڌي چاٽڻ جو باسڻ آهي، جنهن کي گهٽا ٽنگ ٿين؛ ڏونگهو مٽ مان پاڻي ڪڍڻ جي شئي آهي جنهن

ڪي ٿي ڏنگ آهن. مطلب هي آهي جو گهڻن ويڪڻ وارو ٿورن وڏن وارن کي مهڻو ڏئي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: آپ نہ ديئي چُلون پر پاني؛ تن نندي جن گنگا آني.

ترجمو: پاڻ ڪنهن کي چرونءَ جيترو پاڻي بہ نہ
ڏئي، تن جي گلا ڪري جن گنگا آندي.

پر فارسيءَ وارو اهڙين ڳالهين ڳالهائڻ وارن کي منع ٿو ڪري، ۽ چوي ٿو:

فارسي: چوبد ناپسند آيدت خود مکن؛
پس آنکه بہ همسايہ گو بد مکن.

ترجمو: جي بيچڙائي نہ وڻيئي تہ ڀهريائين پاڻ نہ ڪر.
پوءِ پاڙي واري کي چؤ تہ بيچڙائي نہ ڪر.

١٢٦ - پنڻ وچان پڙهڻ ياد نہ آهي.

پهاڪي جو مطلب هي آهي تہ، جنهن کي بک هوندي تنهن کي پڙهڻ يا عبادت يا ٻيو ڪم ڪٿان ياد پوندو؟ جهڙو ڪبير صاحب جو وچن آهي:

بُوکي ڀڳت نہ ڪيجي، يه وچن مالها اپني ليجي.
بک ۾ ڀڳت نہ ٿئي، هيءَ ارت مالها پنهنجي وٺ.

۽ ان تي هڪڙو نقل پڻ آيو آهي:

هڪڙو غريب ماڻهو ڏهاڙي هڪڙي پڙهيل وٽ پڙهڻ ويندو هو؛ ۽ هڪڙو ڀاڳوان آن غريب کي ڏهاڙي روٽي کارائيندو هو. هڪڙي مهل او ڀاڳوان مسافريءَ تي ويو؛ تنهنڪري غريب کي پيٽ ڀرڻ لاءِ پنڻو پيو، ۽ پڙهڻ جي واندڪائي نہ رهيس. هڪڙي ڏهاڙي آو پڙهيل وات تي مليس، ۽ پڙهڻ لاءِ نہ اچڻ جو سبب پڇيائينس، تنهن تي چيائين جو پنڻ کان واندو ڪين آهيان، پڙهان ڪيئن؟ مطلب جو اڻ هوند واري کي سڀ ڪم اهنجو آهي. اهڙو مذڪور نمبر ٧٠ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

١٢٧- پيٽ پريو ته منهن ڪارو ٿئي.

ڪميني ماڻهوءَ کي دولت گڏ ڪرڻ جي ڳڻتي کڻي رهي، ۽ مان جو فڪر ٿورو به نه رکي؛ ۽ مان کان ماني پياري ڄاڻي، ۽ چوي:

فارسي: بخدمت منه دست برپاي من،
مرا نان ده و کفش بر سر بزن.

ترجمو: خدمت سان منهنجي پيرن تي هٿ نه رک؛
مون کي ماني ڏي ۽ پادر مٿي تي هڻ.

پر اهو ليڇڻ ڪميڻن جو آهي؛ ۽ اشراف کي اها ڳالهه نه وڻي؛ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اگر آبحيات را بر آبروءِ فروشند، دانا نخرد.
ترجمو: جيڪڏهن انبرت آبروءَ تي وڪامي ته به سياڻو نه ڳنهي.
۽ اهڙو ذڪر نمبر ١٦١ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

١٢٧- پُٽَ ڪپُٽَ پينگهي ۾ پڌرو.
هن پهاڪي جي اکري ارٿ ۾ ڪي اهنجو نه آهي، جنهن جو بيان ڪجي؛ مگر مطلب سندس هي آهي، جو ساڃهو ۽ ڪلڇڻو ماڻهو آريڪٽن ۾ پڌرو. جهڙو هندي وارو چوندو آهي:

هندي: ڪل سپوت جانيو پري لک سب ليڇڻ گات؛
هون هار بروان ڪبي هوت چيڪني پات.

ترجمون: ذاتي سپُٽ بُٽَ جي ليڇڻ ڏسڻ سان سڃاڻي؛
پلي ٿيڻ وارو بروان * جا پن ئي سڻيا ٿين.
۽ اهڙو ذڪر نمبر ٢٩ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

* "بروان" وڻ جو نالو.

١٢٩- پاڻ نه پلي سڀئي، لوڪان متيون ڏئي.

هي پهاڪو اهڙن ماڻهن جي نصحيت لاءِ آيو آهي، جي ٻين کي جنهن ڪم کان جهلن سو ساڳيو ڪم پاڻ ڪن. تنهن لاءِ گرو نانڪ شاهه ۾ چيو آهي:

وهن: اوران آپديسي آپ نه ڪري،
آوت جاوت جنمي مري.

ارٿ: ٻين کي نصحيت ڪري، ۽ پاڻ ائين نه ڪري،
آهو اچي وڃي ۽ ڄمي ۽ مري.
۽ اهڙن لاءِ هندي واري چيو آهي:

هندي: آپ ڪڇهي ناهن ڪري ڌانڪو هي يه هيت،
آپ نچاوي ساسري اوران ڪون مت ديت.

ترجمو: چوي ۽ پاڻ نه ڪري تنهن جو حال هي آهي،
جا عورت پاڻ ساهري نه وڃي ۽ ٻين کي صلاح ڏئي.
۽ فارسي واري ۾ اهڙن لاءِ چيو آهي:

فارسي: ترک دنيا بہ مردم آموزند،
خويشتن سيم و غلہ اندوزند.

ترجمو: دنيا جو ڇڏڻ ماڻهن کي سيکارين،
پاڻ چاندي ۽ آن گڏ ڪن.

پر جڏهن اهڙي ماڻهوءَ جي هي سڀ اٽ وٽندي ٿا ڏيکارين، تڏهن ديندار ماڻهوءَ کي ان هلت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

١٣٠- پاڻي پي نه ذات پڇجي.

ڪي ماڻهو هڪڙن ذاتين وارن ماڻهن جي هٿ جو پاڻي نه پين، پر جڏهن ڪنهن ذات واري جو پاڻي پي پوءِ ذات پڇندو، ۽ آن ذات واري جو پاڻي پيٺو نه هوندس، ته ارمان ڪائيندو. پر مطلب هي آهي، جو جنهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ ارمان ڪاڏي بہ پرائجي سو پهريائين جاچي چو نہ ڪجي؟

تنهن تي هنديءَ واري به چيو آهي:

هندي: جو ڪرني سو ڪيجي بهلي ڪر نر ڌار؛
پاني پي گهر پوچنا ناهن بلو ويچار.

ترجمو: جيڪي ڪرڻو هجي سو پوريائين ويچار ڪري ڪجي؛
اڳ ۾ پاڻي پي پوءِ گهر پڇڻ چڱو وچار نه آهي.

۱۳۱- پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ٿو هڻي.

ڪن ماڻهن کي بڇڙي ۽ چڱي ڪم جي ڦير جي سڌ آهي. توڙي هڪڙو جهڙو جهنگلي ماڻهو هوندو، تهه به حلال ۽ حرام ڪاڻ جو ڦير سمجهندو، تڏهين جو ماڻهو ڄاڻي بڇڙو ڪم ڪندو، سو ڪر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻندو. تنهن وانگي سيڪو ڄاڻي ٿو جو دنيا دو ياري آهي؛ پر جو ماڻهو ائين ڄاڻي دنيا جي لوڀ تي دين پوڙيندو، تنهن سان هي پهاڪو لاڳو آهي. جهڙو شيخ فريد صاحب فرمايو آهي:

وڃن: دين گوايو دُني سين، دني نه چلي ساٿ؛
پاءِ ڪهاڙا ماريا غافل اپني هاٿ.

ارٿ: دنيا لاءِ دين وڃائي دنيا به ساڻ نه هلي؛
مو ڳي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيون.

۱۳۲- پلاءُ رحمت الله عليه، جي هڪيو، حاضر هو.

ريڙهي هٿجي پيٽ ۾، مر پيٽ ٿاڙي پوءِ.

پلاءُ هڪ چڱي کاڄ جو نالو آهي جو چانورن، گوشت ۽ گهٽي گيهه، مصالح سان جڙي. مطلب جو جن کي ڏٺيءَ جو ڏنو آهي، تن کي ڏهاڙي اهڙا کاڄ کاڻ لاءِ هڪيا آهن؛ ۽ جن کي ڏٺيءَ سنجم يعني قناعت بخشي آهي، سي پنهنجي لڄ پت جي رب کي پلاوُ کان پڻ واڌو ڄاڻن. مگر جي حريص وات جا چٽا آهن. تن مان ڪنهن هي پهاڪو چيو:

آهي. جي پرائو ان ڏسي، پيٽ بہ پرائو ڄاڻي پرن، تن کي نيت زيان ٿئي، پر سگهڙ ماڻهوءَ کي اهڙي هلت نہ گهرجي.

۱۳۳- پرائي دهلين احمق نچي.

پنهنجي گهر جي شاديءَ جي دهان تي سڀ ڪو نچي، جو هڪڙن قومن جي ريت آهي؛ پر پرائي شاديءَ جي دهلن تي ڪنهن جو ڇا واسطو؟ جهڙو ڪي هڪڙي جي گهر ۾ پلاءَ رڌهي، تہ پاڙي واري توڙي ٻئي ڪسي ڪهڙو سواد ايندو؟ ۽ تهان سواءِ جو پراوا دهل وڄندا ڏسي نچندو، سو پنهنجو ڪم سيڙائيندو، پوءِ آن کي احمق ڄاڻبو ڪي نہ؟ تنهنڪري سيائي کي گهرجي جو اهڙي پهاڪي جو مهاڏو ٿي، پنهنجي ڪم ۾ رڌو رهي. اهڙو بيان نمبر ۱۳۴ ۾ پڻ آيو آهي.

۱۳۴- پرائي پٽ کي چمي، گيگ پرجي وات.

پنهنجي پٽ کي چمي ڏيڻ مان سڀڪنهن کي سواد اچي، ۽ پرائي پٽ چمڻ مان مورڳو ڪراهت. هن پهاڪي مان پڻ نمبر ۱۳۳ واري پهاڪي جهڙو مطلب نڪري ٿو. تنهنڪري واڌو لڪڻ صلاح نہ آئي.

۱۳۵- پلا چلڊي پاڻي کو ڪنل ڪيا ڪائي.

پلو مڻي درياءَ جي هڪ سوادي مڇي آهي، ڪڳو هڪڙي سادي مڇي. مطلب هي آهي جو جيڪڏهن ڏٺي گيهہ مليدو کائڻ لاءِ ڏسي تہ بصر مان روني کير ڪائي؟ ۽ جي ڪيمخاب اطلس پهرڻ لاءِ ڏئي تہ کٿو کير پڪي؟

۱۳۶- پاڻ نہ پاري ڪتا ڏاري.

بعضي ماڻهو ٿوريءَ پڄنديءَ وارا خرچ گهڻو ڪن. هي پهاڪو انهن لائي چئي ٿو، ۽ قناعت لاءِ سمجهائين ٿو. هن ريت، جي ماڻهو ڪي پيٽ پرڻ ۽ انگ ڍڪڻ سڀ ڪاڄ

ضرور آهي، پيا ورتڻ جا ڪم سڀ ڪان پوءِ؛ پر جو ماڻهو اهڙن ضروري ڪمن کي پاسي رکي پهريائين ٻين ڪمن ۾ گهٽي ڪندو، تنهن کي هي پهاڪو لاڳو ٿيندو.

١٣٧- پَت نَهَن تي پاڻي آهي.

پاڻيءَ جو ڦڙو نهن تي رکجيءُ نهن ٿوروئي لڏي ته هارجي پوي. تنهن وانگي پت جو ڪم پڻ نازڪ ڪان نازڪ آهي، جو جيڪڏهن ٿوري به منجهس حرڪت پوي، ته وري هٿ اچڻ اوکي آهي.

١٣٨- پاهڻ ڪنڙا هئا ته هوند گدڙن ڪائي ڇڏيا.

پاهڻ هڪڙي ڏاڍي شئي آهي تنهن کي گدڙ جهڙو گانڊو مرون ڇا ڪائي سگهندو؟ تنهن وانگي نڌر ماڻهو سڌر ڪم ۾ هٿ وجهندڙ ته ڪٿان ڪري سگهندو؟ اهڙو مثل نمبر ١٠٦ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

١٣٩- پيٽُ پُر، پنيِ لڏرِ.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو وهٽ کي گاه داڻو ڏيئي پيٽ پُر، ته پنيءَ تي بـار کڻي. تنهن وانگي نوڪر يا مزدور کي پڻ ٿوت ڏي ته پورهيو ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: زر بده مرد سپاهي را تا سر بد هد؛
وگرش زر ندهي سر بنهد د ر عـالم.

ترجمو: ناڻو سپاهيءَ مڙس کي ڏي ته سِرُ ڏيئي؛ جيڪڏهن زر نه ڏيندينس ته پڄي ويندو.

١٤٠- پير کان به ويساه پلو آهي.

مطلب هي آهي، جو پير گهڻو پلو هئي پر منجهس ويساهه رکبو ته مراد پوري ڪندو، نه ته نه. تنهنڪري ڇا سمجهڻ کپي ته ويساهه وڏو آهي يا نه؟ جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: محفل خدا پرستان همچو گلبهء بزازان ست؛
آنجا تا نقدي فسر دهي ، بضاعتي نستاني؛
اينجا تا ارادتي نياري، سعادتي نه بري.
ترجمو: مجلس ڪاملن جي بزازن جي گهر جهڙي آهي،
هُت جاسين روڪڙ نه ڏين، وٿ نه ملينئي،
هِت جاسين ويساهه نه آڻين، مراد نه وٺين.

١٤١- پٽيندي ٿي پيٽ کي ويو چمارو جٽ،
هو جو مٿي ڪٽ سو پڻ ٿي پيٽ کي.
جٽ معني جهنگلي يا غريب، هو جو مٿي ڪٽ يعني هو جو وهيون. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو غريب توڙي دنيادار، نه سدائين پيٽ کي پٽيندو رهي ٿو ، يعني پيٽ پرڻ لاءِ رلي ٿو. ان ڳالهه ۾ ڦير ڪونه آهي. تنهن تي شيخ سعديءَ پڻ چيو آهي:
فارسي: اگر جور شکم نبودي مرغي در دام نيفتادي،
بلکه صياد خود دام نه نهادي.
ترجمو: جيڪڏهن پيٽ جو ظلم نه هجي ها، ته پکي ڦاهيءَ ۾ نه پوي ها، بلڪ ماري ڦاهي نه پکيڙي ها.

١٤٢- پٽ پراڻو نه ڪو جنڊ جو نائو.
جنڊ جو نائو، اٽو بيٺهي پچاڙيءَ ۾ هڪڙي پراڻي اگڙيءَ سان جنڊ تان اٽو اگهي لاهن، تنهن اگڙيءَ جو نالو معني هيءَ آهي، جو پٽ کهڙو به پراڻو هجي ته به جنڊ اگهڻ جي لائق نه جاڻبو. پر مطلب هي آهي جو هڪڙو اشراف وڏو وڻل پنجي سڃو ٿئي، ته ان جي قدامت تي ڌيان نه رکي، ان تي نالائق ڪم رکڻ نه کپي، ڇاڪاڻ جو اڻ هوند ڪري هن جو مان اڌامي ڪين ويندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: جوهر اگر در خلاب افتد همان نفيس است؛
غبار اگر بر آسمان پرد همان خسيس است.

ترجمو: جواهر جيڪڏهن گپ ۾ پوي ته نازڪ آهي؛
لٺ جيڪڏهن آب ۾ آڏامي ته به هاڪي اهي.

١٤٣ــ پنهنجي ٿوري، ڳڌهن کي به پيرين پئجي.

ڳڌهه کي پيرين پوڻ جو مطلب هي آهي جو ڪنهن مهل ڪميڻي ماڻهوءَ ۾ ڪم پوي ته سياڻو ماڻهو نياز ڪري ڪيڏي وٺي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: نا سزائي را چو بيني بخت يار،
عاقلان تسليم ڪردند اختيار.

ترجمو: نالائق ماڻهوءَ سان جڏهن ڏسين بخت ساٿي،
سياڻن سلام ڪيو آهي قبول.

١٤٤ــ پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو پڊنگو نه ڊاهجي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۾ لڪو ڪين آهي جو پڌرو ڪري ڏيکارجي. مگر مطلب سندس هي آهي، جو ڪي ماڻهو نرڙا، ورلها، وهين جو ڪانڌو ۽ پهرڻ ڏسي ريس ڪري، پاڻ به آها هلت ڪرڻ پائين؛ پر دولت بنا آها چال ڪٿان هلي؟ سورڳو جيڪو وُسلو هئنن، سو پڻ تورڻ ڏهاڙن ۾ چٽ ڪري وهن. اهڙن ماڻهن کي هي پهاڪو ٺوڪي ٿو، ۽ چوي ٿو جو پنهنجي سادي سودي تي شڪر ڪري گذار. تنهن لاءِ فريد صاحب پڻ چيو آهي:

وچن: رُکا سُکا کائڪي ٺنڊا پاڻي پيءُ،
ديک پرائي چوپڙي نا ترسائو جيءُ.

ارٿ: رُکي سُکي روٽي کائي ٿڌو پاڻي پيءُ،
پرائي سٺي ماني ڏسي دل نه سڪاءِ.

١٤٥ــ پريو مڙس پٽي نه ڪجي، وڃائجي نه وهي.

هي معنيٰ مڙس جنهن سان زال پرڻجي. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي جو جا زال جوان، مڙس پوڙهي سان پرڻي؛ تنهن جاڻ

پنهنجي وهي وڃائي؛ ڇا ڪان جو هن ڪي اڻ مڙس جي سنگت ڪان ڏاڍي ٻڇان لڳندي، جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: زن جوان را تير در پهلو، به ڪه پير در پهلو.

ترجمون: جوان زال کي پوڙهو مڙس بغل ۾،
تنهن کان ڪُڪي ۾ ڪان چڱو.

پر سندس ٻيو مطلب هي آهي، جو ناجنس سنگت ڪنهن کي نه وڻي، جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: پارسا را بس اينقدر زندان،
ڪه بود هم طويله رندان.

ترجمو: پرهيزگار فقير کي ايترو ئي قيد گهڻو آهي،
جو مست فقير سان هئي گڏ.

١٤٦- پنهنجي گهر ۾ ٻلي به شينهن،
پنهنجي ڏر تي ڪُتو به شينهن.

هن پنهي ٻهاڪن جو مطلب هي آهي جو غريب، توڙي دنيادار نيڌرُ جي نيڌرُ، ته پنهنجي گهر ۾ جڻ راجا آهي. تنهن تي هنديءَ واري بہ چيو آهي:

هندي: سکناتو گهر اپني، دکيا تو پرديس.

ترجمو: سک ته پنهنجي گهر ۾، ڏک ته پرڏيهه ۾.

١٤٧- پاپ جي مايا پراڇت ۾ وڃي.

پراڇت معني گنهگاريءَ جو ڏنڊ؛ يعني جا دولت پاپ ڪري ڪو گڏ ڪندو تنهن جي آها دولت پاپ جي گنهگاريءَ ۾ ويندي. جهڙو هڪڙو ماڻهو ڏلبو ڪري ڪٿان پنج رپيا هٿ ڪري، سي ڦٻي وڃنس؛ تنهن چوس تي وري اُن طرح دولاب ڪري ٻيا پنج رپيا ڪمائي، سا ڳالهه سرڪار ۾ پڌري ٿي پوي، تنهن بدران ڏهه رپيا ڏنڊ ڀري اڳئين پورئين ڪسر ڏيئي اچي، ته هي ڀهاڪو مٿس لاڳو ٿئي يا نه؟ تنهنڪري

گهرجي، جو ست ترم جي ڪمائي مان حلال جي دولت هٿ آئجي، جنهن کي اڳي پوءِ لهر نه لوڏو.

۱۴۸- پلو سيري کان به پلو، سيري پر نه ساڳ، پلو گوڏا گوڙي کاءُ.

پلو هڪڙيءَ ،ڇيءَ جي چڱي ذات آهي، ماڻهو سنڌس سواد جي ساراه ڪندا آهن؛ سيرو هڪڙيءَ طرح جو مٺو حلوي جهڙو کاڄ آهي؛ پر پلن جا کاٻارا ماڻهو پلي کي سيري کان پڻ وڌو ڄاڻي هي پهاڪو چوندا آهن؛ ٻيو نرالو مطلب منجهانس ڪونه ٿو نڪري.

۱۴۹- پائجي ته وڏي ڏيران پائجي.

يعني ڏوڙ نه پائجي، پر جي پائجي ته وڏي ڏير مان. مطلب سنڌس هي آهي جو ڪنهن جو ٿورو نه ڪڻجي؛ جي ڪڻجي ته وڏي لل ڏيڻي جو ڪڻجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي! مدد از مردسي کريم طلب؛
خاک از توده کلان بردار.

ترجمو: واهر ڏاتار ماڻهوءَ کان گهر؛
ڏوڙ وڏي ڏيـر مـان کـڻ.

۱۵۰- پوءِ ڏائي کان قرض نه ڪڻجي، توڙي لـک لٽائي.

قرض ڪنهن کان به ڪڻڻ چڱو نه آهي؛ پر هن پهاڪي وارو پوءِ ڏائي، يعني ڪميڻي نئين ڏاول کان آڏاري وٺڻ جي ڏاڍي منع ٿو ڪري. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: هرچه از دونان به منت خواستي،
در تن افزودي، واز جان کاشتي.

ترجمو: جيڪي ڪميڻن کان منت سان گهريئي،
بت ۾ وڌايئي؛ ساهه ۾ گهٽايئي.

۱۵۱- پرائي آس ڪني جي لاس.

لاس معنيٰ تيونڻ جي رسُ. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو پرائو آسرو اهڙو آهي، جهڙوڪي رڳيءَ رس ڪاڏي ڏيو ٿئي: يعني ڏيو نہ ٿئي. پر مطلب هي آهي، جو ڏٿيءَ ڏاران ٻئي جي آس رکڻ اهڙي آهي، جهڙي ڪُني جي رس ۾ آسرو رکڻ؛ ڇا ڪان، جو ديڳڙي ۾ رڌل تيونڻ جي رس لٿي ڪان پوءِ ڇڙڪي سگهي، ۽ ڪني واري جي سگهي. پر جيڪي پرائي آس رکن، تن لاءِ فارسيءَ واري چڱو بيت چيو آهي:

بيت: چہ دلتنگ خفت آن فرمايہ دوش،
کہ بر سفره ديگران داشت گوش.

ترجمو: ڇا ڪوماڻل ستو آهو اڄاڻ ڪالهہ رات،
جنهن پرائـــي خونچي ۾ اک رکـــي.

۱۵۲- پهَيرُ چور ٿئي، تہ واهي ڪيترو وهي.

پهير يا اوڙهو ٻنيءَ جي چوڌاري پيل ڪان بچاوَ لاءِ ڏيندا آهن. واهي يعني نگهبان. مطلب هي آهي، جو حاڪم رعيت لاءِ اهڙو آهي جهڙو پوک ڪاڻ پهر؛ پر جڏهن ڪو رعيت جو مٿ گهڙرو ٿيو؛ تڏهن رکڻ وارو ڪير ٿيندو؟ تنهن تي فارسي واري چيو آهي:

فارسي: نکند جور پيشه سلطاني، کہ نايد زگرگ چوباني،
ترجمو: ظالم بادشاهي نہ ڪري؛
جو بگهڙ ڪان ڌنارپي نہ ٿئي.

۱۵۳- پڙهڻ، ترڻ! تير هڻڻ، چوٿين سواري،
نٺڍي هوندي نہ سکيو، وڏي خواري.

هي چار ڪم ننڍپڻ ۾ سکڻ سولا آهن، ۽ آن مهل جا سکيا وسرڻ جا نہ آهن. وڏپڻ ۾ اهي ڪين سکي سگهجن. سياڻا چوندا آهن، جو ننڍي پسار جي دل اهڙي آهي جهڙو ڪورو

ڪاڳر. تنھن تي وٺي سو لکجي، پر جڏھن وڏو ٽيو تڏھن لکيل ڪاڳر تي لکبو؟

١٥٤- پرائي ڳوٺڙي، ٻرٻلا ٽڪا،

ٻرٻلا ٽڪا، يعني ٿلھا يا ڳرا ڏوڪڙ. پرائيءَ ڳوٺڙيءَ ۾ ٿلھا ڏوڪڙ ھوندا تہ ضرور ڦاٽندي؛ تنھن وانگي ڪميني ماڻھوءَ کي دولت ھٿ لڳندي تہ مستي ڪندو، ۽ موڇڙا ڪاڙھيندو. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

فارسي: سفلہ چو جاہ آمد سیم و زرش؛
سیلي خواھد بہ ضرورت سرش.

ترجمو: ڪميني کي جڏھن وڏائي ۽ دولت ملي،
ضرور سندس مٿو ڏک گھري.

١٥٥- پُٽ تي ڳڏار تہ سگھوئي ڀيءُ ٿيندين.

معني ھن پھاڪي جي پڌري آھي، ۽ مطلب سندس ھي آھي، جو نياز ڪري ادب سان ھلندين تہ سگھو وڏائي پائيندين؛ ۽ ٻيا تو اڳيان نياز ڪندا، پر جڏھن اصلي وڏائيءَ جو دم ھڻندين تہ ڇا پرائيندين؟ فارسي مثل آھي:

فارسي: بلندیت باید تواضع گزین؛
کہ این بام را نیست سلمي جزاین.

ترجمو: وڏائي گھرجيئي تہ نياز ھٿ ڪر؛
تہ اِن ماڙيءَ کي ان ڏاڪان چڙھڻي نہ آھي.

١٥٦- پيٽ ۾ ٻانھون ڇنڊا ناھين.

جنھن ماڻھوءَ کي ڪاڻ لاءِ ھڪڙو پيٽ ۽ ڪمائڻ لاءِ ٻانھون ٻہ، تنھن کي ڳڻتي ڪھڙي؟ سر مطلب ھي آھي، تہ ماڻھو دنيا جا سڀ ڏنڌا ڇڏي آجو رھندو، تنھن کي ڪنھن ڳالھہ جو فڪر ڪونہ ٿيندو. جھڙو ھنديءَ واري چيو آھي:

هندي: سات گانٺ ڪوپين ۾ تـه او نـه آني سنڪ،
رام عمل ماتي ڦرين گنـيه اندرُ ڪَون رنڪ.

ترجمو: لانگوٽيءَ ۾ ست ڳنڍيون ته به فڪر ڪونه ڪن،
ڏٺيءَ جي نشي ۾ مست وتن، اِندرُ * کي ولهو سمجهن.

١٥٧- پنـڻيـن مڱـڻين گهر هلي ته ڪه آذاري وات.

بعضي آرسي ماڻهو پورهئي کان بچـن، ۽ چـون جو پن مان گذر ٿئي ته آذارو پڻ نه ونجي. هي ڀاڪواهڙن ڏي ميچ ٿو ڏئي؛ پر لچ واري کي ان جي آبرُ ڪرڻ کپي. هن ريت جو حلال جي ڪمائيءَ مان پاڻ به پالي، ۽ پڇنديءَ آهـر مسڪين محتاج جي پالنا ڪري، فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: بچنگ آر، باديگران نوش ڪن؛
نه بر فضلهٔ ديگران گوش ڪن.

ترجمو: هٿ آڻ، ۽ ٻين سان ونڊي کاءُ؛
ٻين جي اوبر کائڻ جو سعيو نه ڪر.

١٥٨- پڙهي پاڻ نه جاڻي ماري ڪتابي.

ڪتابي يعني شاگرد. سياڻا چوندا آهن جو استاد جي مار سنوار آهي، پر جڏهن استاد پاڻ پڙهيل نـه هوندو تڏهن شاگرد سندس مار مان ڇا پرائيندو؟ تنهن وانگي جو درويش پاڻ ڏٺيءَ جي وات جـو سونهون نـه هوندو، سـو ٻـئي کي ڪٿان وات ڏيکاريندو؟ جهڙو،

فارسي: خفته را خفته کـي ڪـند بيدار؟

ترجمو: ستل کي ستل ڪٿان جاڳائيندو؟

* اندر- سرڳ جو راجا.

ق

١٥٩- قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ.

هن پهاڪي مان پهو مطلب ڪونہ نڪري ٿو، مگر ايترو آهي، جو ٿورو ٿورو گڏ ڪبو وڃبو، تہ سمي پاڻي گهڻو ٿي پوندو. جهڙوڪي پاين مان پيسا، پيسن مان رپيا اهڙو هڪڙو مثل فارسيءَ ۾ پڻ آيو آهي:

فارسي: اندک اندک همي شود بسيار؛
دانہ دانہ است غلّہ در انبار.

ترجمو: ٿورو ٿورو گهڻو ٿـي پـوي؛
انبارن ۾ ان داڻو داڻو آهـي.

١٦٠- ڦرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هي هڪ.

گانڌڻ جي ڳالهہ ڪڏهن قائم نہ رهي، سدا ڦرندي گهرندي رهي. مردن جي ڳالهہ ٿي ساڻي، ڪڏهن ڪين ڦري جهڙي پاهڻ تي ليڪ. اهڙو بيان نمبر ٢٦٤ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

١٦١- ڦيٽ بجو ڪچ، پر گيهہ ذرو ڏج.

هي پهاڪو پڻ بي لڄي ماڻهوءَ جي شان ۾ آيو آهي جنهن کي آبروءَ کان پيٽ پيارو لڳي. اهڙن لاءِ هڪڙي سنڌيءَ پـڻ چيو آهـي، جـو ”مرد گهري مانَ کي گانڌو گهُري نان کي.“ اهڙو مضمون نمبر ١٢٧ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

١٦٢- ڦرَ کان اڳي چرَ نہ ڪجي.

چر کي ”اور“ پڻ چئجي. جڏهن ڪا ٻَـبـَن واري مادي ويامڻ لڳي، تڏهن پهرائين ڦر جڻي، پوءِ چر ڇڏي. پر مطلب هي آهي، جو بعضي ماڻهو ڪنهن ڪم حاصل ڪرڻ لاءِ اجائي تڪڙ ڪن. جهڙو هڪڙو طبيب ڪنهن بيمار جي دوا شروع ڪري، پر آن جي چڱڻ کان اڳي انعام وٺـي، تـہ چاڻ ڦر کان

اڳي جر ڪنديائين. يا هڪڙو دلال ٻن شاهوڪارن جي وچ ۾ سودي لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪري، پر سودي ٺاهڻ کان اڳي دلالي گهري، ته جاڻ هن پهاڪي جو مهاڳو آهي. پر ويچار وارو ماڻهو اهڙي ڳالهه نه ڪري. اهڙي ڳالهه لاءِ نمبر ٤٤٤ وارو پهاڪو پڻ آيو آهي.

١٦٣- ڦورو نه ڦولهي، شال سنئين پوي صراف کي.

ڦورو- زالون سٽ ڪتي اوبي ڦورا ڪن تنهن جو نالو، صراف جيتوڻي ته روڪڙ جي واپاري جو صفاتي نالو آهي، پر هت سٽ جي خريدار کي ٿو چوي. معني هي آهي، جي بعضي عورتون سٽ جا ڦورا بازار ۾ وڪڻن، هي پهاڪو انهن جي پاران چوي ٿو ته منهنجو سٽ چڱو آهي، يا ٻيڙو، پر شال خريدار ان جي حال کي کولي نه ڏسي. مطلب هي آهي، جو ڏٺي شال هن انسان جي ليڪن ڏي نه نهاري، پنهنجو رحم ڪري. جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: من نگويم که طاعتم به پذير،
قلم عفو بر گناهم کش.

ترجمو: نٿو چوان عبادت منهنجي قبول ڪر،
منهنجي پاپن تي معافي جو قلم وهائي.

١٦٤- ڦليهر ۾ ٿو ڦوڪون ڏئي.

ڏاندي کي ڦوڪ ڏجي، ته باهه ٻري، جنهن سان ڪو ڪم ڪري وٺجي. پر جيڪڏهن ڦهلير يعني رک کي ڦوڪ ڏبي، ته منجهانس ڪم ته ڪونه سرندو، پر اُلٽو اکيون منهن ۾ پونديون. تنهن وانگي لونڌي ماڻهوءَ کي سيکارڻ سان کي ڪين پرائٹو آهي. جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: هيچ صيقل * نکو نخواهد کرد،
آهني را که بد گهر باشد.

* ترار ماڻ جو اوزار.

ترجمو: ڪو ڪڙو سوچارو ڪري نہ سگھندو،
اَن لوه کي جو ٻيڄڙي بنياد وارو هوندو.

١٦٥- ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجھہ ڏئي.

اوجھہ ڏئي يعني مري پيٽ ڦاڙائي. شڪار ڪندڙ ماڻهو ساوا گاهہ يا شيون جھنگ يا ٻيلي ۾ رکي اچن، تنهن جي ڪاٺ تي ڦڙهاٽ يا ٻيا ٻروں هرن. هو وجھہ وٺي انهن کي ماري وٺن. مطلب هي آهي جو لالچ اَن جانورن کي آتي آٽي تي ماارائي، تنهن وانگي انسان کي ٻڻ طمع مارائيندڙ آهي. جيئن مڇيءَ کي ڳاهہ ۽ پکيءَ کي چوڳو.

ج

١٦٦- جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي.

چڱائي توڙي ٻڇڙائي، تہ جو ڪندو، سو لوڙيندو. ان لاءِ گرو نانڪ شاهہ جو وچن آهي:

وچن: جيسا بيجي سو لئي، ڪرما ابهو کيتُ.
ارٿ: جهڙي پوکي تهڙي لڻي، اها ڪرمن جي پوک.
۽ فارسيءَ واري پڻ هڪڙو مثل چيو آهي:

بيت: از مکافات جهان ايمن مشوَ؛
گندم از گندم بروید، جو ز جو.

ترجمو: جهان جي پاڙي جهاڙي کان بي پَرو نہ رهہ؛
ڪڻڪ مان ڪڻڪ چاپي، جَوَن مان جَوَ.

١٦٧- جنهن ساس ڏنو آهي سو گراس بہ ڏيندو.

گراس يعني ڪاٺ جو گرهہ. سچ جنهن ڏٺيءَ هن انسان کي آپايو آهي، سو ٿر ۾، توڙي بر ۾، توڙي ڇير ۾ قوت پهچائڻ وارو آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اي مگس هرگز نماند عنڪبوت،
رزق را روزي رسان پر ميدهد.

ترجمو: مک ذارن ڪوريئڙو نہ گذاري سگهي،
رزق ڪي رزق پهچائيندڙ کنڀ تو ڏئي.

١٦٨- جڏهن پورا ٿي سيبا، تڏهن اُنن ٿي رُنو.
يعني اُنن چاتو، جو نيت آهي پورا ڪين ڪٽڻا پوندا، تنهنڪري پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو سڀڪنهن ڪم ۾ پيڇاڙيءَ جي گهٽتي ڪرڻ چڱي آهي. اهڙي ڪم لاءِ مولانا نظام الدين پڻ چيو آهي:

بيت: آخر هر گريهءَ ماخننده ايست،
مرد آخر بين مبارڪ بنده ايست.

ترجمو: اسان جي روئڻ جو اوڙڪ کلڻ آهي،
اوڙڪ نهارڻ وارو برڪت وارو آهي.

١٦٩- جو واءُ جبل اڏائين، تنهن جي اڳيان ڪپه ڇا آهي؟
هن پهاڪي جي اکري معني پڌري پڌري آهي، پر مطلب سندس هي آهي، تہ جنهن ڏاڍي ڪان سڀرو پڻ ڏجي، تنهنجي اڳيان ايرو ڇا ڏاڙهي آهي. اهڙي ڳالهہ لاءِ گسائينءَ تلسيداس پڻ چيو آهي:
وچن: جنهن سارت گيرمير اڏاهين،
ڪهو تول ڪنهن ليکي ساهين؟
ارٿ: ساڳيو پهاڪي جو مضمون.

١٧٠- جيڪي هوندو پاڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾.
هن ملڪ جا واپاري گهڻو ڪري پڳڙيون وڏيون ٻڌن، تن کي هندي ڪو رهيو پيسو اوڏر سوڏر مان پڙ پي تہ پڳ ۾

وجهن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته جيڪي نصيب ۾ اڪيل هوندو اوترو ئي ملندو، جهڙو نمبر ٩٩ واري پهاڪي ۾ ذڪر هليو آهي.

١٧١ - جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهه مقام.

عيد هڪڙو خوشيءَ جو ڏهاڙو ۽ مقام ۾ وڃڻ، سوٽ وارو ڏهاڙو آهي؛ پر جيڪي ڏٺيءَ جا نيهي آهن، تن کي آهي ٻئي ڏهاڙا هڪجهڙا ڏسڻ ۾ اچن. ڇاڪاڻ جو انهن کي دنيا جو سک توڙي ڏک ۽ سون توڙي مٽي، چاندي توڙي پٿر سڀ‌ڪا ڄاڻڻ ۾ اچن. اهڙن ڪاڻ گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

وچن: تسيا سو ورن تسي آس ماٽي،
تنسا انبرت، تيسي بِکُ کاٽي.

ارٿ: آن کي جهڙو سون تهڙي مٽي،
جهڙو انبرت پيڻ تهڙو وه کائڻ.

١٧٢ - جنهن ڪاڻ اڳي هلي ٻيهجي،
تنهن سان گڏيو ڇو نه وڃجي.

هي پهاڪو پڻ پڇاڙيءَ گهڻ جو سعيو ٿو ڪري، جيئن ته عمر ۽ زيد گڏجي پنڌ پون، ۽ ڪي ناڻو ٻنهي جي پائيواريءَ جو عمر جي ٻيٺ ۾ ٻڌل هجي ۽ زيد تڪڙو پنڌ ڪري ڪوه ڪن عمر کان اڳي وڌي وڃي، اتي عمر جي پڇي يا لڪي وڃڻ جي گهٽي اچيس، ۽ ان جي سيڙي ٻيهي، ته ان جو سيڙاپو ۽ تڪڙو پنڌ اجايو ويو ڪي نه؟ تيئن پهاڪي وارو چوي ٿو، جو جنهن ڪم مان نيٺ پڇتاءُ جو ڏپ هئي، جو پهريائين سمجهي ڇو نه ڪجي؟ تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: چرا عاقل کند کاري که کم باز آيد پشيماني؟

ترجمو: ڇو سياڻو آهو ڪم ڪري، جنهن مان نيٺ پڇتائي؟

١٧٣- جنهن جي ويلا تنهن جي رکيا.

ويلا ۽ رکيا هي ٻئي اکر هندن جي اصطلاح جا آهن: يعني جنهن جو وقت تنهن جي پناهه. جهڙوڪ جنهن جي سلطنت تنهن جي شرع، يا جنهن جو راڄ تنهن جو رگليشن. جهڙيءَ ريت مير صاحبن جي راڄ ۾ چورن لاءِ ڦاهي انگ ٽنگ هو، هاٿي ان جي منع آهي. پر مطلب هي آهي جو سياڻي ماڻهوءَ کي گهرجي، جو جو جهڙو سلطنت جو رواج ڏسي، اهڙي چال رکي.

١٨٤- جهڙن سندي منهين تنهين جو آچار.

منهين يعني اوتارو يا اوطاق، جنهن ۾ ڳوٺ جو وڏيرو وهي، ۽ ۽ ونس ڪچهري لڳي، آچار ويچار نبري. پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو جنهن جي اوتاري ۾ ڪو آچار نبرندو، سو ان جي ئي مرضيءَ سان نبرندو، پر سندس نج مطلب ساڳيو نمبر ١٧٣- واري پهاڪو جهڙو آهي.

١٧٥- جاڏي وڃي واڳهه، تاڏي پاڻي تانگهو.

واڳهو پاڻي ۾ رهڻ وارو وڏو جانور آهي، جو تانگهي پاڻيءَ ۾ ڏکيو گذري. ۽ پهاڪي جي مطلب ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو مثال لکان ٿو:

هڪڙو ماڻهو آچايل، ڏوري ۽ لوٽو کڻي پاڻي پرڻ لاءِ کوهه تي ويو، ته کوهه ۾ پاڻي سڪي ويو هو؛ تڏهن ٻئي کوهه تي تنهن ۾ پاڻي هو، پر ڏوري ننڍي ٿي پيئي، ۽ پاڻيءَ کي نه پهتي، تڏهن ٻيوس ٿي ٽئين کوهه تي وڃي لوٽو گهيڙيائين ته ڏوري هٿ مان کسڪي ويس، پاڻيءَ بدران لوٽو کوهه ۾ ڪري پيس. تڏهن کان هي پهاڪو پڙهيائين؛ پر هن پهاڪي جو خاص مطلب هي آهي جو نياڳو ماڻهو جاتي ويندو، تاتي سک ڪين لهندو.

١٧٦ - جڙيءَ ڪي جَسُ.

جس يعني شاباس، مطب هي آهي، جو جيڪو ڏٿيءَ جي پاران جڙيءَ اچي تنهن کي شاباس چئو، يعني شڪر ڪري کاءُ جهڙو سنسڪرت واري چيو آهي:

سنسڪرت: يتا لابيُ شنتشتُ.

ترجمون: جيڪو ملي تنهن تي خوش،

ٻ فارسي واري پڻ چيو آهي:

فارسي: بخور هر چه آيد ز دستِ حبيب،
نه بيمار دانا تر است از طبيب.

ترجمو: جيڪي سڄڻ هٿان ملي سو کاءُ،
طبيب کان بيمار سياڻو نه آهي.

ان لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي.

ڀاڪو: آيئي ڪون روڇي جان، گئي ڪون چاڻ.

ترجمو: جيڪي اچي تنهن کي رزق ڀلا،
جيڪي وڃي تنهن کي بلا.

١٧٧ - جنهين جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙ ٿي،
تنهين تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان.

جو ماڻهو هيڪر ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پڌرو ٿيندو، تنهن تي وري ڪير وسهندو؟ جهڙو هڪڙو انگريزي ڪتاب جو نقل پڌو اٿم:

هڪڙي ڳنوار ڇوڪر جهنگ ۾ دانهن ڪري چيو: شينهن ڙي شينهن! تنهن تي پاسي اوسي وارا هاري ناري ڊوڙي آيا، تڏهن چيائين ته ڪوڙ ٿي ڪيم. اوچتو هڪڙي ڏهاڙي سچ شينهن اچي ڌڻ ۾ پيس، تڏهن دانهون ڪري ٿڪو، پر ماڻهن اڳي وانگي ڪوڙو سمجهيو ۽ ڪو نه آيا، ۽ پوءِ ڍور گهڻا شينهن ماري چڏيا. مطلب جو ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو بي اعتبار رهندو.

١٧٨ - جيڪي لکيو منجهہ ازل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.
هن پهاڪي جي معني توڙي مطلب کي سڀڪو ڄاڻي ٿو، تنهنڪري گهڻو بيان ڪرڻ ضرور نہ آهي مگر ايترو بس آهي فارسي وارو چوي ٿو:
بيت: گر رود بر نگردد سر نوشت.
ترجمو: جيڪڏهن مٿو وڃي تہ بہ نصيب نہ ڦري.

١٧٩ - جنهن جي وات نہ وڃجي، تنهن جو پنڌ بہ نہ پڇجي
يعني جنهن ڪم ۾ پنهنجو پروجن نہ هجي، تنهن جي ڳالهہ ڪرڻ، يا ان ۾ هٿ گهڙڻ پنهنجي مطلب واري ڪم ۾ سيڙاپو وجهڻ آهي. ان لاءِ هنديءَ واري بہ چيو آهي:
هندي: بنا پروجن پول هون نتئي ڏاهہ ڏاتِ؛
جانو نهين جانگر ۾ تانڪي پوڇ نہ باتِ.
ترجمو: مطلب ڌارن پلجي بہ ڪا رت نہ رنجي؛
جنهن شهر ۾ وڃڻو نہ هئي تنهن جي وات نہ پڇ

١٨٠ - جا سين ڍائو مٿو ڪنهي، تاسين بڪئي جو مٿو وڃي.
مٿو وڃي يعني مري، هن پهاڪي جي ورجائڻ لاءِ هڪڙو مثل لکان ٿو:
جهڙوڪ، هڪڙي ماڻهوءَ کي اوچتي اهڙي ڏوار ٿئي جو ڇڙڇوٽ دوا ٿيڻ ڌاران مرڻ جو ڀپ هئيس. ۽ طبيب ڏي ماڻهو وڃي سو بي پروائيءَ کان اچڻ ۾ ويرم لائي، يا اهڙي دوا چوي جا ڏهن ويهن ڪوهن پنڌ کان اوري نہ لڀي، تہ اُن بيمار جو حال هن پهاڪي جي مضمون وانگي ٿئي. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:
فارسي: تا ترياق از عراق آورده شود، مارگزيده مرده شود.
ترجمون: جاسين ترياق عراق مان آڻجي،
تاسين نانگ ڏنگيل مري.

١٨١ — جاسين للو لٽ ڪٿي، تاسين ڪره وساٽي.

للو مثلاً هڪڙي جو نالو، ڪره يعني جهيڙو هن پهاڪي جي نرواري لاءِ مثل ٿو لکان:

للي جي ڀاءُ سان هڪڙي ماڻهو جهيڙو ڪيو، اها ڳالهه ٻڌي للو آيو، ۽ ڀاءُ جي واهر لاءِ لٽ کڻي هليو؛ پر آرس مرندي لٽ ڳوٺ ۾ ايتري ويرم لڳس، جيتري ۾ هو شخص ڀاڻس کي مار ڏيئي ويندو رهيو. پر مطلب هي آهي جو هي پهاڪو آرسي ماڻهوءَ تي ٽوڪ ٿو ڪري. تنهن تي هي نقل ياد آيو اٿم،

هڪڙو شخص پٽ سان ڪيو وات ونيو ٿي ويو. هڪڙي هنڌ مقام جي ٻر ۾ وٺراهه ۽ تڏي چانو ڏنائين سا وٽيس. پٽ کي چيائين، جو جڏهن آءُ مران، تڏهن منهنجو ميٽ هن ٿڌڪار ۾ پورج. تورن ڌهاڙن ڪان پوءِ آهو پٽس وري آتاهون لنگهيو، ۽ آن هنڌ پيو ميت پوربو ڏنائين. اها ڳالهه ۽ پٽس وارو چوڻ پنهنجي ماءُ کي ٻڌايائين، تنهن چيس اڙي ابا! مڱا ني پٽهن جي آرس آهيون، جو قبر ٻم پيا واري ويس: ڏسو جڏهن زال کي پنهنجي ٠ڙس جو آرس، نٿو وٺي، تڏهن ٻئي کي ڪٿان وٺندو.

١٨٢ — جن جي پلي ۾ داڻا سي چريا ئي سياڻا.

پلي آن رڪڻ جي جاءِ ڏوڻن ۽ پڇرن سان ننڍين ڳوڻن ۾ جوڙيندا آهن، تنهن جو نالو، داڻا يعني آن. هن پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو جنهن جي گهر ۾ کائڻ لاءِ آن موجود آهي سو چريو، تہ بہ سياڻو ليکجي؛ ۽ مطلب هي آهي جو دولت وارو ماڻهو جهڙو جي تهڙو تہ وڏو ماڻهو ڳڻبو. اهو مطلب نمبر ٨ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

١٨٣ – جوا جي هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو،
۽ کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو،

جوا هڪڙو بڇڙو ڪم آهي، تنهن لاءِ پهاڪي واري جو خيال هي آهي، جو جيڪو جوا ۾ هاريندو، سو ڊپ جو ماريو جوا خاني ۾ وري ٿورو ويندو تنهنڪري ٿوري لعنت ٿو وجهيس، ۽ جيڪو کٽندو سو وري کيڏندو، تنهنڪري سڄي لعنت ٿو ڪريس. پر ان ۾ منهنجو رايو هي آهي ته جڏهن جوا کيائين، پوءِ هاري توڙي کٽي، ته ڪارو منهنُس، نيرا پيرس: جهڙوڪ ٻه کوئي هئا، تن مان هڪڙي کي چانو ۾ ڦاهي چاڙهن، ٻئي کي آس ۾، پوءِ ڪهڙي کي چڱو مڙس چائبو؟ پر اجان پهاڪي واري کان هڪڙي ڳالهه وسري آهي، جو جڏهن جوا جي کٽڻ ۽ هارڻ واري جو حال اهو، تڏهن جوا خاني جوڙڻ ۽ نال آڳاڙڻ واري جو ڪهڙو حال؟ تنهن لاءِ چوڻ گهربو هوس، ته ان جي مائٽن جو پڻ منهن ڪارو! اهڙي ڳالهه پهاڪي نمبر ١٩٥ ۾ پڻ هلي آهي.

١٨٤ – جيڏي رات، تيڏو سپنو.

سپڪنهن ڪم ۾ جڳائيندي ويرم لائڻ پوري ڳالهه آهي، پر جڏهن ڪنهن کي اُن پهرڻ ۾ هڪڙو پيرو ڪاچ ڪائڻو هئي، ۽ اهي اٺ ئي پهر ڪاچ جوڙڻ تي لائي، ته پوءِ ٻيا ڌندا ڪڏهن ڪندو؟ اهڙن کي ٿوري ويرم ڏيڻ لاءِ هي پهاڪو سمجهائي ٿو.

١٨٥ – جاڏي پوي جهار، ناڏي ڳوڙهو نه هئي.

هارين جي ريت آهي جو پوک ۾ جاتي جهار يعني پکي ويٺا ڏسن، اوڏانهن ڳوڙهو يعني گليلو هڻي جهار آڏارين، پر جي هاري آن جي آبتڙ جاڏي جهار هئي، اوڏاهين جو فڪر نه رکي، ٻئي پاسي ڳوڙهو هڻي، تن جي لاءِ هي پهاڪو آهي. جهڙوڪ هڪڙي کي پير ۾ ڪرهن ٿئي، تنهن لاءِ ڪياڙي ڪنهي، تنهن کي ڇا چئبو؟ ان لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي شخص کي وات تي چورن ڦري رکيو ۽ ڪانچ ۾ چڙهيو؛ سو جڏهن ڳوٺ جي ٻاهران آيو، تڏهن مٿي آڳهاڙو ڪري ۾ اچڻ مناسب نہ ڄاڻي ڪانچ لاهي مٿي تي ٻڌائين. اهڙو پوک؛ جو سڄي آڳهاڙي ٿيڻ کان پڻ مٿي اگهاڙي ٿيڻ جو فڪر واڌو رکي، سو هن پهاڪي جو مهاڳو آهي يا نہ. پر مطلب هي آهي جو جڳائيندي ۽ اڻ جڳائيندي ڪم ۾ ڦير رکڻ سياڻپ آهي.

١٨٦- جنهن کي ساهہ ڪنئين ڪل ڪانہ پوي، تنهن کي سور ڪيهو ساڄي؟

جو سنڌي سمجهي ڪين ڪي، تنهن سان هندي ڇو هلجي؟

هي پهاڪو سڄاڻ ماڻهوءَ ڏاران ٻئي سان حال ڳرهڻ جي منع ٿو ڪري؛ ڇاڪان جو رمزدان ماڻهو اهڙو آهي جهڙو نبض سڃاڻندڙ طبيب رڳو نبض ڏسي مرض سڃاڻي دوا ڪري، تئن رمزدان ماڻهو پڻ رمز سان حال سمجهي علاج ڪري.

١٨٧- جنهن جو ڪم آهو ئي ڪري، ٻيو ڪري تہ ڳهاڻو پري.

هي پهاڪو پڌرو چوي ٿو، تہ جنهن جو ڪيل يعني آزمايل ڪم هوندو، سو ڪندو تہ پورو آتاريندو؛ ۽ ٻيو يعني اڻ آزمايل ڪندو، تہ بگاڙيندو، يا پاڻ کي زيان پهچائيندو، جهڙو سوناري جو ڪم وادو ڪري، يا وادي جو ڪم ڪنيار ڪري.

١٨٨- جر نئيس، پر جيڏي نہ نئيس.

هي پهاڪو اصل کان هن طرح آيو آهي، جو هڪڙي عورت دريا جي پر تان هڪڙو مڇيءَ جو ڏيرو لڌو، اوچتو پريان ٻي عورت اچي سهڙي، تنهن ان ڪرڙي تي پنهنجي دعوا ڪئي؛ تڏهن ان عورت آهو ڏيرو درياءَ ۾ اڇلائي هي پهاڪو چيو. پر مطلب هي آهي جو هي پهاڪو رڳو تڪرار وارن جي چوڻ جو آهي، جي ٻڌو سهن، ڏنو نہ سهسائين.

١٨۴ — جي پوندا سوڙهين، تن لڳندا سيلهه.

سيلهه يعني ڪنڊا، پهاڪي جي اڪرن جي معني هي آهي ته جو سوڙهيءَ وات گهڙندو، تنهن کي ڪنڊا به لڳندا؛ پر مطلب هي آهي، جو جيڪي سفر ڪندا، ڏاڪڙا ڏسندا، يا جي ڏنڊا ڪندا، سي ڪنهن مهل گهاٽا به پوندا. پر سيائي کي ان ڏاڪڙن ۽ گهاٽن کان ڀڄڻ نه گهرجي، سو ڪي جاڻين ڏک نه ڏسندو تاسين سک ڪٿان پائيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: تـــا رنج نخوري گنج برنـــداري؛
تا جان درخطر نه نهي بر دشمن ظفر نيابي.

ترجمو: جاسين ڏک نه ڏيندين تاسين خزانو نه ملندءِ؛
جـــاسيـــن ســـاه ٻيپ ۾ نـــه وجهندين،
تاسين دشمـــن کـــي نـــه جيتيـــنديـــن.

١٩٠ — جاني وڻ نه هي، ڪاٺيرو به ڊرخت.

هن پهاڪي جي اکري معني پڌري آهي، ۽ مطلب هي آهي، جو دولتمند کي جا دولت ٿوري ڏسڻ ۾ اچي، اڻ هوند واري کي اها ٿوري ٻڻ گهڻي ڏيکاري ڏئي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: هر کرا دستگاه قدرت نيست،
شلغم پخته مرغ بريـــان ست.

ترجمو: جنهن کـــي طاقت ۽ هـــوند نـــه آهي،
تنهن کي لوڙو ڪارج شڪر جي پڳل آهي.

١٩١ — جوَ ٻيري، گندم رنرال.

جوَ گندم جي خوراڪ آهن، سو جڏهن گندم جوَن جو وڪرال ٿيندو، تڏهن ڪاڻ ڏاران ڪٿي رهندو. تنهن وانگي امانت جهڙو ڪم جو خيانت واري ماڻهو جيَ حوالي رهندو، تنهن ڪم ۾ سلامت رهڻ جو ڪهڙو ڀروسو؟ تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: ملحد گرسنه، در خانهٔ خالي بر خوان،
عقل باور نکند کز رمضان انديشد.
ترجمو: بيدين بکيو، کاچ پريل سڃي گهر ۾،
عقل نه وسهي ته ڪي رمضان کان ڊڄندو.

١٩٢ - جيڪي ڏسي چار، سو جي ڏسي ميو ته ڦاٽي مري.

ميو يعني مڇيءَ مارڻ وارو، يعني ڇـار پاڻيءَ ۾ پوي ۽ مڇيون گهڻيون ڏسي، پر تن مان ٿوريون ڦاسن ، سي مهاڻو ڏسي؛ ۽ سڀ مڇيون ڪين ڏسي، پر جي ڏسي ته جيڪر حرص کان ڇريو ٿي پوي. مطلب هـي آهي جـو ٿوريءَ گجيءَ وارو ماڻهو جيڪڏهن ڪو گهڻو مال ڏسي، ته سانديي نـه سگهي، يا ڪا وڏي ڳالهه ٻڌي ته دل ۾ رکي نه سگهي؛ سو ڪو ته ٿوريءَ گجيءَ وارو ماڻهو اهڙو آهي، جهڙو ننڍو ٻاسڻ؛ جي ننڍي ٻاسڻ ۾ گهڻو پاڻي وجهبو، ته جائي هاربو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: چوٽي نرڪي پيٽ ۾ رهي نه موٽي بات؛
اڌ سير ڪي پاتر ۾ ڪيسي سيـر سمات ؟
ترجمو: ننڍي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڏي ڳالهه نـه ماپي؛
اڌ سير جـي ٻاسڻ ۾ ڪٿي سيـر ماپندو؟

١٩٣ - جاتي، پاڻي، ڏاتي پاڻ.

پهاڪي جي معني هي آهي جو جتي پاڻي آهي، تتي ڪر ڏٺي پاڻ آهي. مطلب جـو جنهن ڌرتيءَ تي پاڻي آهـي، تنهن تي وسندي آهي؛ پاڻي بنا سڃ آهي. ان لاءِ هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙي بادشاهه پنهنجي ٻـن اميرن تي ڌار ڌار تحـقيق رکي، ته سيني شين جو ٻج آڏي ڏيو. تنهن موجب هڪڙو شين جي ٻج ڳولڻ لاءِ ويـو ملڪ گهمندو؛ اٻيري ۾ ٻئي پاڻيءَ جو ڪٽورو ڀري اڳيان رکيو، يعني جاندارين ته پاڻي سڀ جو ٻج آهي؛ تنهن جي عقل کـي بادشاهه پسند ڪيو. حاصـل ڳالهه

جو ھئي، تہ ڀاڳ واري ڀاڱي ڪي ساراھي ٿو، جو سڄي دنيا جو جيئاپو ڀاڱي تي آھي.

١٩٤- جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنھن لمندا ڪن.

لمندا ڪن يعني ڏکيا ڪن. جيتوڻيڪ ڏکيا ڪن ٻڪريءَ ڪي وڏي ويڪ نہ آھي، پر ھڪڙو ٿورو آھڄاڻ وڌ جو ڏيکاري ٿو. پر مطلب ھي آھي، جو ھڪڙو نوڪر رکجي، پر تنھن کي نند جي عادت گھڻي ھئي ۽ آن جي بدران ٻيو رکجي پر آن جو حال ٻڻ اھڙو ئي ھئي، تہ آھي نوڪر ھن ڀاڳي جا مخاطب چاڻجن.

١٩٥- جواريءَ سيڻي ھار.

ڀاڳي وارو چوي ٿو، جو جواري، جنھن ھاريندو تيئن راند مڻي لڳنديس، ۽ وري وري کٽڻ جي لالچ تي ڪيڏندو پر يقين آھي جو کٽندو تہ بہ ڪارو منھن، جي ھاريندو تہ بہ منھن ڪارو. جھڙو نمبر ١٨٣ واري ڀاڳي ۾ لکيو آھي.

١٩٦- جاتي کير تاتي کنڊ، جاتي جھڻ تاتي لوڻ.

معني ڀاڳي جي ھي آھي، جو جن وٽ کير آڇي شئي کائڻ لاءِ آھي، تن کي مٺاڻ ٻڻ عمدي وٽ کڻڻ لاءِ ملي ٿي؛ ۽ جن کي جھڻ سادي ونگري آھي، تن وٽ آن ۾ وجھڻ لاءِ لوڻ بہ مس ٿو لڀي. پر مطلب ھي آھي، جو ڀاڳي وارو ڏٺيءَ جي وڏائي ۽ بي پروائي ٿو ڏيکاري، جو ھڪڙن وٽ دولت بہ گھڻي ۽ اولاد بہ صالح، ھڪڙا ولھا، تن جو اولاد نڀالو تنھن تي بجيدي ساڏ چيو آھي:

وچن: اڪنا دي گھر پت پتان دي پوتي،
اڪنان دي گھر نھان نھان دي دوتي،
اڪنان دي گھر اڪ سو ٻي جاءِ مر
بجيدا ڪون آکي صاحب نون يون نان يون ڪر.

ارٿ: هڪڙن جي گهر ۾ پٽ پٽن جا پوڙا؛
هڪڙن جي گهر نُهرَ نُهرن جا ڏوهٽا؛
هڪڙن جي گهر ۾ هڪڙو پٽ اوهو به مري،
ڪير چوي ڏٺيءَ ڪي هئن نه هئن ڪر؟

١٩٧- جڏهن ڏنـد هئا تڏهن حلوه نـه هو،
جڏهن حلوه آهي، تڏهن ڏند نه آهن.

حلوه جيتوڻي ڪُنڙي شئي آهـي، ڏندن بنا پڻ ڪائي سگهجي پر چبڻ ڏاڙان ڪا به شئي ساڻ نـه ڏئي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جڏهن جواني هئي ۽ محنت ٿـي سگهي ٿي، تڏهن موت ياد نه هو، ۽ ڏٺي جي عبادت ڪري نه سگهيو، ۽ ڏنڏن ۾ وهائي؛ هاڻي جڏهن موت اکين سان ڏسجي ٿو، تڏهن جواني ناهي جو محنت ڪري سگهجي تنهن جو ارمان ٿو ڪري تنهن لاءِ سائين لوڪ هيو آهي:

وچن: پنج پهـر ڌنـدي گئي، تيـن گواهي سوءِ،
ايڪ گهڙي هرنا پچو، ڪُسل ڪهان تي هوءِ؟

ارٿ: پنج پهر ڌنڌي ۾ ويا، ٽي پهر ننڊ ۾ وڃايئي؛
هڪڙي گـهڙي بـه ڏٺـي ياد نـه ڪيئي،
خيرُ ڪٿان ٿيندءِ؟

١٩٩- جبل سان مٿو هڻئين نيٺ مٿو ڀڄي.

مطلب هي آهي، ته جو پاڻان ڏاڍي سان وڙهندو، تنهنڪري جبل سان مٿو هنيو، سو پنهنجو مٿو ڀڃائيندو، جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: زود بيني شڪسته پيشاني،
توڪه بازي بسر ڪني باقوچ.

ترجمو: سگهو پنهنجو نرڙُ ڀڳل ڏسندين؛
تون جو دُنبي سان ٽڪري راند ڪندين.

۱۹۹- جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن کٽي؛ ڪن هاري.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ مطلب هيڪڙو آهي، جو هي دنيا جوا بازي آهي؛ تنهن ۾ جن چڱا ڪم ڪيا ۽ ڌڻيءَ کي ياد ڪيو، تن کٽيو، ۽ جن بڇڙا ڪم ڪيا ۽ ڌڻي وساريو، تن هاريو.

۲۰۰- جي وسي چيٽ، ته ان نه ماپي ڪيٽ.

چيٽ يعني چيٽ جو فصل، ڪيٽ يعني پوک. هي پهاڪو سنڌ ملڪ جو اصطلاحي آهي؛ هن طرح، جو چيٽ جي پوک گهڻو ڪري بوسي ٿيندي آهي، جنهن کي واهه جو پاڻي نه رسي، تنهن تي جيڪڏهن مينهن وسي ته ان گهڻو ڪري.

۲۰۱- چنڊ ۾ وار، ٻٽ ۾ واره

اڪثر جي معنيٰ هي آهي، جو جيڪڏهن گهڻيون زالون هيڪڙي چنڊ تي اٽو پيهڻ وينديون هونديون، ته جيڪا اڳي ويندي، سا اڳي پيهندي، جيڪا پوءِ ويندي سان پوءِ، تنهن وانگر ٻٽ تي ڦُلا پِچائڻ واري تي اڳين اڳي، پوئين پوءِ پُچائي؛ پر مطلب هي آهي، جو دنيا مان وهيون، توڙي وڏهو، سڀڪو ڏينهن پنهنجي هليو ويندو. تنهن تي خواجه حافظ چيو آهي:

بيت: دَورِ مجنون گذشت، و نوبت ماست،

هر کسي پنجه روزه نوبت اوست.

ترجمو: مجنونءَ جو وارو لنگهيو، اسان جو وارو آهي،

سڀڪنهن کي پنجن ڏهاڙن جو وارو آهي.

۲۰۲- جيئرو ته ڪَکَ جو، مئو ته لک جو.

هي پهاڪو عام ماڻهو ائين چوندا آهن، هن مطلب تي، جو هيڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن کان گهوڙو اڌارو ورتو، جو ٿوري مهلت وارو هو؛ پر قضا سان مري پيو. تڏهن مٿس مالڪ جي دعوا گهڻي ناڻي جي تي هلندي. ڇا ڪان جو جيئرو نه آهي،

جنهن کي ڏسي ڪو ماڻهو ڪٿيندو، پر ڇگو سو هن طرح آهي:
جيٿرو ته لڪ جو مٺو ته ڪک جو.

يعني هي ماڻهو جاسين جيٿرو آهي، تاسين هزار توڙي لک ڪمائي وٺي، ۽ مٺي ڪان پوءِ ڪک جو مان ٻه نه اٿس.

٢٠٣- جي وڃجي پاڻ، ته نينهن نياپي نه ٿئي.
نينهن بعني عشق، معنيٰ ڀاڪي جي هيءُ آهي ته جو پاڻ وڃڻ ڌاران نياپن سان عشق نٿو ٿئي، پر مطلب هيءُ آهي جو رڳي زبان سان چوندو، ته ڏٺي کي ياد ڪريان ٿو، يا ڪندس، ته ڇا پرائيندو، جاسين دل لائي نه ڪندو. جهڙو گرو نانڪ شاهه جو وچن آهي:
وچن: مڪون هرهر سيڪو ڪهي، ورتي هردي وسايا،
نانڪ جنڪي هردي وسيا، موک مڪت تن پايا.
ارٿ: وات سان ڏٺيءَ جو نالو سيڪو چوي،
پر دل ۾ ڪو ورني وهاري.
گرو ٿو چوي جن جي دل ۾ وسيو، سي ڇٽي ويا.

٢٠٤- جي هيئي ناٺو ته گهر لاڙڪاڻو،
جي نه هيئي ناٺو ته وٺ ويڳاڻو.
هن ڀاڪي وارو رڳو لاڙڪاڻي شهر جو نالو وٺي چوي ٿو، جو ناڻي بنا منجهس ويڳاڻو يعني واڙو ٿيندين. پر مطلب هي آهي، جو دولت وارو جاتي ڪاٿي مان مهت پائيندو، ۽ دولت ڌاران گهر ۾ ويڳاڻو آهي. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:
فارسي: آنرا کہ بر مراد جهان نيست دسترس،
در زاد بوم خويش غريب است ناشناس.
ترجمو: جنهن کي جهان جي مراد تي پهچندي نه آهي،
پنهنجي وطن ۾ پڻ مسافر اڻ سڃاتل آهي.

۲۰۵- جي جڏهن پڳا، سي تڏهن چڱا.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ٻچڙن کمن کي جڏهن ٻچڙو ڄاڻي ڪو ڇڏيندو، تڏهن چڱل ڄاڻبو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: ترجمو: ڪسي گرچه بد ڪرد هم بد نه ڪرد،
چــو مــبــر را بزانــوءِ توبـــه بُـبــرد.

ترجمو: جنهن شخص ٻچڙي ڪي تنهن به ڄاڻ ٻچڙي نه ڪي،
جو مٿي ڪـــي تــوبـــه جي مونن تـي رکيائين.

۲۰۶- جهڙي پت تهڙو چيٽ

جي پت لسي آهي، ته مٿس چٽ به چڱو ٿيندو، نه ته نه. تنهن وانگي جي ارادو چڱو هوندو، تہ قل به چڱو ملندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: ارادت نـيـــاري سعادت مجوءِ،
بچوگان خدمت تـــوان بردگوءِ.

ترجمو: ويساه نه آڻين ته سياڳائي نه ڳول؛ خدمت جـي ڏڪر سان مطلب جي اڻي ڪجي سگهي.

۲۰۷- جهڙي نيت، تهڙي مراد.

نيت چڱي هوندي، ته مراد پرائبي. اهڙو فـارسي پهاڪو پڻ آيو آهي:

فارسي: نيت خاص، مراد حاصل.

ترجمو: چڱي نيت سان مطلب پرائبو.

• اهڙي. وارداني نمبر ۲۰۶ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي:

۲۰۸- جيڪي ڪوهه ۾ هوندو، سو آهه ۾ پوندو.

آهه، ڪوهه جي پرسان ڊورن جي پاڻي پيڻ لاءِ جوڙيندا آهن، معنيٰ پهاڪي جي هي آهي، جو ڪوهه ۾ پاڻي مٺو هوندو

توڙي ڪارو، تہ اهو آهہ بہ پوندو. تهڙيءَ ريت جي ڪم چڱا ڪبا، توڙي بڇڙا، تہ اهڙو ڦل اڳيان ملندو. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: ڪسي دانہءِ نيڪمردي نہ ڪاشت،
ڪزو خرمنِ عافيت بر نداشت،
نہ هرگز شنيديم در عمرِ خويش،
ڪہ بد مرد را نيڪي آمد بہ پيش.

ترجمو: ڪنهن چڱمڙسيءَ جو ٻج نہ پوکيو،
جو ان مان ڀلائي جو ڦر نہ ڪنيائين.
پنهنجي جمار ۾ ڪڏهن نہ ٻڌوسون،
جو بڇڙي ماڻهوءَ کي چڱائي آڏو آئي.

۲۰۹- جيڪي ڪُني ۾ هوندو سو پاٽ ۾ پوندو.

يعني ڪُني ۾ ڀلاءُ رڌل هوندو تہ ڀلاءُ، جي رب رڌل هوندي تہ رب پاٽ ۾ پرڇبي. پر مطلب سندس اهڙو آهي جهڙو پهاڪي نمبر ۲۰۸ واري ۾ لکيل آهي.

۲۱۰- جهڙا روح، تهڙا ختما.

هي پهاڪو مسلماني اصطلاح جو آهي، جو مئن جي روحن نيت ڪاڄ جوڙي ختما ڏيارين؛ پر وڏن ماڻهن جي روحن لاءِ اڇا ڪاڄ، ۽ غريبن لاءِ سادا. مگر مطلب هي آهي جو سڀ هڪجهڙا لياقت وارا نہ آهن. هڪڙا اهڙا، جن مان شاباس چوڻ سان ڪم ٿئي، ۽ هڪڙن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڦٽ لعنت جو ضرور ٿئي. جهڙو فارسي بيت آهي:

فارسي: نہ هر ڪس سزاوار باشد بمال؛
يڪي مال خواهد دگر گوشمال.

ترجمو: سڀڪو مال وٺڻ جو جوڳو نہ هئي،
هڪڙو مال گهر ٻيو ڪَنّ مهٽ.

۲۱۱- جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا.

ڪانءُ هڪڙو ٻچڙي مهانڊي وارو پکي آهي، پر پکين ۾ سياڻو پکي ٿو سڏجي سو جڏهن پاڻ سياڻو، تڏهن سندس ٻچا پڻ سياڻا چئبا. تنهن وانگي سگهڙ ماڻهوءَ جو اولاد پڻ سگهڙ ڄاڻبو. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

فارسي: ڪسي را ڪه بابا فلاطون بود،
ازان پسر هنر بي هنر چون بود؟

ترجمو: جنهن جو پيءُ فلاطون * هئي،
اهڙي هنر واري مان اڄاڻ پٽ ڪئن ٿئي؟

۲۱۲- جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.

اٺ وڏي قد وارو وهٽ آهي، تنهنڪري سواريءَ ۾ سندس لوڏو پڻ وڏو ٿئي. گڏهه ننڍو وهٽ ٿيندو آهي، تہ سندس لوڏو پڻ ٿورو آهي. تنهن وانگي بادشاهه وڏيءَ پڄنديءَ وارو آهي؛ تہ مٿس گهڻيون ۽ معاملا پڻ وڏا آهن؛ فقير غريب آهي، تہ چنتا پڻ رڳي روٽيءَ جي اٿس. ان لاءِ هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

فقير هڪڙو نصيب جي زور مان، ڪاٿي وڃي راڄا ٿيو. هڪڙي ٻئي فقير، جو سندس اڳيون سڄاڻو هو، اهو حال ڏسي واڌائي ڏنيس، تنهن کي فارسيءَ ۾ چيائين:

فارسي: تعزيت ڪن، تهنيت مده،
پيشتر غم ناني داشتم، حالا غم جهاني.

ترجمو: 8 پرچاڻي ڪر، وڌائي نہ ڏي،
اڳي مانيءَ جي ڳڻتي هيم، هاڻي جهان جو ڏک اٿم،

هي بيت پڻ ٻڌو اٿم:

بيت: گدرا چو حاصل شود نان شام،
چنان خوش بخسپد ڪه سلطانِ شام.

* نالبري حڪيم جو نالو. 8 مئي جي وارثن سان ڳالهائڻ.

ترجمو: پينار کي سانجهيءَ جي ماني جڏهن پڙ پسي،
اهڙو سڪالو سمهي، جهڙو شام ولايت جو راجا.

٢١٣- جي جڏهن چڙهيا، سي تڏهن سوار.

هڪڙو ماڻهو ولهو هئي، ۽ ڏٺيءَ جي تون سان پاڳ لڳيس، ۽ وهيون ٿئي، تہ آهو وهيون چائبو؛ جهڙو نادر شاهہ بادشاهہ ۽ تيمورلنگ بادشاهہ، جي اصل غريب هئا، سي بادشاهي ماڻ ڪان پوءِ سڏيا ويا. پهاڪي وارو سچو آهي ڪ نہ؟

٢١٤- جيڏو پٽ، تيڏي بکيا.

پَٽ، دريائي ناريل جي ڪل جو اڌ، جنهن کي پَٽ بہ چون ۽ ڪشتي پڻ؛ تنهن ۾ فقير بکيا يعني ڀِڪ وٺن. معني هيءَ آهي، جو وڏي پَٽ واري فقير کي گهڻي بکيا ملي ۽ ننڍي پٽ واري کي ٿوري. مطلب هي آهي؛ جو ڏٺي پنهنجي قدرت سان سڀڪنهن کي قدر سارو رزق ڏو پهچائي، جهڙو هاٿيءَ کي مڻ ۽ ڪيليءَ کي ڪڻ. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

فارسي: گدا را کند يک درم سيم سير،
فريدون بملکِ عجم نيم سير.

ترجمو: پينار کي هڪڙو ڏوڪو ربي جو ڍاپائي،
فرون * عجم جي ملڪ هوندي اڌ ڍاول.

٢١٥- جهڙي سٺ تهڙيون ٽي وينهون.

هي پهاڪو ڏڏن جي بي سمجهيءَ ڏيکارڻ لاءِ آيو آهي؛ جهڙو ڪي هڪڙي جٽ کي سٺ روپيا آٺ جو ماهہ چنجي، ۽ هو ناراض ٿي ٽي وبهون گهري. آن ۾ رڳي جٽ جي اجاڻائي، يا ڪو ڦير؟ اِن تي هڪڙي ڳالهہ ياد آئي اٿم:

* وڏي راجا جو نالو.

ڳالهه

سال ١٨٥٧ع ۾ ڪپري جو مختيارڪار هوس، ۽ سرڪاري حڪم سان انن جي گهڻ لاءِ ٿـر ۾ ويس. اتي هڪڙو ماڻهو ذات جو پلي آڻ ويڪو وٺي آيو، ۽ سؤ روپين ملهه چيائين؛ تنهن کي ڪميٽيءَ جي صلاح سان ستر روپيا چيم، تہ راضي نہ ٿيو. چيائين جو جيڪڏهن ڏهن مٿي سٺ روپيا ڏيو، تہ آڻ ڏيان. اها ڳالهہ ٻڌي سڀ مجلس وارا کلي ٽالي ڪيرا ٿياسين.

ہر مطلب هي آهي، جو اهڙن ڏڏن جي سنگت کان ٻاسي رهڻ چڱو آهي. اميد نہ آهي جو اهڙو ڏڏ عقل واري کان ڪي ڪان ڪي سکندو، وڌيڪ جيڪڏهن سياڻي کي اهڙي سنگت سان ڪرڻ جو ڏپ آهي. جهڙو فارسيءَ ۾ لکي ٿو:

فارسي: طلب ڪردم ز دانايان يکي پند،
مـرا گفتند: بـا نادان مپيوند،
کہ گر داناءِ دهري، خـر نباشي،
وگر ناداني، ابـلـه تـر نباشي.

ترجمو: سياڻن کان هڪڙي نصيحت گهريم، سو کي چيائون،
اجاڻ سان نہ گڏ ٿيءُ جـو جيڪڏهن زماني جـو سياڻو
آهين تہ گڏهہ نہ ٿين، ۽ جيڪڏهن اياڻو آهين تہ هيڪاري
ڏڏ نہ ٿين.

٢١٦- جا مڙسي مڙسن ۾، سا مارئيي ۾ ناهي.

ماريو، هي اکر هن ملڪ جي زالن جي ڄوڻ جـو آهي، جو ڪاوڙ جي مهل مڙسن يا ڇوڪرن کي چون. هن ٻهاڪي وارو ڪنهن ڳالهوءَ ڏي اشارو ڪري چوي ٿو، جـو واري مڙسي مڙسن منجهس ناهي. ہر مطلب ڇا آهي، جو مڙسي آها، جنهن سان ڏٺيءَ کي پهچي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: مردانِ خدا خدا نباشند،
ليکن ز خدا جدا نباشند.

ترجمو: ڏٺيءَ جا مرد ڏٺي ئي آهن؛
پر ڏٺيءَ کان ڏار نہ آهن.

۽ جنهن ۾ اهي مڙسي نہ آهي، رڳو دنيا جو گهوڙو آهي تنهن کي مڙسي نہ ڇئبي، بلڪ ڪڏڙو جاڻبو. جهڙو عربيءَ واري چيو آهي:

عربي: طَالِبُ الْمَوْلٰي مُذَكَّرٌ، طَالِبُ الدُّنْيَا مُخَنَّثٌ.
ترجمو: ڏٺي جي ڳولو مڙس، دنيا جو ڳولو ڪڏڙو.
ڏڏهن جنهن ۾ اها مڙسي نہ هئي، سو پاڻ کي مڙسن جي زمار ۾ نہ ڳڻي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: محاسن چو مردان نداري بد ست،
نہ مردي بود پيش مردان نشست.
ترجمو: مڙسن واريون ڇڱايون جي پاڻ نہ سارين،
تہ مڙسن وٽ وهڻ مڙسي نہ آهي.

۲۱۸ – جاتي پڇي نہ سگهجي، تاتي پڇڻ ڪم وريام جو.

وريام معني سورهيہ، يعني پاڻان ڏاڍي سان جهيڙو هئي ۽ پهچي نہ سگهي، تہ پڇڻ بہ سورهيائي آهي. جهڙو فارسي بيت آهي
بيت: ز خورشيد پنهان شود بوم ڪور،
ڪ جهل است با آهنين پنجہ زور.
ترجمو: سج کان چپ انڌي لڪي رهي،
جو لوهي ڇنبي واري سان زورلائڻ ڏاڏائي آهي.
تنهن وانگي جيڪڏهن زمانو تنهنجي مرضيءَ موجب نہ هلي تہ سائس زور نہ هلاءِ، ۽ تون سندس مرضيءَ تي هل. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: گر زمانہ با تو با زمانہ بساز.
ترجمو: جيڪڏهن زمانو تو سان نہ نهي، تہ تون سائس نهہ.

۲۱۸- جيءُ خوش، تہ جهان خوش.

يعني ماڻهو پاڻ سکي آهي، تنهن جسي ليکي سڄو عالم سکي آهي؛ ۽ ٻئي جي ڏک جي هن کي ڪهڙي سُڌ. جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: کسي قيمت – تندرستي شناخت،
کہ يکچند بيچاره در تپ گذاشت.
ترجمو: چڱيلائيءَ جو ملهہ اهو سڃاڻندو،
جو ڪي ڏهاڙا ويچارو تپ ۾ گذاريندو.
۽ ان لاءِ هڪڙو نقل آهي:

هڪڙي حجام پنج ڏهہ مُهرون گڏ ڪري پانيءَ ۾ ڏَريون هيون. هڪڙي ڏهاڙي ملڪ جي حاڪم وٽ حجامت جوڙڻ لاءِ ويو، تنهن ملڪ جو سما چار پڇيس. تنهن کسي چيائين تہ ملڪ سکي وسي ٿو، پر حاڪم کي پانيءَ وارين مهرن جي سُڌ پئجي ويئي، تنهن ڪو ٻول ڪري اهي مهرون ڪڍائي ورتيس. وري هڪڙي ڏهاڙي سيرب جي مِنهن سڏائي ملڪ جو حال پڇانس، تڏهن چيائين تسہ ملڪ پينگ ٿيسو پيو آهي. هاڻي ويچار ڪرڻ گهرجي، تہ پهاڪي واري سچ چيو آهي يا نہ. اهڙي مطلب لاءِ نمبر ۵۹ وارو پهاڪو پڻ آيو آهي.

۲۱۹- جا بندي کي بارُ، سا صاحب کي سُتري.

سچ، جو ڪم هن بندي کسي اهنجو لڳي، سو ڌڻيءَ جي اڳيان سنهنجو آهي. تنهنڪري انسان کسي گهرجي، جسو جڏهن ڪا سوڙهہ پويس، تڏهسن ان مشڪل ڪشا کسي ياد ڪري، تہ سولي ٿئيس. ان باب ۾ اردوءَ واري چيو آهي:

بيت: اي دل تو فڪر مت ڪر تيرا خدا ڀي هي،
مشڪل پڙا تو ڪيا هي، مشڪل ڪشا ڀي هي.

ترجمو: اڙي هيا! تون ڳڻتي نہ ڪر، تنهنجو ڏٺي آهي، آوکي پيئي تہ ڇا ٿيو؟ آسان ڪندڙ بہ آسي.

ج

٢٢٠- جگر ۽ چار، اگهہ مڙيئي هڪڙي.

جگر يعني چاگوري پيرا جنهن جي ڪاٺي ڏاڍي ۽ ماهہ واري آهي. چار جنهن جو ڦر پيرون، جنهن جي ڪاٺي هيٺي ۽ ٿوري ماهہ واري ٿئي؛ يعني هنن ٻنهي ذاتين جون ڪاٺيون هڪ اگهہ وڪامن. مطلب هي آهي جو هي پهاڪو ڪنياوَ واري راڄ جو نشان ٿو ڏيکاري، جنهن ۾ اشراف ۽ ڪميڻي جو هڪ جيترو مانُ. ڇهڙو هن ڪتاب جي نمبر ١٥ واري پهاڪي ۾ لکيو ويو آهي.

٢٢١- چٽ ٻکيو موري کائي، موري ٻک گهٽيري لائي.

موري جيتوڻيڪ تہ پاڻ چرڪي هضم ٿئي، پر ٻئي ڪاڏل ڪاڄ ڪي سگهو پچائي ۽ ٻک لائي. ان پهاڪي مان مطلب هي ٿو نڪري، جو بعضي پنهنجي اڄاڻائي ڪان فئدي لاءِ اهو ڪم ڪن، جنهن مان مورڳو گهاٽو ٿئي. تنهنڪري سڀ ٽي ڪي ڪپي تہ جو ڪم ڪري، تنهنجو آڳو پيچو ڳڻي ڪري.

٢٢٢- چٽ جي چمار اڊائي ڪتا.

اڊائي ڪتا، هي گهڻي جهڙو اکر آهي؛ پر معني سنديس هيءَ، جو چٽ يعني مورک هڪڙو ڪتو چوڙي پورو ڪندو ۽ ٻيو پٽ چوڙيندو، ٽيون جاسين اڌوراٽو ڪندو، تاسين چمار پوري ٿيندي. پر مطلب هي آهي جو انسان کي دنيا ۾ اڇي وڏو ڪم هي ڪرڻو آهي، جو ڏٺيءَ کي ياد ڪري ساڻس واصل ٿئي، يا ٻڙهيل ناليرو، يا ڪاريگر پڌرو، يا سياڻو مشهور يا مخي، يا سورهم ٿي نالو پڌرو ڪري. پر جڏهين اهڙن

ڪمن ڪان پري رهيو، تڏهن سمجهبو جو چار اجائي وجايائين ۽ اجايو ڇانئو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: جنني جني، تہ هر جن جني، ڪان داتا، ڪان سور،
تيئون جنني نا جني، تہ اور جنن سب ڪوڙ.

ترجمو: ماءُ ڄڻي تہ ڀڳت ڄڻي، يا سخي، يا سورهہ ڄڻي،
جي اهي نہ ڄڻي، تہ ڀلو ڄڻڻ ڪوڙو آهي.

۲۲۳- ڇاڻي وڇونءَ جو منڊ بہ نہ، هٿ وجهي نانگن ۾.

بعضي اياڻا ماڻهو پاڻ کي سياڻو ڇاڻي پنهنجي سياڻپ ۽ ڏت کان وڏي ڪم ۾ هٿ وجهن، جنهن کي سوارڻ بدران ڪارين؛ يا پاڻ کي گهاٽو وجهن. اهڙن کي هي پهاڪو چيڻ ٺهي ٿو ڪري. ان لاءِ هنديءَ وارن چيو آهي:

هندي: ڇاري هاٿ سانپ مين، نہ جاني منتر بيچن ڪو؛
ايسو موڙ مت ڪهو، ڪهان سک پاءِ هي.

ترجمو: وجهي سپ ۾ هٿ، منڊ وڇون جو ڄڻ نہ،
ڇاڻي، اهڙو اڄاڻ ڪٿان سک پائيندو؟

۲۲۴- چپ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.

چپ جي ترڪڻ يعني اجايو ڳالهائڻ، پير سان ترڪيل ماڻهو ٿورو گهڻو ڌڪ کائيندو، جو ٿوريءَ گهڻيءَ ڀڪيءَ ڦڪي سان ڇٽي پوندي؛ ۽ زبان مان اجائي اکر نڪرڻ سان وڏو ڏپ آهي، جو اهو ڳالهؤ وري وات ۾ نہ پوندو. مطلب جو هي پهاڪو زبان جي قناعت جو تاڪيد ٿو ڪري، تہ سمجهي سارو ڳالهائي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: صراف سخن باش، سخن بيش مگو،
تا از تو نپرسند تو از خويش مگو؛
گوش تو دو دادند، زبان تو يکي؛
يعني کہ دو بشنو، زيکي بيش مگو.

ترجمو: ڳالهوءَ جو صرفو ڪر، ڳالهوءَ اڳي نہ ڳالهائي؛
جاسين توکان نہ پڇن، تاسين ٻاتان نہ ڳالهائي،
توکي ڏٺيءَ ڪن ٻہ، ڏنا ۽ چپ هڪڙي،
هن لاءِ جر ٻڌ ٻہ، ڳالهائي هڪڙي کان واڌو نہ.

٢٢٥- چٻ جي چمار، ملوڪ جي رات.

چٽ يعني جهنگلي يا اجاڻ. ملوڪ يعني اشراف يا وڏو ماڻهو. هي پهاڪو اصل ڪنهن ميري ڪم جي باب ۾ آيو آهي سو بيان ڪرڻ صلاح نٿو اچي؛ سون کي منجهانس مطلب ڪڍيو آهي، جو سون گپ ۾ هئي تہ بہ ڪٽي ونجي. سو مطلب هي آهي جو بي ڏرم ماڻهوءَ جي سنگت ۾ جيڪڏهن سڄي چمار وڃائبي، تہ پرائبو ڪين؛ ۽ ڌرميءَ جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت پل گهٽو قل ڏيندي. جهڙي لوهہ کي پارس جي سنگت.

جهہ

٢٢٦- جهونا ڪپڙا ٻوڍا ڍور، تسڪا ناٽا لي گيا چور.

هي پهاڪو جيتوڻي هنديءَ ٻوليءَ وانگي چئڻ ۾ اچي ٿو، پر سنڌ ۾ راواجي آهي. معني سنديس هيءَ آهي، جو ڪپڙو پراڻو ٿيو تہ ڪر ملهہ چور ٿيو؛ تنهن وانگي ڍور ٻڍڙ ٻوڙهو ٿيو تہ ڪم کان نبريو. پر جيڪڏهن مچ ڪري پڇو، تہ ماڻهو پڻ اِن قطار ۾ ڳڻڻ گهرجي. فارسيءَ وارر چوندو آهي:

فارسي: پيري صد عيب، چنين گفتہ اند .
ترجمو: سياڻن چيو آهي جو ٻڍاپڻ سو ويڪون.

اهڙو ذڪر نمبر ٣٧ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

چ

٢٨٨- ڇيريءَ آهر پير ڏگهيرجي.

ڇيري يعني رات کي مٿي پائڻ جو ڪپڙو يعني سوڙ. سياري ۾ مٿان سوڙ ننڍي هوندي ۽ پير ڪانئس ڏگها پکيڙيا، ته سيءَ ۾ ڏڪندا؛ تنهن وانگي جو ماڻهو پنهنجي ڪمائيءَ کان واڌو خرچ ڪندو، تنهن جون سگهو ٽنگون لڳنديون يعني ڪاپاربو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: اپني پهنچ وچارڪي ڪرتب ڪرئي دور،
تيتي پير پسارئي جتني لنبي سوڙ.
ترجمو: پنهنجي پڄندي ساري ڪم ڏوڙي ڪجي،
اوترو پير ڏگهارجن، جيتري ڏگهي سوڙ.

٢٢٨- ڇڳو جن اکيو، منڊو سي نہ پسن،
توڙي رڻ رهن، ته بہ ڪندو ڪانئن ڪير سان.

هي پنهاڪو بخت جي ساراهہ تو ڪري، يعني بختاور کي سچ ۾ پڻ وسندي، ٿوري سان واڌو، نياڳ سان سڀاڳ.

اهڙيءَ طرح فارسيءَ واري پڻ بخت کي ساراهيو آهي:

فارسي: فروغِ بخت طالب، سايئہ هما مطلب،
چو بخت يار شود چغد هم هما گردد.
ترجمو: ڀاڳ جو موجهرو گهر، هما (١) جو پاڇو نہ گهر؛
جڏهن بخت ساٿي ٿئي، (٢) پڻ هما ٿئي.

٢٢٩- چاڪر، چياڪر

چاڪر يعني چياڪر، چيو مڃيندڙ. مطلب هي آهي جو نوڪر پنهنجي مالڪ چيو مڃيندو هوندو، سو مان لهندو؛ جهڙو گرو نانڪ شاهہ جو وچن آهي:

(١) هڪڙو سڀاڳو پکي (٢) هڪڙو نڀاڳو پکي.

وچن: چاڪر لڳي چاڪري جي چلي خس ۾ پاءِ.
حرمت آسنون اڳلي، وڃهہ ۾ دوشا ڪساءِ.

ارٿ: نوڪر نوڪريءَ ۾ لڳي جي مالڪ جي وڻنديءَ تي هلي، مان وڏو مڃندس، مواجب پڻ پيٽو ڪائيندو.

٢٣٠- چرئي ڪان پڇياڻون: ڪي چڱو آهين؟ چي ويران وير وڌ.
ويران وير وڌ، هي رواجي چوڻ آهي، جهڙو ڏينهان ڏينهن واڌو، معنيٰ هيءَ آهي، جو ذاتي چريو هوندو، سو ڪهڙيءَ تربيت ڪان پوءِ به سڌريل نہ ڏسبو، ويتر اڳي ڪان واڌو چريو ٿيندو. تنهن وانگي لاڻاري ماڻهوءَ کي توڙي ڪهڙي تعليم ڪبي، تہ بہ پنهنجي پراڻي هير نہ ڇڏيندو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ڪانگ پڙهيا پڇري، پڙهہ گيا چارون بيد؛
سمجهايا سمجهي نهين، ڪوڙا ڀيد ڪا ڀيد.

ترجمو: ڪانءُ پڃري ۾ ويهي چارئي بيد پڙهي،
سمجهائڻ سان بہ نہ سمجهي، ڪوڙو پليت جو پليت.

۽ ان لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: شمشير نيڪ ز آهن بد چون ڪند ڪسي،
نا ڪس بہ تربيت نشود اي حڪيم ڪس.

ترجمو: بڇڙي لوهہ مان ڪير ترارموچاري جوڙي سگهي،
نا ماڻهو سيکارڻ سان ماڻهو نہ ٿئي.

٢٣١- چريا چرين گڏيا، ادا عيد مبارڪ.

عيد مبارڪ، هي مسلماني اصطلاح آهي، جو عيد ڏهاڙي خوش ٿي هڪٻئي کي مبارڪ ڏين؛ پر ٻهاڪي جو مطلب هي آهي، جو چرين کي سنگت پڻ چرين جي وڻي. جيترو ڪي چرئي جي سنگت سياڻي کي وڻي، سياڻي جي سنگت پڻ چرئي

ڪي اوتري وٺندي. جهڙو ڪير کنڊ سان ٿهي، ۽ جهڙو لوڻ سان: پر جي لوڻ ڪير ۾ پوي، يا کنڊ جهڙو ۾، ته ٻئي ٿلهو ساءُ مٽائي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: آتم سؤن آتم ملي، ملي نيچ سون نيچ،
پاني سون پاني ملي، ملي ڪيچ سون ڪيچ.

ترجمو: چڱي سان چڱو گڏجي ڪميڻي سان ڪميڻو،
پاڻي پاڻيءَ سان ماي، ۽ گپ گپ سان گڏجي.

٢٣٢- چرين کهڙا چت، مٺن کهڙا معاملا.

چت يعني دل، پر مطلب چنتا يا فڪر. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جيئن مٺو ماڻهو دنيا جي ڏيتي ليتي کان پري ٿيو، تيئن چريو ماڻهو دل جي چتونائن، توڙي دنيا جي ڏنڌن کان چٽل آهي. پر جڏهن ڪو ڪامل دنيا کي ڪوڙ سمجهي گرهانس پڇي ويس مٽايو وتي، ته ان کي دل جي آٽ تٽ، توڙي دنيا جي آلڪن کان بي پرواهه ڄاڻيو، رنگ ۾ رتو رهي، ۽ ماڻهن جي اجائي سجائي ڳالهائڻ جو سانگو نه رکي. جهڙو هڪڙي ڪامل جو وهڻ آهي:

وهڻ: جيون عملي سنگ عمل لپٽانا،
ميرا من رامهن لپٽانا،
رام نام ميري هودي بسي،
نهين چوڏون چاهي ڪو هسي.

ارٿ: جيئن آفيمي آفيم سان نوپيل،
منهنجي دل ڏٽيءَ سان ڳنڍيل؛
ڏٽيءَ جو نالو منهنجي دل ۾ ٽمڪي،
توڙي، تي ڪو کلي ته ڪين ڇڏيندس.

٢٣٣- چريءَ جـو چوڙو، ڪڏهن ٽنگ ۾، ڪڏهن ٻانهن ۾.

چوڙو سـيڪا زال ٻانهن ۾ پائي، جنگهه ۾ ڪا ڪا نه پائي، پر هي پهاڪو چريءَ رن جو اهڃاڻ ڏيکاري ٿو. تنهن وانگي چريو ماڻهو سدائين ڪڏهن ڪهڙي، ڪڏهـن ڪهڙي حـال ۾ رهي.

٢٣٤- چري ڦٽ ۾ به خوش.

ڦٽ يعنـي لعنت. مطلب هـي آهي، جـو بيوقوف ماڻهو هڪڙو چريائيءَ جهڙو ڪم ڪري، تنهن کي ڏسي سياڻو ماڻهو سارا هم جي لباس ۾ گلا ڪري، ۽ انڃاڻ ان کي سچ پچ سارا هم سمجهي ٺيڪرجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: سگي را چون ڪلوخش بر سر آيد،
ز شادي بر جهد کين استخوانست.

ترجمو: ڪتي کي جڏهن پتر متي تي لڳي،
خوشيءَ کان هـڏو سمجهي ٽپي.

٢٣٥- چوري نه موري، سوري تہ به گهوري.

اکرن جـي معنيٰ هيءَ آهي، جـو چوري وارو ساڻـو نه ٿيندو، پر جي ساڻو ٿئي، تہ چڱو نه آهي. ۽ مطلب هـي آهي، جو پهاڪي وارو چوريءَ کي بڇڙو ڄاڻي منع ڪري ٿو.

٢٣٦- چڱو ڪر، چڱو ٿيئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو جيڪا ڪنهن سان ڀلائي ڪبي، سا ڄاڻ پاڻ لاءِ فائدو آهي. سياڻا چوندا آهن، جو چڱائي لهڻو ۽ مدائي ڏيڻو آهي. ان لاءِ هڪڙو سنڌي بيت آهي:

نيڪيءَ منجهان نيٽ، چوڏاري چڱو ٿئي،
بري پائي بيٽ، چڱي چورئِ ڪو نہ ڪو.

٦٣٧- چوٽو نه اوٽو.

چوٽو يعني رزق، اوٽو يعني گهٽ. مطلب هي آهي، جو رزق جيڪي نصيب ۾ لکيل آهـي، سـو ڪڏهن گهٽ وڌ نه ٿيندو. تنهن لاءِ هڪڙو فارسي پهاڪو آهي:

فارسي: دو چيز محال عقل است و خلاف نقل،
خوردن کم بيش از رزق مقسوم،
و مردن پس پيش از اجل معلوم.

ترجمو: ٻه شيون عقل کان اهڙيون ۽ آکاڻيءَ کان ابتڙ آهن:
نصيب واري رزق کان وڌ گهٽ کائڻ،
موت واري ڏينهن کان پوءِ مرڻ.

٣٨ – ٻاڪريءَ ڇوڙ، نيوالي حاضر.

نيوالو، يعني ڳاڃ جو گره، فارسي نواله. ٻهاڪي جي معني هيءَ آهي، ته جو نوڪر ڪم مهل ڇورن گهاءُ لڪي وڃي، ۽ کائڻ مهل حاضر، اهڙي لوڻ ڇور لاءِ هي ٻهاڪو آيو آهي. پر مطلب هي آهي، جو هي بت ۽ دولت سڀ ڌڻيءَ جا ڏنل آهن، جيڪو آها نعمت هنڊائي ڌڻيءَ جي عبادت نه ڪندو، سو پڻ هن ٻهاڪي جو مهاڏو آهي.

٢٣٩– ڇڳا سي، جن جا ڀريان ڇڳا.

جو شخص ڇڱو ماڻهو هئي ۽ سندس اولاد سالچڻو ٿئي، ته ڄاڻبو، جو اُن ڇڱيءَ ماڻهوءَ جو نالو ڪو ڏهاڙو دنيا تي رهندو؛ ۽ جي اولاد نڀالو ٿيس ته سندس ڇڱ ماڻهوءَ جو نالو اڏامي ويندو. تنهنڪري اولاد کي گهرجي جو وڏڙن جي نالي رهڻ لاءِ سعيو ڪن. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: نام نيکو رفتگان ضايع مکن،
تا بماند نام نيکت پايدار.

ترجمو: نالو سوچارو وڏن جو اجايو نه ڪر،
ته تنهنجو نالو سوچارو سدا رهي.

٢٤٠– ٻڪيءَ ڏاند وڃايو، ڳڇي گهاٽي ڌاري.

ٻلا ڏاند وڃايل گهاٽي جي ڇوڌاري ڳوليندو، سو ڪٿان لهندو؛ پر جيڪڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ڳوليندو ته شايد

هٽ اچي سهڙندس. تنهن وانگي هنر وارو يا عقل وارو ماڻهو پنهنجي گڻ کي پڌرو ڪرڻ ٿا نٿي، ته هيڏي هوڏي گهٽي پنهنجي سياڻپ ڏيکاري، ڏا ته گهر ۾ گمنام رهندو. جهڙو باز هڪڙو پکي آهي، پر هيڏي هوڏي جا شڪار ماري پنهنجو گڻ ٿو ڏيکاري، ته وڏي مان ۽ مهت سان بادشاهن ۽ سردارن جي هٿن تي ويهڻ جي جاءِ ٿو پائي. ۽ چپ پڻ آڏامندڙ پکي آهي، پر سدائين کوهه ۾ يا انڌاريءَ ڪنڊ ۾ ٿي رهي، ته سندس پاڇي کان به ماڻهو پڄن. ان تي هڪڙو فارسي بيت پڻ آيو آهي:

بيت: نيست صائب در وطن اهلِ سخن را آبرو،
آبرو گوهر نباشد تا که باشد در صدف.

ترجمو: سياڻي ماڻهوءَ کي وطن ۾ مان نه آهي،
موتي جاسين سپ ۾ آهي تاسين مان نه اٿس.

ڇ

٢٤١- ڇتي ڪتي جي دوا پٿر.

هن پهاڪي جي معني پڌري آهي، جا سڀ ڪي سمجهي ٿي مگر مطلب ڏيکارڻ کپي، سو هي آهي، جو لچ ماڻهو موچڙي ڏارن نه سمجهي. ان لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي؛ ۽ نمبر ٣٠٢ واري پهاڪي ۾ پڻ اهڙو ذڪر هايو آهي.

فارسي: سگِ ديوانه را دارو کلوخ است.

ترجمو: ساڳي پهاڪي واري عبارت.

٢٤٢- ڇڏ منڊو واريءَ ۾.

منڊو ماڻهو واريءَ ۾ ڪڏهن هلي نه سگهي، تڏهن سندس منگتي جو ڪاڏي سگهو وڃڻو هوندو، سو سندس لالانگهري لڳي سيڙبو يا نه؟ تنهنڪري پهاڪي وارو چوي ٿو، ته جو منگتي اهڙو ڦڙت نه آڻي، جو ٻوڙي توکي واهر ڏئي، تنهن کي پڇي ڇڏ. جهڙو فارسي واري چيو آهي:

فارسي: چو بيني کہ ياران نباشد يار،
هزيمت ز ميدان غنيمت شمار.
ترجمو: جڏهن ڏسين، جو سنگتي واهرو نہ آهن،
ميدان مان ڀڄڻ غنيمت ڄاڻ.

ح

۲۴۳ - حمائتڻ گڏهہ عراقيءَ کي لتون هڻي.

عراقي، گهوڙن جي چڱيءَ ذات جو نالو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪميني ماڻهوءَ کي حمايت جو زور ملي وڃي، تہ اشراف وڏي ماڻهوءَ سان جهڳڙيندي ويرم نہ ڪري. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هنديءَ: نيل سهل ڪي پکئي تي سهان سُون انکات؛
ديت حمايت ڪي گڏي ماري عراقي ڪون لات.
ترجمو: هيٺو حمايت جي زور تي ڏاڍي سان وڙهي
پوي. ساڳيو پهاڪي وارو مضمون.

خ

۲۴۴ - خون ڪٿوري ڳجها نہ رهن.

هن پهاڪي لاءِ ايترو ئي چوڻ بس آهي، جو ڪٿوريءَ کي گهڻو ئي لڪائي، پر سنديس خوشبوءِ نہ لڪي؛ تنهن وانگي خون پڻ. اهڙيءَ طرح فارسي پهاڪو پڻ آهي:

فارسي: خوش است اين نقطہ از خردان بگفتن.
کہ عشق و مشک را نتوان نهفتن.
ترجمو: سياڻن جي چوڻ جو هي چڱو نقطو آهي،
جو عشق ۽ ڪٿوريءَ کي لڪائي نہ سگهجي.

د

۲۴۵ - دريا پر تي ڇوڪر ڪڏي، اچ نہ پڏي سيان پڏي.

درياءَ جي پر ڊپ واري جاءِ آهي، تاتي ڇوڪر ڪيڏندو، سو هڪڙي نہ ٻئي ڏهاڙي ٻڏندو، تنهن وانگي جو چوريءَ يا

ٿڳيءَ يا اهڙي ٻيءَ ڪنهن هاج سان وهنوار رکندو، سو ڪڏهن
نہ ڪڏهن ڪاپاربو ۽ موچڙا کائيندو. جهڙو هڪڙي کان پڇياڻون،
تہ نالو ڇا اٿئي؟ ڇي ٻڇو. ڇي ڪم ڪهڙا ڪرين؟ ڇي نانگن جي
هٿ وجهان. ڇي تون بہ نہ ٻچين.

٢٤٦- دم درميان، الله مهربان.

هي پهاڪو سختيءَ پيلن کي دلاسو ڏيڻ لاءِ آيو آهي،
جو جنهن سختيءَ ۾ ڪي ويرم هئي، تنهن کان بہ نہ ٻچجي.
تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: خداوندان کام و نيڪ بختي،
چرا سختي کشند از پيش سختي؟
برو شادي کن ان يار دل افروز،
غم فردا نبايد خورد امروز.

ترجمو: وڏي ڀاڳ وارا صاحب مراد مند،
سختيءَ کان اڳي ڇو پريشان ٿين؟
وڃ اي يار دل ٺار خوشي ڪر،
سڀاڻي جو غم اڄ کائڻ نہ کپي.

٢٤٧- دال روٽيءَ کاڌي تن کٽي، تہ کٽڻ ڏي.

دال روٽي کائڻ قناعت جو آريکڻ آهي، تنهن جي کاڌي
ماٺهو واهو ڪين ٿئي، تہ بہ نرڙائيءَ جو نالو مٽس نہ پوندو. پر
مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو قناعت لاءِ تاڪيد ٿو ڪري،
تنهن لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آهي:

فارسي: تونگري بقناعت به از تونگري به بضاعت.

٢٤٨- دل کوٽي عذر گهڻا.

اهڙو فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي، "دل ناخوار را عذر
است بسيار."

تنهن جو مضمون ساڳيو سنڌيءَ وارو آهي: مطلب سندن هي آهي، جو جڏهن دل ۾ کوٽ هوندو، تڏهن گسائڻ لاءِ مينهن گهٽا.

٢٥٩- دائيءَ کان ڪو پيٽ ڳجهو آهي.

دائي، جا زال کي ويارائي ٿي، تنهن کان پيٽ ڳجهو نه آهي، تڏهن ڏٺيءَ جو هن ماڻهوءَ جو آپاڻٿهار ۽ پالڻ وارو آهي، تنهن کان سندس ڪهڙو حال ڳجهو هوندو؟ تنهن تي هڪڙو مثال آيو آهي:

ٻني جڻا گڏجي هڪڙي ڪامل وٽ مريد ٿيڻ لاءِ ويا؛ تنهن چڪاس لاءِ هڪڙي هڪڙي کي ڏار ڏار ڪري هڪڙو هڪڙو پکي ڏنو، ۽ چيائين جو جاتي ڪوئي ڪونه ڏسي، اتي کهي ڪٺي اچو. ٿوري ويرم کان پيا سڀ پکي ڪهي ڪٺي آيا، مگر هڪڙي جيئرو واري آندو. چيائين جو جاتي وڃان ٿو، تاتي ڏٺي، جو انتر جامي آهي، سو ڏسي ٿو. تنهن جي ايمان تي ڪامل شاباس ڪئي. مطلب جو ڏٺي سڀ ڳالهه جو جاڻندڙ ويندڙ آهي.

٢٥٠- دولت نهن کان ماس وڇوڙي.

نهن کان ماس وڇوڙي، هيءَ اصطلاحي ڳالهه آهي، يعني پيءُ کان پٽ، ڀاءُ کان ڀاءُ وڇڙي پري ٿئي. مطلب جو دولت اهڙي نازڪ وٽ آهي جو سندس ڏيتي ليتي مائٽن کان مائٽ ۽ دوست وڇوڙي. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي ساڌ پنهنجي گروءَ کي چيو، جو ماڻهو ونم گهڻا ٿا اچن، تن جي گوڙ وچان ڏٺيءَ جي ڀڄن ۾ سيڙ ٿي ٿئي. تنهن کي چيائين ته جيڪو وهيون هئي، تنهن کان آڌار گهر، ۽ جيڪو ولهو هجي تنهن کي آڌارو ڏي، ته جڏهن مايا جي ڏيتي ليتي ٿي، تڏهن سائي کي آڌارو ڏيڻ ۽ سڃي کي قرض لاهڻ ڏکيو لڳندو، سي وري ڪين ايندا.

ان ڳالهہ تي ٻيو بہ هڪڙو ڏنل ٽوڪو ياد آيو اٿم:
زيد سؤ (١٠٠) رپين بڪر، ٻنهنجي پراڻي يار کان اڌارو گهريو؛ تنهن نہ ڏنس. ڪن ڏهاڙن کان پوءِ بڪر کي زيد ڏورانہو ڏيٺي چيو، جو مون کي تو بہ اهڙا اميد نہ هئي، تہ سؤ (١٠٠) رپين لاءِ مون کي موٽائيندين. تنهن کي بڪر چيو، جو مون پڻ تو بہ اها اميد نہ ڇاتي هئي، جو تون هيترن ورهين جي دوستي ٿوريءَ ڳالهہ لاءِ ڇڏيندين. تنهن کان زيد ڪالي پڇو تہ سو ڪئن؟ ڇي جا دولت نهان ساس وڇوڙي، سا تو ۾ منهنجي دوستيءَ ۾ وڇوڙو وجهندي، ڇا وير ڪندي؟ هاڻي وبچارگهرجي، تہ دولت وڇوڙي جو سبب آهي يا نہ؟

٢٥١- دل ڪاريءَ کان منهن ڪارو چڱو آهي.

دل ۾ کوٽ ۽ ڪپٽ رکي، ظاهر پاڻ کي درويش چوائڻ کان ڪار منهائي چڱي آهي. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: نکو سير تــي بي تکلف برون،
بہ از پارسائــي خــراب اندرون.

ترجمو: ٻاهران سادائي، اندر ۾ موچاري عادت،
فقيريءَ کان چڱي، جنهن ۾ اندر ٻڇڙو.

٢٥٢- دولتمندن جا ڏاند ويامڻ.

ڏاند جو ويامڻ، هي نہ ٿيڻ جي ڳالهہ آهي؛ پر ٻهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جــو ٻاڳوان ماڻهوءَ کــي ناممڪن هنڌان پڻ فائدو ملي ٿو. ان تي هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙي ڏنوان ماڻهوءَ چيو، جــو شاهوڪارن جــو ناڻو ويامندو آهي، اها ڳالهہ ٻڌي هڪڙي ولهــي ان ساڳئي دولتمند کان سؤ (١٠٠) رپين وياجيرو وٺي آڻي گهر رکيو؛ ٻانيائين جو جڏهن رپيا ويامندا، تڏهــن ٻچــا پــاڻ وٽ رکــي رپيا شاهوڪار کي ورائي ڏيندس. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شاهوڪار رپيا گهريس،

ڏنائين جو لوڙائي رکيا آهن، تڏهن ريو به وياج جو گهران وجهي ڏنائين ۽ شهرڪار کي ريڻ جي ته وياڻ جو ڏوراپو ڏنائين، تڏهن اهي وياج ور پيا ڏيکاري جبس، جو ريڻ جو ويامڻ اهو آهي، جيڏا منهنجا وياج. تنهنڪري چائڻ گهرجي، جو ڏاندن جو ويامڻ پڻ اهو آهي.

ڏ

٢٥٣- ڌاتوري ڌاري، جي ڪجي ڪار ڪمائد جي؛
تہ بہ اصل انهيءَ پار جو ڏينا ڏيکاري.

ڌاتورو هڪڙو بيڙو وڻ آهي، جو جهنگ ۾ يا ٿوريءَ جنت سان باغن ۾ ٿئي؛ پر جيڪڏهن ڪو ان کي ڪمند جي پوک وانگي گڏ ڪري پاڻ ڏئي، ۽ پر ٿو پاڻي پياري، تہ به منجهاس ڦر آهي سا گهيا ڏينا ٿيندا؛ ڪمائد جهڙي رس يا ڪک ڪڏهن به نہ ٿيندو. تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ سان گهڻي مهرباني يا تربيت ڪبي، تہ بہ نيٺ منجهاس لچائي پيدا ٿيندي، ۽ چڱائي ڪا نہ ڪندي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي.

فارسي: ابر گر آب زندگي بارد،
هرگز از شاخ بيد بر نہ خوري.

ترجمو جيڪڏهن ڪڪر پاڻيءَ جي بدران انبرت وسائي،
نيٺ جي ڌاريءَ مان ڪڏهن ڦر نہ ڪا ٿيندين.

٢٥٤- ڏکو ڪٺجي پاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.

جهيڙي جهٽي ۾ پاءُ بدران ڏکو ڪٺي وڙهڻ هڪڙي ريت يا خوءِ آهي؛ پر جيڪڏهن شاهدي ڏيڻي پوي، پوءِ توڙي سڳي پاءُ يا مائٽ جي بدران هجي، تہ بہ ڏٺيءَ ڏي ڏسي جيتري جي تيتري ڳالهائجي، يعني ڪوڙ ڳالهائڻ سڀ بيڙو، پر تنهن ۾ به شاهدي ڪوڙي، جنهن سان غير واجبي قل ٿي ڪري، ڏيڻ ڏاڍي بيڙي آهي. تنهن تي هڪڙي ڳالهہ ياد آئي آهي:

ڳالهہ

هڪڙي اشراف سردار يورپيءَ کان ٻڌو اٿم، جو انگلنڊ ۾ هڪڙي عورت تي خون جو مقدمو هليو. تنهن پنهنجي بچاءَ ۾ پنهنجي پٽ جي شاهدي واري. آهستا پيٽس اهڙي آبروءَ واري شاهدي هئي، جو جيڪڏهن ڪوڙ به ڳالهائي پٽ جي بچاءَ واري ڏئي ها، ته جيڪر جائي هو ڇٽي وڃي. پر هن اهڙي ضرور ۾ پڻ ڪورٽ ۾ ڪوڙ نه ڳالهايو؛ تنهنڪري قيدڻ جو بچاو جو رستو بند رهيو. اها ڳالهہ ملڪہ معظم دام اقبالها پڌي آن سچيار عورت کي ساراهيو. هي پهاڪو اهڙو اشارو ٿو ڏئي.

٢٥٥– ڏئيءَ ري ڏڻ سڃو، ڏڻ ري سڃي واڙ.

ڏئي يعني ڏنار، جنهن ڏڻ سان ڏنار نه هوندو، يا جنهن واڙ ۾ ڏڻ نه هوندو ته سڃا ليکبا يا نه؟ تنهن وانگي جنهن پرجا جي سنڀالڻ لاءِ راجا نه هوندو، يا جنهن ملڪ جي وسائڻ لاءِ پرجا نه هوندي ته سڃا ڄاڻبا. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ هڪڙو پهاڪو چيو آهي:

فارسي: رعيت بي سلطان رمه است بي چوبان،
ملک بي رعيت همچو خانه درگورستان.

ترجمو: راجا بنا پرجا اهڙي، جهڙو ڏنار بنا ڏڻ،
پرجا بنا ملڪ اهڙو، جهڙو مقام ۾ گهر.

٢٥٦– ڏن رک ڏوڙ ۾، ته چمڪات ڏئي نور ۾.

ڏن يعني دولت، ڏوڙ ۾ يعني ڌرتيءَ يا گڏ ۾؛ جيڪڏهن ڪو شخص دولت ڌرتيءَ ۾ پوري رکي، ته به ليڇڻ مان سنديس دولتمندي پڌري رهي. تنهن وانگي هڪڙو الله والو ڏئيءَ جي عبادت لڪائي ڪري، يا ساڻهن کان پاڻ لڪائي وتي، ته به ڳجهو نه رهي. جهڙو رجب صاحب چيو آهي:

وچن: پرگٽ ڪري پاتال ۾ پر گهٽ هوءِ آڪاس؛
رجب ٽينهون لوڪ ۾ ڇپي نہ هر ڪو داس.

ارٿ: ڌرتيءَ کان هيٺ پيهي ڪري، تہ آپ ۾ پڌرو ٿئي،
ڌڻيءَ جو پاڻهو ٽنهين لوڪن ۾ ڳجهو نہ رهي.

ڏ

٢٥٧- ڏاهو ڪانءُ کائي گُونهن، پوري ٻُڙٻلي کائي شڪر.

پوري يعني اياڻي. سياڻيون توڙي اياڻيون ٽن طرحن جون آهن، تن ۾ هڪڙي رحماني، ٻي انساني، ٽين شيطاني؛ تن مان هي پهاڪو شيطاني سياڻپ ۽ اياڻپ لاءِ آيو آهي. جهڙو ڪانءَ جي سياڻپ هيءَ آهي، جو ٻين پکين جي آکيرن مان آنا، ٻچا کڻي کائي، تہ اهڙيءَ سياڻپ جو ڦل اهڙو ڪاچ ٿو مليس، جو اهڙيءَ لاءِ گورو ناڪ شاهہ جو وچن آهي:

وچن: بهت سياڻپ جم جو ڪيٽو وياپي.
ارٿ: گهڻي ڏاهپ موت جو ڏپ ويڙهي.

۽ ٻربل هڪڙو ننڍڙو پکي ٻارن جي راند ڪرڻ جو آهي، تنهن جو اياڻپ هيءَ، جو ڇوڪرن وٽ سگهي هري، جهنگ وساري؛ تنهن جو ڦل ڇوڪرن جي هٿان مٺاڻ کائي. جهڙو فارسي وارو چوي ٿو:

فارسي: بنادان آنچنان روزي رساند،
کہ صد دانا دران حيران بماند،

ترجمو: اياڻي کي ڌڻي اهڙيءَ طرح رزق پهچائي،
جو سو سياڻا آن ۾ منجهي رهن.

پر اهڙي سياڻپ توڙي اياڻپ تہ کوري، ۽ سياڻپ آها گهرجي جنهن مان ڌڻيءَ ملڻ جي وات هٿ اچي. ۽ آها اياڻپ بہ چڱي، جنهن سان دنيا جا خلل ۽ لڇايون ڏانو نہ اچن.

٢٥٨- ڏاهو ڪانءُ ٻہ ڄنگهن ڦاسي.

ڪانءُ سياڻو پکي آهي، جو اهنجو ڦاسيءَ ۾ ...ري سندس ڦاسائڻ لاءِ اهڙي ڊول سان ڦاهي ڏيندا، جنهن ۾ سنديس ٻئي ٽنگون ڦاسي پون، جو وري ڇٽي نہ سگهي. مطلب هن پهاڪي جو پڻ نمبر ٢٥٧ پهاڪي وارو آهي.

٢٥٩- ڏٺو کير ٽٽڻ ۾ نہ پوي.

هي پهاڪو اهڙو آهي، جهڙو ڳالهايل اکر وري وات ۾ نہ اچي؛ تنهن وانگي جو ڪم هٿان ڇٽي ويو، سو وري ڪٿان هٿ ايندو. اهڙو بيان نمبر ٤٠٤ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

٢٦٠- ڏيڻ سڀ چڱو، ٻچڙي هڪڙي ڳار؛
وٺڻ سڀ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل.

يعني هٿان ڏيڻ سڀڪي سوچارو آهي، جنهن مان سڀڪو راضي ٿئي؛ پر ڳار ڏيڻ اهڙي ٻچڙي آهي، جنهن ڪان پولو پڻ مٺيان ڀانئين. ۽ وٺڻ ڪي بہ چڱو نہ آهي؛ مگر ڪنهن جي دل وٺڻ يعني راضي ڪرڻ چڱي آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: بدست آوردن دنيا هنر نيست؛
يکي را گر تواني دل بدست آر.
ترجمو: دولت هٿ آڻڻ وڏو هنر نہ آهي؛
ٿي سگهي تہ هڪڙي جي دل هٿ آڻ.

٢٦١- ڏيٺي کي پٺ ۾ اوندهہ.

يعني اوندهہ پٺ ڏانهن لڪايو وتي؛ ۽ سوجهرو پڌرو ڪيو ڏيکاري. تنهن وانگي بعضي ماڻهو پڻ پنهنجا عيب لڪايو ثواب پڌرا ڪن، هي پهاڪو اهڙن کي ٺو ٺوڪي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اي هنرها نهاده بر ڪف دست،
عيبهارا نهاده زير بغل؛
تاچه خواهي خريدن اي مغرور
روز درماندگي بسيم دغل؟

ترجمو: اي پنهنجا ڳڻ هٿ جي ترريءَ تي رکيا اٿي،
اوگڻن کي ڪڇ هيٺ لڪايو اٿي،
اڙي هٺيلا! ڇا ڳنهي سگهندين،
گهرج جي ڏهل ۾، کوٽي رپيہ سان؟

٢٦٢- ڏيتا نهين، ڏئي ڇڏا تمام.

هن پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو هو وڪڻڻ واري نه ڪري، هي ڇوڙس جو پورو تورج، پر مطلب هي آهي جو هڪڙو شخص اڻ ڪوٺيو ڪنهن جي گهر ۾ وڃي ۽ گهر ڌڻيءَ کي رڳو منڊس اچڻ به نه ڏئي ۽ کو ڇڏوي، جي آءٌ ڪجهي ڪين کائيندس، مون لاءِ پلاءُ هرگز نه ٺاهيو. تنهن تي هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

هندي: مـال سائين سون ڪهت آوڪئل همن پرانه،
ٻنيڪهنت پاني ائين، ڪچهه ... توله.

ترجمو: آڌر سان نه ڏنائين، جو اچ کيڏ ... ڪاله،
هٿائين وهـن نه ڏني، ڇڄيس آٽل ساڻ توره.

پر ميائي کي اهڙي هلت ڪرڻ نه گهرجي؛ ڇاڪاڻ جو ڪنهن تي اچايو بار تي پوڻ چڱو نه آهي. اهڙو ذڪر نمبر ٥٥٢ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

٢٦٣- ڏنيچي گڏهه، سور ٿئي ساٽيءَ کي.

ساٽي، گڏهه جو ڏٿي. گڏهه ڏنيچڻ مان ساٽيءَ کي سور نيڻ رڳي ساٽيءَ جي ني سمجهي آهي. تنهن وانگي بعضي لچا ماڻهو پنهنجو ڪيو پائن ۽ پيا سورڪ ان جي حال تي ارمان ڪن.

٢٦٤- ڏاندن ڳاهڻ مردان ڏڪا، زالان ساهه، پنڌ وچ سڪا،
گهوڙا ضبط ڪنان وچ لڪا.

ڳاهه، پوک جا سنگ گڏ ڪري پنج ڏهه ڏاند گڏ
ٻڌي هلر وهائين سو ڏڪا، جي آهي سنگ تورا هڻن، ته ڳچ
جيترا مڙسن گڏ تي سوڙن سان ڪٽن سي. اهي ٻه ڪم ڏاندن
۽ مڙسن کي ڏکيا لڳن، تئن زالن کي پنڌ ۽ گهوڙن کي پوک
ڪڻڻ جي مهل ادنجي آهي. ڏٺي شال سهندا بار نده ڏئي!

٢٦٥- ڏچر گهوڙو، سچر زال پئي ٻن پياه.

ڏچر يعني تور ڪائڪ، سچر يعني گهڻ ڪائڪ. ٻن
پياه هي اصطلاحي لفظ آهي جهڙو چئجي کوه پياه، يا ڳڏ پياه،
جنهن جو مطلب پڻ هوندو چڱو، ۽ پهاڪي جو مطلب آهي،
جو ڏچر گهوڙي جي ڳالا تو ڪري، سو سچ، هن ريت ڏچو
گهوڙو متارو نه ٿيندو، مهل ۾ ڪم ٻه نه ايندو. تنهن وانگي
سچر زال جي پڻ ننڌا ڪري تو، تنهن ۾ ٻه ڦير ڪونه آهي؛
هن طرح جو زال جي ذات کي چٽائيءَ جي هير پيئي، ته سگهو
گهر کي چيڙ چٽ ڪندي.

٢٦٦- ڏکڻ سينهن نه وسڻا وسي نه پوڙي،
ڪانئر ڏک نه هٺان هٽي نه جهوري.

هن ملڪ ۾ ڏکڻ پاسي جو سينهن گهٽو ڪري ڪين
وسي، پر جڏهن ڪڏهين وسي ته اهڙو گهٽو وسي، جو پوڏ ڪري.
پهاڪي وارو ڪانئرکي پڻ اهڙو چاٽي ٿو؛ سوسچ آهي جو ڪانئر
ڊپ کان ڏک نه هٽندو؛ پر جڏهن هٽندو تڏهين ٻجي ڏاڍو هٽندو.

٢٦٧- ڏني جو پٽ چٽو.

ڏنو ۽ چٽو، هي پئي ماڻهن جا نالا آهن، پهاڪي جو
مطلب يعني معنيٰ هيءَ آهي، جو جنهن ڏنو، سو چٽو، پر مراد

سنديس هڪڙي هيءَ به آهي، جو جنهن کي ڪي قرض ڏيڻو هوندو، سو جڏهن ڏيندو، تڏهن ڇٽندو؛ ٻي هيءَ آهي ته جو سخاوت ڪندو، سو پرلوڪ جي ڏکن کان ڇٽندو؛ ٽين هيءَ، جو دنيا خدا جي ذات کي پلئه آهي، تنهن کي جو ڇڏيندو سو ڇٽندو. تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

هڪڙي ڪامل پنهنجي مريد کي اُپديش ڪيو، جو دنيا کي ڇڏيندين، ته ڇٽندين. هڪڙي ڏهاڙي اهو ساڳيو مريد، ڪامل جي ڪچهريءَ ۾ ويو، جتي ساڌو تمام گهڻا ويٺا هئا؛ جنهنڪري مريد کي اندر لنگهي وڃڻ جي اميد نه ٿي، تڏهن منهن هڪڙي سوال جي ڪيمي مان ڪڍي ڪامل جي خاص مريد کي ڏنائين، جو ڪامل جي اڳيان وڃڻو هو، سو مهر جي لالچ تي اها چاهه ڇڏي پاهر ويو. اُن مريد اُتي وڃي ڪامل کي عرض ڪيو، جو جنهن دنيا ڇڏڻ لاءِ فرمايو هئو، تنهن جي برڪت مان اوهان جي اڳيان وڃڻ ملئو اٿم. تڏهن ڪامل چيو، سو پڻ تڏهن، جڏهن هتان ڇڏيءَ؛ نه ته جنهن ورتي، تنهن کان اها چاهه ورتي.

٢٦٨ – ڏُبري ڍور تي سڀئي ڳهڻا.

معنيٰ هن پهاڪي جي پڌري آهي، ۽ مطلب هي آهي، جو هيڻي کي سڀڪو ماري. جهڙو فارسيءَ ۾ بيت آيو آهي:

فارسي: بتهر خدا چون کسي اوفتاد،
همه عالمش پاء بسر سر نهند.

ترجمو: ڏٺيءَ جي ڏسر ۾ جڏهن ڪو پوي،
سڀ ساڌهو اُن جي مٿي تي لت رکن.

٢٦٩ – ڏيڻ، ڏيهه ڇڏڻ، ڏوهي ڇڏڻ، ٽيئي اهنجا.

ڏيڻ يعني ناڻو هٿان ڏيڻ، ڏيهه ڇڏڻ، يعني وطن ڇڏڻ، ۽ پرڏيهه وڃڻ، ڏيهي ڇڏڻ يعني مرڻ، سچ هي ٽيئي ڪم ڏاڍا اهنجا آهن.

١- ڏيڻ جي نسبت ۾ سياڻا چوندا آهن، جو ڏيڻ ۽ روئڻ دل جي هيڻائن، ۽ گهرڻ ۽ ڪاڻ دل جي سختائي آهن؛ سو سخت واري ڳالهه ڪيڻ سولي، ۽ هيٺ واري اوکي آهي.

٢- ڏيهه ڇڏڻ پڻ سولو نه آهي؛ ڇا ڪاڻ جو سفر جا ڏک جنهن ڏٺا هوندا، سو ڄاڻيندو هوندو، تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: سفر اگرچه بہ يک نقطہ کمتر از سقر است،

ولي عذاب سفر از سقر زياده تر است.

ترجمو: نقطن ۾ سفر هڪڙو نقطو سقر * کان گهٽ آهي.

پر سفر جو ڏک دوزخ کان واڌو آهي.

٣- مرڻ سڀ ڪان ڏکيو آهي، جو ڪنهن کي نه وڻي؛ ان لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: نديده کہ چہ سختي رسد بحال کسي،

کہ از دهانش بدر ميکنند دنداني،

قياس کن کہ حالت بود دران ساعت،

کہ از وجود عزيزش بدر رود جاني.

ترجمو! نه ڏٺو تو، جو ان شخص کي ڪهڙو حال رسندو آهي، جنهن جي وات مان رڳو ڏند ڪڍندا آهن؟ ويچار ڪر، ته ان مهل ڪهڙو حال ٿيندو هوندو، جڏهن پياري بت مان ساهه ٻاهر ويندو هوندو!

تنهن تي هڪڙو نقل ياد آيو آهي:

هڪڙي پوڙهي عورت جيئڻ ڪان ورتي؛ سا ڏهاڙي وڻ تي چڙهي، آپ ڏي نهاري چوندي هئي، ته ڏئي منهنجا! عزرائيل موڪلي مون کي گهرائي. هڪڙي ڏهاڙي رات جو سندس پاڙي واري گهر ۾ هڪڙي ڳائي وڃي هڪڙي تنن ۾ پوٺ وڌو، جو انکي ٻسڻ سو ڳائو تس سوڏو هن پوڙهي جي گهر ۾

* يعني دوزخ

گهڙي ويو، تنهن کي اوندهه جي سبب نه سڃاتائين ۽ عجب جهڙو ڏسي ڳاٻي کي عزرائيل ڄاڻي پئجي، ۽ چيائين، جو ميان عزرائيل! ڏٺيءَ وڏان توکي جنهن عورت آڻڻ جو حڪم مليو آهي، سا آءٌ نه آهيان. آها منهنجي پيٽ منهنجي مهانڊي آهي، منهنجي گهر پلجي آيو آهين؟ ڏسو هاڻي ته ڀلاڪي واري سچ چيو آهي يا نه؟

٢٧٠ـ ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو ڇيڙ منو.

ڇيڙ هڪڙيءَ ول جو ڦر آهي؛ جو ڪتيءَ جي پوڪ سان ٿئي، ۽ سنهڙو پڻ ڇوندس، جنهن کي ماڻهو ڪڏهن ڪچو کائن ڪڏهن تيونڻ ۾ وجهن؛ بعضي ڇيري، لوڻي، سڪائي، ڪچريون ڪري، گيهه ۾ تري کائين. پر جاسين ڪچڙو هئي تاسين ڪڙو لڳي؛ ۽ جڏهن ڏياريءَ وارن ڏهاڙن ۾ پچي، تڏهن ڪوڙت ڇڏي. تنهن لاءِ ماڻهو هي ڀلاڪو چوندا آهن، منجهانس ٻيو ڦل ڪونه ٿو نڪري.

٢٧١ـ ڏنو سڀ وسار، اڻ ڏٺي کي ياد ڪر.

ڏنو يعني دنيا جو ڏنڊو جيڪي ڏسجي ٿو؛ اڻ ڏنو يعني ڏٺي پاڪ، جنهن کي هن اکين سان ڏسي نه سگهجي. مطلب هي آهي، جو دنيا جو ڏنڊو جو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، سو سڀ ناس ٿيندو. جهڙو گرو نانڪ شاهه چيو آهي:

وچن: جو ديسي سو سگل بيناسي، جيون بادل ڪي ڇائي.

ارٿ: جيڪي ڏسجي ٿو سو ناس ٿيندو، جيئن ڪڪر جو ڇانو.

تنهن کي وساري ڇڏ ۽ ڏٺي پاڪ جنهن کي ڏسي نٿو سگهي، تنهن کي ياد رک. اِن حرفن جي ورجاڻ لاءِ مولوي صاحب جو پڻ بيت آهي:

بيت: آنچه در انديشهٔ آيد آن فنا است؛

آنچه اندر وهم نايد آن خدا است.

ترجمو: جيڪي فڪر ۾ اچي سو ناس ٿيندو؛

جيڪي فڪر ۾ نه اچي آهو ڏٺي آهي.

٢٧٢- ڏاند چڙهي ٿي ڏک ڏسي.

جنهن غريب ماڻهوءَ کي پنڌ ۾ چڙهڻ واسطي ڏاند ملي، سو پنڌڙئي کان سکيو هاندو؛ پر جڏهن اهڙيءَ حالت ۾ بي راضي ٿئي، تڏهن چائبو، جو ڌڻيءَ جي ڏني تي بي شڪر ٿئي ٿو هن پهاڪي جو مخاطب آهي. مثل:

هڪڙو غريب ماڻهو ڪتان لڏي جنڊ متي ني کڻي، جوءِ ڏاند تي چاڙهي ڪاڏي هليو. واٽ تي زال کي هڪڙي ساهيڙي ملي، تنهن کيڪاري پڇيس، تنهن جي اڳيان مڙس ڏي هٿ کڻي چيائين، جو هو جنڊ کنيو جشن ڪندو هلي، آءٌ ڏاند چڙهي ڏک ڏسندي ٿي وڃان. تنهن کي ساهيڙيءَ چيو، جو مڙس توکي مهرباني ڪري ڏاند تي چاڙهيو آهي، تہ شڪر بدران سندس گلا ٿي ڪرين، سو مڙس توکان ڇا راضي رهندو؟ تنهن وانگي جو شخص ڌڻيءَ جي نعمت جو شڪر نہ ڪندو، تنهن سان ڌڻي راضي نہ رهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: خداوند زان بنده خورسند نيست،

کہ راضي بہ قسمت خداوند نيست.

ترجمو: آن ڌڻي کان ڌڻي راضي نہ آهي،

جو ڌڻيءَ جي ورهاڱي تي راضي نہ آهي.

٢٧٣- ڏٿ نہ کٽو، ڏوٿي کٽا.

ڏٿ يعني جهنگلي اَن ۽ پيون شيون، جهڙي ساوڙي، گم، مکڻي، لوڙهہ، بهہ ۽ پيا؛ ڏوٿي يعني جهنگلي غريب ماڻهو، جي ڏٿ تي گذر ڪن.

معني پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ڏوٿي گهٽائي ڏٿ چونڊي کائي مري ويا؛ پر ڏٿ مند تي اوتري جو اوترو. تنهن وانگي هن ڌرتيءَ تان ڪيترا راجائون راڄ ڪري هليا ويا؛ ڌرتي جهڙي جي تهڙي. تنهن تي ديندار ماڻهو هڪڙو

مثال چوندا آهن، جو جڏهن ٻه راڄائون ٽرتيءَ تي پنهنجي پنهنجي دعوا ڪري وٺن ڪن، تڏهن ٽرتي ڪاڻي چوي: جو هنن جهڙا اڳي ڪيترا ڳيتا اٿم، تن وانگي هنن کي ٻه ڪاڻيندس، جي مون کي پنهنجو ٽا جاڻن.

٢٧٤- ڏس ڪاڻيءَ ڪان اڪ ڪاڻي چڱي.

ڏس ڪاڻي، هي اصطلاحي لفظ آهن جو جيڪڏهن ڪنهن هندان قرض ڪڻي ڪو ٻيجي ٻئي ملڪ ۾ وڃي، ته چئن ڏس ڪاڻي ڪيائين. ٻهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو اهڙيءَ ڪپت ڪرڻ ڪان ڪاٽو ڏيڻ چڱو، پر ان لاءِ ڪو سچ پچ ته اندو چڱو آهي.

٢٧٥- ڏاڻڻ هلي مڙدا ڪيڻ؛ مڙدن ڪپڙا ٻه لاهي ورتس.

رَن پنهنجو ٻل ساري ڪم نه ڪيو، تڏهن اهو حال ٿيس؛ جو پنهنجي قدرت ڪان واڌو ڪم ۾ هٿ وڌائين؟ ان لاءِ هڪڙو مثال آيو آهي:

هڪڙو ڪوريئڙو مک جي شڪار لاءِ هليو؛ مک جي بدران ڪاڻي هڪڙو باز ويٺل ڏٺائين، پانيائين، جو اهڙو شڪار آهي جنهن مان ڪيٽن ڏهاڙن جو ڍؤ ٿيندو. تنهن لوپ تي باز جي ڦاسڻ لاءِ پنهنجي ڳگ جي تند مٿس ويڙهيندي گهڻي ويرم وڃايائين. ايتري ۾ باز اڏاڻو، تنهن کي ڳگ جي تندن نه جهليو؛ پر سندس ڪنهن جي واءَ ۾ ڪوريئڙو ڦڻ اڏامي ويو. تنهن وانگي، جو ماڻهو پنهنجي پهچ ڪان واڌو ڪم ۾ هٿ وجهندو، سو نيٺ باهڙبو.

ب

٢٧٦- ٻچ تنهن جي ٻاڻ، جنهن جي واٺيءَ ۾ ور گهڻا.

ٻاڻ يعني ٻپ، مطلب هي آهي جو جنهن جي زبان هڪڙي نه آهي، يعني سنجهس ڦير گهير ٿئي ٿو؛ جو ڪڏهن

ڪا ڳالهه ڳالهائي، يا ڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن ڪنهن سان همراهه ٿئي، تنهن کان يا تنهن جي سنگت کان ٻچجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: بيزارم زان چشم که هرسو نگران،
بيزارم زان دله که پنجاه زبان،
بيزارم از صحبت ياران چنان،
گه بامن، گهه باتو، گهه با دگران.

ترجمو: جا اک سڀني پاسي نهاري تنهن کان ورتل آهيان،
جي دل هڪڙي زبانون پنجاه تنهن کان ورتل آهيان،
اهڙن يارن جي صحبت کان ورتل آهيان،
جي ڪڏهن توسان، مون سان، ڪڏهن ٻين سان،

٢٧٧- ٻني واڻئي لاپ نه موڙ.
واڻيو يعني واپاري، مطلب واپاري ٻجي واپار ۾ هٿ نه وجهندو، تنهن کي ڪٿان فائدو ٿيندو؟ ۽ سياڻا چوندا آهن، جو واپار ڪم جر جي نڀي آهي، تنهن ۾ واڌي جو سوس گهڻو آهي، نه گهاٽي جو ڊپ پڻ ٿورو نه آهي؛ هن فارسيءَ پهاڪي وانگي:
پهاڪو: يا گنج برگيري، يا در تلاطم امواج بميري.
ترجمو: يا خزانو هٿ ڪندين يا لهر جي لوڏن ۾ مرنديئ.
پر مطلب هي آهي؛ تہ جو دنيا جو ماڻهو ڏاکڙي کان ٻچندو، تنهن کي روزگار ڪٿان هٿ لڳندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: غواص گر انديشه کند کام نهنگ،
هرگز نکند دُرِ گرانمايه چنگ.

ترجمو: جيڪڏهن ٽوبو واڳوءَ جي وات کان ٻچندو،
ڳري ملهه وارو موتي هٿ نہ آئيندو.

٢٧٨- رڪ جا چٽا آندا ڦاڙن.

هڪڙي آن جي وَنِڪر آهي، جا ماڻهو کائن ته پيٽ ۾ پچي وڃي؛ پر جيڪڏهن ڪو اهڙا رڪ جا داڻا کائي ته جيڪر ڪين ڦٻنس. مگر هي رڪ جا چٽا اصطلاح آهي، يعني ڏاڍي جو مال، جهڙوڪ ڪو شخص سرڪاري نوڪر هجي ۽ جيڪي هٿ ڏنو قوت ملپس- ته آهو آن وانگي ڦبي وڃيس؛ پر جي غيرواجبيءَ طرح کائيندو ته ڪر رڪ جا چٽا کاڌائين، سي کائڻ مهل کائي پوندو، پر پوءِ خراب ٿيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: تَوان به حلق فرو برد استوان درشت،
ولي شکم بدرد چون بگيرد اندر ناف.

ترجمو: نڙيءَ کان هيٺ ڏاڍو هڏو لنگهائي سگهجي،
پر جڏهن دُنَ ۾ وڃي تڏهن پيٽ ڦاڙي.

٢٧٩- راکي رام، ته ماري ڪير؟

هن پهاڪي جي مطلب کي سڀ ديندار بلڪ سڀني مذهبن جا ماڻهو مڃيندا؛ ڇو ته جنهن کي ڌڻي رکڻهار، تنهن کي ڪير ماري سهگي؟ جهڙو فارسي بيت آهي:

فارسي: دشمن چه کند چون مهربان باشد دوست.

ترجمو: جڏهن ڌڻي مهربان هئي، تڏهن ويري ڇا ڪندو؟

٢٨٠- رڙا ڪين رجهن، توڙي پارڻ پرن ۾ پڙاءِ.

رڙو مڱن جي آن ۾ هڪڙو ڪريل دائو آهي، جو گهڻي پارڻ سان به نه رجهي؛ ۽ پڙا يعني پڙاه مطلب هي آهي، جو جئن رڙو گهڻي پارڻ سان پڻ نه رجهي، تيئن ڪميڻو ماڻهو گهڻيءَ تربيت سان پڻ نه سڌري، نه سڌري. جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: تربيت نا اهل را چون گردگان بر گنبد است.
ترجمو: سيڪارڻ ڪميڻي کي جهڙو ڦٻي تي ڪينهون.

٢٨١- رهي رهوجين، ٻهي ٻاهوجين، ڪٿي ڪنئريجن جي.

راهوجا، ٻاهوجا ۽ ڪنئريجا ٽيئي ذاتين جي نالي جا ڳوٺ آهن: يعني ڪٿي هڪڙي هنڌ جي، ٻڪي ٻئي هنڌ، پونڪي ٽئي هنڌ. پر مطلب هي آهي، جو هڪڙي ڪارخاني جي ماڻهوءَ کي ٻنا پروڃن ٻئي ڪارخاني جي ڪم ۾ هٿ وجهڻ اهڙو آهي، جهڙو پهاڪي واريءَ واري ڪٿيءَ جو حال.

٢٨٢- راڻي ماءِ جا راءِ کي وڻي.

جيڪڏهن هڪڙي راجا کي گهڻيون راڻيون هونديون تن مان جيڪا وڻندڙ هونديس، اها ئي سهاڳڻ چئبي. تنهن وانگي ماڻهو توڙي ڪم ته آهو چڱو، جو ڌڻيءَ کي وڻي. جهڙو گرو نانڪ شاهه جو وچن آهي:
وچن: جو تڌ ڀاوي سائي ڀلي ڪار.
ارٿ: جو توکي وڻي اهو ئي چڱو ڪم.

٣٠٢- رڍ اڳيان رٻاب، وڄائيندي وره ٿيا.

هن پهاڪي جي چوڻ واري جو اصل مطلب ڀيو هوءِ پر رواج ۾ غلط ٿي ويو آهي. جيتوڻي ته عربي قول آهي:
پهاڪو: غلطالعام صحيح.
ترجمو: گهڻن جي غلط کي صحيح چاهجي.

پر جڏهن ڪا ڳالهه سيانن جي مجلس ۾ اچي تڏهن غلط ۽ صحيح جو ويچار ڪبي، تنهن لاءِ هي مثل لکي ڏيکاريان ٿو:

هڪڙو ريڊار نصيب جي زور سان ڪائي وڃي راجا ٿيو، ۽ سندس اڳيان ڏو ڄاڻائي، سو ڪنهن مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس وڃي رٻاب وڄائڻ ۽ ڳائڻ لڳو، پر گهڻن ڏهاڙن تائين ڳالهه

سان ڪين وريس. هڪڙي ڏهاڙي لنگهي ڪي هڪڙو يار مليو، تنهن پڇيس، تنهن ڪي ڪلي چيائين، ڙي يار! ريدار اڳيان رباب وڄائيندي ورهه ٿيا، مطلب ڳالهه جو هي جو اڃاڻ ريجهائڻ گهٽي ڪپت ڪهري. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: اگر صدباب حڪمت پيش نادان،
بخوانند آيدش بازيچه در گوش.

ترجمو: اڃاڻ اڳيان جيڪڏهن حڪمت جا سؤ باب،
پڙهن، تہ بہ هن ڪي راند بدڻ ۾ اچي.

۲۸۴— راڄا ڪري سو نياءُ، ڍارو پوي سو داءُ.

ڍارا هن ملڪ ۾ چوپڙ راند ڪيڏڻ جا ٽي اوزار آهن، جن تي ڳاڻيٽي جا نشان رهن ٿا: اڇلائڻ مهل ٽن ڪان وٺي ارڙهن تائين سنڌن عدد ڏسڻ ۾ اچن تن موجب ڪيڏڻ وارا چوپڙ تي ساريون هلائين. مطلب جو ان عددن سان جيترا بہ عدد پون، تن کي داءُ ونجي؛ پر اِها تڪ رڳي قافيہ جي پورائيءَ لاءِ آندي اٿن. پهاڪي جو مطلب هي آهي جو وقت جو راڄا جيڪي ڪري، سو واجبي ڄاڻجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: هرچہ آن خسرو ڪنند شيرين بود.

ترجمو: جيڪي آو راڄا ڪري سو مٺو هئي.

۲۸۵— رن پٽ کي لڳي ڀاڳ، تہ ڏي جواري پٽ کي داڳ.

داڳ، اصلي هي اکر داغ آهي، جو اصطلاح ۾ غلط ٿي داڳ چئجي ٿو، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پکهار پڻ سڏبو آهي؛ يعني ڪيهہ ڪوسو ڪري جانورن رڌڻ ۾ وجهجي، يا منجهس گوشت پلاءُ رڌجي؛ پر پٽ يعني رب ۾ اِن طرح جو ڪيهہ وجهڻ، ضرور نہ آهي. پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو جڏهن ڪميني ماڻهوءَ کي مفت جو ناڻو هٿ لڳي، تڏهن اهڙا اجايا خرچ ڪري.

٢٨٦- رات ٿوري، سات گهڻا.

سات، شادين ۾ خصوصاً هندو پوڄائون ڪن، تن جو نالو، يعني جيڪڏهن گهڻي ويرم لاڳي ڇڄها سات ڪن، ته هوند سائن ڪندي رات وهامي ۽ شاديءَ جو مورت کسي وڃي. هي پهاڪو ٿوريءَ ويرم ۾ گهڻو ڪم ڪرڻو هجي، تنهن لاءِ آيو آهي. جهڙو چنجي وقت ٿورو ڪم گهڻو، يا چمار ٿوري ڏنڊو گهڻو، يا ڏينهن ٿورو پنڌ گهڻو.

٢٨٧- رن چشڪي هري، رکي آرت وار.

چشڪو يعني لذت يا سواد، هي پهاڪو مٿين ۾ هڪڙي نقل تي آيو آهي:

هڪڙي شخص جي جوءِ وات جي چٽي هئي، هڪڙي ڏهاڙي مڙس کي ڪاج ڪارائي ٻاڻ لنگهڻ ويهي رهي؛ مڙس کي ڇپائين جو آرت وار ورت جو انم، تنهن ويچاري ڪهل ڪري بزار مان کيرڙا آڻي ڪارايس. ورندي ڏهاڙي پڻ رن آن مهل آرت وار جو مينهن ڪري لنگهڻ ويهي رهي، تڏهن مڙس ڪلي هي پهاڪو چيو؛ پر مطلب هي آهي، جو اڄ ماڻهوءَ تي هڪڙي پيري مهرباني ڪبي، ته وري وري هيري گستاخ ٿيندو.

٢٨٨- راءِ جي گهران ڪيهه جهلجي پاند ۾.

رائرو گهر يعني راجا جو گهر، پهاڪي جي معني هي آهي جو جيڪڏهن راجا جي گهران ڪيهه ملي ۽ باسڻ سان نه هجي، ته ورائجي نه، ۽ ڪپڙي ۾ ونندي پڻ صرفو نه ڪجي، پوءِ مرّ هارجي پوي ۽ پاند سڀو ٿئي. مطلب جو سلطاني ڪارخاني مان سلوڪ سان جيڪي ملي، سو شڪر ڪري وٺجي ته اڳتي آميد نه وڃي.

٢٨٩- رن پٽ ريدار، ڪان هئي بند ۾.

بند يعني ٿلهي ڪاني، شڪار ۾ مرن يا پکين کي ۽ جنگ جهيڙي ۾ ڪان يعني تير هڻڻ هڪڙي ريت آهي، پر

بند کي ڪان هٿ رکي ڇريائي آهي، ۽ جيڪو هٿي تنهن کي هن پهاڪي وارو خطاب ملي. مطلب جو اڻ ٺاهوڪو ڪم ڪرڻ اياڻپ جو آريڪڻ آهي.

۲۹۰- رڻي ۽ راڻر جو سڏ جنهن کي هوءِ،
منجي آتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

رڻو يعني قرض، راڻرُ يعني سرڪاري ڊل. هن پهاڪي جي سا معني سو مطلب، يعني جنهن کي بازار جو توڙي سرڪار جو قرض ڏيڻو هوندو، تنهن کي پاڪر واري جوءِ به ياد نه پوندي. اهڙو ذڪر نمبر ۱۰۷ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

۲۹۱- روزن پٺيان عيدون، عيدن پٺيان روزا.

هن پهاڪي جي معني توڙي مطلب سيڪو ڄاڻي ٿو، تڏهن به ايترو چوان ٿو، جو دنيا جو سدائين اهو ڌرم آهي، جو ڏک پٺيان سک، سک پٺيان ڏک بيٺوئي آهي.

۲۹۲- رُتَ ڏسي رُمي هڻجي.

رُمي ماڻهوءَ جي بت مان رت ڪڍڻ جي شي يعني اوزار آهي، معني پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ضرورت جي وقت، بجاتي رت هٿي آتي رُمي هٿي رت ڪڍجي؛ پر جاتي رت ٿورو هوندو، آتي رُمي لڳندي، ته مورکو زيان ٿيندو؛ تنهنڪري اهڙي هنڌ رمي هڻڻ ڪار نه آهي. مطلب جو جانور يا ماڻهوءَ تي آن جي پڄنديءَ سارو بار رکڻ کپي؛ جهڙو هڪڙو وهٽ به مڻ بار ڪڻي سگهي، تنهن تي چار مڻ رکبا، ته مرندو يا ڇيلهه پڄنديس، ۽ جي سهندو بار هوندس، ته ڪٽي منزل تي رسائيندو؛ ۽ سکيو هلندو.

جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

فارسي: خر ڪه ڪمتر نهند بروي بار،
بـرهـم آسوده ميـڪند رفتار.

ترجمو: گڏهه جنهن تي ٿورو بار رکبو،
واٽ ۾ آرامـي هليو ويـندو.

ز

٢٩٣- جيري لاءِ ٻڪري نہ ڪهجي.

جيرو ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ ننڍڙو لنگ آهي، يعني رڳي جيري جي ڪري مهل ٻڪري ڪهڻ اهڙي آهي، جهڙو هڪڙيءَ سر لاءِ سڄو گهر ڊاهڻ؛ تنهنڪري ٿوري مطلب ڪاڻ گهڻو زيان ڪرڻ نہ گهرجي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: ترا تيشه دادم که هيزم شکن،
نگفتم که ديوار مسجد بکن.

ترجمو: توکي واهولو ڏنم تہ ٻارڻ جي ڪاٺي ڀڃ؛
نہ چيم تہ مسجد جي ڀت ڊاهہ.

٢٩٤- زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ.

ڏاوڻ يعني وهنجڻ، يعني زال جي ذات کي گهرجي، جو وهنجڻ تي ويرم ٿوري لائي، يعني جلد وهنجي؛ سو ڪو تہ وهنجڻ وير ڪي لنگ ضرور آگهاڙا ٿيندس، ۽ زال کي اگهاڙو رهڻ مناسب نہ آهي، ۽ مرد کي ڀڻ ڪاڄ ڪائيندي ويرم نہ ڪرڻ گهرجي. مطلب جو زال کي ستر جو، ۽ مڙس کي ڦڙتائيءَ جو سعيو گهرجي.

س

٢٩٥- سورائتڻ سور اڻ سورائت ساڻ اوريو،
هن جو پنجهر نہ پُريو، هوءَ وڃي ٿي وهلور،
پرايائين پور، اڳي ڪان بہ اڳرو.

سورائت يا سورائتڻ يعني ڏکويل، اڻ سورائت يعني بيدرد، اوريو يعني ڳرهيو. پنجهر نہ پريوءِ هي اصطلاح آهي يعني اثر نہ ٿيو، وهلور يعني هيٺو ٿي ويو. ڀاڪي جو مطلب هي

آهي جو ڏک واري ڪي بيدرد اڳيان حال ڪرڻ مان فائدو ڪونه ٿيندو، جهڙو سمن چيو آهي:

وچن: سمن پر گهر جائڪي دک نه ڪهيئي روءِ
ڀرم گواوڻ آپنا ونڊ نه ڏيوي ڪوءِ

ارٿ: سمن پرائي گهر وڃي روئي ڏک نه ٻڌائجي،
پنهنجي لڄ وڃائبي، ورهائي ڪونه ڏيندو.
۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: تا ترا حالي نباشد همچو من،
حال من باشد ترا افسانه.

ترجمو: جاسين سون جهڙو حال نه هوندءِ،
منهنجو حال تو اڳيان آکاڻي هوندي.

٢٩٦ - سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي.
سنگ يعني اشرافن جي صحبت، ڪسنگ ٻيڙي صحبت؛ مطلب جو ڀلاڪي واري چڱيءَ صحبت کي ساراهيو آهي؛ تنهن تي سياڻا چوندا آهن جو چڱي صحبت اهڙي آهي جهڙو پارس جو پاسو. فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: آهن چو بپارس آشنا شد،
في الفور صورت طلا شد.

ترجمو: پارس سان جڏهن لوهه سينڌو ٿيو،
سگهو سون جو روپ ٿيو.
۽ ٻيڙيءَ صحبت جي گلا تو ڪري، تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: ماري مرون ڪسنگ ڪي ڪيلي پاس جيون بير،
اوهه جهولي اوهه چيرئي سائين ڪسنگ نه ميڙ.

ترجمو: ڪسنگ جو ماريو ائين مران، جئن ڪيوڙي وٽ ٻير هوءَ لڏي، هو چيرجي، ڏئي ڪسنگ نه ملاءِ.

٢٩٧- سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي پر ٻڏي ڪين.

هن ٻهاڪي جي معني ٻڌري آهي، مگر ... اب هي آهي جو سچ ڪي ڪڏهن دٻ ڪونه آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: راستي را زوالي نيست.

ترجمو: سچ کي ڦٽائي نه آهي.

اهڙو ذڪر نمبر ٣١٣ واري ٻهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

٢٩٨- سڪٽي ڪني گهٽو آيامي.

ڪني، هڪڙو ذڪر جو بانڻ آهي جنهن ۾ غريب ماڻهو رڌن، سا جيڪڏهن چانورن يا ٻيءَ شي سان ٻري ٻاهه تي چاڙهجي ۽ پوريءَ طرح رجهي، پر جيڪڏهن منجهس اُن ٿورو هٿي، ته ٻاهه جي زور سان سندس پاڻي گهٽو ڦڪي. تنهن وانگي ماڻهو پڻ جيئن اشراف ۽ وهيون هوندو، تيئن سهمي سهمي هلندو؛ جيئن لچ ۽ ولهو هوندو تيئن تکبر گهٽي ڪندو. تنهن تي ڪبير صاحب جو وچن آهي:

وچن: ڪهت ڪبير چو چا گهت بولي؛
پريا هوئي سو ڪبهون نه ڏولي.

ارٿ: ڪبير صاحب چوي آورٽو دلو پاڻيءَ جو چاڪي،
پريل هٿي سو ڪڏهن نه چاڪي.

٢٩٩- ستي ٿي سڏائي لنبڊي ٿي ڪائي:

ستي يعني اشراف عورت، سيڏائي يعني نهاري ۽ مکي، مطلب هي آهي جو زماني جي هلت موجب ڪنهن وقت اشرافن لاءِ بک ۽ ڪميڻن ڪاڻ ڍؤ آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: اسپ تازي شد مجروح به زير پالان،
طوقِ زرين همه در گردن خرمي بينم

ترجمو: پلو گهوڙو پلاڻ هيٺ ڦٽيو،
سون جا گٽ گڏهه جي سسيءَ ۾ ڏسان ٿو.

٣٠٠- سيرُ ڏجي، پر سرّ نه ڏجي.

سيرُ يعني مٺو يا سسي، سرّ يعني دل جو ڳجهه، معني هيءَ آهي جو دل جو ڳجهه سڀ ڪان واڌو لڪائڻ کپي؛ بلڪ جيڪڏهن سر وڃي ته پڻ نه آهي: پر ڳجهه ته ڏجي. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي بادشاهه کي ڪنهن سيائي چيو، جو سڀ ڪان واڌو سيائپ هيءَ اٿي، جو دل جو ڳجهه پنهنجي سڀڪيءَ پياري جوءِ کي پڻ نه ٻڌائج. بادشاهه ان ڳالهه جي چڪاس لاءِ پنهنجي زال کي چوڙ ڪري چيو جو فلاڻو وزير منهنجي چئي ۾ برابر نٿو هلي تنهن کي مارائيندس، اها ڳالهه ٻئي کي ٻڌائڻ کان جهلي ڇڏيانس؛ پر آن وزير جي جوءِ جيڪس رائيءَ جي ساهيڙي هئي، تنهن پنهنجيءَ ساهيڙيءَ جي مڙس جي لاءِ اها ڳالهه ساهيڙيءَ کي ٻڌائي ڇيو جو ٻئي کي متان ٻڌائين، پر اهڙي ڳالهه آن جي دل ۾ ڪٿان ٽڪي؟ تنهن پنهنجي مڙس کي ٻڌايو، وزير اها ڳالهه سچي ڄاڻي دل کي چيو جو پاڻ مرندي کهڙا سڻ، ۽ وقت ڏسي بادشاهه کي مارائي ڇڏيائين. ڏسو جو رڳو چرچو ڪري دل جو ڳجهه ٻڌائڻ تنهن جو هي قتل آهي. ڏهن پهاڪي وارو سچ ڪين ٿو جوڙي؟ فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: تا تواني راز دل با يار جاني هم مگو،
يار را ياري بود از يار انديشه کن.

ترجمو! جاسين تي سگهي ته دل جو ڳجهه جاني
يار، کي به نه ٻڌائي؛ يار کي به ڪو يار،
هوندو تنهن يار جي يار يار کان ڊڄ.

٣٠١- سڪن گڏ آلا ٻرن.

پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو هڪڙي سڪي وڻ کي باهه لڳي ته پرسان آلو وڻ نه پرڻ جهڙو به سڙي وڃي،

تنهن وانگي لچ جي صحبت ۾ چڱو ماڻهو ٺلاهاب ٿئي. تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

هڪڙو چور جهنگ مان ڏاند چورائي هليو. گهٽي ۾ ڪان پوءِ هڪڙو غريب وانڍڙو اهي ساڻس سنگتي ٿيو. تنهن کي چوريءَ جي سڌِ مورا ڪانه هئي. ايتري ۾ ڏاند جا ڌڻي ۽ پيري اچي پهتا، ۽ پنهي کي چور ڪري جهلي قيد ڪرايائون. مطلب ڀڙيءَ صحبت جو اهو ڦل آهي.

٣٠٢- سوني هني ساڻ، ته ڪڏهن کوهي نه ڪري.

ڪڏهن هڪڙو لچو وهٽ آهي، جڏهن ڊاپي تڏهن پنڌ ۾ ٽينگ ڏئي ۽ کوهيون ڪري. پر جي سندس ڏڌي سوني ڇڪائيس ته کوهيون ڇڏي. تنهن وانگي لچو ماڻهو پڻ جڏهن ماٺو ٿئي، تڏهن لچائي ڪري، ۽ موچڙن ڏاران سنئون نه هلي، ان لاءِ نمبر ٢٣١ واري پهاڪي ۾ پڻ ذڪر هليو آهي.

٣٠٣- سون پرکجي ڪسونيءَ، رهو پرکجي باهه،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ.

هن پهاڪي جي اکري معني سيڪو ئي چائي ۽ مطلب سندس هي آهي، جو جهڙيءَ طرح سون کرو جي کوٽو نه ڪسونيءَ لڳي سڃاڻي، ۽ رهي جي کرائي کوٽائي باهه ۾ پڌري ٿئي، تهڙيءَ طرح ماڻهو پڻ جاسين ماٺ ڪيو ويٺو هوندو، تاسين سندس سياڻپ اياڻپ يا چڱائي برائي پڌري نه ٿيندي. تنهن لاءِ فارسيءَ وارو شاهد آهي:

فارسي: تا مرد سخن نگفته باشد،
عيب و هنرش نهفته باشد.

ترجمو: جاسين ماڻهو نه ڳالهايو هئي،
سندس عيب ۽ هنر ڳجها هئن.

۳۰۴- سرگان پوء سج اُڀري ته واهه نه ته ڇڻو.

پهاڪي جو مطلب هي آهي جو هڪڙو شخص رات جو بيمار ٿي، تنهن کي طبيب دوا کارائي ڇوي، جو سج اُڀرندو تنهن جي سوجهري ۾ دوا اثر ڪندي، تنهڪري بيمار سج اڀرڻ جو آسائو رهيو؛ پر تنهن کان اڳي مري ويچي، پوءِ آن کي سج اڀرڻ نه اڀرڻ سان ڪهڙو ڪم؟ تنهن وانگي جا شي گهرج لٿي کان پوءِ ملندي ته هن سان ڇا؟ تنهن تي ملتاني ساڌ جو وچن آهي:

وچن: ڏوبه مئي تو ڪاملي ڪنهن ڪام نه آوي.

ارٿ: ٻڏي مرڻ کان پوءِ پيڙي ملي ڪنهن ڪم نه اچي.

۳۰۵- سڀهو نه وسهو، ويسهو ته سُسهو.

سڀ تي نه وسهجي، جي وسهو تـه سُسهو؛ ڇاڪاڻ جو سڀ ساٿهوءَ جو ويري آهي، تنهڪري ويريءَ تي ويساهه رکڻ سان نيٺ ڏيب آهي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: بر تواضع هاء دشمن تڪيه ڪردن ابلهي است؛
پاءِ بوسي سيل از پـا افـڪند ديـوار راه

ترجمو: ويريءَ جي نياز تي ڀروسو رکـڻ ابلهپ؛
اُڏ جو ڀرين پوڻ پت کي پاڙ کـان ڍاهي.

۳۰۶- سُرمو سڀڪو پائي، پر اک اک جو قدر آهي.

سرمو اهڙي سهڻي شي نه آهي، جنهن سان سونهن وڌي؛ بلڪ اهڙو ڪارو آهي جنهن کي هٿ لائي هٿ پير ڪارو ٿئي. سو جيڪڏهن سهڻيءَ اک ۾ پوي، ته سهڻو لڳي؛ پر جي ٽيڏيءَ يـا ڪوجهيءَ يـا چوڄيءَ يـا ڪاڻيءَ اک ۾ پوي ته نه اک سونهن نـه سرمو. تنهن وانگي جو ڪم سياڻي ساٿهوءَ جي هٿان سڌري، سو ساڳيو اياڻي جي هٿان مورڳو ڪري.

٣٠٧- سنت سنت سڪو چوي سنت سمنڊان پار،
آنلُ پکي ڪو هڪڙو پيا پکن ڪوٽ هزار.

سنت، ڏٿيءَ جو سچو پانهون، سمنڊان پار، هي اصطلاح آهي ته سمنڊ جي هُن پر يعني الپ، آنلُ پکي، هندوي ڪتاب چون ٿا جو سدا آپ ۾ رهي ۽ سگورو آهي، جهڙو فارسي ڪتاب هماءُ چون. پهاڪي جو مطلب هي آهي جو اهڙا سچيار سنت ڌرتيءَ تي ٿورا باڪ آلپ آهن.

٣٠٨- ستين لنگهڻي ڪتو به حلال آهي.

هن پهاڪي وارو اهڙي موڪل نه تو ڏٿي، جو هرويرو ڪو ماڻهو بخيل پيسا گهر رکي ست ويلا لنگهڻ ڪري، ناڻو پاڇي وجهي، ڪتو ڪائي پيٽ پري، ۽ ائين به نه ٿو چوي ته هرويرو ڪتو ئي ڪائي، مگر سياڻپ جو اشارو آهي جو لاچاري بک جي ويلي جي سوائي قوت نه ملي، ته آولو گذران ڪري وٺي، ته به ڇهل نه آهي. جهڙو سڪيءَ جي ٻي ڏيي سفر مان پيٽ قوت پورو نه ٿئي، ته سمنڊ جو ڏيپ وارو سفر ڪرڻ منع آهي. يا جيڪڏهن ملڪي ڪارخاني جي نوڪري ڪرڻ مان ڏيو نه ملي، ته جنگي ڪارخاني ۾ به نوڪري ڪرڻ روا آهي، جاتي سدائين ترڻيءَ تي سر رکڻو پوي. فارسيءَ واري پڻ اهڙو اشارو ڏنو آهي:

فارسي: چو دست از همه حيلتي در گسست،
ضرور است بردن بـه شمشير دست.

ترجمو: جڏهن سڀن حيلن کان هٿ ڇنو،
تـرار تي هٿ رکڻ ضرور آهي.

٣٠٩- سڄڻ پيٺان وڏيا، وڏين پٺيان سڄا.

سڄا، هي اصطلاحي اکر آهي، يعني اشراف يـا سياڻا، يـا ڇاڳ پريا، وڏيا، يعني لچ يا ڏڏ يا نيڳـا، مطلب پهاڪي جـو

بعضي وقت پلن ماڻهن جو اولاد پلا ۽ پلن جو اولاد پلا ٿين. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ماڻهو گهڻو پڌا ۽ ڏٺا اٿم پر آهي نالا وٺڻ صلاح نه آئي؛ مگر آڳاٽا ڪي پڌا اٿم سي چوان ٿو، جو هڪڙي پاسي نوح نبيءَ جو پٽ، ۽ يوسف ڏاران ڀيا يعقوب نبيءَ جا پٽ، ۽ ٻئي پاسي نادرشاهه ۽ تمرلنگ بادشاهه.

۳۱۰- سيرو ڪاڏو پاتل ڦاٽي.

سيرو جهڙوڪي حلوو ڪاچرو شي آهي، پاتل ليسوڙيءَ يا ٻڙ يا پپن اهڙن وڻن جا پن گڏي چيتن سان ڳنڍي جوڙجن، تن تي هندو ماڻهو ڪاچ ڪائن، ۽ پاتل هيڪر جوني ٿي، ته وري ڪم نه لڳي. هي پهاڪو هندوي اصطلاح جو آهي، يعني سيري ڪاڏي ڪان پوءِ پاتل جا وري ڪم نه اچي سا رکڻ چا ضرور؟ تنهن لاءِ هڪڙي مثل لکان ٿو:

جڏهن نوشهري جي مختيارڪاري ڇڏي پينشن وٺي گهر آيس، تڏهن آن گهوڙا جن ۾ ڪم ڪونه رهيو، وڪڻي ڇڏيم. هڪڙي دوست پڇو جو وهٽ وانا مڳها چو وڪيئي، تنهن کي اهو پهاڪو پڌايم. مطلب جو جنهن شي مان ڪم لٿو ۽ وري ڪم اچڻ جي نه هئي، تنهن کي سانڍڻ ضرور نه آهي.

۳۳۱- سو چور ٿي نه آهي جو پنهنجو جوٽيت نه سڃاڻي.

جوٽيت، آهو جيڪو چور کي صحيح ڪري وڏائي، سو چور جو ويري آهي ڪ نه؟ مطلب جو پنهنجي ويريءَ کي سيڪو سڃاڻي ٿو، چور ته هڪڙو ماڻهو آهي پر پنهنجي ويريءَ جي مرونءَ کي ٻه سڌ رهي ٿي. جهڙو پلي گهر ۾ هئي ته ڪتا لڪي وڃن، يا سينگ هٿ ۾ ڏسي ڪانو ڀڄن. تنهن تي هنديءَ جي شاهدي آهي:

هندي: پسون پکي هون جانتي هيت آن هيت ڪي بات،
* رکي ديک سڪچت نهين پندڪ تي ڏر پات.

* پن ۾ عبادت ڪن سي.

ترجمو: مرون ۽ پکي ٻه ويڙ ۽ دوستيءَ جي ڳالهه ڄاڻن،
ساڌو ڏسي نه ڏڄن، ساريءَ ڪان ڏڄن.

٣١٢- سپتيو ماڻهو پرائي مال ۾ پائيوار.

سپتيو يعني ٻٽ وارو، يا ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ پورو. پهاڪي واري سپتي ماڻهوءَ کي پرائي مال ۾ پورو پائيوار چيو آهي؛ جيتوڻي ڳالهه ٻڪ جهڙي نه آهي پر جيڪڏهن پٽ وارو اوير سوير گهرج مهل اڌاري سڌاري لاءِ ڪاڻي ويندو ته ڏلهو ڪين ورندو، تڏهن قياس گهرجي ته پائيوار ٿيو ڪ نه؟

٣١٣- سچ سير، ڪاري ٻڪري اڇو کير.

هي پهاڪي وارو سچ کي ٿو ساراهي؛ جو کير هڪڙي شي آهي، جيتوڻي ڪ ڪاريءَ ٻڪري مان نڪري ٿو، ته به سو اڇو. تنهن وانگي سچ پڻ جهڙي حال ۾ هوندو، تهڙي ۾ جوکو نه اٿس؛ جهڙو سون گپ ۾ پوندو، ته به ملهه ڪين گهٽائيندو. اهڙي ڳالهه نمبر ٢٩٧ واري پهاڪي ۾ هلي آهي.

٣١٤- سڪ ٿور کان ٻڌ ٿور چڱو.

ٿور يعني دفعو يا منڊ، پهاڪي جو مطلب هي آهي. جو پاڻي ٿوري ٿي ٻوڪ سگهائي، تنهن سڪ تور کان گهڻو ٿي ٻوڙي ته چڱو. جيتوڻي ته سياڻا چوندا آهن جو ٻوڪ کي پاڻي تورو ٻه زيان ڪري، ۽ گهڻو ٻه، پر گهڻن هنڌن تي ڪتيءَ جي ٻوڪ پاڻيءَ جي گهٽائيءَ کان ٻڌي، ته ان ڏرتيءَ ۾ ڇيٽ ٿئي. تنهن کان سواءِ ٻوڏ واريءَ ڌرتيءَ ۾ ٻه ميجي، ٻوڙهه، ٻيڻ، ڪڻڪ ۽ پيا آپچن؛ ۽ جاتي سوڪ ٿئي آتي واري ۽ مٽي. تنهنڪري ڄاڻجي ٿو جو پهاڪي وارو سچو آهي.

٣١٥- سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سيري.

بعض ماڻهو هن پهاڪي ۾ سياري جي باهه پڻ چوندا آهن، پر سوڙ توڙي باهه ته سياري ۾ سيءَ لاهيندڙ آهن تنهنڪري

مطلب هڪڙو نڪري ٿو سو هي آهي، جو ماڻٽ توڙي يار توڙي ڪو پيو تہ سڀڪو پنهنجو سک گهرلي. جهڙو اردو واري چيو آهي:

اردو: مادر پدر برادر فرزند يار و زن،
سب سک کي هين سنگاتي ٽک سمجھہ وي سجن.

ترجمو: ماءُ پيءُ ڀاءُ پٽ يا جوءِ،
مڙئي سک جا ساٿي آهن ڙي يار ڪي سمجھہ.

٣١٦- سڄڻ سچي ٻانهن ڏئي تہ سچي نہ گهنجي.

هن پهاڪي جي سچي عبارت گهڻو ڪري اصطلاحي اشارا آهن؛ ڇا ڪاڻ جو نڪو ٻانهن ڪنهن جي وات ۾ ڏئي، نڪو ٻانهن ڪنهن جي گهڇي. مگر مطلب هي آهي جو ڪو شخص ڀروسو رکي ڪا وٿ يا ڪو ڪم سپاري، تہ ان ۾ خيانت يا ڪپٽ، يا ويساهہ گهاتي نہ ڪجي، نہ تہ اڳتي ويساهہ ڪو نہ ڪندو.

٣١٧- سچ مرچان، ڪوڙ گڙ، پير پيسا، جوءِ گُرُ.

هن پهاڪي مان پيو نرالو مطلب ڪو نہ ٿو نڪري رڳو بيدينن ۽ بخيلن ۽ گاندن جي گلا ۾ آيو آهي، جن کي سچ مرچن وانگي ڪڙو لڳي ۽ ڪوڙ گڙ گهاءِ مٺو، نائي ۽ جوءِ کي مرشد ڪري پوڄن.

٣١٨- سياري ۾ سي ئي چڱا جن گهٽي ٻاهر، اونهاري ۾ بہ سيئي چڱا جن گهٽي چاهہ.

هن پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو جنهن جي گهر سياري ۾ ٻاهر گهٽي ۽ اونهاري ۾ چاهہ يعني جهڻ گهٽي هوندي، سي سکي رهندا؛ پر سک سڀ دولت جو کيل آهي. تنهن جو بيان هن پهاڪي جو جواب نمبر ٣١٩ واري پهاڪي ۾ هلندو.

٣١٩- سياري ۾ سي نه چڱا جن کي آهه،
اونهاري ۾ سي نه چڱا جن کي ڪي آهه.

ڪي آهه يعني ڪي دولت آهي، هن پهاڪي وارو نمبر ٣١٨ وارن پهاڪن کي جواب ڏئي ٿو؛ ۽ چوي ٿو جو جنهن کي دولت آهي سو اونهاري توڙي سياري ۾ سکي رهندو. ڇا ڪان جو باهه توڙي جهڻ تي ٿوري ملهه واريو شيون آهن، پر دولت واري کي سڀ نعمتون سڦوليون آهن. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: بگرما و بہ سرما دار بهار است،
کسي کش دولت و اقبال يار ست،

ترجمو: اونهاري سياري ان لاءِ بهار آهي،
جنهن کي دولت ۽ ڀاڳ همراهه آهي.

٣٢٠- سڳا سي نه سيڻ، جنين پکا اوڏڙا.

سيڻ يعني مائٽ، پکا ويجهڙا يعني پاڙوسي، پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، ته جو پاڙوسي سو وڏو مائٽ؛ مطلب جو مائٽ آهي جو دوست. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

فارسي: برادر همان باشد که يار باشد؛

ترجمو: ڀاءُ آهو آهي جو دوست، هجي.

٣٢١- سلو سوءِ جو انگورين ڀلو.

مطلب ته جو ماڻهو ننڍپڻ ۾ لڇڻ وارو هوندو، سو وڏپڻ ۾ پڻ سڌرندو. تنهن تي فارسيءَ واري به چيو آهي:

فارسي: هر که در خورديش ادب نکند،
در بزرگي فلاح زو بر خواست؛
چوب تر را چنانکه خواهي پيچ،
نشود خشک جز به آتش راست.

ترجمو: جيڪو ننڍپڻ ۾ ادب نه ڪندو،
وڏپڻ ۾ ڀلائي ونانس آئي ويندي؛

آلي ڪاني جيئن وڻيئي تئن موڙ،
سڪي باهه ڌارن سنئين نه ٿئي.

٣٢٢- سوڙهي سياندري وهنوار نه ڪجي.

سوڙهو سياندرو، اکرن جي معنيٰ ويجهي حد، مگر اصطلاحي معنيٰ مائٽي يا دوستي. ڀاڪي وارو مائٽيءَ ۽ دوستيءَ ۾ واپار ڪرڻ کان جهلي ٿو، سو سچ آهي؛ جو واپار جي ڪم ۾ هڪڙي نه ٻئي وقت ڇڪتاڻ هلندي، جنهن ۾ واجبي حق سڃڪنهن کي ڇڪتو پوي. پوءِ هڪڙي تر سانگو ڪري آهو حق ڇڏيندي، نه حق ڀڏندس؛ تنهن تي هڪڙو ڏٺل قصو ياد آيو اٿم، جو هيٺ لکي ڏيکاريان ٿو:

هلال ۽ بدر جي پاڻ ۾ ويجها ۽ نازڪ مائٽ آهن، تن ٻنهين پاڻ ۾ اڌو اڌ پائيور تي پندرهن سؤ (١٥٠٠) رپيا خرچ ڪري هڪڙي ڏهاڙي ڪنندڙ ڳڏي؛ هن انجام تي ته جيڪي منجهانس پيدا ٿيندو، سو اڌ ڪري ورهائيندا رهندا. اها شي بدر جي هٿ ۾ رهندي هئي، مگر جيڪي پيدا ٿيندو هو، سو بدر سال بسال يا مهيني سر مهيني گهر ويٺي هلال کي پهچائيندو هو. ان طرح چار پنج ورهيه سندن وهنوار هليو. ايتري ۾ هلال کي هڪڙي ٻه اهڙي حرڪت معلوم ٿي، جنهن ۾ سؤ (١٠٠) ڏيڍ سؤ (١٥٠) روپيه پنهنجو نقصان ڄاتائين. تنهن لاچار تي پائيواري نبيرڻ لاءِ رٽ ڪيائين، ۽ پانيائين جو شاهوڪارن جي دستور وانگي ڪري ڪاتي پائيواري نبيريان. پر بدر کي ان طرح نبيرڻ نه وڻيو، ۽ پانيائين جو هلال کي دربدر رلائي رقم سموري ڳيهي وڃان. ان باب ۾ جيڪي هلال سان پٽ رڙائين، ۽ هلال سان ڳالهايائين، جي اهي سڀ لکان، ته جيڪر هڪڙو نرالو ڪتاب ٿئي. پر نيٺ هلال ويچاري کي پنهنجي لڄ لڪائڻ پيئي. تنهن اڳوڻي نقصان کي وساريو، ۽ هن مهل ٻه ڻ

فريب ۾ سون روپين جي ڏني وانئي ڪس ڪائي ڀائيواري نبيريائين.
اهو تماشو ڏسي آهه پڻ چوان ٿو جو ڀهاڪي واري سچ چيو آهي:

۳۲۳- سڙئي گهوڙي ۾ پٽيل ماڻهوءَ مان ڪين ٿئي.

جنهن گهوڙي کي مچر ڪائن ۽ ان زهر ڪان سڙي، تنهن کي سڙيو گهوڙو چئجي، سو دوائن سان پڻ سڌري ڪين، ڀهاڪي وارو پٽيل ماڻهوءَ کي پڻ اهڙو ڄاڻي ٿو، تنهن ۾ ڪو ڦير ڪونه آهي: ڇاڪاڻ ته جو ماڻهو ڪنهن جي دل ڏکوئيندو، ته ڏکويل جي دل مان پٽ نڪرندي، سا ڄاڻي اثر ڪندي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسيءَ: چه نيڪي طمع دارد آن بيوفا؟
ڪه باشد دعائي بدش از قفا.

ترجمو: ڀلائيءَ جي لالچ اهو ڪلال ڪئن رکي؟
جنهن جي پٺيان پاراتا هوندا.

۳۲۴- سؤ ڪري سينگار، ته به ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو.

اکرن جي معنيٰ سولي آهي جا سڀڪو ڄاڻي ٿو، مطلب هي آهي، جو ڪميٺو ماڻهو چڱيءَ پوشاڪ کي خوار ڪندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

: نا سزائي کي خرقه در بر ڪرد،
جامئه ڪعبه راجُل خر ڪرد.

ترجمو: نالائق جنهن گودڙي پهري،
تنهن ڪعبي جي ڪپڙي کي گڏهه جي جُهل ڪيو.

۳۲۵- سهڻا ڏوهه به پٽن ۾ آهن.

ڏوهه هڪڙو جهنگاي ول جو ڦر آهي، جو ڏسڻ ۾ گدري ڪان پڻ سهڻو، ڪاٺ ۾ ايرڻي ڪان به ڪوڙو، ڀهاڪي واري

جو مطلب هي آهي، جو شڪل جو سهڻو ماڻهو ڏسي نه چائجي ته هروڀرو سياڻو، يا اشراف، يا چڱو مڙس هوندو، جو متان ٻوهه وانگي اندر ٻاهرو هجي، تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: نه هر که به صورت نيڪواست سيرت زيباور درو است؛
ڪار بمغز اندرون است نه به پوست بيرون.

ترجمو: نه سڀڪنهن سهڻي ۾ موچارا لڇڻ آهن،
ڪم اندرئين مغز سان آهي، نه ٻاهرين کل سان.

درويش هن ڀاڪي لاءِ هي چون، ته جو ماڻهو ويس فقيرو ڪري، ۽ اندر ۾ دنيا جا ڏنڊا ۽ ڪپٽ سانڍيو وتي، سو ٻوهه جهڙو آهي، ۽ اهڙي کي پر لوڪ ۾ ڏاڍا ڏک ملندا. جهڙو گرو نانڪ شاهه جو وچن آهي:

وچن: بيک دکاوي جڳت ڪئون؛ لوڪن ڪئون وس ڪين،
انت ڪال ڪاتي ڪٽي باس نرڪ ۾ لين.

ارٿ: جهان کي ويس ڏيکاري، ماڻهن کي مڃائي،
مرڻ مهل ڪاتيءَ سان وڃي نرک ۾ پوي.

٣٢٦- سڀڪا ٻڪريءَ پنهنجي پائي ٽنگجي.

ڪاسائي ٻڪريءَ کي کهي کل لاهڻ لاءِ پير ڪان وٺي ٽنگي. پر هڪڙيءَ جي کل لاهڻ لاءِ ٻيءَ کي ڪونه ٽنگي. تنهن وانگي ڏوهه جي ثواب، ته جيڪو ڪندو سوئي لوڙيندو. جهڙو هنديءَ وارو چوندو آهي:

هندي: اهُ ڪرُ ڪري سو اهُ ڪرُ پاوي هاٿون هاٿ نبيرا.

ترجمو: هي هٿ ڪري سو هي سٽ لوڙهي هٿون هٿ فيصلو

٣٢٧- سچا عاشق پيٽو دي آچار.

پيٽو يعني ڪچريءَ جو پانڊي، دولت بنا عشق ٿيڻ اهڙو آهي، جهڙو پانڊي يا پاڙي؛ پر مطلب هي آهي جو دولت ڌاران ڪو ڪم پورو نه ٿيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: مرغ بي پر، درخت بي بر،
خانہ بي در، عاشق بي زر.
ترجمو: کنهن بنا پکي، ڦر بنا وڻ،
در بنا گھر، دولت بنا عاشق.

٣٢٨– ستي لڪڻن کان موني، تہ ڪتن هاب ٿئي.

هندستان ۾ ڪي زالون مڙس جي مرڻ مهل پاڻ جيئرو مڙس جي ميت سان گڏ ساڙينديون هيون، تن کي ستي چوندا ها؛ ڪتن‌هاب يا ڪتن جو ڪاج هي اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي گلارو، يا بدنام؛ تنهن وانگي هڪڙو سورهہ دم هٽي جنگ ڏي هلي، ۽ اڳيان ترار جو تاءُ ڏسي پٺي تہ آن ستيءَ وارو لقب مليس. آهڙي لاءِ فارسي واري پڻ چيو آهي:

فارسي: يکي چو بيني تو در جنگ پشت،
بکش گر عدو در مصافش نکشت.

ترجمو: جڏهن هڪڙي کي ويڙهہ ۾ پٺيرو ڏسين،
ڪُهہ، جيڪڏهن ويريءَ ويڙهہ ۾ نہ ڪُٺس.

٣٢٩– سَبر، سان سڱ، ڪبي ڪُئن،
چونـدو جئن، ٿيندي تـئن.

سبر، ڏاڍو ماڻهو، سڱ يعني دنگ، پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو هڪڙي هيٺي ۽ ڏاڍي جو وچان دنگ جو رڳڙو هوندو، تنهن جو نبيرو ڏاڍي جي چوڻ تي ٿيندو؛ تنهنڪري، گهرجي، جو پاڻان ڏاڍي جي چوڻ مڃيندو رهجي، نہ تہ پاڻ لاءِ ڇيهو وهائيو آهي. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

فارسي: خلاف راءِ سلطان راءِ جُستن؛
بخون خويش باشد دست شستن.

ترجمو: بادشاهہ جي صلاح کان ابتڙ صلاح گهرڻ،
پنهنجي رت سان هٿ ڌوئڻو آهي.

٣٣٠– سي ادائي، سي سادا ٻ.

سادن ٻن ۽ ادائن ۾ ايترو ڦير آهي، جيترو ٣١٥ واري پهاڪي ۾ بيان ٿيو آهي؛ ۽ هن پهاڪي جو مطلب پڻ ڏڏن جي بي سمجهي ڏيکارڻ جو آهي. سياڻي کي گهرجي، جو اهڙي ڏڏ جي صحبت کان پاسي رهي، ۽ نه سمجهي ته کو ڪانئس سکندو، بر شال هي سندس سنگت مان ڪري ٿو. تنهن تي هڪڙو فارسي مثل آيو آهي:

فارسي: خري را ابلهي تعليم ميکرد،
بر اوبر صرف ڪردي عمر دائم؛
حکيمي گفت اي نادان چه ڪوشي؟
درين سودا بترس از لوم لائم.
نيا موزد بهائيم از تو گفتار،
تو خاموشي بياموز از بهائم.

ترجمو: هڪڙي ايائي هڪڙي گڏهه کي سيکاريو.
سدائين ان تي چمار تي وڃايائين،
سياڻي هڪڙي چيس ڙي ڏڏ ڇو تو سعيو ڪرين؟
هن سوداءَ ۾ مٿي هٿڻ کان ڊڄ.
مرون توکان ڳالهائڻ نه سکندو،
تون مرونءَ کان ماٺ سک.

٣٣١– سوناري جو سؤ ڏڪن، لوهر جو هڪڙو ڏڪ.

جو ڪم سوناري جي سؤ ڏڪ هٿڻ مان ٿئي، آهو ڪم هڪڙي ڏڪ مان ڪري سگهي. تنهن وانگي ڏڏ ماڻهو گهڻي ڏاڪڙي مان وس ڪري، سياڻو اهو ڪم اشاري

وٺ، اکين جو زيان.

رڳو ڳالهه ڪرڻ مان حال سمجهي،

گاهڻ اجايو آهي. تنهن لاءِ هڪڙو

هڪڙيءَ زال جي وڏور ڏيءَ ڪنواري هئي؛ تنهن جي پرڻائڻ لاءِ مڙس کي سعيو ڪيائين ۽ ڏيءَ کي چيائين جو آڌي پيهه ته پياءِ ڏسي. تنهن چيو جو ابو سياڻو آهي، ويڻي بہ ڏسي ٿو جو وڏي آهيان. مطلب جڏهن پهاڪي وارو سياڻي ماڻهوءَ کي ايترو ساراهي ٿو، تڏهين ڏٺي، جو سڀ ڳالهه جو ڄاڻندڙ ۽ واقفندڙ آهي، سو انسان جو حال ري چئي نہ ڄاڻندو ڇا؟ تنهن تي گرو نانڪ شاهہ جو وچن آهي:

وچن: انتر جامي پورک سوامي اڻ بولت هي جانت حال.

ارٿ: ڳجهہ ڄاڻندڙ سائين ري چيو حال ڄاڻي.

٣٣٣- سٽي شينهن کي آڳر نہ ڏجي.

ڪاٺي شينهن ستو پيو هئي، اتاهون هوري هوري لنگهي وڃبو تہ شينهن ڪين چوندو؛ پر جيڪڏهن آڳر ڏبس يعني چُرَ ڪبيس، تہ ڄاڳي وڙهندو. تهڙيءَ طرح وسائل جهيڙي کي ٻڌ ستل شينهن ڄاڳي گرهانس پاسو ڪجي، ۽ جي چوربس تہ منجهاس جيڪا سان ڏاڍوچي ٿيندي.

٣٣٤- سيڪو پنهنجي هٿيءَ جو هوڪو ڏئي.

هوڪو، سڏ، جهڙو ڪُهَرَن جي وڪڻ وارو جهولي کڻي هوڪو ڏيئي چوي، 'ڪُهَرَ خوسا'. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي جو لوڻ وڪڻ وارو لوڻ جو هوڪو ڏيندو، ۽ کنڊ وڪڻ وارو کنڊ جو؛ تنهن وانگي اشراف کان اشرافت جو ڪم ٿيندو، ۽ لچ کان لچائيءَ جو. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙو اشراف ماڻهو پتڻ لنگهڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو، اوچتو هڪڙو مسخرو ان ٻيڙي ۾ ويٺل هو، تنهن هن اشراف سان گهٽيون چٿرون ڪيون، پر اشراف ڪين ڪچو؛ آڏلو لهڻ مهل گرانڙي پائي موڪلايائينس. تنهن کي ڏسي ٻين چيو، جو اهڙي لچ سان اهڙي خوشامد ڇا ٿي ڪهي. تن کي چيائين تہ هن پنهنجو لائق ڪيو، مون پنهنجو لائق سڃاتو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: هر ڪسي آن ڪند ڪه لائق اوست.

ترجمو: سڀڪو پنهنجي لائق جهڙو ڪري.

۳۳۵- سڪو ڪاٺ به پاسا پڃي.

سڪي ڪاٺ تي ساڃي پاسي پر سمهبو ته ساڃو پڃندو، جي ڪڃي پر سمهبو ته ڪپڙا تنهن وانگي بخيل ۽ بي ڏرم ماڻهوءَ جي صحبت مان لوڪ پر لوڪ جو جوکو آهي. تنهنڪري سياڻي کي اهڙيءَ صحبت کان پاسي رهڻ گهرجي. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: آنکس که از او نفع نه دنيا و نه دين است،
بگريز ازو گرچه شهي روءِ زمين است.

ترجمو: جنهن ماڻهوءَ مان نه دنيا جو نه دين جو فائدو آهي،
جي سڄيءَ دنيا جو راجا آهي، ته به کانئس ڀڄ.

۳۳۶- ست ڪئا ڪاٺي، ٻلي حج چڙهي.

هن ڀاڪي واري ٻليءَ جي حج وڃڻ جي ڳالهه آندي آهي سو رڳو مثل آهي؛ نا ته ڪاڏي ٻلي ڪاڏي حج وڃڻ، مگر مطلب هي آهي ته جي ماڻهو اندر ۾ پاپ رکي ٻاهران ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڏکهي عبادت ڪن، تن کي ٺوڪجي ٿو. ۾ اهڙي عبادت مورڳو گناهه آهي. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

فارسي: ڪليد در دوزخ است آن نماز،
که در روءِ مردم گذاري دراز.

ترجمو: اها نماز دوزخ جي در جي ڪنجي آهي،
جا ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڏکهي پڙهين.

ش

۳۳۷- شڪر ڪر صحيح، ته توني سان تُوه ٿئي.

تُوه يعني مهرباني؛ ڀاڪي جو چوڻ وارو ڏٺيءَ جو ويساسي پانهو ڏسجي ٿو، جو ڏٺيءَ جي شڪرانه ڪرڻ جي

ساک تو ڪري. اها ڳالهہ سچ آهي، جو شڪراني ڪرڻ واري
تي ڌڻي گهڻي مهرباني ڪري بخششون ڪندو آهي. فارسيءَ
واري پڻ چيو آهي:

فارسي: ترا مال و نعمت فزايد ز شکر،
ترا فتح از در آيد ز شکر.

ترجمو: شڪر ڪرڻ مان تنهنجي دولت ۽ مال وڌي؛
شڪر ڪرڻ ڪان تنهنجي سوپ ٿئي.

۳۳۸- شينهن اڳيان لڪڙي آڇڻ سولي،
پر وري ڪڻڻ اولي آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص شينهن جي اڳيان ڪاٺي آڇلي،
تہ آڇلي سگهي؛ پر وري اها ڪاٺي ڪڻڻ ڪم ڪهري؟ تنهن
وانگي پاڻان ڏاڍي اڳيان ڳالهہ ڪرڻ سٺري آهي، پر جيڪڏهن
پوري نہ هئي تہ سندس پورائو اهنجو آهي. تنهنڪري گهرجي
جو ڏاڍي اڳيان ڳالهہ ڪجي، تہ اڳ پوءِ ڳڻي ڪجي، نہ تہ
ماٺ ڀلي. فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: ندارد کسي با تو نا گفتہ کار،
و ليکن چو گفتي دليلش بيار.

ترجمو: جاسين نہ ڳالهايو اٿي، تاسين ڪنهن جو تو سان ڪم نہ آهي،
پر جڏهن ڳالهائيي تڏهن پورائو آڻ.

۳۳۹- شينهن نہ ڏيکيا تہ ڏيک ڀلاڙا،
چور نہ ڏيکيا تہ ڏيک سونارا.

هن پهاڪي مان پيو ڏار مطلب ڪونہ نڪري ٿو، مگر
جهڙو ڪي ڀلي ۾ گهڻا آريکڻ شينهن جا آهن، تهڙو سونارو پڻ
چوريءَ يعني سون ربي ۾ مٽ گڏڻ لاءِ پڌرو آهي. سياڻا
چوندا آهن، جو سونارو ماءُ پيڻ جي مٽي مان بہ نہ کسي.
هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

ناري جو مختياركار هوس، تن ڏهاڙن ۾ راڻاهوءَ مڪان ۾ بيکي نالي سوناري کي عينڪ جي ڇلي جوڙڻ لاءِ ٿوري چاندي ڏنيم. ڇيومانس جو منجهس مٽ نہ گڏج، تہ ان جي بدران مزوري واڌو ڏيندو ساڻس. تڏهن ڪلي ڇيائين، جو ڏهوٽو پورهيو ڏيندين، تہ بہ ماڻهن جي پر ڪين ڇڏيندس، ڇاڪاڻ جو جاسين آهو ڪم نہ ڪريون، تاسين برڪت نہ پوي. هاڻي ويچار ڪريو تہ جڏهن سونارن کي اها پڪ آهي، تڏهن پهاڪي واري جي خيال ۾ ڪهڙو ڦير آهي؟

ص

۳۴۰- صبر جنين سينگ، تير نہ ڪُسي تن جو.

هن پهاڪي واري صبر کي ساراهيو آهي، يعني جو صبر ڪندو سو مطلب کي پهچندو. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: بہ صبري تَواني رسيدن بہ ڪام؛
بہ آهستگي صَيد آيد بدام.

ترجمو: صبر سان مراد کي پهچي سگهندين،
صبر سان شڪار ڦاهيءَ ۾ اچي.

اهڙي ڳالهہ هيٺ نمبر ۳۴۱ واري پهاڪي ۾ پڻ هلندي.

۳۴۱- صبر وڏو ٽول آهي.

ٽول يعني وٿ، هن پهاڪي وارو پڻ نمبر ۳۴۰ واري پهاڪي وانگي صبر کي ساراهي ٿو؛ سا ڳالهہ سچ آهي، جو سياڻا چوندا آهن تہ جن کي صبر جهڙي وٿ ڌڻيءَ ڏني آهي، تن کي ڄاڻ حڪمت بخشي اٿس، ۽ بي صبر ان حڪمت کان پالها آهن. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: گنج صبر اختيار لقمان است،
هرکہ را صبر نيست حڪمت نيست.

ترجمو: صبر جي گنج لقمان جي قدرت جهڙي آهي،
جنهن کي صبر نہ آهي تنهن کي حڪمت ناهي.

٣٤٢- صلاحين شينهن ٻجهي، ڪم ڪرهين نه ٿئي.

ڪَرهُ يعني جهيڙو، مطلب جو ميٺ محبت سان جهڙو ڪم ٿيندو، تهڙو جهيڙي سان نه ٿيندو؛ جهڙيءَ طرح شينهن جي ٻچي کي چيتاري ڏتاري ٻجري ۾ پايو وتن، پر ويڙهه سان جيڪر اهو ساڳيو مارئي مارائي بنا نه رهي. فارسيءَ واري چوڻي آهي:

فارسي: به شيرين زباني و لطف و خوشي،
توانی کہ پیلی بہ موئی کشي.

ترجمو: مٺي زبان ۽ موچارائيءَ ۽ سرهائيءَ سان،
هاٿيءَ کي وار ۾ ٻڌي سگهين.

ظ

٣٤٣- ظلم قائم آهي، ڪندڙ قائم نه آهي.

ظلم هڪڙو فعل آهي، تنهن جو نالو جهان مان وڃڻ جو نه آهي، تنهنڪري قائم رهي ٿو. پر ظلم ڪندڙ يعني ظالم جي چمار ٿوري آهي؛ ڇاڪان جو غريبن جي پٽ ظالم لاءِ پاڙ پٽيندڙ آهي. مگر ظالم جي گلا جي چمار سنديس چمارڪان وڏي آهي، جا سندس مرڻ کان پوءِ به رهي ٿي. جهڙو فارسي بيت آهي:

فارسي: نماند ستمکار بد روزگار، بماند برا و لعنت پائدار.

ترجمو: ظالم ٻڇڙو گهڻو ڏهاڙا نه رهي؛ مٿس لعنت سدائين رهي.

ع

٣٤٤- عقل ري ارمان، گهڻا ڪائيندين جيئڙا.

سياڻپ ڏاران نيٺ ارمان ڪائڻو پوندو؛ ڇاڪان جو عقل وارو ماڻهو توڙي ذات جو هيٺو هوندو ته به جاتي تاتي عقل جي برڪت سان مان لهندو، ۽ اياڻو ماڻهه توڙي وڏ آڪاهيو هوندو، ته به بي مانو رهندو ۽ ارمان ڪائيندو. تنهنڪري ڏاهپ پرائڻ جو سعيو ڪرجي، تنهن جو علاج سياڻن جو سنگ آهي.

۳۴۵- عيسيٰ، نہ موسيٰ، وڏا پير پيسا.

پيسا يعني دولت يا نائو هن پهاڪي وارو دولت کي پيغمبرن کان بہ وڌو چوي ٿو، جيتوڻيڪ تہ پيغمبرن جو مان ڏاڍو وڏو ڪيو آهي، پر ڪن مهلن ۾ دولت بہ گهڻا ڏک ڪٽيندي آهي. جنهنڪري فارسيءَ وارو چوندو اٿس:

فارسي: اي زر تو خدا نہ ئي؛ وليڪن بہ خدا،
ستار عيوب، قاضي الحاجات توئي.

ترجمو: ڙي دولت، تون ڏاڍي نہ آهين پر قسم ڏاڍيءَ جو؛
ڍڪيندڙ عيبن جي، ۽ جاري ڪندڙ گهرجن جي آهين.

۳۴۶- عقل آهيرن جو ڏڙيون ٿي ويو،
مڱائن هڪڙو پرڻائن ٻيو.

آهيرن يعني جهنگلي جٽ، دنيا جو دستور آهي جو جا عورت جنهن سان مڱائن، سا عورت نيٺ ان ساڳئي سان پرڻائن، پر جڏهن ڪنهن عورت کي مڱيندو ڇڏائي ٻئي سان پرڻائن، تڏهن واعدي خلافيءَ جهڙي ڳالهہ چئجي. وعدي خلافي بہ هڪڙو ڪوڙ آهي؛ سو جڏهن ڪو ماڻهو وعدي خلاف ٿيو، سو آهير هئي توڙي ارباب، تہ هن پهاڪي جو مخاطب يعني مهاڙيو ڄاڻبو.

۳۴۷- علت وڃي، عادت نہ وڃي.

علت يعني مرض، عادت يعني هير، مطلب هي آهي جو ڪنهن کي مرض هجي ۽ دوا ڪرڻ سان ڇڏي وڃي تہ ميجبو؛ پر عادت ڪڏهن ڪين ڇٽبي. تنهن تي فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: خوي بد در طبيعتي کہ نشست،
نرود تا بہ وقت مرگ از دست.

ترجمو: عادت ڀيڙي جنهن طبع ۾ ويٺي،
موت جي مهل تائين هٿان نہ ويندي.

ع

۳۴۸- غريب جي جوءِ سيڻي جي پاڇائي.

پاڇائي يعني ياءُ جي جوءِ، ملڪ جو دستور آهي، جو گهڻا ماڻهو پاڇائيءَ کي پاڻي پيارڻ يا ماني کارائڻ ۽ پڻ انهن کان ڏسڻ ۾ عيب نه ڄاڻن. تنهن وانگي غريب ماڻهوءَ جي جوءِ کي اڻ سهڪو پاڻي ڄاڻي مٿس حڪم هلائي؛ هن مطلب هيءُ آهي، جو هيٺي ماڻهوءَ کي سهڪو پانهنجو اڏيڻ ڄاڻي.

ق

۳۴۹- قرض ڪوڙهه جو ڏڪو آهي.

ڪوڙهه، هڪڙو بڇڙو مرض آهي، جو ماڻهوءَ جي اڱن تي اڇا يا ڪارا چٽا ٿي پوڻ. پهاڪي وارو قرض کي پڻ اهڙو بڇڙو ڄاڻي ڪٿڻ ڪان جهلي ٿو، ڇا ڪان جو قرضيءَ کي لهڻي وارن جي هٿان خراب ٿيڻ جو ڊپ آهي، تنهن لاءِ فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: به تمناءِ گوشت مُردن به،

که تقاضاي ز شت قصابان.

ترجمو: گوشت کائڻ جي سڌَ ۾ مرڻ چڱو،

جو نَهري وارن جي ڇڪ تاڻ بڇڙي آهي.

۳۵۰- قاضي ڄاڻي، قيامت ڄاڻي.

هن پهاڪي وارو ظاهري لباس ۾ مسلماني مذهب جي رستي چوي ٿو، جو هي انسان قاضيءَ سمجهائڻ پنهنڍڙ ڇڏيا ڪم ڪندو ته قيامت ۾ سندس پاران قاضي ڄڻ جوابدار رهندو. پر هڪڙو هي به مطلب آهي جو ماڻهوءَ کي جڳائي ته توڪل ڪري يعني پنهنجا ڪم ڏٺيءَ کي سونپي؛ ۽ چوي، جو ڏٺي ڄاڻي ڪم ڄاڻي؛ ڇا ڪان جو فارسيءَ واري پڻ توڪل کي ساراهيو آهي:

فارسي: اگر خواهي که از خارت شود گل،

توکل کن توکل کن توکل.

ترجمو: جيڪڏهن پائين ته ڪنهي مان گل ٿيئي،
ته رکو توڪل ٿي توڪل ڪر.

ڪ

٣٥١- ڪتم سب چمار، پاندي پوري ڪين ٿي.

پاندي، زالون سڀ ڪتن، جڏهن هڪڙي پاندي پوري ٿئي، تڏهن آها ٿڪ تان لاهي ٿي پاندي ڏائن سا، پر جڏهن هڪڙي پاندي پڻ سڄيءَ چمار ۾ پوري نه ٿيندي، تڏهن ڪٿان ڪتبي. تنهن وانگي سڄي چمار مايا جي ڏنڏي ۾ وڃائبي، ته ڏڻيءَ جي يادگيري ڪڏهن ڪبي؟ فارسيءَ واري پڻ اهڙو ڏوراپو ڇيو آهي:

فارسي: طفلي بـه بـازي، جواني بـه مستي،
پيري بـه سستي، ڪي خدارا پرستي:

ترجمو: پــالاتــڻ رانـــد ۾، جوانـــي نشـــي ۾،
پوڙهائي هيٺائيءَ ۾، ڪڏهن ڏڻيءَ کي پوڄيندين؟

٣٥٢- ڪکان ڪوڙي ٻاهه، غلامان دوستي،
يـار نـه ڪهي ڏوم، پيادا پـوستي.

ڏوم، يعني لنگهو، پيادو، هي اصطلاحي لفظ آهي يعني دل جي اوڇا ڪندڙ، پوستي يعني پوست جي نشي پيڻ وارو، مطلب هي آهي، جو ڪکن جي باهه ڪوڙي جٽاءُ نه ڪري، ۽ گولاڙي جي دوستي پڻ ڪمائتي نه آهي. جنهن لاءِ عربي پهاڪو آهي:

عربي: لاخير في عبيدي.

ترجمو: نه آهي ڀلائي گولاڙي مان.

تنهن وانگي لنگهي، پيادي ۽ پوستيءَ جي دوستيءَ مان به نيڪ نلائي آهي.

٣٥٣- ڪتي جا ڏند، ڳڏهه جو ماس.
ڳڏهه جو ماس بڇڙي شي آهي، ته ڪتي جا ڏند ڪي چڱا آهن ڇا؟ تڏهن ڇڻ گهرجي، جو بڇڙي کي بڇڙو ملي. جهڙي دستور سياڻي ماڻهوءَ جو لچ سان ڏنڊو اڙي، ته بيو لچ پنهنجي ياران وڪيل بچي جند ڇڏائي. اهڙي ڳالهه لاءِ عربي پهاڪو پڻ آيو آهي:
عربي: سنو الڪلابا، لحم الحمارا.
ترجمو: ساڳيو پهاڪي جو ترجمو.

٣٥٤- ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.
ماضي يعني جيڪا ٿي لنگهي، استقبال يعني جيڪا ٿيندي، حال، جيڪا هاڻي ٿي نبري؛ مطلب هي آهي، جو هڪڙا ماڻهو پراڻين ڳالهين کي ياد ڪيو ڏيکڙيا وتن، سا پڻ پوري ڳالهه نه آهي. جهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو اڳي وهيو هو، پر هاڻي ڏٺيءَ جي قدرت مان ولهو هئي ته اها پراڻي ٽبڪ ڪاٽي هلنديس. ۽ ٻيا هڪڙا ماڻهو اڳتي ٿيندڙ ڪم جي آڻ تڻ ڪرن، سا پڻ پوري هاج نه آهي: ڇاڪاڻ جو معلوم نه آهي، ته ڪن ڪان پوءِ ڇا ٿيندو. تنهنڪري هاڻوڪيءَ مهل جي حال ۽ صحبت موجب هلت ڪرڻ گهرجي.

٣٥٥- ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾.
پريءَ ۾ ۽ پاڪر ۾، هي اصطلاح آهن، جن جي معنيٰ گهڻو ۽ ٿورو آهي. پهاڪي جي معنيٰ هي آهي، جو ڪڏهن گهڻو ڪڏهن ٿورو؛ پر مطلب سندس هي آهي، جو مايا جو ڏنڊو ڪڏهن ڪهڙي ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ رهي ٿو. جهڙي ريت آڙدوءَ وارو چوي ٿو:
آڙدو: جب گيا بلبل چمن ۾ ديکهه ڪي فصل خزان،
روڪي هس ڪهني لگي گاهي چنين گاهي چنان.

ترجمو: جڏهن بُلبُل باغ ۾ وڃي ڦٽائيءَ جو حال ڏٺو،
روئي ڪلي چوڻ لڳي، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن.

۳۵۶- ڪارو وهي ڪمري گڏ، ته ورن نه مٽائي ته عادت مٽائي.

ڪمرو، چٽ ڪمرو يعني ٻه رنگو، ورن يعني رنگ، اشراف ماڻهو لچ جي سنگت ۾ وهندو ته مهاندو لچ جهڙو ڪين ٿيندس، پر لچڻ جائي لچ جا سکندو. تنهنڪري سياڻا ماڻهو اهڙيءَ صحبت کان جهليندا آهن. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: با بدان کم نشين، که صحبت بد،
گرچه پاکي، ترا پليد کند.
آفتابي بدين بلندي و تاب،
پاره ابر نا پديد کند.

ترجمو: ٻچڙن سان ٿورو ويهه، جو ٻچڙي صحبت، جيتوڻيڪ
سٺو آهين، اولو ڪنديءَ. سج کي هيتري وڏائيءَ
۽ سوجهري سوڌو، ڪڪر جو ٽڪر لڪائي ڇڏي.

۳۵۷- کهٽي سيڪو ڪهي، پر ڪرو ڪو وهٽيءَ رهي.

کهٽي ۽ وهٽي هي ٻئي اصطلاحي لفظ آهن، يعني چوڻ ۽ ڪرڻ. پهاڪي جي معني هي آهي، جو چوڻ لاءِ سيڪو چوي، پر ڪرو ڪو ڪرڻ لاءِ ڪري. جهڙوڪي سيڪو چوي، جو ڪوڙ، چوري، گلا، حرام ۽ پيا اهڙا ڪم ٻڇڙا آهن پر ڪرو جڏهن ڪو پاڻ نه ڪري. تنهنڪري جيترو ڪري سگهي، چئي سان پڻ اوترو چوي، تڏهن هن پهاڪي جي اوپالي کان ڇٽي.

۳۵۸- ڪتيءَ کي ڪنهن آماڙ ڏنو هو، سا تارا ڏسي ٿي ڀنسي.

هن پهاڪي جي معني ۾ لڪو ڪين آهي، جو پڌرو ڪهي؛ ۽ مطلب هي آهي، جو هڪڙيءَ مهل ڪو ماڻهو ڪنهن

ڪم مان ڪمائو پائي، يا ڏک ڏسي ته وري جيڪر ان ڪم ڏسڻ ڪان پڻ ڊڄي. پهاڪي نمبر ٤٠٢ واري ۾ پڻ اهڙو بيان ٿيو آهي.

٣٥٩- ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پائي رک،
ته به ڏنگوئي رهندو.

ڪتي جو پڇ اصل کان ڏنگو هوندو، سو نڙ ۾ پوڻ سان ڪٿي ڏِنگ ڇڏيندو؟ تنهن وانگي جنهن ماڻهوءَ کي اصل کان بڇڙي عادت هوندي، سو سيکارڻ سان ڇڏيندو ڇا؟ جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: جو جانڪو پڙيو سڀاءُ جاوي جيءَ سون،
نيم نه ميٺي هوءِ سنچ گـُـڙ گيهيءَ سون.
ترجمو: جا جنهن جي عادت هوندي سا ساهه سان ويندي؛
ڳُڙ ۽ گيهه سان گڏ تـه به نـم مٺي نـه ٿئي.

٣٦٠- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪڻڪ جي مانيءَ سان.

ڪتي جو ڪاڄ سدائين جوٺ آن ۽ هڏو گڏو آهي، تنهن کي ڪڻڪ جي ماني جا اڇو ڪاڄ آهي ڪارائبي، ته ڇا سڌرندو. تنهن وانگي ڪميڻو ماڻهو سدائين ڦٽ لعنت سان سمجهندو هوندو، سو شابس چوڻ مان ڇا سمجهندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙو حاڪم پنهنجي پڪاليءَ جي ڇوڪر تي عاشق ٿيو، تنهن جي سڱ لاءِ پڪاليءَ کي گهڻو ڪي ناڻو ڀاسيائين ۽ گهڻي منٿ ميڙ ڪيائين، پر سهاٽي يعني پڪاليءَ سڱ ڏيڻ نه ڀاسيو؛ تنهنڪري ڏک پرجي موڙه سوڙه ڪري ويٺو. اها ڳالهه سندس هڪڙي صوبي ٻڌي، تنهن سهاٽي کي گهرائي ڏاڙهيءَ مان جهلي پنج ست موچڙا هنيان. مهاٽي پڇيو، ڙي سائِن ڇو ٿو ماريم؟ ڇي ڙي ليڙيءَ سنهنجو حاڪم توکان سڱ ٿو گهري، تنهن کي ڇو نه ٿو ڏين؟ مهاٽي چيو، اڙي سائين آن ڪو تو وانگي سمجهائي به چيو هو! هاڻي تو سمجهايو آهي، تڏهن جيءُ ڏيان، نچ ڏيان. هاڻي ڏسڻ گهرجي ته پهاڪي واري سچ چيو آهي يا نه؟

۳۶۱- ڪالهوڻي ڪاله گئي، اڄ پڻ ڏينهن پيو،
جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.

راهه يعني آن جو ڏيک، جنهن آن جي ڏيک مان ماڻ سان منجهي نڪرندو، سو ڇا جهليندو؟ نيٺ ڪڍي ويندو، تنهن وانگي دنيا ۾ جيوت جا ڏهاڙا جنهن مان ڏهاڙي هڪڙو ڏهاڙو نبرندو ويندو سي ڇا جهليندا؟ جهڙو قُتَلَ دلي جو پاڻي نمندي نمندي ڪڍي رهي،

۳۶۲- ڪنيءَ رن جا ٻار، ٿورا تيئن چڱا.

هن پهاڪي جو بنياد هي آهي جو هڪڙي عورت پوڙهيءَ سڄيءَ ۽ بيمار ڪي ٻار ڄڻيا هئا، تن مان هڪڙو مري پيو، ۽ رن پٽڻ لڳي؛ اهو حال ڏسي پاڙوسي هڪڙو ڪلڻ لڳو. فقير هڪڙي آن پاڙوسيءَ کي چيو، جو هن کي مرڻو، توکي ڪل؟ تنهن کي پاڙوسيءَ هي پهاڪو چئي سڻايو. پر مطلب هي آهي جو ڪني وهنوار ۾ هٿ جيئن ٿورو تيئن چڱو؛ بلڪ نه هجي ته هيڪاري چڱو.

۳۶۳- ڪري سو پائي، فقير ڪنهن ڪائي.

هن پهاڪي جي هوئين سٽ رڳي خوش طبعيءَ لاءِ آئي آهي؛ مگر پهرينءَ جو مطلب هي آهي، جو جهڙا ڪم ڪندو سو تهڙو ڦل پائيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:
فارسي: هر ڪسي آن درَ وَد عاقبت ڪاره ڪه ڪِشت.
ترجمو: نيٺ سڀڪو اهو لڻندو، جيڪي پوکيائين.

۳۶۴- ڳهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي.

هن پهاڪي وارو رڳو سچارن مڙسن جي ڳالهه جي سچائي ڏيکاري ٿو جو سچار ماڻهوءَ جي وات مان ڳالهه نڪتي ته جاڻ ٿي، وري ڦري نه. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:
فارسي: سخن مردان جان دارد،
ترجمو: مڙسن جي ڳالهه ۾ ساهه آهي.

٣٦٥- ڪوسا ناوي، تڏا ڪاوي، تہ ويچ پاس نہ جاوي.

سياڻا ماڻهو ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ، ۽ ٿاري ڪاج ڪاڻڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا آهن؛ ۽ چون تہ جيڪو اها هلت ڪندو؛ تنهن ڪـي گهڻو ڪري اگهائيءَ جـو ڏپ، يا طبيب جي ڪاڻ نہ رهندي. بعضي يوناني طبيب ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ بابت هي لطيفو چوندا آهن، جو مثل ماڻهوءَ کي ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجارن ٿا، سو جيءَ نہ ٿو پوي، تنهن جو عجب آهي: يعني ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ ۾ اهڙي ڀلائي آهي. تنهن ڪان سواءِ ننڍپڻ جي ڏهاڙن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪڙو مهتو تاراچند سيوهاڻي ڏٺو هوم، جو هميشه ڪـاج تمام ٿاري ڪائيندو هو ۽ سنان بہ ڪوسي پاڻيءَ سان ڪندڙ هو. تن ڏهاڙن ۾ اٽڪل پنجاسي (٨٥) ورهين جي ڄمار هيس، تہ بہ اکين جـو سهائو اهڙو هوس، جو رات جو بنا عينڪ لـکندو ۽ ڏندن سان پڳڙن جهڙيون شيون چٻي وينـدو هو. تڏهن ڀانيان ٿو جو پهاڪي واري سچ چيو آهي.

٣٦٦- ڪر چڱائي چٽ سان، تہ ڦيري هٿيئي پٽ سان.

چٽ يعني جهنگلي، ڀر هت لچ جي شان ۾ آيو آهي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو لچ سان گهڻوئي ڪو ڀلائي ڪري، تہ بہ نيٺ منجهانس برائي پرائي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري بہ چيو آهي:

فارسي: اگـر عـمـري نـوازي سفلہ را،
بہ کمتر چيزي آيد با تو در جنگ.

ترجمو: جيڪڏهن سڄي ڄمار لچ کي پالين،
ٿوريءَ شئي تـان تـوسان وڙهندو.

٣٦٧- ڪنڌيون پار، ڦنڌارون پار.

ڪنڌيان پار يعني نديءَ جي هن پر، يا پيٽ جي ٻئي پاسي، ڦنڌاران پار يعني ڦنڌار ڪان پري. مطلب پهاڪي جو

هي آهي، ته جو ماڻهو دل کان پري آهي، سو پري آهي؛ ۽ دل کي ويجهو سو ويجهو. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: دوران با خبر در حضور، نزديڪان بي بصر دور.

ترجمو: پراهان خبر سان ويجها، ويجها اڻ ڏٺا پري.

۳۶۸- ڪچيءَ ڪنا نه وريا، پڪيءَ چا ورندا.

هن پهاڪي جي معني هي آهي، جو مٽيءَ جو ٻاسڻ جاسين ڪچو آهي، تاسين سندس ڪنن جو وارڻ ڦيرڻ ڪنڀر جي وس آهي؛ پر پڪي کان پوءِ وري نه سگهن. تنهن وانگي جو ماڻهو ننڍپڻ ۾ علم يا ادب جي ترتيب سان نه سڌريو، سو وڏڻ ۾ اهڙو سڌرندو، جهڙو ٻڍو طوطو پڙهي.

۳۶۹- ڪڪ هيٺ لڪ پيو آهي.

هن پهاڪي جو مطلب اهو نه آهي، جو ڪو سڀ ڪنهن ڪک هيٺ اهڙو مال رکيو آهي؛ مگر ڏٺيءَ جي وڏائي ڏيکاري ٿو، جو هن جي گجهه جي ڪل ڪنهن کي ڪانه آهي. فارسيءَ واري پڻ اهڙو پهاڪو چيو آهي.

فارسي: هر بيشه گمان مبر ڪه خالي است،
شايد ڪه پلنگ خفته باشد.

ترجمو: سڀڪو ٻوڙو سڄاڻ ته نلهو هوندو،
جو متان منجهنس چيتو ستو هئي.

۳۷۰- ڪوڙو ڪانئي، مٺي جي لالچ تي.

مطلب هي آهي جو جڏهن ڪنهن مان ڪم ڪيڻو پوي؛ تڏهن ڪوڙو ڳالهڙو ٻڌي به مان ڪري ڪم ڪيي ونجي ٿو؛ نه ته جيڪر ڪير ڪنهن جو ويڻ سهي؟ جهڙو هنديءَ وارو چوي ٿو،

هندي: بن سوارٿ ڪئسي ڪو اوڪڙوي بتين؟
لات کان پڇڪار ئي جيون دو ڌارو ڌين.

ترجمو: پنهنجي مطلب بنا ڪير ڪوڙا ڳالهو سهي؟
جئن ڏنار لت ڪائي به ڳئون پچڪاري ڏهي.
٣٧١- ڪوئي مري ڪوئي جيوي؛ شُتريا گهول پتاشا پيوي.
شُتريا هڪڙي فقيرن جي ذات آهي، جي هميشه بي پرواهه ۽ خوش طبع رهن؛ گهول پتاشا پيوي؛ يعني شربت جوڙي پيئي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو جيڪي فقير ڏئيءَ جي گولا ۽ دنيا کان چٽل آهن، تن کي ڪنهن جي ڀلي يا بري سان ڪو واسطو نه آهي؛ سدائين رنگ ۾ رتا وتن. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:
فارسي: ما در دو جهان غير خدا يار نداريم؛
جز ياد خدا بادگران ڪار نداريم:
ترجمو: ڏئيءَ ڌاران ٻن جهانن ۾ ڪو يار نه رکون؛ ڏئيءَ جي يادگيريءَ بنان ٻين سان ڪم نه رکون. ۽ نمبر ٤٣٢ واري پهاڪي ۾ پڻ اهڙي ويچار هلي آهي.
٣٧٢- ڪڃريءَ جو يار، ڀهريءَ جو شڪار، سدا خوار.
ڀهري، باز جي ذات ۾ هڪڙو شڪاري پکي آهي، جو ڪونجن جو شڪار ڪري ۽ شڪار جي وقت پاڻ ڪونج لاءِ آپ ۾ ٻوڙي، ۽ سندس ڏئي منجهس ڏيان رکي نهاريندو، ڏرتيءَ تي پنس ٻوڪندو وڃي؛ تنهنڪري ان شڪار واري ماڻهوءَ کي ڪڏ کوٻي ۾ ڪرڻ جهرڻ جو ڊپ رهي. مطلب، جو شڪار هڪڙو چشڪي جهڙو ڪم آهي، پر سياڻا ماڻهو جوڪي جي سانگي اهڙي سواد کان پڻ روڪين. تنهن وانگي ڪڃريءَ جي صحبت جو گهاٽو جو پڌرو آهي، سو پڻ ويچار وارن کي نه وڻي.
٣٧٣- ڪشيي نه ڪمان، پڙيئي نه ضمان، ٽپيئي نه ڪوهان، رهيئي نه جوا.
١- سينگ تاڻڻ مان هي گهاٽو آهي، جو چٽل تير وري نه موٽي، جهڙو وات مان نڪتل ڳالهه وري وات ۾ نه اچي؛ يا جهڙو ڏتل کير ٿڻن ۾ نه پوي.

۲- ضامن ٻوٽ مان هي تاوڻ آهي، جو گهڻا پرڪا ضامن کي تاوڻ پرڻيندو ڏنو ڀڏو آهي.
۳- کوهه اُپڻ ۾ هي ٻپ آهي، جو ٻير ترڪيو، ته سر جو جوکو.
۴- جوا کيڏڻ جو گهاٽو ۽ کلا جهان ۾ پڌرا آهن.

تنهنڪري سياڻا ماڻهو انهن چئن ڪمن کان منع ڪندا آهن.

۳۷۴- ڪميڻو ڪپڙا ڪري ڏسي پنهنجو ڏيل،
ڏسي پنهنجي ڏيـل کي ٻوڙائـي دليل،
ته مون جهڙو ملڪن ۾ آهي قدر قليل؛
اڳيان ڳڏيس اصيل، تڏهن رايون ويس وسري.

ڪي ڪي ڪميڻا ماڻهو پنهنجي ٿوريءَ سوڙيءَ کي گهڻو چاڻي ٿنو ڪن، پر اشرافن يا ڀاڳوانن جي اڳيان اُها ٿنو ڦڪي لڳين. تن جي شان ۾ هي ٻهاڪو بيت ٺي آيو آهي؛ تنهن لاءِ هڪڙو مثل ياد آيو اٿم.

هڪڙو ٻادو نالي ڪوري غريب ماڻهو هو، ۽ عيد جي ڏهاڙي پنهنجي غريبيءَ آهر ڪپڙا ڪيائين، اُن ڪپڙن کي ڏسي ننگڙجي پاڻ کي چوڻ لڳو "جيءُ ڙي بادا جي." پر جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ڏٺائين جـو وڏا وڏا مـاڻهو زري زربفت جا ڪپڙا ڍڪيو عيد پڙهڻ ٿا وڃن، تڏهن پنهنجي پوشاڪ کي سادو چاڻي شرمندو ٿي وري پاڻ کي چوڻ لڳو "ٻين ڙي بادا ٻين." مطلب جو هن ماڻهوءَ کي جڏهن ڏاڍيءَ عقل ڏنو آهي، تڏهن پنهنجي ڪـود ۾ پاڻ منهن پاڻي ويچار ڪري پنهنجي ۽ ٻئي جي دولت ۽ مان کي ۽ وڏائيءَ کي ڏڪي هات ڪري، ته جيڪر نيٺ نه پڇتائي.

۳۷۵- ڪاٽي وسوڙي، هي مڙسر ويو اُک کي.

واهه مائي ڪاٽي ٻاٽي، مڙسئين اک وٺي ٿو اچي. هي ٻهاڪو پورڙن ماڻهن جي ويساهه جي پيل ڏيکاري ٿي، جو ڪاٽي

وسهي ته مڙسس اک وڃي ڏي اچي؛ نه ته سچ پچ ڪري ماڻهو ڪٺان آڻيندو. تنهن تي هڪڙي ڳالهه آئي اٿم:

ڳالهه

جڏهن نوشهري ۾ مختيارڪار هوس، تڏهن ساڌوءَ نالي هندو جنهن جو پٽ ناجوڙ ٿيو، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب يا يوناني طبيب جي دوا ڪرڻ لاءِ گهڻو چيم، پر هن ڇيو جو هڪڙا ۾ ڇٽا سن ساوڙيءَ جي ڳوٺ مان آيا آهن، جي ڇون ٿا ته جِن سندن ميڇتا ۾ آهن، تن کي گهرائي ڇوڪر ڇڻائيندا سون. ان ڪوڙي دلبي تي نه لڳڻ لاءِ هن کي گهڻو سمجهايم، پر نه سمجهيو؛ ۽ هن پهاڪي واريءَ ڪاٺيءَ وانگي آن جي دلاسي لڳي سندن هيٺ خرچ پڻ ڪيائين ۽ بيماري جي دوا کان ٻه مات ۾ رهيو، ايتري ۾ مرض دوا ڪرڻ کان ڏاڍو ٿي ويو، نيٺ ويچارو بيمار ڪين ڇٽو. حاصل ڳالهه جو اڻ ٽيڻ جهڙيءَ ڳالهه تي وسهڻ سياڻپ مان ويري وجهڻ آهي.

٣٧٦ - ڪم قوت، آڪڙ بهت، مار کاوڻ ڪي نشاني.

هن پهاڪي جي اکري معني پڌري آهي؛ مگر سندس چوڻ وارو سمجهائي ٿو ته پاڻان ڏاڍي سان جو وڙهندو سو پاڻ مارائيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: هر کہ با فولاد بازو پنجہ کرد؛
ساعد سیمین خود را رنجہ کرده.

ترجمو: جنهن رڪ جي ٻانهن واري سان هٿ اڙايو،
روپين ڪرائين پنهنجن کي ڏکويائين.

٣٧٧- ڪوڙ چمار جي ڪتر آهي.

جيئوڙي تـه هن پهاڪي مان پـڌرو نڪري ٿو جـو ڪُوڙ ڳـالهائيندڙ جـي چمار ڪترجي گهٽ تـي ٿئي، پر

فارسي لطيفو: گر روي در دهان شير و پلنگ،
نـه خورندت، مگر بـروز اجـل.
ترجمو: جيڪڏهن شينهن ۽ چيتي جي وات ۾ وڃي،
نـه کائيندءِ، مـگـر مـرڻ جـي ڏهـاڙي.

جڏهن انهيءَ لطيفي تي ٿي نظر ڪجي، تڏهن ڄاڻجي ٿو جو چمار گهٽ وڌ ٿيڻ جي نه آهي.

مگر سندس مطلب هي آهي جو ڪوڙ مانُ وڃائيندڙ ۽ گلا ڏياريندڙ آهي. اهڙي بي ماني ۽ گلاري جيڻ کان مرڻ ڀلو آهي. جهڙو هنديءَ وارو چوي ٿو:

هندي: جو جڳ ۾ اپ ڪيرت هوءِ ست، ميچ ڀلي ره ڀات جيئي تي.
ارٿ: جهان ۾ گلا ٿئي، اهڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو.

٣٧٨- ڪاٺيءَ جي وهانو ۾ سنگت به گهڻا.

سنگت، هي هندي اصطلاح جو لفظ آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو تارو يعني گرهه ڪنهن اهڙيءَ راس ۾ ايندو آهي، جو هندن جي وهانوَ جي سورت ۾ حرڪت ٿي پوي، اهڙيءَ حرڪت جو نالو سنگت آهي. پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو ڪاٺي عورت جا وڏ واري آهي، تنهن کي گهوٽ ملڻ اهنجو، باقي وهانوَ ۾ سنگت پيس، ته رولي ۾ رولو ٿيو. پر مطلب هي آهي، جو نياڳو ماڻهوءَ ڪنهن ڪم لاءِ توڙي گهڻو به ڊوڙندو ته به سندس ڪم مان هڪڙي نه ٻي حرڪت ڪين ويندي.

٣٧٩- ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.

ڪرم هيڻ يعني نياڳـو، بلد يعني ڍڳو، ٽـوٽـو يعني گهاٽو، پهاڪي جي لفظن جي معني پڌري آهي جا ميڪو جاڻي ٿو؛ مگر مطلب هي آهي، جو نياڳو ماڻهو واڍيءَ واري ڪم ۾ هٿ وجهندو، ته به گهاٽو پائيندو. مثل جاڏي ويندو، تاڏي واڻ نه ڏسندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: بي بخت اگر تشنه رود برسر چاهي،
با دلـو فرو افتد، يا خشڪ برآيد.

ترجمو: ٻياڳو آچايل جيڪڏهن ڪوهہ تي وڃي،
يا ٻوڪو ڪري ٻوي، يا ڪوهہ سڪي رهي.

٣٨٠- ڪتي جو ڪارو منهن، رب اوتري جي اوتري.

پهاڪي جي پيڙهہ هن ريت آهي، جو هڪڙي غريب رب جو ڪنو رڌي رکيو، تنهن ۾ ڪتي اچي ٻوٿ وڌو، پر رب ڪانئس ڪان اڳي مالڪ هڪلي ڇڏيو ۽ ڏنائين جو ڪتيءَ رب ڪانم ڪاڍي. رڳو ڪنو نوسيائين ۽ ڪني جي ڪارنهن منهن ڪي لڳس، تڏ ن ڪتي جي ڏٺيءَ ڪلي هي پهاڪو ٿيو. پر مطلب پهاڪي جو هيءُ آهي، جو ٻن يارن جي وچ ۾ هڪڙو ڇيٽاٻور ٻنهي هڪڙي جي ٻئي وٽ ڪلا ڪري ڏقيڙ وجهي؛ ۽ جڏهن هو ٻئي ڇٽا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري ٻڌي لائيءَ ڇائيءَ واري جي ڳالهہ ڪي ڪڍهہ جي هينگ جهڙو ڇاڻي پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿين، تڏهن آن ٻچاڙي جي واسطي هي پهاڪو ٻ ٿ ۾ اچي.

٣٨١- ڪڏهن ماڻي مٽ تي، ڪڏهن ماڻيءَ مٿان مٽ.

ماڻي، آهو ماڻهو جو ٻلن جي منڊ ۾ پيٽ پر مٽ تي چڙهي پلا ماري؛ مٽ آهو نڪر جو مٽ جنهن تي اهو مهاڻهو چڙهي.

معنيٰ پهاڪي جي هي آهي، جو ٻهريائين آهو مهاڻو مٽ تي چڙهي لاوهارو ٿي پلا ماريندو درياءَ ۾ وڃي؛ ڳيچ پنڌ ڪان پوءِ وري سڪيءَ تي نڪري آهو ساڳيو مٽ مٿي تي کڻي، ڪپ وٽي اوپارو وڃي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو ڏٺيءَ جي وڏائيءَ جو نشان ٿو ڏيکاري. جهڙيءَ طرح ڪڏهن پٽ پيءُ جو تليڊو، ڪڏهن پيءُ پٽ جو محتاج؛ ۽ ڪهڙا پيرا ڏنو ٻڌو، ويو آهي، جو سرڪاري نوڪري ۾ هڪڙو ٻئي جي هٿ هيٺ رهيو آهي، ۽ سمي پائي ڏٺيءَ جي ڏکي سان هٿ هيٺ وارو بالادست ٿي ويو آهي، ۽ آهو بالادست آن ساڳئي جو تليڊو ٿي رهيو آهي.

٣٧٢- ڪتي ٻہ ڪاٽو، ڪُڪ ٻہ نہ پري.

ڪک هڪڙي ٻوٽي جي پن ۽ ڀاسيريءَ جي هيٺيان عضوو آهي؛ پر هت مراد سندس پيٽ آهي. مطلب ڀاڪي جو هي آهي، جو هڪڙو ماڻهو ٻک مرندي چوري، يا ٺڳي يا ڪا ٻي ڪپت جهڙي هاڃ ڪري، سا ڦٻس تہ نہ، پر سورهو جهلجي پوي، تہ مٿس هي ڀاڪو لاڳو ٿئي.

٣٨٣- ڪني آڱر وڍي وڃي.

هڪڙيءَ آڱر ۾ ڪنهن ڪي اهڙو ڦٽ ٿئي، جو ڀاڻ تہ چڱن جهڙو نہ هئي، پر ٻين آڱرين ڪي ڪارڻ جهڙو هجي، تہ اهڙيءَ آڱر ڪي وڍائڻ چڱو آهي. تنهن وانگي جڏهن ڪنهن لچ، يا ڪپتي ماڻهوءَ سان ڏڏڙو اڙي، جنهن سان واڌو واڌيءَ جي ماگ، پر سورهو گهاٽي جو ڏپ هئي، تڏهن آهو ڏنڊو اپوچي پاڻي ٻہ چني چڏجي.

٣٨٤- ڪوڙي مڃڻ ڪان سچو ويري ٻہ هڱو.

جيڪوڙي جي ڀاڪي وڏو سچي ماڻهوءَ جو ويرهو ڏٺي ٿو، جو ويرڪنهن جو ٻہ چڱو نہ آهي، پر مطلب سندس ڇا آهي، ڪوڙي ڪان مڪل پڄي ٿو، ۽ سچي ڪي ساراهي ٿو.

٣٨٥- ڪٿي چور سڃا، ڪٿي ڍور سڃا.

لفظن جي معني هي آهي، جو ڪاٿي چور وتن چوريءَ لاء ڍور ڳوليندا، تہ هٿ ڪونہ لڳين، ڪاٿي ڍور وتن سڃا چرندا، تہ چور ڪونہ ڏسين. پر مطب هي آهي، جو هي ڀاڪو ڏٺيءَ جي بيپروائي ڏيکاري ٿو، جو ڪاٿي ڪهڙو رنگ، ڪاٿي ڪهڙو روپ جوڙيو اٿس. تنهن تي هڪڙو مثل ياد اٿم:

مير غلام علي خان صاحب بهادر اڳوڻو حاڪم سنڌ جو هڪڙي ڏهاڙي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو ۽ اڳيانس چلمچي موني

رکي هئي تنهن ۾ ٺڪ اچلايائين، اهو حال ڏسي پروچ هڪڙي چالاڪيءَ کي سلام ڪري چيو، "واهه ميان سون، ڪاڻي پروچڻيءَ جي ٺڪ ۾ انت به نه نهي، ڪاڻي ته ٺڪون پيو جهلين."

٣٨٦- ڪنهن جو اکهي ڪوڙ، ڪنهن جو سچ به سڀهن گاڏئون؛

ڪنهن جي ماني ڪري نه مور ڪنهن جا ٺڪر به ٽيٺان ڪري.

سهمون يعني چڙيون، ٺڪر يعني مانيءَ پور.

هي پهاڪو پڻ ڏٺيءَ جي وڏائيءَ جو اهڃاڻ ٿو ڏيکاري؛ جو جڏهن ڏٺي مهربان آهي، پڏهن ڪوڙ به ٿو اکهي؛ نه ته سچ به ماهه مور ٿيو پوي. پر مطلب هي آهي، جو ڪٽي ڪٽي ڏٺو پڌو ويو آهي، جو ڏڏ ڀاڳوان، ۽ سياڻو نڀاڳو. تنهن تي فارسي بيت پڻ آيو آهي:

بيت! اوفتاده است در جهان بسيار،

بي‌تميز ارجمند، و عاقل خوار.

ترجمو: جهان ۾ گهڻا پيا آهن،

اجاڻ پيارو، ۽ سياڻو خوار.

٣٨٧- ڪڏهن گپاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾؛

واريءَ سندو ڪوٽ آڏيو آڏبو ڪيترو.

مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جيوت جا ڏهاڙا ٿورا آهن، سي واريءَ جي ڪوٽ وانگر ڪين جهليندا، نيٺ مرڻو ئي آهي، تنهن تي بابا نانڪ صاحب جو وچن پڻ آهي:

وچن: ڪَهُ نانڪ ٿِرُ ڪڇ نهين، سپني جيون سنسار.

ارٿ: باٻو صاحب ٿو فرمائي ته سپني جهڙو جهان رهڻ جو نه آهي.

٣٨٨- ڪاتياري ڀلي ڪوئي جي جوءِ.

ڪاتياري، يعني ڪاڻ يا گهرج واري؛ جيتوڻي ته ڪوئو ڀلنيءَ جو شڪار آهي، پر پهاڪي وارو جوي ٿو جو

گهرج وارو ماڻهو ٿوري ڏاڍو ٿي هوندو ته به ڏ چندو ٿي رهندو. جهڙو فارسيءَ وارو چوندو آهي:

فارسي: آنچه شيران را کند روبه مزاج،
احتياج و احتياج و احتياج.

ترجمو: جيڪي شينهن کي ڦيڪاريءَ جهڙو ڪري،
گهرج ۽ گهرج ۽ گهرج.

۳۸۹- ڪک جو چور، سو لک جو چور.

هن پهاڪي مان ڀيو نرالو مطلب ڪونه ٿو نڪري، مگر ايترو آهي ته جو ماڻهو ڪکڙي ڀيري ٿوريءَ چوريءَ تي به هريو، سو پيهر گهڻي چوري ڪندي پڻ ويرم نه ڪندو.

۳۹۰- ڪتو ۽ ڪپات ٿوڙهي مان ٿپائجي،
ساڏو ۽ سپات، وهارجي وچ ۾.

ڪپات يعني نالائق ماڻهو، ٿوڙهو يعني ٿوڙي، ساڏو يعني اشراف، سپات يعني لائق ماڻهو، وهارجي وچ ۾، هي اصطلاحي لفظ آهي، يعني آبرو ڏجيس. هن پهاڪي وارو اثرو سمجهائي ٿو، جو لچ کي آدر نه ڏي ۽ اشرف کي پيار ڏي، ۽ سانس پريت رک. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: با بدان بدباش، بانيکان نکو،
جاءِ گل گل باش، جائي خار خار.

ترجمو: بڇڙن سان بڇڙو رهه، ۽ چڱن سان چڱو،
گل هنڌ گل ٿي، ڪنڊي هنڌ ڪنڊو.

۳۹۱- ڪٺڪ ڪلهي ٻوه کي ٻاهه ڏي.

هن پهاڪي مان سنساريءَ ماڻهوءَ لاءِ هي مطلب نڪري ٿو، جو دنيا ۾ کي ماڻهو اهڙا آهن، جن ۾ گهڻا اوگڻ آهن، پر منجهن کي گڻ ڪم اچڻ جهڙا پڻ آهن. تڏهن سياڻو ماڻهو ان جي اوگڻن ڏي نه نهاري ۽ گڻن کي آئيري وٺي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: بود خارها گل هر اي هوشمند،
چه در بند خاري؟ تو گلدستو بند.

ترجمو: اي سيائا، گل ۽ ڪنڊو گڏ ٿيا رهن.
ڪنڊي جو فڪر ڇو ٿو ڪرين؟ گلدستو جوڙ.

۽ درويش لاءِ مطلب هي آهي، جو دنيا مان هڪڙو پاڪ ذاتيءَ جو نالو هٿ ڪري، ٻين ذاتن کي ڪٽي ڇڏي. تنهن لاءِ ٻئي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: خلاف طريقت بود کم اولياءِ،
تمنا کنند جز خدا از خدا.

ترجمو: درويش کي هي طريقت کان اُبتو آهي،
جو ذاتيءَ کان ذاتيءَ ڌاران ٻيو گهري.

٣٩٢- ڪوري پاوين نه پائجي.

ڪوري يعني نئين گنڊي، چادر، يا ڏوتي، يا ٻيو اهڙو ڪپڙو، گهڻو ڪري وچ کان سگهو پرانو ٿئي؛ پاون يعني پاسن کان چرڪو. جڏهن ماڻهو وچ پراڻا ڏسن، تڏهن پلو گنڍي وچ کان ڦاڙن. تنهن کي اصطلاح ۾ چون پاوين پائڻ، پر اهو ڪم پراڻيءَ گنڊيءَ لاءِ آهي، ڪوريءَ گنڊي کي پاوين ڪونه پائي؛ پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان ريت ڪري ته جيڪر پاڻ تان ماڻهو کلائي. جهڙوڪ هڪڙو ماڻهو وات ويندي چائڻ، جو ڪوهه پنڌ کان پوءِ واهه جو پاڻي اڻڪٽو آهي، ۽ اڳوار ڪپڙا لاهي مٿي تي ٻڌي، يا هڪڙو ماڻهو چڱو ڀلو هجي، ۽ ٻيو چائي جو هي نيٺ مرندو، تنهن لاءِ ڪفن وٺي اچي. اهڙين ڳالهين کان پهاڪي وارو منع ٿو ڪري؛ سندس مراد هيءَ آهي، جو سڀڪنهن ڳالهه جو مهل کان اڳي آڪو ڪرڻ نه گهرجي.

٣٩٣- ڪوري ڪڏ ڪٽي ٻر ٻاڻ ٻوي.

ڪوري ماڻهو هڪڙي، ڪڏ ڪٽڻ؛ جنهن ۾ آئل مهل ونگهون وجهي ويهي اڻن، جنهن ڪڏ ڏي ڏ ڪڻ ڪري چوندا

آهن. ڀهاڪي جو مطلب، جيڪو ماڻهو ٻئي جي ڀرائي لاءِ جوڙجڪ ڪندو آهي، سو ڪر پاڻ لاءِ ٿو ڪري؛ تنهن جي سمجهاڻي لاءِ فريد صاحب وچن فرمايو آهي:

وچن: جو تيري ڪڌ ڪٿي نون آسدي راهه سنوار؛
اوهه آپي پوسين ڪڌ وچ تون لنگهي پوسين پاره
ارٿ: جو تو لاءِ ڪڌ کوٽي تون ان جي واٽ جوڙ؛
هو پاڻ ڪڌ ۾ پوندو تون پار لنگهي پوندين.

٣٩٤- ڪم، ٻوڙي ڪل پوڻي.

ڪل يعني سُڌ، اندر ٻاهرو ماڻهو ويس چڱو ڪري؛ جنهنڪري چڱو مڙس ڄاڻجي، پر سندس اندر جا وسلا تڏهن سڃاڻجي سگهن، جڏهن ساڻس ڪو ڏنڌو اڙي. تنهن تي شاهه عبداللطيف پڻ فرمايو آهي:

بيت: ڀار سڏائي سڀڪو ڄاڻي زباني،
آهي آساني، پر ڪم پئي ڪل پوي.

٣٩٥- ڪوڙي جي ڳالهه ڪڌ جي ٻوڙ.

جهڙيءَ طرح هڪڙو ماڻهو ڪڌ تي چڙهي ٻوڙ پائي، پر جڏهن ڪڌ پورو ٿئي تڏهن ڪاڏي ويندو، ڄاڻي منجهي ويهي رهندو. تنهن وانگي جو ماڻهو ڪوڙي ڳالهه ڪندو، ۽ آها ڳالهه پوري نه لڳندي، ته ڪڌ جي ٻوڙڻ وانگي ڦڪو ٿي ويهندو ڪ نه؟ مراد هيءَ آهي، جو ڪوڙ جي پاڙ نه ڪريءَ تي آهي.

٣٩٦- ڪنگر ۾ ڪڪڙا، پڙي مبارڪ.

ڪڪڙا يعني ڪپه جو ٻج، هڪڙو هاري ونڻن ٻوڪڻ لاءِ ڪڪڙا ڪنگر ۾ ٻسائي رکي، جوڻس رت ڪري جو ونڻ ٿيندا. تو جي ڪپه ڪتي ڪپڙو آڻائي؛ پڙو رنگائي ٻڌڪيندس، تنهن تي اڳوار واڌايون ورائي، تنهن کي اڳڪٿي ڳالهه چئجي. جهڙيءَ ريت ڪو ماڻهو دل ۾ ڳڻي، جو ٻه چار ڏهاڙا پورهيو ڪري رپيو گڏ ڪندس، تنهن مان ٻڪري وٺندس؛

اهي وِيامي گهٽيون ٿينديون؛ سي وڪٽي ڏِڳي ڳنهندس، جڏهن ڏِڳي ويامي گهٽيون ٿينديون، تڏهن آن، ان ريت وهٽين ٽيڻ جو هوس رکي، پر اهو رڳو اجايو حرص آهي جو سنجم يعني قناعت بنا پورو ٿيڻ جو نه آهي. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: روده تنگ به يگ نان تهي پُر گردد؛
دولت روء زمين پر نکند ديده تنگ.

ترجمو: آنڊو سوڙهو هڪڙيءَ رُکيءَ روٽيءَ سان پرجي،
سڄي جهان جو ناڻو سوڙهي اک کي نه پري.

٣٩٧- ڪڏي ڪادار، ڏئي آدار.

ڪڏي ڪادارا يعني وٺي وياجيرو؛ مطلب هي آهي، ته جو ماڻهو هڪڙي هنڌان وياج تي ناڻو وٺي، پئي هنڌ ري وياج آدارو ڏيندو، اهڙي اجاڻ جو جهڳو ڪَمُنو ٿيندو ڪ نه؟

٣٩٨- ڪم پرين سهڪو آهي، چم پرين ڪونه آهي.

ڪم ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي سڀڪو پسند ڪري، چم کي يعني رڳي مهانڊي کي ڪونه پيارو رکي. جهڙيءَ ريت هڪڙو ماڻهو مهانڊي جو پڇڙو ۽ ليڇڻ جو چڱو ڪم سنوارينڊڙ هئي، ته جيڪر سڀ کي وٽي؛ پر جيڪڏهن مهانڊي جو سٺو، رڳو ڏسڻ جو نوهم پر نڪمو هوندو، ته ڪنهن کي وڻندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

محمود شاهه غزنويءَ کان پڇيائون، جو اياز جو مهانڊو پڇڙو آهي، تنهن تي ڇو عاشق ٿيو آهين؟ تن کي هي فارسي بيت ورنديءَ ۾ چيائين:

بيت: ڪه عشق من اي خواجه برخوء او است،
نه بر قد بالاء نيڪوء او است.

ترجمو: اي سائين منهنجو عشق ان جي ليڇڻ تي آهي؛
ان جي وڏي قد موچاري تي نه آهي.

۳۹۹- ڪوسو پاڻي ڪڪ نہ ساڙي.

هيءَ ڳالهہ پڌري آهي، جو پاڻي کهڙو بہ ڪوسو هئي تہ بہ منجهس ڪڪ ڪين سڙن، ڇا ڪان جو ڪک پاڻيءَ جا نپايل آهن، سو پنهنجي پااليل جو مٿو نٿو گهري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: چوب را آب فرو مي نبرد، حڪمت چيست؟
شرم دارد ز فرو بردن پرورده خويش.

ترجمو: ڪاٺ کي پاڻي نٿو ٻوڙي، ڪهڙي حڪمت آهي؟
پنهنجي نپايل کي ٻوڙڻ لڄ ٿي ٿئيس.

ہر هڪڙي ڳالهہ ٻي پڻ چڱي آهي، جو ڪک پاڻ کي سڀ کان هيٺو ڇوايو آهي، تنهنڪري ڪوسو پاڻي نٿو ساڙيس. تنهن وانگي درويش پڻ پاڻ کي نماڻو ٿا ڄاڻن، تڏهن سنسار جي ڏ نڌن ڏاڪڙن گوندرن کان ڇٽي وڏي پد کي پهچن ٿا. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: طريقت جز اين نيست درويش را،
ڪہ افگنده دارد تن خويش را.

ترجمو: اِن ڏاران درويش کي ڪا وات نہ آهي،
جو ڪريل رکي پنهنجو پاڻ کي.

۽ تنهن کان سواءِ آڳاٽو هن ڏيهہ ۾ شاهہ عنايت هڪڙو ڪامل ٿي لنگهيو آهي، تنهن هڪڙي ڏهاڙي مدن يڳت پنهنجي سچڻ کان پڇو، تہ خدا جو درڪيڏو آهي؟ چي اهڙو ننيڙو آهي، جو جڏهن ڪو نيٺڙي نيٺڙي پنهنجو ڳاٽو ييچي، تڏهن مس منجهانس لنگهي. مطلب، تہ جنهن ڳاٽو نايو، يعني نئڙت ڪري هيٺو ڇوايو سو پد کي پهتو. جهڙو شيخ سعديءَ جو چوڻ آهي:

بيت: در آن حضرت آنان گرفتند صدر،
ڪہ خود را فروتر نهادند قدر.

ترجمو: اُن دربار ۾ آنهن جاءِ پاتي،
جن پاڻ کي گهٽ قدر وارو ڄاتو.

۱۰۳ - ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟

يعني ڪوريءَ کان ترار هڻڻ نہ پڄيءَ هن ريت، جو اڳوڻن حڪومتن ۾ سپاهيءَ ڪو اٿين چائندو هو تہ ڪورين جي ٻڍڙي ذات آهي؛ تنهنڪري مٿن هي پهاڪو آيو آهي. پر مطلب هي آهي، جو گانڊوءَ کان مڙسيءَ جو ڪم ڪڏهن ڪين ٿيندو. تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ تي اهڙو ڪم رکڻ پوري ڳالهہ نہ آهي. سياڻا چوندا آهن، تہ گانڊوءَ مڙس کان همت وارو ڪدڙو بہ چڱو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: مخنث بہ از مرد شمشير زن.
کہ روز و غاسر نتابد چو زن.

ترجمو: ترار هڻڻ واري مڙس کان آءٌ ڪدڙو چڱو،
جو جنگ جي ڏهاڙي زال گهاءِ مٿو نہ موڙي.

۱۰۴- ڪچي وزيران، تئي نٽڙڪو نتڪر.

نٽڙڪو يعني اڻ وٽت، نتڪر يعني راجائون؛ جن راڄن ۾ وزير ڪچا هوندا، تاتي راجائن لاءِ ڀلو ڪٿان ٿيندو؟ تنهنڪري پهاڪي واري جي مراد هيءَ آهي، جو سياڻي ڏاران راڄ جي رٿ پئہ جو ڪم ٻئي تي رکڻ نہ گهرجي. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: پند اگر بشنوي، اي بادشاهہ!
در همه دفتر به زين پند نيست؛
جـز بہ خودمند مفرما عمل،
گرچہ عمل کار خودمند نيست.

ترجمو: اي راجـا! جيڪڏهن اپديـس ٻـڌيـن،
سڄي دفترن ۾ هن کـان واڌو اپديس نـاهـي؛
سياڻي ڏاران ٻـئـي تـي ڪم نـہ رکـ،
جيتوڻي تہ ڪم ڪرڻ سياڻي جو ڪم نہ آهي.

ڪ

٤٠٢— ڪبير جو ڪانيارُ جهڙ ڪي ٿوڪي پيئي.

هن پهاڪي جهڙي ڳالهه نمبر ٣٥٨ واري پهاڪي ۾ ڀڻ هلي آهي، اڪري معني سنديس ڌار آهي، جا سيڪو ڄاڻي ٿو؛ مگر مطلب ساڳيو اهو آهي. تنهنڪري ان لاءِ هڪڙو فارسي شاهد هيٺ ڏيان ٿو:

فارسي: چو باري فتادي نگهدار پاي؛
ڪه تا بار ديگر نه لغزي ز جاي.

ترجمو: جڏهن هيڪر ڪرئين تڏهن ڀير ڀير سنڀال،
تہ ٻيهر وري نہ ترڪي پوين.

٤٠٣— ڪاڻي ڪچڙي، اونڌو طباق.

هن پهاڪي جي پيڙهه هن ريت آهي، جو هڪڙو مڙس ٻڪانجي گهر آيو؛ ڏٺائين جو زال گهر ۾ ڪاڻم آهي، ۽ ڪچڙيءَ جو ڪنو چاهه تي، ۽ مٿس اونڌو طباق ٿيو رکيو آهي، سو لاهي ڏٺائين تہ ڪچڙي ڪامي رهي هئي. ايتري ۾ جوڻس ٻاهران اچي پڇيس تہ ڪي ڪاڍُهو؟ تنهن کي هي پهاڪو ٻڌائي چيائين تہ ڪيان ڪچاڙو؟ مطلب تہ جا زال گهر جي ڪم ۾ گينوار رهندي، تنهن جي مڙس کي ٻهل تي ماني ٻہ نہ ملندي.

٤٠٤— ڪٽي ڏاڙهي هٿ نہ اچي.

جيتوڻي هن پهاڪي جي اکري معني ڌار آهي، پر سنديس مراد ساڳي نمبر ٢٥٩ واري پهاڪي واري آهي؛ تنهنڪري گهڻو بيان نٿو لکان، مگر ايترو بس تہ جو ماڻهو جوانيءَ آرس ۾ وڃائي، ڏٺي ياد نہ ڪندو، ۽ وڏڻ ۾ سکهه نہ رهنديس، تڏهن هي پهاڪو ياد ڪري ڪبير صاحب جو هيءُ وچن پڙهندو:

وچن: ڏڏا ٿئين نہ آوهين، ڦير هوءِ نہ ميل.
ارٿ: ڏڌل بين ۾ نہ اچي، ۽ وري ماڻ نہ ٿئي.

٤٠٥- کيتي سير مهتي.

هي پهاڪو نسورو پوک لاءِ چوي ٿو، ته پوک جو ڪم سير سان لاڳو آهي، يعني جيڪو پنهنجي هٿ يا ميٺ ڏاران ڪندو، سو ڏٺو ڪين ڪائيندو، سا ڳالهه سچ آهي، جو گهڻا پيرا ڏٺو پڌو ويو آهي ته جن ماڻهن ٻين جي آسري پوک جو ڪم ڇڏيو آهي؛ تن مورڳا هڙ جا هاريا آهن؛ پر ان ۾ منهنجو چوڻ هي آهي، جو مايا جو سڀ ڏنڌو پنهنجي هٿ يا نظر ڏاران ڪرڻ ياڻ لاءِ گهاٽي جو ڌپ پرائڻ آهي؛ تنهن لاءِ شاهوڪار ماڻهو هڪڙو مثال چوندا آهن، جو پنهنجي هٿ جو گهاٽو نه پرائي هٿ جي واڌي کان چڱو.

٤٠٦- ڪاڏي کي ڪامن، ڇاڙيون ڇامونن جون.

ڇاموٽ، هڪڙيءَ سکر ذات مسلمانن جو پريونڙس. هن پهاڪي مان پيو ڏار مطلب هڪونه ٿو نڪري، رڳو هي آهي، جو ڪن ذاتين جا ڇاموٽ وهانوءَ وڌائي تي پنهنجي نياتن ۾ وڃن، ته اڳلا آڏر ياءُ ڪري ڪاج آڇو، يا مڻائي سرس ڏيڻن؛ پر جي ڪاڏي اوترو لوت لباس نه ڏيڻ، ته ڏک پرجن، تن جي لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

٤٠٧- ڪٽو واڻيو ڪاگر ساري.

واپاري ماڻهو جڏهن ڏيوالو ڪڍن، تڏهن لهڻي وارن کي جواب ڏيئي ڇڏين؛ مگر چپ چوڻيءَ لاءِ پراڻا سراڻا ڪاگر ويهي ڇاڻن، ته مان ڪنهن ڏي پل چوڪ جي رقم نڪري، ته آڳاڙي وٺن، تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. پر مطلب هي آهي، جو نڪمو ماڻهو گهڻو ڪري چپ جو واڙون ڳولي.

٤٠٨- ڪوهه جي منڍي ڪوهه کي لڳي.

جڏهن هڪو ڪوهه کڄي، تڏهن هريائين جيڪا ياڏ جي منڍي منجهانس نڪري، سا ڏڙو ڪري ڇڏين، پر جڏهن ڪوهه

جڙي رهي، تڏهن آها مٺي ڪي رچيءَ ۾، ڪي پيڙ جي نالي ۾ پوري ٿي اچي. تنهن وانگي جيڪا دولت جهان ۾ آهي، سا سڀ ڏٺيءَ جي آهي؛ تنهن مان جيڪو ڪي ڏٺيءَ جي نالي ڏٺي تنهن کي گهرجي جو هٿن چاڙهي ته جنهن جو مال هو تنهن جي ڪم آيو. جهڙي ڪوهه جي مٽي ڪوهه کي. تنهن تي هنديءَ واري جو چوڻ آهي:

هندي: ميرا مجهه ۾ ڪڇ نهين سڀ ڪڇ هي تيرا،
تيرا تجهه ڪون سونپيئي ڪيا لاگي ميرا.

ترجمو: مون ۾ منهنجو ڪين آهي، سڀڪي تنهنجو آهي،
تنهنجو توکي ڏجي تنهن ۾ منهنجو ڇا ٿو لڳي.
تنهن جي لاءِ فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

فارسي: برد بوستان بان بہ ايوان شاه،
بہ تحفہ ثمر هم زبستان شاه.

ترجمو: راجا وٽ آرائين ڪٽي وڃي،
سوکڙيءَ لاءِ ميوو راجا جي ئي باغ مان.

٩٠٤- ڪَرُ ماڻهو وٽ پاپرو پنهين ڏينهن ڪُٽن.

ڪر ماڻهو يعني لچ ماڻهو، وٽ پاپرو يعني پيپر جو وٽ. پهاڪي وارو ان پنهي کي هڪجهڙو ڄاڻي ڳالهه ٿو ڪري؛ هن ڪري جو ڪر ماڻهو مان نيٺ ڪرائي ٿيندي، ۽ پيپر مان اوڙڪ ڪنڊا لڳندا، تنهنڪري نه هوندا چڱا.

٩١٠- ڪير ۾ مُوري وجهي ٿو.

مُوري ڪير جي ويرياٿي آهي، جا ڪير ۾ پوي ته ويسلي وڃي. تنهن وانگي پڇاڙڙا ماڻهو هڪڙي هنڌان پڌ پئي هنڌ وڃي لائي ڇاڻي ڪن، جنهن مان پن جي وچ ۾ جهيڙو جاڳي. اهڙن لووا لائڻ وارن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. فارسيءَ وارو اهڙن جي سنگت کان پري رهڻ لاءِ بيت چوي ٿو:

بيت: ازان همنشين تاتوانی گريز،
كه مرفته خفتم را گفت خيز.

ترجمو: اهڙي سنگتيءَ کان جيڪي ڳجهن سو ڀڄ،
جو ستل جهيڙي کي چوي اٿ.

١١٤- ڪَنڌَ ڇي جيءَ سَنڌَ.

اڪرن جي معني هيءَ آهي، جو ڪنڌ رکيل ناٺو اوير سوير سڌ ٿي سَنڌُ ڏٺي، يعني ڪم اچي، پر نجات مطلب هي آهي، جو ڇوٽو جيڪي نصيب ۾ لکيل آهي سو ڪر ڪنڌ جو رکيل ناٺو، يا گنديءَ جو رکيل ان آهي، سڀل سر هرويرو اچي ملندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: جهد رزق ار کني و گر نه کني،
برساند خداي عز و جل.

ترجمو: ڇوٽي جي ڳولا ڪرين توڙي نه ڪرين،
ڏڻي پاڪ توکي پهچائيندو.

٠ ء- کير ۽ کنڊ، نور ۾ نور، جواٽي ۽ مايا، پور ۾ پور، پنڌ ۾ بار، سور ۾ سور.

هن پهاڪي مان پي مراد ڪانه ٿي نڪري، رڳو ايترو آهي، جو پهرين سٽ جڻ سواد ۾ سواد آهي، پي سٽ ڪر نشي ۾ نشو، ۽ ٽين سٽ ڏک ۾ ڏک.

١٢٤- ڪڻ ڪلو، ٽيئي پاو.

ڪلو يعني موهڙو، لچ يا ويري مڻي ڳالهيو سان نه سمجهن؛ ويتر لچائيءَ ۾ پير اڳرو ڪڻن. تن لاءِ هي پهاڪو چوي ٿو، جو اهڙي سڄي ۾ تکو ٿي هل. جهڙو فارسيءَ واري جو بيت آهي:

بيت: سخن به لطف و کرم با درشت خوء مگو،
كه زنگ خورده نگردد مگر به سوهن پاک.

ترجمو: مهربانيءَ جو اکر لچ سان نه ڳالهائي؛
جو ڪٽيل لوهه روانيءَ ڌاران صفا نه ٿئي.

۱۴ع- ڪنهيو ڪانئي مڙس جو، ڇي جيئي ابو.

جهڙيءَ طرح هڪڙي زال ڪانئي پيئي مڙس جو ۽ دعا ڪري پيءُ کي، تهڙيءَ طرح هي ماڻهو هلي ڏٺيءَ جي توهه سان، ۽ ڪانئي پڇري ڏٺيءَ جو ڏنل، ۽ چانئي پنهنجي ڪمائيءَ ۽ لچڻ ڪان. اهڙن کي هي پهاڪو مٿيج سان سمجهائي ٿو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: چہ انديشي از خود کہ فعلم نکو است؛
ازان در نگه کن کہ توفيق او است.

ترجمو: چا ٿو چانئي تہ لچڻ منهنجا چڱا آهن؛
هو ڏسي نهار ڪر، جو سگهہ ان جي آهي.

۱۵ع- ڪنهيو توتان گهوريو، وچائج نہ مور.

مُور جيڪو ناڻو واپار ۾ گهران ڏجي: جو ماڻهو ناڻو گهران پائي وڻج ڪري، تنهن کي گهرجي، جو مور واري ناڻي کان واڌو آپائي؛ پر جڏهن واڌو نہ آپائي، تڏهن بہ موڙيءَ کي گهاٽو وجهڻ تہ ڪار نہ آهي. تنهن وانگي هي ماڻهو پڻ ساهہ وٺي دنيا ۾ آيو آهي، سو جيڪڏهن ڏٺيءَ جي يادگيري ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ ڪر ڪنيائين؛ نہ تہ ساهہ جو موڙي اٿس، سو اجايو وڃايائين. تنهن تي فارسيءَ واري جو بيت پڻ آهي:

فارسي: بمايه توان اي پسر سود کرد،
چہ سود آيد آنرا کہ سرمايہ خورد.

ترجمو: اي پٽ موڙيءَ سان ڪنهيو ڪري سگهجي،
جو موڙي کانئي ويو تنهن کي چا ڪنهيو ٿيندو.

گ

۱۶ع- گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي، ڪيا ميدان.

سڳي جي ڏکي، جهوپڙي ۾ جي پوڻي تي، جا گذري، تنهن کي چڱي لنگهي چئي شڪر ڪرڻ گهرجي؛ چا ڪان جو

سکيا ڏينهن لنگهندي ويرم نہ لڳي، تنهن وانگي ڏکيا ڏينهن پڻ ڪين رهن. فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: ز روزگار همين عادتم پسند آمد،
کہ خوب و زشت جهان جملہ درگذر ديدم.

ترجمو: زماني جي هيءَ عادت گهڻو وڻيم،
جو جهان جي چڱي مدي لنگهندي ڏٺم.

اهڙي مثل لاءِ هيٺ نمبر ٤١٧ وارو پهاڪو پڻ لکجي ٿو.

٤١٧- گذري ڪُون ڦر ياد نہ ڪرڻا، جا گذري سا ڇوکي.

هن مضمون تي مٿي پڻ پهاڪو نمبر ٤١٦ وارو آيو آهي، تنهنڪري هن جي ڏار وچور نہ ڪيم، مگر هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

راجا هڪڙو سياري جي منڊ ۾ صبوح جو ڪاڏي چڙهي ٿي ويو؛ وات تي ڏٺائين جو سائين والو فقير هڪڙو، ٻَٽ کي پاسو ڏيو سيءَ کان پاڻ بچايو پيو آهي. تنهن کي ڏسي راجا ويچار ڪيو جو اڄ سڄي رات ٿمور جي وڇاڻي ۾ مٿل هوس، تہ بہ سيءَ لڳايو ٿي، اها رات فقير کي ٻٽ ۾ ڪيئن لنگهي هوندي. اها ڳالهہ فقير کان پڇيائين، تنهن ورنديءَ ۾ هيءَ مصرع چيس:

مصرع: شب تنور گذشت و شب ثمور گذشت.

ترجمو: ٻٽ ۾ توڙي ٿمور جي وڇاڻي ۾ رات لنگهي.

٤١٨- گڏي اڏجي، يا لڏي چڏجي.

مطلب هي آهي، جو يا سڄڻ ٿي گڏ رهجي، يا ويري ٿي ٻچي پري ٿجي؛ اندر ۾ دشمني ٻاهران ياراني اها اندر ٻاهرائي رکڻ ڪار نہ آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: رُو سياهي بہ از سياهي دل.

ترجمو: منهن ڪارائي دل جي ڪارائيءَ کان چڱي.

گورو نانڪ شاهہ پڻ فرمايو آهي:

وچن: دل سيون محبت جن سيئي ساچيا؛
جن من هور، مک هور سي ڪاڍو ڪاچيا.

ارٿ: جن کي دل کان لڳون آهي سي سچيار،
جن کي دل ۾ ٻي، وات ۾ سي ڪچا ڪڍي ڇڏ.

٤١٩- گولاڙو گيان پڇي.

گولاڙو يعني ٻانهو، ۽ گولاڙو جهنگلي ول جو ميوو آهي، جو پين سيون کان اڻڄ گيان يعني هيڻان پڇندو آهي. تڏهن پهاڪي واري هن گولاڙي ٻانهي کي پڻ هن ول واري گولاڙي وانگي سمجهي گلا ڪئي آهي، جو جنهن ماڻهوءَ تي ٻانهپيءَ جو نالو ٿيو، سو اڻتا ڪم ڪندو، واجبي طرح ڪم نہ ايندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: پرستار زاده نيايد بکار؛
اگرچہ بود زاده شهر يار.

ترجمو: ٻانهيءَ جو چاول ڪم نہ اچي،
جيتوڻيڪ راجا جو اولاد بہ هجي.

پر انگريز سرڪار چڱو توهہ ڪيو آهي جو پنهنجي راڄ مان هو ٻچڙو نالو ڪڍي ماڻهن کي هن پهاڪي جي ڦٽڪار کان ڇڏايو آهي.

٤٢٠- گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نہ اوناڻي تہ ڪوڙهيو ٿئي.

اوناڻي يعني سڏ تي سڏ ڏئي؛ هيءَ ڳالهہ پڌري آهي، جو جڏهن هڪڙو گدڙ دانهن ڪري تڏهن پاسي اوسي وارا سڀ گدڙ ڪوڪار ڪن. پر هي پهاڪي وارو گدڙن جي پڌري پڌائي، اهڙن ٻوڪن کي سمجهائي ٿو، جي پاڻ ۾ هڪ مٽ نہ آهن، ۽ چوي ٿو جو رڳا بہ جٽا هڪ مٽ هجن تہ بہ وڏو ڪم ڪري وجهن. تنهن تي هڪڙو فارسي بيت آيو آهي.

بيت: دو دل يک شود بشکنند کوه را؛
پراگنده گي آرد انبوه را.

ترجمو: ٻہ دليون گڏ ٿين تہ جبل ڀڄي ڇڏن،
گهڻن ڪـي ڏانـوان ڏول ڪـن.
آن تي هڪڙي آکاڻي ياد ٿي اچي:
ٿي ڇٽا هڪڙو ٻانيڻ، ڀيو لنگهو، ٽيون ٻڌارو ڀـاٽ ۽ گڏجي هڪڙي هندوءَ هاريءَ جي ڪمند جي پوک ۾ رات جو وڃي ڏاڍي سان ڪمند ڀڃي کائڻ لڳا. هاريءَ ويچاري گهڻو ڪي جهلين، پر نہ رهيا. هاري جيتوڻي تہ ڏاڍو سڙس هو؛ پر ٽن ڄڻن سان ڀڄي نہ سگهيو. جهڙو ڏاها چوندا آهـن جو ٻن ٻاڏن سان ٻہ هڪڙو شينهن نہ پڄي، تڏهن هاريءَ حرفت ڪري هورڀان هوريان ٻانيڻ کي چيو جو تون اسان هندن جو مصر آهين، تنهنجو کاڌو اسان جي پٽن کي ملندو، ۽ پيچ پڻ ٿيندو؛ تنهنڪري تون ڪماند ڀلي کاءُ، ۽ هي لنگهو کائيندو تہ بہ وڃي جاتي ڪاٽي واکاڻ ڪندو، اهو پڻ نج کائي. مگر ٻڌاري ڪان چو ٿا ڦرايوم؟ اها ڳالهہ ٻڌي ٻانيڻ ۽ لنگهي چيس تہ ٻڌاري کي لوڏي ڇڏ. تڏهن ٻڌاري کي ڏاڙهيءَ کان جهلي ٻڌي وهاريائين، ۽ وري ٻانيڻ کي چيائين جو آءٌ غريب ماڻهو لنگهي جي ساراهہ جو فڪر ڪونہ ڪريان ٿو، مگر تون برهمڻ ڀلي کاءُ، نج کاءُ. حاصل ڳالهہ جو، ٻانيڻ جي آڪيا وٺي لنگهي سان پڻ ٻڌاري واري ڀـر ڪيائين. اها دلجاءِ ڪري ٻانيڻ کي چوڻ لڳو، مصرجي! ٻاڻ تہ ڦُريوَ پر ڀين کان بہ ٿي ڦُرايُو. نيٺ ٽنهي کي ٻڌي سرڪار ۾ پهچايائين. ڏسو جاسين هو ٽيئي ڄڻا ٻاڻ ۾ هڪ مٺ هوا، تاسين هاري ڇوهي نٿي سگهين، جڏهن ڇڙوڇڙ ٿيا تڏهن موچڙا کاڌائون.

٤٢١- گڏهہ پنهنجي ساوڻي هينگن ۾ وڃائي.
گڏهہ جي ڀـر آهي، جو جڏهن ساونڻيءَ جا گاهہ ٿين، تڏهن ٻہ ٽي ڏهاڙا چري ٿورو ڏؤ ڪري؛ پوءِ هيلڏي هوڏي جي گڏهن جون هينگون ٻڌي ٻاڻ بہ هينگن ۾ رڙدو رهي، ۽

گاهہ چرڻ ڪان ڪري. تنهن وانگي هڪڙا چوڪر ننڍپڻ جا ڏهاڙا رانــد ۾ وڃائي پڙهڻ ڪان سيڙن، يا هڪڙا سرڪاري نوڪر نوڪريءَ جي مهل ڳالهين ۾ وڃائي ڪم ڪان ڪرن؛ يا ڪي واپاري ڏيتيءَ ليتيءَ جي مهل بازر جي گهوم ۾ وڃائي ڪرت ڪان سيڙن، اهڙن سڀني ساڻن ماڻهن کي هي پهاڪي وارو ٺوڪي ٿو. اهڙن لاءِ هنديءَ وارو چوڻي ۾ سمجهائي ٿو:

هندي: غـفلت ۾ وقت اپنا نہ کوهہ، هوشيار هو هشيار هو.

ترجمو: آرس ۾ مهل نہ وڃاءِ سجاڳ ٿيءُ.

٤٢٢- گدڙ ڊاڪ نہ پڄ سگهي، آکي ٿُو ڪوڙي.

نــاڇو نــپڄ نــہ ڄاڻندا آکي يــون سوڙهي.

هن پهاڪي جي معني پڌري آهي؛ پر مطلب سندس هي آهي جو جنهن هاج کي ڪو پهچي نہ سگهندو، تنهن کان پنجي پري ٿيندو، تہ ڇا ٿيو. جهڙو هنديءَ وارو چوندو آهي "بوڍا جو ڳي سهجي جتي، يعني پوڙهو فقير پاڻيهي جتي" ۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: جوان گوشہ نشين شير مرد راه خداست،

کہ پير خود نتواند ز گوشۂ برخواست.

ترجمو: جوان ماڻ ۾ وهي تہ خدا جي وات جو شينهن آهي،

جو پوڙهو ماڏهين ڪنڊ مان اٿي نہ سگهي.

٤٢٣- گابي وانگي چٽ تہ چٽيانءُ.

گابن جو ڌرم آهي جو هُن کي چٽي؛ تہ هُو هين کي چٽي، تنهن وانگي دنيا ۾ پڻ جنهن سان مهرباني ڪبي تنهن ۾ پلانيءَ جو سوس رهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: بنده حلقہ بگوش گر نـہ نوازي برود،

لطف کن لطف کہ بيگانہ شود حلقہ بگوش.

ترجمو: پانهون پڌل جيڪڏهن نہ پالينديين تہ ويندو؛

مهرباني ڪر مهرباني تہ ڌاريو ٿئي پڌو پانهو.

٤٢٤- ڪين ڪين سان نه ٿو ٻڌي، نيٺ ڦاٽي سان ٿو ٻڌي.

اوڻي شئي ٻي آوڻي شئي کي سٺو نه ڪندي- تنهن وانگي لچو ماڻهو ڪنهن اشراف سان اٽڪي، ۽ اشراف پڻ ساڻس سامهون ٿي وڙهي، ته چڻ ٻئي هڪ جهڙا ٿيا. تڏهن اشراف کي ڇا گهرجي جو هن فارسي بيت کي ڌيان ڪري:

بيت: تحمل چو ز هرت نمايد نخست،
ولي شهد گردد چودر طبع رست.

ترجمو: ڪاند ڀريائين وه جي ڏکاري ڏينديءَ؛
پر ماکي ٿيندي جڏهن طبع ۾ ويٺي.

ڇا ڪاڻ جو جيڪڏهن لچ کي اشراف کي گاليهائي ورتو، ته به اشراف جو مان گهٽ ڪين ٿيندو، ۽ لچ جو وڌندو ڪين.

جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: سنگ بد گوهر گر ڪاسه زرين شڪند:
قيمت سنگ نيفزايد، زر ڪم نشود.

ترجمو: ڀيڙو پاهڻ جيڪڏهن سوني ٻاسڻ کي ڀڃي،
پاهڻ جو ملهه وڌندو ڪين، سون جو گهٽندو ڪين.

٤٢٥- گهڪيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو مهل ۾ ڪم نه اچن.

گهڪيرو گهوڙو، جو گهوڙو هلندي هلندي بيهي رهي، يا اٺون هڻي، يا پيٽيرو هلي، پيٽيرو ماڻهو جو ماڻهو ري مواجب رکو پيٽ جي ڪاڏي تي ڪمائي، يعني نوڪر رهي. سچ گهڪيرو گهوڙو ڪاهه جي مهل ۾ ڪم نه ايندو؛ تهڙي ريت ري مواجب وارو نوڪر پڻ ويل سر ڀڄي ويندو. تنهن تي فارسي بيت آهي:

فارسي: چه مردي ڪند در صف ڪار زار؟
ڪه دستش تهي باشد از روزگار.

ترجمو: ڪهڙي مڙسي ڪندو جنگ جي هنڌ،
جنهن جو هٿ قوت کان ٺلهو هوندو؟

٤٢٦- ڪَنهُ پيهہ ڏڪرن مان پاڻي سڪائي.

ڪَنهُ پيهہ، هي ٻہ لفظ جيتوڻي ڪَهڻ ۽ پيهڻ جي مصدر مان نڪتا آهن، پر رواجي معنيٰ ۾ هڪڙو گهر جو جهيڙو آهي؛ ڏڪرن مان پاڻي سڪڻ، هي پڻ رواجي معنيٰ ۾ سچ ٿيڻ آهي. مطلب هي، جو جنهن گهر ۾ گهرو ريڙ پيئي رهندي، سو وسندو ڪين. فارسي بيت آهي:

بيت: تهي پائي بودن به از ڪفش تنگ؛
پلائي سفر بهتر از خانہ جنگ.

ترجمو: سوڙهيءَ جتي پائڻ کان پير اگهاڙا چڱا؛
جهيڙي واري گهرڪان پرڏيهہ جو ڏک چڱو.

٤٢٧- گڏهہ کي ٻہ ڪو گج پائجي.

گج هڪڙو زالن جي ڪڇيءَ جو ڪپڙو آهي؛ پر اهو ڪپڙو زالن کي ٺهرائجي، ۽ گڏهن کي ڏيکارڻ ڪار نہ آهي. تنهن وانگي مهرباني پڻ چڱي ماڻهوءَ تي ڪرڻ گهرجي؛ لچ جو گڏهہ جهڙو آهي، تنهن تي مهرباني ڪبي، تہ اٽلو اڪرو ٿيندو، ۽ منجهانس جيڪو سو ڇيهو پهچندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: چو با سفلہ گوئي بہ لطف و خوشي،
فزون گردد ش ڪبر و گردن ڪشي.

ترجمو: جڏهن لچ سان مٺو ڳالهائيندين،
تہ هيڪاري هٺ وڌندس.

٤٢٨- گڏهہ کي ٻہ ڪڏهن ڳاٻو ڏٺو آهي.

گڏهہ جهڙي ڪميڻي مرونءَ جي پيٽ مان ڳاٻي جهڙو سائو ڀور چاپڻ تپرس جهڙي ڳالهہ آهي؛ تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ کان ڪنهن جي ڀلائي ٿيڻ ويسهہ جهڙي ڳالهہ نہ آهي. تنهن تي صائب شاعر جو فارسي بيت آهي:

بيت: صائبا اميد فيض از صحبت دونان مدار؛
بوءِ جستن از گل کاغذ نشان ابلهي است.

ترجمو: اي صائب پلائيءَ جي اميد ڪميڻن ۾ نہ رک؛
ڪاڳر جي گل ۾ باس ڳولڻ ابلهپ جو اهڃاڻ آهي.

٤٢٩- گڏهہ جو ڇا وس جو پڙيءَ ۾ نہ چڙهندو.

جڏهن ڪنهن کي گڏهہ، پڙيءَ ۾ چاڙهڻو هئي، پوءِ توڙي گڏهہ نٽائي، تہ بہ ڪَن کان وٺي چاڙهيس. تنهن وانگي هن جيوَ کي بہ جڏهن ڪال مارڻ پائنين تڏهن هي ڪانئس توڙي کهٽوئي لڪي، توڙي ڀڄي، تہ بہ ڪاڏي ويندو. تنهن تي هڪڙي الله واري ڇيو آهي:

وهن: نا ڇتيگا ڳڙهان ڪوٽا ۾ نا ڇتيگا لکان پاهين؛
جان جم آوي پڪڙ چلاوي عذر ڪسي دا ناهين.

ارٿ: نہ ڪوٽن ۾، نہ لکن پاهن سان ڇٽندين؛
جڏهن ڪال ايندو وٺي ويندو ڪنهن جو عذر نہ آهي.

٤٣٠- گيهہ پوندي بہ ڪو مٽو سڙي.

سڙي يعني پوسري، جڏهن ڪو ماڻهو ڪڙو تيل مٽي ۾ وجهي، تہ هرويرو مٽو سڙندو، ۽ ڪنهن جو گيهہ پوندي مٽو ڪين پوسري. مطلب هي آهي، جو ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جو جڏهن ڏٺي پاڇهہ ڪري مٽن ڪو آبروءَ جهڙو ڪم رکي، پوءِ توڙي دل ۾ خوش هئن، تہ بہ وات سان چون تہ هن ڪم سان مورڳو آڙيا آهيون. پر ان هلت ۾ هڪڙو پاپ آهي، جو ماڻهو اندر پاهريو ٺو ٿئي، پيو ڌڻيءَ جي مهربانيءَ تي بيشڪري ڪرڻي ٿي پوي ٿي، سي پڻي ديندارن کي نہ وڻن.

٤٣١- گرمي ڇڏي جهڻ ڪنکر سان،
سردي ڇڏي زر ڪنکر سان.

هن پهاڪي مان پيو مطلب ڪونہ ٿو نڪري، مگر سياڻا ماڻهو چوندا آهن تہ ڪنهن کي گرميءَ کان مٽي ۾ سور پوي، يا

ڪنيون چڙهن، يا ڪامڻ ٿئي، يا ٻي اهڙي ڪا ڏوار لڳي، ته ان لاءِ شربت ۽ پيون سڪنيون دوائون به بس آهن. پر جي سرديءَ ڪان ڪنهن کي لقوي، يا اڙدانگ جهڙو، يا ڪو ٻيو مرض ٿئي، ته ان لاءِ ترياق يا ڪستوري يا عنبر ۽ ٻيون مهانگيون ٻڪيون گهرجن.

٤٣٢- ڳنجي جي مٿي ۾ جوءِن نه ليک.

ڳنجو، جنهن ماڻهوءَ جي مٿي جا وار سمورا ڪسي وڃن، جوءِن هڪڙو جيت تِر جيڏو، جيڪو ماڻهوءَ جي وارن ۾ چاپندو آهي، ليک ان جوءِن جو آنو. مطلب هي آهي، ته جنهن کي مٿي ۾ وار نه هوندو، تنهن کي جوءِن يا ليک ڪٿان پوندي. تنهن وانگي جو ٻهي مايا جي ڏنڌن ڪان آجو رهندو تنهن کي سڪار، ڏکار، سوڪ ۽ پوڙ جو ڪهڙو ڏپ. جهڙو نمبر ٣٧١ واري پهاڪي ۾ چيو ويو آهي.

٤٣٣- گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدري جوکو،
جي ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدري جوکو.

جهڙي طرح ڪو مٽو هٿي پاهڻ تي ته مٽو ڀڄيس، جي پاهڻ هٿي مٽي تي ته به مٽو ڀڄيس. تنهن وانگي ڏاڍي ۽ هيڻي جي ويڙهه مان پنهين پارين هيڻي کي جوکو.

٤٣٤- ڪُڪُرُ ڪُڪُرُ هندا اڙاياه.

ڳگر هڪڙي جابلوءَ وڻ جو ڪنئور آهي. هن پهاڪي جو بنياد هي آهي جو هڪڙي پساريءَ وڪڻ لاءِ گگر پنڊي ۾ پائي رکيو، جو پنڊي کي چنبڙي پيو! وڪري هٿن منجهانس پنڊو اڙيو. تنهن وانگي هي ماڻهو ڏٺيءَ کي ياد ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ آيو آهي، پر دنيا کي اهڙو چهٽي پيو آهي، جوکر سورڳي دنيا منجهانس اڙي آهي. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

۽ چتون ماڻهو ڪان موڪلائي ڇوڙي ڳوڙ لاءِ هليا، اوچتو هڪڙي پست جي پوک مان ڏوڏيون ڪاٺي وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺا، ۽ ڏوڏين جي نشي ۾ پنڪيون ڪاٺي ليٽيا، پر جنبا ٽاريءَ ۾ اٽڪيا ئي رهن، تنهنڪري لڙڪڻ لڳا. ايتري ۾ سنڌين ماڻهو ڳوليندي اچي پهتي ۽ هنن کي لڏڪندو ڏسي پڇيائين، تنهن کي چيائون ته وڻ جي ٽاري اسان کي نٿي ڇڏي. تنهن چين ته ٽاريءَ کين جهليا آهيو، پر ٽاري جهلي اٿو.

۴۳۵- گنجو ڪنهن ڪان نه رهي.

جنهن ماڻهوءَ جا خارس سببان مٿي جا وار ڪسي رهن، اهڙي ماڻهوءَ کي گهڻو ڪري مٿي ۾ ڪير نه رهي، سو آوس ڪنهندو رهي؛ تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ جي دل پڻ لچائيءَ کان نه رهي.

گ

۴۳۶- ڳوٺ سئين، ما وهانو سئين.

سئين اکر جي معني هيءَ آهي، ته جو ڪم سڄي ڳوٺ جي ماڻهن سان ٿئي، سو وهانو جهڙو ڄاڻجي، يعني گهڻن سان گڏ ڏکي جي سکي جڙي اچي تہ مٿي ڪري پو ڳجهي. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

فارسي: مرگ انبوه جشني دارد،

ترجمو: گهڻن سان گڏ مرڻ هڪڙو جڄ آهي.

۴۳۷- ڳڙ سان مري ته زهر ڇو ڏجيس.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته جو ڪم مٺ محبت سان ٿي سگهي، تنهن لاءِ تکو ۽ ڪوڙو ڇو ڳالهائجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: چو ڪارت به نرمي برايد ز ڪس،
ضرورت نباشد بہ گرمي و بس.

ترجمو: جڏهن ڪنئرائيءَ سان ڪنهن مان ڪم ٿي سگهي،
ڏاڍائيءَ جي ڪهڙج نه آهي، ايو چيا.
اهڙي ڳالهه نمبر ٥٠٧- واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

٤٣٨- ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ.

موٽ هڪڙي سادي جنس اَن جي آهي، جا گهڻو ڪري ڳوٺاڻا کائين، پهاڪي پيڙهه هيءَ آهي، جو هڪڙو ماڻهو ڪنهن ڪيمپ تي ٿي ويو. تنهن کي هڪڙي ماڻٺ ڀاڻ لاءِ سوکڙي پاکڙي آڻي جو چيو، پر پيسو ڪونه ڏنائينس. پٺي ماڻٺ ٽڪو هٿ ۾ ڏني چيس ته هن ٽڪي جا موٽ آڻج. جڏهن هو ورِي آيو، تڏهن پڇيس، ته جنهن رکو وات سان چيو هوس تنهن کي سوکڙين جي نه ماڻ جون سچيون ڪوڙيون ڳالهيون ڪري ٻڌايائين؛ ۽ ٽڪي واري کي موٽ ڪڍي ڏنائين. تڏهن هڪڙي سالڪ هي پهاڪو چيو، يعني جو ڪم ناڻي ڏني چٽي، سو ڳالهين ڪاٽي چٽندو. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

فارسي: زر کار کند، مرد لاف زند.
ترجمو: ناڻو ڪم ڪري، مڙس ٻٽاڪ هڻي.

٤٣٩- ڳِڙ چاڻي، ڳِڙ جي ڳوٺري چاڻي.

اکري معني هيءَ آهي؛ جو ڳِڙ ڳوٺريءَ جي سونپ ۾ رهي ٿو، وٽيس کاڻي توڙي بچائي؛ پر ڳوٺري نساهي آهي، سا ڪيئندي ڪچاڙو؟ تنهنڪري پهاڪي واري جو مطلب هي ٿو چائجي، جو توڪل ڪري پنهنجا ڪم ڏٺيءَ کي سونپ، ته جيڪي وٽيس سو ڪري، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: خداوند عالم بکارش شفيق،
کسي را کہ باشد توکل رفيق.

ترجمو: ڏٺي اَن جي ڪم ۾ توهه ڪري،
جنهن سان توڪل سائي.

گهر

۱۰۴۴- گهڻين زالين گهر نه هلي، گهڻين ڏاندين هر نه هلي.

هر ۾ بہ ڏاندن کان واڌو پڌجن ته نه هلي؛ تنهن وانگي هڪڙي مڙس جي گهر ۾ هڪڙيءَ کان واڌو جويون هئن، ته گهر مان پائيتال نه وڃيس. تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو آهي:

هڪڙو مڙس ٻہ جويون پرڻيو هو، تن مان هڪڙي ماڙيءَ تي ۽ ٻي هيٺ گهر ۾ رهندي هئي. ۽ پاڻ واري تي وٽن ويندو هو. هڪڙي ڏهاڙي آهو مڙس وڃائتيءَ لاءِ ڪٿهن ٻئي ڳوٺ ۾ ويو. رات جو چور هڪڙو سندس گهر ۾ آيو، ۽ هري هري ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو. هيٺئين گهر واريءَ زال پنهنجو مڙس جاڻي سمجهيو ته ماڙيءَ واريءَ زال وٽ ٿو وڃي؛ تنهن ڀاڄپي جي تعصب کان ٻوڙي پيرن کان ورتس. پر ايتري ۾ چور جو مٿو ماڙيءَ جي مٿئين در وٽ آيو، تنهن کي ماڙيءَ واريءَ بہ پنهنجو مڙس جاڻي سمجهيو ته مٿان وري پڻتي وڃي، تنهن تَتَ وهندي ٻوڙي ڏاڙهيءَ مان ورتس. چور ويچاري ٽپ جي ماري ڪچيو ڪين؛ ۽ سڄي رات سور سهي انگهايائين. صبح جو چور کي جهلي چبوتڙي تي نيائون؛ آتي چيائين ته سچ چوري ڪرڻ لاءِ ويو هوس، تنهن بدران جيڪا جٽ وٺيو سا ڪريو؛ پر ٻہ جويون نہ پرڻائجوم؛ ڇاڪاڻ ته ٻہ جوئي جي ٻاران رات هيتري جٽ تي اٿم. حاصل هي ته جڏهن ٻہ جوين واري جو حال اهو، تڏهن گهڻين جوين واري جي گهر مان نڄهڻ ڪٿان ويندو؟

۱۰۴۵- گهڻو ڌاريم آن کي هٿان چري ڪپاهه.

هڪڙو نوڪر پاڻيءَ پرڻ لاءِ ڌارجي، ۽ هو جيڪو پاڻي ڀري سو ته چڙي، پر مورڳو جيڪي اڳي پاڻي گهر ۾ هئي سو بہ کي پيئي، پيو هاري چڙي، ته آهو نوڪر چڻ هن ڀاڪي وارو گهڻو ٿيو. هنديءَ واري بہ هڪڙو اهڙو ڀاڪو چيو آهي:

هندي: الي لئي سنگ تهل ڪون ڪرن لگي رس راس؛
مينڌي راڪي آون ڪون بيٺي چري ڪپاس.
ترجمو: ساهيڙي تهل لاءِ رکيم، سا آنلو لاڏ ڪوڏ ڪري ٿي؛
رڍ ڌاريم آن لاءِ مورگهي ڪپه تي ڪائي.

٤٤٢– گهر جو پير چلهہ جو مارنگ.

مارنگ، ڪنهن مهل پترن تي دانگي يا ڪنو رکي هيٺانس باهہ باري ڪاڄ جوڙي وٺجي تنهن پتر جو نالو. مطلب جو پير گهر ۾ يا ويجهو هوندو سو هر هر ڏسبو، تنهن تي ويساهہ اهڙو ڇمندو جهڙو چلهہ جي مارنگ تي. تنهن وانگي مائٽ يا دوست پڻ، جو هر هر گڏبو، تنهن سان محبت ٿوري رهندي.

٤٤٣– گهوڙا ۽ پٽ، ملا ۽ پٽ؛
هو ڪشياتا رسيا، هو نيان نا چٽ.

هي پهاڪو عام ماڻهو گهوڙن جي قدرتائيءَ لاءِ چوندا آهن، جو گهوڙا جنهن پنڌ لاءِ سنيايا، سو پنڌ ڪر نبريو. پر قافيہ جي پورائيءَ ڪاڻ ملن جو نالو پڻ آيو آهي، جو ملا ماڻهو جاتي پت ڪاڻ ويٺا، سو پت پڻ چاڻ نبريو.

٤٤٤– گهوٽ ماءُ کان بہ آهنر ماءُ تکڙي.

گهوٽ يعني پرڻجڻ وارو مڙس؛ اهنر، گهوٽ جو پڻويو يا پاڻيجو. هندن جي ريت، آهي، جو وهانو مهل اهنر گهوٽ جو پوهہ لگ ٿي هاي؛ پر وهانو جي ڪم ۾ جتي ڪي گهوٽ ماءُ جو پروجڻ هوندو اتي اهنر ماءُ جو چا؟ ۽ جي اهنر ماءُ واڌو ٿڙ ٿڙ ڪندي، تہ هي پهاڪو ستس لاگو ٿيندو. جهڙو نمبر ١٦٢ واري پهاڪي ۾ بيان ٿيو آهي، هن جو مطلب پڻ اهڙو آهي.

٤٤٥– گهٽي ڪاڏي کان گهٽو ڏنو چڱو آهي.

جي گهٽو ۽ چڱو کائبو، تہ بہ آن وات کي سواد ايندو، ٿوريءَ ويرم کان پوءِ بس. پر جيڪڏهن ڪو چڱو

رونشو يا ڪو ڪم ڏسبو، تہ گهڻا ڏهاڙا ياد رهندو؛ تڏهن ڪاڻ ڪان ڏسڻ چڱو ٿيو يا نہ؟ پر مطلب هيءُ آهي، جو گهر ڪنڊ ۾ ويهي ڪائي آرسي نہ ٿيءُ؛ ٻاهر نڪر، گهم ڦر، ڏٺيءَ جا رنگ ۽ اچرج ڏس. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: تا بہ دڪان خـانہ در گروي،
هرگز اي خام آدمـي نشوي.
بِرو انـدر جهان تفرج ڪـن؛
پيش زان روز ڪز جهان بروي.

ترجمو: جاسين گهر جي هٽ ۾ گهم پيو آهين،
اي ڪچا ڪڏهن ماڻهو ڪين ٿيندين.
وڃ جـهـان ۾ ۽ گـهـوم ڪـــر؛
جهان مان وڃين تنهن ڏهاڙي کان اڳي.

٦٤٦- گهر ۾ ڪڏ هئي تہ ٻهر ٻاهر ڇو اڇلجي.

سيڪو ماڻهو ڀاري پائي ٻهر گهر کان ٻاهر اڇلائي ٿو ڇڏي، پر جڏهن گهر ۾ ٻهر رکڻ جي جاءِ هئي، تڏهن ٻاهر ڇو اڇلائجي؟ جيتوڻي هي ڀاڪو ڪني ڪم جي وس ۾ آيو آهي، پر سندس سڄو مطلب هي آهي، جو هي ماڻهو ذات پاڪ ڌڻيءَ جي ڪي جو ٻاهر ٿو ڳولي، سا ڀل آهي. ڇا کان جو ڌڻيءَ جي جوت هن جي اندر آهي، تڏهن ٻاهر ڇو ٿو آڏيڙا ڪائي. تنهن تي شاهہ عبداللطيف ٻڻ فرمايو آهي:

نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو.

۽ بابا نانڪ صاحب ٻڻ فرمايو آهي:

وچن: گهر ۾ ٺاڪر نظر نہ آوي، گل ۾ پاٿرلي لٽڪاوي.

ترجمو: انـدر ۾ ڌڻـي نٿو ڏسجي،
ڳچيءَ ۾ پاهڻ لٽڪائي ٿو.

٤٤٧- گھر ۾ ٻہ گھر ڪانڌو ٻاھر ٻہ گھر ڪانڌو.

يعني گھر ۾ ويھي ڪانئبو تہ ٻہ گھر جو ناٺو ، پر مطلب ھي آھي تہ جاتي وڃبو تاتي پنھنجو نصيب ڪانئبو. تنھنڪري گھرجي، جو جيڪي ريھندو ڏٺي ڏي، تنھن تي سنجم ڪري گھٽي ٿيڻ لاءِ اجايو نہ ڊوڙجي. جھڙو فارسي بيت آھي:

بيت: قناعت تونگر کند مـرد را،
خبر ده حريص جهان گرد را.

ترجمو: مڙس کي سنجم وھيون ڪري،
لوڀيءَ رول کي اھا سڌ ٻڌاءِ.

٤٤٨- گھوٽ ڪنوار راضي تہ ڪوہ ڪندو قاضي؟

جڏھن جوءِ مڙس جو، يا ڪن ٻين ماڻھن جو پاڻ ۾ جھڳڙو ھئي، تڏھن نبيري لاءِ قاضيءَ وٽ وڃن، پر جي پاڻ ۾ ٺھيل ھجن تہ قاضي توڙي ٻئي ڏياڪر جي ڪھڙي گھرج؟ درويش لاءِ ھي اشارو آھي، تہ جڏھن ڏٺي پاڪ توتي راضي آھي، تڏھن توکي ٻئي ڪنھن جي ڪھڙي ڪاڻ؟ جھڙو فارسيءَ ۾ آيو آھي:

بيت: چو راضي شد از بنده يزدان پاک،
گر اينها نگر دند راضي چه باک؟

ترجمو: جڏھن پاڻھي تي ڏٺي پاڪ راضي ٿيو،
جيڪڏھن ھي راضي نہ ٿيا تہ ڇا ڊپ؟

٤٤٩- گھٽي ڪنئي ڪـان مـور يار نہ آھي.

ھڪڙي ماڻھوءَ جي باغ کي ڦر گھٽو لڳي، سو ڦر جي ڳنڍ ڪرڻ ۾ رڌو رھي، ۽ وڻن جي تات نہ ڪري، يا ھڪڙي ڏيڌيءَ ۾ ڪير گھڻو ھجي، ھو ڪير جي سڀڻ وڃان ڳئون جي سنڀال نہ ڪري؛ اھڙن لاءِ ھي ٻھاڪو ھوڻ ۾ ايندو آھي.

٤٥٠- گهر ۾ غرقي ۽ مس اٿس، دم ۾ هٿي تو نوڙهيءَ جو.

غرقي يعني ٻڏل آن؛ نوڙهي، ڪٺڪ جي هڪڙيءَ آچيءَ جنس جو نالو؛ يعني آهي سچو، پر ڏيکاءُ شاهوڪاريءَ جو ٿو ڪري. پر درويشن جي ٻڌڻ ۾ ڀڌائڻ لاءِ مطلب هي آهي، جو جنهن جي اندر ۾ جوفو ۽ پيا دنيا جا ڏنڊا پيا هوندا ۽ ٻاهران فقيري ڀيک ۾ هوندو، تنهن جي فقيري ڪهڙي ڪم ايندي؟

جهڙو نانڪ صاحب فرمايو آهي:

وچن: انتر اگن ٻاهر تن سواھ،
گل پاتر ڪيسي تري اٿاھ

ارٿ: اندر ۾ باھ، ٻاهران ٻت تي ڀڀوت،
ڳچيءَ ۾ پاهڻ، سمنڊ ڪئن ترندو.

٤٥١- گهڻ پيناري ٻگري، ڪاڻي ويئي جهاز.

گهڻ پيناري يعني گهڻن جي پائيواري، ٻگري يعني پوک جي نڪري؛ يعني جا پوک گهڻن هارين جي پائيواريءَ جي هوندي، تنهن کي سڀڪو ڇاڙندو جو پيو پائيوار سنڀاليندو؛ ايتري ۾ پوک جهاز جي ڪاج ٿيندي. تنهن وانگي هڪڙي ڏيهه ۾ گهڻا راجائون هجن، ته اهو راج تڙي ڪڙي غنيم جي هٿ اچي.

٤٥٢- گهڻن کي ٿمر، هڪڙي کي ٻري.

جڏهن هڪڙي اذايت جوڙني هئي، جا هڪڙو واڍو مهيني ۾ جوڙي سگهي، پر جي ڏهه واڍا مڙن، ته هٿ هٿ ڪري ڏن ڏهاڙن ۾ جوڙي ڇڏن؛ يا ڏرمانو ڪم جنهن ۾ هزار روپين جي گهرج هئي، سو هڪڙي کي ڏيڻ ڳرو ٿي پوي، پر جيڪڏهن جيڪڏهن سؤ (١٠٠) ٻه سا (٢٠٠) ماڻهو گڏ ٿي ٿوڙي ڪري ڏين ته هرويرو سولو لڳين. جهڙو هندي پهاڪو آهي.

هندي: پانچ سات ڪي لڪڙي ايڪ جني ڪا بوج.
ترجمو: پنجن ستن جي لٺ، هڪڙي لاءِ پري.

۴۵۳- گهٽڻ ڪنٽي ڇپر ڪجي.

هيءَ ڳالهہ سچي آهي، جو جيڪڏهن گهڻا گڏ ٿي هڪڙي وڏي ڪم ۾ هٿ وجهن تہ ڪري سگهن. تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙيءَ منڊ ۾ سرڪاري حڪم موجب نصير واهہ جي ڪانٽي ٿي ڪٽاير، پر واهہ ۾ لٽ گهڻو ۽ چڪڻ هو. جنهنڪري ڪانٽيءَ جو ڪم پورو ٿيڻ اهنجو هو؛ پر ڏٺيءَ ٻاجهہ سان ستاويهہ سؤ (۲۷۰۰) ڪامڙيا گڏ ٿي ويا، جو ٿورن ڏهاڙن ۾ گهڻو ڪم آڪلائي وڌائون ۽ اميد هئي تہ رهندو ڪهندو ڪم پڻ وهندري ٿي نبري پوندو. ان وچ ۾ جناب خان بهادر آخوند حبيب‌الله صاحب ڊپٽي ڪليڪٽر آتي آيو، ۽ ڪانٽيءَ جو ڪم سڌريل ڏسي تپرس ڪائي چوڻ لڳو جو ”گهڻا ڪر الله جا پٽ آهن، جيڪي ڪن سو ٿي سگهي.“

ل

۴۵۴- لوچ تہ لهين لعل ڪي، ڏور تہ پوئي ڏس.

لوچ، ڏور يعني ڳول؛ لعل يعني محبوب يا گهر بل وٺ؛ مطلب هي آهي تہ وديا، توڙي رزق، توڙي ڏٺيءَ ملڻ جي وات ڳوليندين تہ ملنديون، اڻ ڳولئي ڪي بہ هٿ نہ اچي. ڇاڪان جو اهي سڀ شيون ڌرتيءَ تي ملي سگهن، پر سياڻا ڳولي لهن؛ اياڻا نڪي ڳولن، نڪي لهن. تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: هيرا پڙا بازار ۾ خاڪ رهي لپٽاءِ،
مورک مورک چل گئي چاتر ليا اُٺاءِ.

ترجمو: هيرو بازار ۾ پيل مٽس مٽي ويڙهيل،
اياڻا اياڻا لنگهي ويا سياڻي کڻي ورتو.

٤٥٥- لڇمي وڃي، تڏهن لڇڻ به وڃن.

لڇمي يعني دولت، ڀاڳ جي معنيٰ تورڙي مطلب ته هڪڙو آهي، جو وهيون ماڻهو جڏهن ولهو ٿئي، تڏهن مايا جي ڇر عقل ناس ڪري ڇڏيس، پوءِ تورڙي سليڇڻو هئي ته به ڪليڇڻو ڀانئجي.

٤٥٦- لڇان چوران پت نه ڪائي؛ تورڙي هوون سڀئي ڀائي.

لچ ماڻهو تورڙي سڳو مائٽ به هوندو، ته به مهل سر پنهنجي عادت لچائيءَ جي نه ڇڏيندو. پوءِ تورڙي ڇاتي ويٺي نه ڪندو، ته به پل مانسائيءَ جي هاڄ هن کي ڏانءُ جا نه ايندي. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: نيش عقرب نه از پئي کين است،
مقتضائـي طبيعتش ايـن است.

ترجمو: وڇونءَ جو ڏنگ وير لاءِ نه آهي؛
سنديس طبع جي عادت اها آهي.

۽ چور، ته به تورڙي مائٽ هوندو، ته وجهه ڏسي، ڪڏهن ڪين رهندو؛ تنهنڪري انهن پن تي پت رکڻ نه گهرجي.

٤٥٧- لک ڪٽيا ڏومڙيءَ، جو ڏوم سلامت آيا.

ڏومڙي يعني لنگهڻي، ڏوم يعني لنگهو، منهنجي ڪان هـي ڀاڳو هن ريت آيو آهي، جو هڪڙو ڏوم ڪرت ڪار لاءِ پرڏيهه ويو. پرپٺ جوٽس ٻڌو ته مري ويو. پر هو مئو هڏ ڪين هو، ۽ ٿورن ڏهاڙن کان پوءِ جيئرو جاڳندو وري آيو؛ پر پيسو ڪمائي ڪونه آيو. تڏهن هڪڙيءَ ساهيڙيءَ جوٽس کي چيو ته مڙسهن ڏينهن گهڻا لاتا، ڇو ڪٿي ڪين آيو؟ تنهن جي ورنديءَ ۾ هي ڀاڳو چيائين. پر ملڪ جي رواج پٽاندر مطلب هي آهي، ته واپار يا ڌنڌو ڪٿيو ڪٿي نه ڪري، ۽ سک سان موڙي بچيءَ ته به شڪر ڪرڻ گهرجي، جو چڻ لک ڪٽيا.

٤٥٨- لنگهي لائي، ته ڪيا ڪريگا ڪوئي.

مجاز جي واٽ ۾ مطلب هي آهي، جو هڪڙو لچ نر لچو ني بچڙو ڪم ڪندو، ته ڇا ڪندس؛ ۽ حقيقت جـي واٽ ۾ هي آهي، ته جو سچو ڏٺيءَ جو نيهي دنيا جا ڏنڊا ڇڏي سڀ ڪان پري رهندو، تنهن ڪي نرڳ توڙي سرڳ، يا ڪنهن جي ساراهه يا گلا جو ڪهڙو ڊپ؟ جهڙو اڙدوءَ واري جو بيت آهي:

بيت: اي شيخ پاڪدامن دوزخ سون مت ڊرا ڪر؛
مين عشق کا جلا هون مجهه کو عذاب کيا هے.

ترجمو: اي ملڇڻا شيخ! نرڳ ڪـان متان ڊچارين؛
آءٌ نينهن جو سڙيل آهيان مون ڪي ڏک ڇا آهي.

٤٥٩- لنگهن پنهنجو وهاڻهُ.

جڏهن ڪنهن ڪي وهاڻهُ ڪرڻو هئي تڏهن لنگها ڪهرائي تن ڪي ناڻو ڏئي دهل وڄارائي؛ پر جڏهن پاڻ لنگها وهاڻهُ ڪن، تڏهن نه ڪنهن ڪي سڏڻ جي، نه ناڻي ڏيڻ جـي گهرج رهين؛ پاڻ ڇاڻي واڻي وڏيءَ دل سان دهلن کي گهايون ڏين ۽ واڄا ڪن. ۾ مطلب هي آهي، ته ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم لاءِ پاڻ سجاڳ رهي ٿو.

٤٦٠- لڪئي منجان ليک، نڪو لاهي نڪو پائي.

ليک ٿورو ذرو، هن پهاڪي جي معني آهي، ته جيڪي ڏٺيءَ جي پاران ماڻهوءَ جي ڀاڳ ۾ ليکيو آهي، تنهن سـان تير جيترو به ڪو وڌائي سگهي نه گهٽائي سگهي.

٤٦١- لنگهو چڙي مگن ڪان، آهي ئي مگ.

اڳوڻن مسلماني راڄن ۾ ڪاريگر ۽ ڪسبي ماڻهو حاڪمن يـا سردارن جـي خوش طبيءَ لاءِ هڪڙيءَ شئي جي نالي تان چڙندا هئا، جهڙو واڍو واڱڻ ڪان، دايـو ليمي ڪان،

رازو مصريءَ کان، تهڙو لنگهو مگَن کان؛ پر هي سڀ ڇڙ جون ڳالهيون. مگر آها ڇڙ جنهن مان ڪنهن جي دل ڏکوئجي، سا ڪنهن کي چوڻ ڪار نہ آهي. فارسيءَ وارو پڻ اهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ لاءِ بيت چوي ٿو:

بيت: تا تواني دورن کس نخراش،

کاندرين راه خارها باشد.

ترجمو: جاسين ٿي سگهيئي ڪنهن جي دل نہ ڏکوءِ؛

جو ان وات ۾ ڪنڊا آهن.

۴۶۲- لوڀ سڀني پاپن جي پاڙ.

هن پهاڪي جي سا معني سو مطلب، جو سيڪو چاٽي ٿوءِ نا تہ ميجي ڏسو ڪنديءَ ۾، پکي ڏسو چار ۾، اجا به نہ وسهو تہ ڏسو پاڻيءَ جي هڪڙي ڦڙي جي لوڀ تان سڀ جو پيٽ ڦاڙل. سنسڪرت واري پڻ ان تي پهاڪو چيو آهي:

پهاڪو: لوڀ مولان پاپاني.

ترجمو: ساڳيو سنڌيءَ پهاڪي جو ترجمو.

۴۶۳- لوڀي سنڌي راڄ ۾ ٺوڳي مري نہ بک.

لوڀيءَ يعني لالچ وارو، ٺوڳي يعني ٺڳ، مطلب هي آهي جو لوڀي ماڻهو ٺڳڻ ٺڳ جي اڳيان سولو آهي؛ ڇاڪان جو لوڀ ماڻهوءَ جو هوش وڃائي ڇڏي ۽ جڏهن هوش ويس، تڏهن لٺ جو هڪو متو. تنهن تي هڪڙي سياڻي سچار ماڻهوءَ جي واتان مثل ٻڌو اٿم:

هڪڙي ڄٽ ماڻهوءَ کي پٽ جي وهانءَ لاءِ ٽيهہ (۳۰) رپيا گهربا هئا؛ جوءِ کان پڇيائين تہ گهر ۾ ڪي آهي؟ چي هڪڙو ٽڪو، تنهن مان وهانءَ ڇا ٿيندو؟ چي هي ٽڪو وڏا ڪم ڪندو، نيٺ آهو ٽڪو کڻي ڳوٺ جي واڻئي کي چيائين جو هي ٽڪو وياج جو وٺ، مهيني کن تي روپيو ڏي.

آهو رهيو وٽي شهر ۾ وڃي ٻٽيه (٣٢) ٽڪا مٽائي هڪڙي شاهوڪار کي ڇپائين، جو هي ٽيهه ٽڪا وياج وٺ، ٽيهه رپيا وياجيرو ڏي، باقي ٻه ٽڪا بچيا، سي خرچيءَ لاءِ شاهوڪار جي پٽ کي ڏنائين، تنهن گهرو وياج ۽ پٽ واري خرچي ڏسي لوڀجي رپيا ڪڍي ڏنس، جنهن مان وهاڻ ڪري ورتائين. ڪڻ پني کان پوءِ ٻنهي کي ڳاڙهي ماڻ مان مٺي ڏنائين، يعني ڳوٺ جي واڻئي کي آهو ٽڪو بچيو، ۽ شهر واري شاهوڪار کي آهي (٣٠) ٽڪا ٿيا.

٤٦٤- لکيون لوهارن کي ڇڏن ۾ چنگون.

ڇڏا هڪڙن لڳن جو نالو، جي سٽرن جي مٿان آهن، هن پهاڪي جو بنياد هن طرح آهي، جو هڪڙي لوهار لوهه تائڻ مهل ڇهڙو اگهيان نه رکيو، تنهنڪري باهه جون چڻنگون ڪانچ ۾ لڳس ۽ ڪانچ سڙيس. فقير هڪڙي هي حال ڏسي اهو پهاڪو چيو، يعني باهه جي ڪم جي وهنوار مان اوڙاڪ اهو حال ٿيندو، تنهن وانگي بچڙي ڏنڌي رکڻ مان نيٺ جيڪا سا اهڙي.

٤٦٥- لوڻ وڃهي پت پاڻيوار ٿيو.

هن پهاڪي جي معني توڙي مطلب ته هڪڙو آهي جو سيڪو چاڻي ٿو، تنهن سوڌو ٻه دليل هي آهي، جو هڪڙو ماڻهو ناڻو لائي پت رڌي، پر لوڻ هڪيو نه هجيس، ۽ ٻيو ماڻهو ٿورو لوڻ جو ٿوري ماهه جي شيءِ آهي، منجهس وڃهي پت جو ڀاڱو گهريس، يا هڪڙو ماڻهو ٽڪا خرچي ڏرتي ڳنهي، ۽ پيسا لائي گهر اڏائي، ٻچاڙيءَ ۾ ترڙ لنبڻ لاءِ ٻيو ماڻهو پاڻيءَ جو چيٽو آڻي ڏئيس ۽ گهر ۾ پاڻيواريءَ جي چب ڪري، اهڙن لاءِ هي پهاڪو چوڻ ۾ اچي.

٤٦٦- لوڀ ڇڏ ته سون مٽي سان ورهائين.

سون مٽي سان ورهائڻ، هيءَ رواجي ڳالهه آهي، يعني بي ريائي ڪرڻ؛ مطلب هي آهي، جو جيسين هن ماڻهوءَ کي لوڀ

اندر ۾ آهي تيسين امانت جو جوکو نه آهي؛ ۽ جڏهن لوڀ ڇڏيائين تڏهن مائٽ کي، تهڙو ڏارئين کي چاٺندو ۽ امانت ۾ خيانت ڪڏهن نه ڪندو، ته سون ڇڻ مٽين سان ورهايائين. تنهن تي فارسي بيت پڻ آهي:

بيت: چو در چشم شاهد نيايد زرت،
زر و خاک يکسان نمايد برت.

ترجمو: جڏهن سون تنهنجي اک ۾ پيارو نه لڳي،
سون ۽ مٽي هڪ جهڙا ڏسندين.

١٩٧- لهي لوهه يه نه، ڇي منهنجو نالو سون پائي.

هن پهاڪي جي لفظي معني پڌري آهي؛ مگر سمجهائي هي ٿي اٿس، جو هڪڙو ماڻهو نڌر پنهنجي پيرن اڳيان ڪريل بير به کڻي نه سگهي، ۽ آپ مان لاهڻ جو دم هڻي. تنهن کي فارسيءَ وارو ٿو چوي:

بيت: تو کار زمين را نکو ساختي،
که بر آسمان نيز پرداختي.

ترجمو: ڌرتيءَ جا سڀ ڪم پورا ڪيئي،
هاڻي آپ تي پورا ڪرڻ هلئين.

يا هڪڙو ڳانڍو گدڙ ڪان پڻ ڀڄندو هئي، ۽ شينهن سان وڙهڻ جي ٻڌاڪ هڻي. تنهن کي فارسيءَ وارو هي بيت ٻڌائي سمجهائي ٿو:

بيت: مزن بانگ بر شير مردان درشت،
چو با کودکان بر نيائي به مشت.

ترجمو: شينهن جهڙن ڏاڍن مڙسن سان دم نه هڻ،
جڏهن ڇوڪرن سان مُٺ ويڙهه نه پهچين.

پر مطلب هي آهي، جو پنهنجي سگهه کان وڌو ٻه ڪ ته ڏيڻ کپي.

٤٦٨- لڪين لـِيلائون چنيسر جي راڄ ۾.

چنيسر هن ملڪ ۾ ۾ آڳاٽو هڪڙو حاڪم ٿي لنگهيو آهي، جنهن جو نالو ڀاڪي ۾ آيو آهي؛ ۽ سندس جوءِ جو نالو ليلان هو، تنهن ليلان هڪڙي جواهر جي لالچ تي پنهنجو مڙس ڪنئروءَ نالي زال کي آڏارو ڏنو. پانياڻين ته ـون جهڙي جوءِ چنيسر کي هٿ ڪان لڳندي، تنهنڪري وري سون وٽ ايندو. پر هو ڪنئروءَ سان پرڻجي ويئو، انهيءَ ليلان جي هٿ پچڻ لاءِ هي ڀاڪو آيو آهي. مطلب جو اهڙيءَ عورت کي اهـڙو اجايو هٿ نه ڪرڻ گهرجي، جهڙيءَ ريت هڪڙو نوڪر هٿ ڪري چائي، جو مون جهڙو نوڪر راجا کي ڪونه ملندو. پر اهو هٿ اجايو آهي؛ ڇاڪاڻ جو راجائن وٽ نوڪر لک هزار، ۽ نوڪرن لاءِ راجائون ٿورا. تنهنڪري نوڪر کـي اهڙو هٿ نـه ڪرڻ گهرجي، فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: منت منه ڪه خدمت سلطان همي ڪنم؛
منت ازو بـبر ڪـه بخدست گـذاشتت.

ترجمو: ٿورو نه رک ته راڄا جي ٽهل ٿو ڪريان؛
آن جـو ٿورو بـاس جنهن ٽهل ۾ رکيئي.

٤٦٩- لٽر کي چڪر پهچي.

لٽن هٿڻ واري وهٽ کـي جيڪڏهن پيو وهي؟ ڪين ڪيندو؛ ته آڏلو گهٽيون لٽون هڻندو؛ پر جي اڳيان وري چڪ هڻندس، ته جان تان ڊچندو، تنهن وانگي لچ جي اڳيان ٻه مانَ ڪبي، تـه آڏاـو ٽيڳربو، پـر جي ڏکي سان ڏکو ملندس، ته سمجهندو. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: توهم ڪينه ور باش چون فتنه خواست،
ڪـه بـــا ڪينه ور مهرباني خطا است.

ترجمو: تون پڻ جهيڙا ڪار ٿيءُ جڏهن جهيڙو ڪڙو ٿيو،
جنو جهيڙوا ڪار تـي توهم ڪرڻ ڀـل آهي.
۽ ٻئي هڪڙي پـڻ هڪڙو بيت چيو آهـي:
بيت: ڪسي ڪہ لطف ڪند با تو خاڪپايش باش؛
وگر خلاف ڪند در دو چشمش افگن خاڪ.
ترجمو: جيڪڏهن توتي مهرباني ڪري تنهن جي پيرن جي مٽي ٿيءُ؛
جيڪڏهن ابتڙ ڪري تہ اکين ۾ مـٽي وجهينس.

م

۱۴۷۰- ماڻهو ڀئيهہ لڇڻو، موچڙو ڇتيہ لڇڻو.
موچڙو، جتيءَ جو هڪڙو پادر، پر هت مطلب سندس زور،
يعني موچڙن هڻڻ وارو، ڪرڪي ڏاڍو. يعني جو ڪم ٻيڪنهن
ماڻهوءَ ڪان ٿيندو، ڏاڍو ماڻهو آن ڪان واڌو ڪري سگهندو. موچڙي
جي سلڇڻائي ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو مثل ٿو ڏيان:
جن ڏهاڙن ۾ شاهہ شجاع الملڪ لاهور ۾ مهاراج رنجيت سنگ
وٽ اچي بند ٿيو، تن ڏهاڙن ۾ هڪڙو هيرو (ڪوه نـور) ساڻس
هو. مهاراجا صاحب آن هيري وٺڻ جي لالچ ڪئي، پـر بادشاهہ
ڏيڻ نہ باسيو، تنهنڪري مهاراجا صاحب ٻيڻ جـو ڀـائي جهلي
چڏيس، تڏهن ورچي هيرو ڪٿي ڏنـائين. هڪڙي ڏهـاڙي مهاراجا
صاحب ساڻس گڏجائي ڪري چيس، "جو هيري جو ملهہ ڇٺو تہ
ڏيانءِ"، تنهن ڪي موچڙو ڏيکاري چيائين جـو هـي ملهہ اٿس،
ڇاڪان جو اڳين بادشاهن ڪان آن ملهہ تي ورتو هوم، تنهن اڳهہ
توکي ڏنم، ڏسو موچڙي جو ڪم.
۱۴۷۱- موتيو آتي مار، جاتي ٻاٽي هجي تار.
هن ٻهاڪي مان پهو ڏار مطلب ڪونہ چاهي ٿو، رڳـو
لاڙ ملڪ جو رواجي آهي، هن ريت موتيو سارن جـي آن ۽
ٻوڪ ۾ هڪڙيءَ جنس جو نالو آهـي، سا ٻوڪ گهٽي ٻاٽيءَ

واريءَ ڍنڍ ڏاران ٿوري پاڻيءَ ۾ نه پڄي؛ تنهن لاءِ پهاڪي واري اهڃاڻ ڏنو آهي.

٤٧٢- مڙڻ جو پاهوڙن سان ميڙي آڻ، زال جو سوئيءَ سان کوني کڻ.

پاهوڙي، هڪڙي ڪاٺ جي کوڏر جهڙي شيءِ آهي جنهن سان گهڻو ڪري گهوڙن جي لڏ ڏارين. يعني پاهوڙيءَ سان جو وڏي شي آهي گهڻو ميڙجي؛ ۽ سوئي جا سنهڙي آهي، تنهن سان ٿورو کونجي، تنهنجو مطلب هي آهي، جو مڙس گهڻوئي ڪمائي آڻي ۽ زال ٿورو ٿورو ڪري وڃائي ته پورت نه پوي؛ ڇاڪاڻ جو گهر جو ڏنڊو هلائڻ گهڻو ڪري زال جي هٿ ۾ آهي: تنهنڪري پهاڪي وارو زالن کي سنجم سان هلائڻ لاءِ سمجهائي ٿو. اهڙي ڳالهه نمبر ١٣ واري پهاڪي ۾ پڻ آئي آهي.

٤٧٣- ماءُ ڄڻيندي پنڙي، ڀاڳ نه ڏيندي ونڊ.

هن پهاڪي جي معني توڙي مطلب هي آهي، جو ماءُ هڪڙي پيٽ مان گهڻا پٽ ڄڻي، پر ڀاڳ هڪ جهترو ورهائي ڪين ڏئيسن، يعني سڀڪنهن جو پاڻو واڻي ڪنهن جو کهڙو ڪنهن جو کهڙو ڀاڳ. جهڙو پنجابيءَ وارو چوڻي ٿو:
پنجابي: سج ايڪ پڇاوين ڏون، پيءُ دا بخت نه پٽان ڪون.
ارت: هڪ سج ٻه پاڇولا، پيءُ جو بخت پٽن کي نا.

٤٧٤- مگن ڏانڊي، ڪارڙي ڏانڊي، مگ پڄي،
ڪارڙو مڄي، مگ لٿو، ڪارڙو مٿو.

ڪارڙو، هڪڙو ڪارو تر ڪان پڻ ننڍو جيت لاڙ ملڪ ۾ ٿيندو آهي، ۽ ماڻهن کي چڪ پائي، جو مگن جي پوک چاهڻ وارن ڏهاڙن ۾ جاڀي، ۽ مگن جي لاباري ۾ ناس ٿي وڃي، تنهن جي حال ڏيکارڻ لاءِ سياڻي هي پهاڪو ڏنو آهي.

٤٧٥- مغلن اڳيان فارسي وسري وڃي.

مغل ماڻهو فارسيءَ جو گهر آهي، جن جي ٻولي ماءُ پيڻان فارسي آهي ۽ ٻين ڏيهن جا سڀ ٻوءِ سکن. تنهنڪري مغلن کي فارسي ٻولي سيکڻي کان واڌو اچي؛ ۽ پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو وڏي سياڻي اڳيان ٿوري عقل واري ماڻهوءَ جي دال نه ڳري. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

بيت: گرچه شاطر بود خروس بجنگ،
چه زند پيش بـاز روئين چنگ.

ترجمو: ڪڪڙ جيڪڏهن جنگ ۾ گهڻو ڏاڍو هئي،
تـه بـه باز ڏاڍي اڳيان ڇا چنبو هڻندو.

٤٧٦- مور ڇڱو، پر پير ڏنگا.

ڪنهن سلڇڻي ماڻهوءَ ۾ ڪو بڇڙو ليڇڻ هئي، تـه هي پهاڪو مٿس لاڳو ٿئي، پر ايترو ڇئي نٿو سگهجي، تہ ڪو آپايل بي رِوڏ هوندو. هن ڪري جو جڏهن مور جهڙي سهڻي پکيءَ جي، پيرن ۾ وڏ، ۽ يوسف جهڙي سهڻي نبيءَ تي ڀانهپيءَ جي ويڪ، تڏهن ڏٺيءَ پاڪ ڏاران ٻيو ڪوئي بي عيب نہ آهي.

٤٧٧- مڌ پيوڻ، ذات پرکڻ.

مڌ يعني نشو، پر هت شراب لاءِ چوي ٿو، تہ شراب پيڻ کان پوءِ نشي ۾ سيڪنهن جو ٿوم بصر پڌرو ٿي پوي، يعني جيڪا ڪجهي ڦڪي دل ۾ هئي سا نڪري ٻاهر پوي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: گوهر هر کس ناکس شود از مئي پيدا؛
نتوان يافت دگر به زمئي لعل محک.

ترجمو: سيڪنهن ڇڱي مٺي جو حال شراب مان پڌرو ٿئي؛
شراب جهڙي ڪسوٽي ٻي ڪانہ ليي.

۴۷۸- مارڻ واري کان رکڻ وارو ويجهو آهي.

مارڻ وارو ويري، رکڻ وارو ڏڻي؛ جڏهن ڏڻي راکو آهي، تڏهن ويري ڇا ماري سگهندو؟ جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: هزار دشمنم از قصد ميکنند هلاک،
گرم تو دوستي از دشمنان ندارم باک.

ترجمو: هزار ويري جيڪڏهن منهنجي مارڻ واري ڪن،
جي تون سڄڻ آهين ته ويرين جو ڊپ نه اٿم.

۽ گرو نانڪ صاحب پڻ فرمايو آهي:

وچن: جس راکي تِس ڪوءِ نه ماري.

ارٿ: جنهن کي ڏڻي بچائي تنهن کي ڪوئي نه ماري.

۴۷۹- موگهو پنهنجي مانيءَ مان پيٽ ڀري ڪائي،

وڃي وهي مجلس ۾ ته سيني سُهائي؛
چريو ڳالهائي تہ بہ بختاور بوداسو.

موگهو يعني اجاڻ ماڻهو اهڙو ڀاڳوان هئي جو هُن کان گهري نہ، ۽ پنهنجي ڏن مان پيٽ ڀاري، سو جيڪڏهن سڀا ۾ وڃي ابتوئي ڳالهائي، تہ بہ ماڻهن کي وڻي. پر مطلب هي تہ مايا ڪليڻ ڍڪڻي آهي.

۴۸۰- مالڪ وڃن پيڙيءَ چڙهيا، شاهد وڃن گهوتا ڪائيندا.

هن پهاڪي جو بُڻ هي آهي جو 'و' ۽ 'ج' ڀاڻ ۾ جهيڙو ڪيو سو 'د' ۽ 'ص' رونشائي بيهي ڏٺو. جڏهن سرڪار ۾ دانهن ٿي، تڏهن حڪم ڀڻاندڙ هئي ڏريون ۽ آهي (د ۽ ص) رونشائي گهرجي هليا؛ پر پتڻ لانگهو پنڌ هو، جڏهن پتڻ جي پيڙيءَ تي آيا، تڏهن 'و' ۽ 'ج' جي وهيان هئا، سي پيسا ڏيئي پيڙيءَ ۾ چڙهيا، ۽ 'د' ۽ 'ص' جي ولها هئا تن کي پيسن ڏاران پاڻيءَ نہ چاڙهيو، سي مولهاڻا ڀڏي پاڻيءَ ۾ گهوڙيا ۽ گهوتا ڪائڻ لڳا. سالڪ هڪڙي اهو

رونشو ڏسي ھي پھاڪو چيو، پر مطلب ھي آھي، تہ جو غريب ماڻھو پنھنجو ڏندڏو سيڙائي اھڙا رونشا ڏسندو، تنھن جو اھو حال ٿيندو.

۲۸۱- مَرُسين سُجاڻا، ٻئي ڄنگھون ڪاٺ ۾،
ڪُنہِ سين اجاڻا، ھنيون ھندوري لوڏجي.

سياڻي گڏ ڪاٺ ۾ بہ ٻاسي ٿو، ۽ اجاڻ گڏ ھندوري ۾ لڏڻ بہ نٿو وڻيس. ڇاڪاڻ جو چڱيءَ سنگت ۾ توڙي ڀريانين ڏک ڏسڻ ۾ ايندو، تہ بہ نيٺ منجھانس ڀلو ٿيندو، ٻڇڙيءَ سنگت ۾ سک ڏيکاري ڏيندو، تہ بہ اوڙڪ ٻڇڙائي ٿيندي. فارسيءَ واري پڻ اھا ڳالھہ ٻاسي ھڪڙو بيت چيو آھي:

بيت: پاي در زنجير پيش عاقلان،
بہ کہ اندر بوستان با جاھلان.

ترجمو: سياڻن گڏ پير ۾ ٻيڙي،
ڏڏن گڏ باغ ۾ ھئڻ کان چڱو.

۲۸۲- مرسان مرسان، پر ڏيئي نہ چرسان.

جھڙيءَ ريت شينھن ٻک ۾ مري تہ بہ ڏيئي يعني گاھہ ڪين کائي، تھڙيءَ ريت اشراف ماڻھو توڙي ٻک مرندو، تہ بہ ڪُڇ پڇ نہ کائيندو، يا نہ ڪرڻ جو ڪم نہ ڪندو. تنھن تي ھنديءَ واري بہ چيو آھي:

ھندي: پلو پلائي ناتجي، بري نہ راکي آس،
سات دِوَس پوکن مري، شنگھہ نہ اھوي گھاس.

ترجمو: چڱو چڱائي نہ ڇڏي ٻڇڙائيءَ جو سوس بہ نہ رکي،
ست ڏھاڙا ٻک مري تہ بہ شينھن گاھہ نہ کائي.

۲۸۳- ماڻھو سڀ چڱا، ھر ڪي ڪن سان ڪي ڪن سان.

جھڙو ھڪڙو راجا نياءُ وارو، جو ھلندي پونءِ نہ ڏکوئي، جو گھڻن ماڻھن کي وڻي، ھر جنھن ڏھاريءَ کي سزا ڏيندو، سو

هن ڪي ڪٿان چڱو چائندو. تنهن وانگي پيو هڪڙو راجا ظالم جنهن کان گهڻا ماڻهو ڏکويل هجن، پر جن پنهنجن مٿن مائٽن تي مهرباني ڪندو هوندو، سي اجائي ڳڙهانس راضي رهندا.

٤٨٤- ماڇي ته ناڇي.

جهڙيءَ طرح هڪڙو ڀور گاه کائي ٿلهو ٿئي، ته نينگه ڏئي، تهڙيءَ طرح ماڻهوءَ وٽ به جڏهن ناڻو گڏ ٿئي، تڏهن ننبه ڪري، ۽ ڊونگل ڀاڙي. جهڙو گسائين تلسيداس جو وچن آهي:

وچن: اس نه ڪو جن مان جڳ ماهين،
پرڀتا پاء جاس مد نـاهين.

ارٿ: اهڙو جهان ۾ ڄاڻوئي ڪونه آهي،
وڏائي پائي جنهن کي نشو نه آهي.
فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: بيذق شطرنج را چون منصب فرزين رسد،
رهروي را وا گذارد ڪجروي گيرد به پيش.

ترجمو: شطرنج جي پيادي کي جڏهن گهوڙي جي جاء ملي،
سنئون هلڻ ڇڏي ڏنگو هلڻ سکي.

٤٨٥- ماڻهو سڀ نـه سهڻا، پکي سڀ نـه هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوء بهار جي.

هن پهاڪي جي معني ۽ مطلب کي سڀڪو سمجهندو هوندو: جهڙو چنجي ته ماڻهو به سڀ يوسف جهڙا سهڻا نه آهن، ڪاٿ به سڀ چندن جهڙا سرها نه آهن. ۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

فارسي: نه هر زن زن است و نه هر مرد؛
خـدا پنج انگشت يکسان نکرد.

ترجمو: نـه زالون سڀ زالون نه مڙس سڀ مڙس،
ڏئيءَ پنج آڱريون هڪ جهڙيون نه ڪيون.
۽ سنسڪرت واري پڻ چيو آهي:

اشلوڪ: شيلي شيلي نہ ماڻڪيا، موڪتڪا نڳجي ڳجي،
ساڌو نہ سروتر چندنو نہ ونہ ونـي.
ارٿ: نہ سڀڪنهن جبل ۾ ماڻڪ، نہ سڀڪنهن هاٿيءَ ۾ موتي،
ساڌ به سڀ نہ آهن، نہ سڀ جهنگ ۾ چندن آهي.

٤٧٦- سروان موت ملوڪان شڪار،
يا مڇيءَ موت ميٺي شڪار.

يعني هڪڙي کي مرڻ جهڙو ڏيپ، ٻئي کي رکو رونشو؛ تنهن وانگي هڪڙا هوند وارا بي قياس ماڻهو پنهنجي توري رونشي لاءِ ٻئي غريب جي زيان جي پرواهہ نہ رکن. ۽ ڇگو هي آهي: جو پرائي ڏک جو پڻ پنهنجي ڏک جهڙو ارمان ڪرجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:
فارسي: آنچہ بر خود نہ نہ پسندي، بر ديگران هم مپسند.
ترجمو: جيڪي پاڻ لاءِ نہ وڻيئي؛ سو ٻين لاءِ نہ ڪهڙ.

٤٨٧- موا ٻرہ؛ پڃن هيل.

جو جڏهن مري، سو تڏهن پڃي، ۽. ٻروڪي مثل کي هيل ڪونہ پڃي. تنهن وانگي جا ڳالهہ جڏهن هلي، يا جو ڪم جاتي ٿئي؛ تڏهن تاتي آن جو ويچار ٿهي. جي ٿي لنگهڻ کان پوءِ به ڪبو، تہ ڇا ڪسندو؟ جهڙو پراڻو ٽپوڪيدي ٻانيڻ تٽ وار پڏائي.

٤٨٨- مُئا آهن جيئرن جي وس.

هن پهاڪي جي اکري معني پڌري آهي؛ پر مطلب سندس هي آهي، جو هي دنيا جا ماڻهو سڀ مئن جي آچار آهن، جيئرو هڪڙو پاڻ ڏئي پاڪ آهي. ان لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي:
فارسي: مرده بدست زنده.
ترجمو: ساڳيو سنڌي پهاڪي وارو مطلب.

٤٨٩- محبتي مڙن، ته ننهين لوڪن لڪ پوي.

محبتي يعني نيهي، هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ ٽي لوڪ چيا آهن: هڪڙو سرگ يعني آڀ، ٻيو مرت يعني ڌرتي، ٽيون پاتال يعني ڌرتيءَ ڪان هيٺ جو لوڪ آهي. پهاڪي جي معني هيءَ آهي، جو جيڪڏهن عاشق ڦرن، ته ٽيئي ڪنهن هنڌ سنڌ ٿي وڃي؛ ۽ مطلب هي آهي، جو سچن عاشقن تي جيڪڏهن سوڙهه پوي، ته به پنهنجي سچائيءَ کان نه کسن. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: آسمان گر تيغ بارد سر نه خارد اهل دل،
زخم ناخن برسر نامرد چون خنجر بود.

ترجمو: جيڪڏهن آڀ تراريون وسائي ته به نيهي مٿو نه کنهن، گانڊوءَ کي ننهن جو چهڪ به ڪٽاريءَ جهڙو هئي.

٤٩٠- منهن ڪوڙري ڳڻا ٻٽائي.

منهن ڪوڙري يعني مٺو ڳالهائڻ وارو. مٺو ڳالهائڻ چڱو آهي، پر جاتي ڪڙو ڳالهائڻ ڪم ايندو، تاتي مٺو ڳالهائڻ مورکو گهر جو گهاٽو. تنهن لاءِ فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: وقتي به قهر گوه که يک کوزه نبات،
گه گه چنان بکار نيايد که حنظلي.

ترجمو: ڪنهن مهل ڪڙو به ڳالهائي، جو مصريءَ جو ڪوزو، ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ڪم نه اچي جهڙو ڪي ٽوهه.

٤٩١- مڙيا، سي جڙيا.

مڙڻ يعني ٽري چڏڻ، هي پهاڪي وارو ڪاند ڪرڻ لاءِ تو سمجهائي، يعني جيڪڏهن ڪنهن ڪان اهنج پهچيئي ته به ڪاند ڪري مڙي وڃ، ته ڏٺي توتي توهه ڪري. اهڙو فارسيءَ واري به چيو آهي:

فارسي: گر گزندت رسد تحمل کن؛
کہ بہ عفو از گناہ پاک شوي.

ترجمو: جيکڏھن کنھن کان اهنج پھچيئي تہ کاند کر، جو اوسران سان پاڻ کان ڇٽنديں.

۴۹۲- ملک صاحب ڍا وسي؛ کوئي روئي کوئي هسي.

هي ڀھاکو مايا جا کيل ڏيکاري ٿو، جنهن ۾ هڪڙا ڏکيا، هڪڙا سکيا، هڪڙا پيا رئن، هڪڙا کلندا وتن، هڪڙا وڏا راڄ ڪمائين، هڪڙا وتن پنندا. فارسيءَ وارو ٻڻ شاھد آهي:

فارسي: يکي را بُرون رفتہ ز اندازہ مال؛
يکي را غم نان و خرچ عيال.

ترجمو: هڪڙي کي گھاٽيتي کان بہ مال گھڻو؛ هڪڙي کي مانيءَ ۽ پارن جي قوت جي گھٽتي.

۴۹۳- مينھن ڍائي هوري هلي، رڍ ڍائي ٽينگ ڏئي.

مينھن وڏو وھٽ آهي، سو جي ڍاپي، تہ پنھنجي گھورائيءَ کان هري هلي ۽ رڍ هلڪڙي آهي سا ڍئجي تہ ڊوڙون پائي ۽ ٽپانگ ماري. تنھن وانگي سگر ماڻھو ٻڻ جڏھن وڏو پد پائيندو، تڏھن نثرت گھٽي ڪندو، ۽ نيڪرَ کي ٿورو ڏيو ٽيندو تہ بہ گھٽي ڏانءُ ڪندو.

۴۹۴- منھن ڏسي تلک ڏجي.

تلک، هندکو آهڃاڻ نرڙ ۾ ڏيڻ جو آهي، يعني جنھن جو منھن تلک جو لائق هجي تنھن کي ڏجي، جو نہ، تنھن کي نہ؛ تنھن وانگي جو ماڻھو کھل جو جوڳو هئي، تنھن تي کھل کجي، نا تہ نہ. تنھن تي هڪڙو فارسي بيت بہ آهي:

بيت: پسنديد است بخشايش، وليکن،
منه بر ريش خلق آزار مرهم.

ترجمو: اوسراڻ ڪرڻ چڱو آهي پر،
ماڻهو ڏڪوئيندڙ جي ڦٽ تي ملم نہ لاءِ.

٤٩٥- ماديءَ ڪڪڙ بہ ڪڏهن بانگ ڏني.

بانگ ڏيڻ نر ڪڪڙ جو ڪم آهي، ۽ مادي ڪڏهن بانگ نہ ڏئي، جهڙو ڪي سنڌيءِ زال پارجئي، جهڙو ڪي ڪانئر جنگ ڪري، تهڙو لاءِ پرچئي ماڻهوءَ کان ڇگمڙسي ٿئي.

٤٩٦- مٺي کي مارڻ سوره جي ڳالهہ.

جيتوڻي تہ پهاڪي ۾ حرف مٺي کي مارڻ آيو آهي، پر جو مري پيو هوندو، تنهن کي ڇا کو ماريندو؛ پر مطلب هي آهي، جو تنهنجي هڪڙي ويريءَ جي مايا ناس ٿي وڃي ۽ ڪنٽي تيرين پر ٿئي، يا نوڪري ئني وڃيس ۽ اڳتي بہ نوڪريءَ کان نڪمو ٿي رهي، تڏهن توکي هيءُ سمجهڻ کپي تہ هن کي ڏئيءَ ماريو آهي، تنهن کي ڇا باربو؛ ۽ جي اهڙي کي مارينڊين تہ ڳالارو ٿيندين.

٤٩٧- ماءُ مري رکي سڪي، ڏيءُ دا نالا ڏهي.

ملڪ جي هلت آهي جو هڪڙن ماڻهن جا نالا، ذات يا جنس جي ناهہ پٽاندر رکن؛ جهڙو هڪڙي سهڻي جو نالو يوسف، يا هڪڙي پڄن واري جو نالو ساڌو، يا هڪڙي سياڻي جو نالو لقمان، ۽ هڪڙن ماڻهن جا نالا ذات يا جنس جي اُبتڙ رکن، جهڙو هڪڙي شيديءَ جو نالو الماس يا ياقوت، يا هڪڙي مهاڻي جو نالو چنڊ يا هڪڙيءَ اڄاڻ عورت جو نالو سياڻي؛ تنهن وانگي هڪڙي غريب زال جنهن کي رکي ماني بہ مس مس ملندي هئي، سا پنهنجي ڏيءُ جو نالو ڏهي يعني ڏڌ رکندي، تہ نالي رکڻي ان جي رُکائي ڇڏي ويندي ڇا؟ جهڙيءَ ريت هڪڙو اکهو ماڻهو پڪيءَ لاءِ ويڄ وٽ وڃي ۽ طبيب دوا چويس، سا ڪري ڪين، رڳو دوا جو نالو چوندو وتي، تہ ڪئان چڱندو؟ تهڙيءَ ريت، هڪڙو درويش پنهنجي پالڪي کي

سمجهائي ته ڏٽيءَ جو ٻچن ڪر، اهو چيلو اهي سا ڳيا اڪر "ٻچن ڪر" وات سان چوندو وتندو، ٻچن هڏهين ڪين ڪندو، سو ڇا ٻرائيندو؟ تنهن تي ساميءَ جو سلوڪ آهي: "مک سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي، آن" ٻاٽيءَ جي نانو سان آڇ ٻک ڪين لهي."

٤٩٨- ماريءَ جي گهر هڏن جو ڍير.

ماري يعني پکين يا مرن کي ڦاسائي، تنهن سان پيٽ ڀريندڙ. مطلب ته اهڙيءَ ڪمائيءَ واري جي گهر ۾ هڏن ڏاران ٻيو ڇا هوندو؟ تنهن وانگي جو پاپ ڪري ناڻو ميڙيندو، سو سائو ڪٿان ٿيندو.

٤٩٩- سيهر سينهن مان نڪتو، وڃڻ ڪهڙي ڀارت.

جڏهن سينهن جو ڏٽي هڪڙو سيهار ڪڍي ٻيو رکي، تڏهن ٻراڻي سيهر جو وڃڻ جي ڀارت سان ڇا؟ جهڙيءَ طرح هڪڙي راجا جو راڄ ٻيو کسي وٺي، تڏهن اڳوڻي راجا جو ڇا جو ڪوٺن ۽ هٿيارن ۽ گهوڙن جي ڀارت ڪري. تنهن وانگي هي ماڻهو ٻڌ ڏسي ٿو، جو نيٺ ڇوٽي موت جي هٿ آهي، تڏهن مايا جي وهنوارن جي ڳڻتي ڇو ٿو ڪري؛ ۽ جيڪڏهن اِن اشاري ڏي نه نهاريندو، ته ڏٽيءَ جي يادگيريءَ کان ٻري رهندو.

٥٠٠- مارئي کان پڏايو ڇڱو آهي.

پڏايو يعني ڏيچاريو، جڏهن ويري هٿ ۾ اچي، تڏهن سياڻي کي گهرجي، جو تت وهندي ماري نه ڇڏيس؛ ۽ ڇڱو هي آهي، جو ڏيچاري ڀڄائيس؛ ڇاڪاڻ جو ڪاوڙ سهل جيئري کي مارڻ سنهنجو آهي، پر ڪاوڙ لٿي جيڪڏهن پڇتائيندو، ته وري جيئاري ڪين سگهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: نيک سهل است زنده بيجان کردن؛
کشته را باز زنده نتوان کرده.

ترجمو: ڇڱو سولو آهي جيئري کي مارڻ،
ڪٺل کي وري جيئاري نہ سگھبو.

٥٠١- موتين جي پرک مان ڇا ڄاڻي شيشہ گر.

جهڙو ڇنجي سون جي پرک مان پانساني ڇا ڄاڻي، يا ڪٺوريءَ جي اگهہ جي ڏيڳر کي ڪهڙي سڌ، تنهن وانگي راڄ جون مصلحتون پينار ڇا سمجهي. جهڙو خواجہ حافظ چيو آهي:

بيت: گداي گوشہ نشيني، تو حافظا خاموش،
رموز مملڪت ملڪ خسروان دانند.

ترجمو: پينار ڪنڊ وهندڙ آهين حافظ مات ڪر؛
راڄ جون صلاحون راجائون ڄاڻن.

٥٠٢- ميلڪ ۾ ڏيڻ کجور، ميان ليٽي باغ ۾.

کجور يعني کجيءَ جو وڻ، جنهن ماڻهوءَ کي رڳو هڪڙو ٻہ وڻ کجيءَ جو هجي، ۽ ان کي باغ سمجهي کٽ وڇائي تنهن ۾ ليٽي، تہ ان جي سمجهہ اجائي ڄاڻجي، تنهن وانگي هن ماڻهوءَ کي دنيا ۾ رهڻ جي ويرم ٿوري آهي، تنهن تي وسهي پسارا ڪرڻ پڻ اجائي ڳالهہ آهي. جهڙو گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي.

وچن: اک ميٽندي رهہ گئي، مک وچ رهيا گراس،
لعنت اسدي عقل نون جو دم دا ڪري وساس.

ارٿ: اک ڇنڀيدي رهي ۽ وات ۾ گرہ رهي ويو؛
ان جي عقل کي ڦٽ آهي جو پاڪ جو ويسہ ڪري.

٥٠٣- ميون ڳور لائق، ٻيئي سيج لائق.

ڳور لائق يعني پوڙهو قبر وڃڻ جهڙو، سيج لائق يعني جوان، مطلب هي جو مڙس پوڙهو ۽ زال جوان. ڀلا ويچار ڪرجي، جو مڙس جوان کي پوڙهيءَ زال جي صحبت کان ڪهڙي بيچان لڳندي آهي؛ تڏهن زال جوان کي مڙس پوڙهي جي صحبت ڪئان وڻندي هوندي. تهڙيءَ ڀر هڪ جهڙيءَ

صحبت ڏاران ۾ي صحبت ڪنهن ڪي نه وڻي. جهڙو فارسيءَ واري بيت چيو آهي:

بيت: چو طوطي ڪُلاغش بود هم نفس،
غنيمت شمارد خلاص از قفس.

ترجمو: جڏهن ڇتونَ سان ڪانءُ ڪَڏ هئي،
تڏهن ڀيري مان ڇٽڻ غنيمت ڳڻي.

٥٠٣- مُلو مٺو، مُهابو لٺو.

ملو يعني ڇوڪرن ۾اڙهڻ وارو، مهابو يعني لحاظ، پڙهڻ وارن ڇوڪرن جي لحاظ ملي ما رڳو سبق پڙهڻ تائين آهي. تنهن جو هي فارسي دليل:

فارسي: دوستي ملايا تا به طبق،
دوستي ڪان ڪودڪا به سبق.

ترجمو: ملن جي پريت طبق* تائين،
ڇوڪرن جي پريت سبق تائين.

يلا جڏهن مُلي جيئري جو مهابو سبق ڪان پوءِ ڇڏيائون، تڏهن مُلي مٺي ڪان پوءِ ڪهڙو مهابو رهندن. پر اها ڪُلالائي لاپرواهي جو ڪم آهي، جو اشرافن ماڻهن ڪي نه وڻي.

٥٠٥- ميان جي مُڏي، ٻه ڏندڻ ٽين تڏي،

هڪڙا ماڻهو ٿوريءَ هوند وارا ٽانءَ گهڻي ڪن، تن لاءِ هي ۾اڪو آيو آهي. اُن تي هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙو مسافر ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي لٿو، ۾ر وچاڻو سان ڪونه هوس، رڳو لباس سائس هو، جو ڏينهن ڪلهن ۾ ڏيکيندو هو، ۽ سڀهڻ مهل اوڇڻ ڪندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو مهمان آيو ۾ڏي وٽس ڪڏهن آيا. جڏهن ڳچ ويرم لنگهي، پانيائين جو ڳوٺ

* يعني ڪاج جو ٿانءُ

وارا آهن، ته ننڊ ڪريان، تڏهن ميهن ڪري نوڪر کي چيائين، جو وڃائو جوڙ ته سمهندس؛ پر نوڪر ڪن لاڻار ڪئي. تڏهن وري نوڪر کي هنڌ جوڙڻ لاءِ چيائين، ته به نوڪر پڌو اڻ پڌو ڪري ننڊائي ڇڏيو. ٿوري دير کان پوءِ وري وڃائــي جوڙڻ لاءِ چيائس، تڏهن نوڪر چيس، سائين، هنڌ تنهنجي ڪچيءَ ۾ آهــي لپاتو، پيو ڇا وڃايان؟ اهــا ورندي بـڌي ڪوڏانا کلي ڪيرا ٿيا، مسافر ڦڪو ٿيو. مطلب جو هونــد کان واڌو ننڊ ڪرڻ سورڳو ڦڪائي آهي.

٥٠٦ مٺا به ڪڏهن مسڻ مان موٽيا آهن.

جو ماڻهو مري مساڻ يا مقام ۾ ويو، تنهن جو وري موٽڻ ڏٺو نه پڌو. تهڙيءَ ريت مهل هٿان ويل به وري هٿ نه ايندي، تنهنڪري ڳهرجي جو هلنديءَ چلنديءَ ۾ ڏٺـيءَ جـي يادگيري ڪري اڳ جو توشو هٿ آڻجي، متان پوءِ مهل هٿ نـه اچي.

جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: جوانا رهي طاعت امروز گير،
ڪه فردا جواني نيايد ز پير.

ترجمو: اي جوان، اڄ ڏٺـيءَ جي يادگيري ڪر؛
جو سڀاڻي پوڙهي کان جوانيءَ جو ڪم نه ٿيندو.

ن

٥٠٧- نهن مان ڇڄي، ته ڪاتي ڇو وجهجي؟

هن پهاڪي جو مطلب ساڳيو نمبر ٤٣٧ واري پهاڪي ۾ اڃا آيو آهي؛ يعني جو ڪم هري ۽ ٿوري ڳالهائڻ سان ڇٽي، تنهن لاءِ ڏاڍيان يا ڪهڙو نه ڳالهائجي. ان ڪان فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بيت: اگر مي بـه نـرمـي و هوش،
به تندي و خشم و درشتي مکوش.

ترجمو: جيڪڏهن ڪونئرائي ۽ ڏاهپ سان ٿي اچي،
ته تکائيءَ ۽ ڏمر ڏاڍائيءَ سان نـه ڪر.

٥٠٨- نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي.

يعني عقل بہ پاڻ وٽ سڀڪو گهڻو ڄاڻي، جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

فارسي: گر از بساط زمين عقـل منهدم گردد،
بخود گمان نہ برد هيچکس کہ نادانم.

ترجمو: سڄيءَ ڌرتيءَ تان جيڪڏهن عقل ناس ٿي وڃي،
پاڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آڻي تہ ڪو اڄاڻ آهيان.

۽ سونهن ۾ پڻ پاڻ کي گهٽ ڪونہ ڄاڻي، جهڙو ڇوڪر نقل ڪندا آهن جو ڏيڏريون پاڻ ۾ گڏ ٿي ويٺيون هيون، ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳيون جو جڏهن اسان کي ڌڻيءَ اُپايـو، تڏهن حورن اُپائڻ جو ڪهڙو ڪم هو. ڏسو جڏهن ڏيڏرن کي پنهنجي سونهن تي ايترو هٺ، تڏهن ٻيو ڪير آهي، جو پاڻ کـي سهڻو نہ ڄاڻندو؟

٥٠٩- نہ ڏي نہ ڏکوءِ.

مطلب هي آهي، جو ڪنهن کي ڪي بہ ڏيڻ چڱو آهي، پر جي ڏيئي نہ سگهجي، تہ ڏکوئڻ ڪار نہ آهي. تنهن تي فارسي پهاڪو پڻ آهي:

پهاڪو: چيزي مده درويش را، چيزي مگو درويش را.

ترجمو: فقير کي ڏي بہ ڪين، تہ فقير کي چئو بہ ڪين.

٥١٠- ناڻو ڏَرَ ڇِتو ڪري.

ناڻو يعني دولت اهڙي شئي آهي، جا آڻ نابن کي ناڻي ڇڏي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

بيت: هر کہ زر ديـد سرفرود آورد،
ور تـرازوي آهنـي دوش ست.

ترجمو: جنهن ناڻو ڏٺو تنهن مٿو نايو؛
توڙي لوهن مٿن واري ساهمي هئي.

۵۱۱- ناٺو جهڙي تاوَ سان گهرجي، تهڙي تاوُ سان نڪري.

هن پهاڪي جي بنياد هن ۾ آهي، جو مير صاحبن جي راڄ ۾ حسن شاه تحصيلداريءَ جو ڪم ڪندو هو؛ ان ڏهاڙن ۾ هڪڙي هاريءَ ڏي رپيو رائر جو هو، تنهن کان مان پاڻ سان گهري نٿڪو، تہ نہ ڏنائين. نيٺ ڊرتيءَ ۾ ڏرا ڪٽائي تنهن ۾ سنديس پانهون پڌي پوري آس ۾ وهاريائينس، تڏهن منجهانس مس سڌو، يعني پٺڪي ۾ رپيو پڌل هوس، سو چوڙي ڏنائين. تڏهن پين چيس، جو رهئي ساڻ هوندي هيتري مار چو ٿي کاڌءِ؟ چي ڙي يار! رپيو بہ ائين تہ نہ جاٿي، تہ ڪنهن گاندوءَ جي هڙ ۾ هوس. مطلب، جو سالڪ هڪڙي سيد کي چيو جو ٿوري ناٺي لاءِ ايترو مارڻ نہ گهربو هو، تنهن کي هي پهاڪو پڙهي ٻڌايائين. حاصل ڳالهہ جو ناٺو هڙان چوڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

۵۱۲- نڪي ياراتن ۾ نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا پاڙڻ پوءِ پيا.

اکرن جي معني پڌري آهي، مگر مطلب هي آهي، جو جيڪي نصيب ۾ انگ لکيل هوندا سي پوندا، ڪڏهن ڪين ٽرندا، پوءِ توڙي کو ڏک پريو؛ تہ بہ پوڳيندو، جي راضي رهندو تہ بہ لوڙيندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: قضا دگر نشود گر هزار نالہ و آہ،
بہ شکريا بہ شڪايت برايد از دهني.

ترجمو: لکيو ڪين ٽري، جيڪڏهن هزار دانهون ڪوڪون، شڪر سان يا گلا سان ڪنهن وات مان نڪرنديون.

۵۱۳- نٽن بہ تکي ڳڙ بہ مٺو.

جهڙيءَ ريت هڪڙيءَ نٽن جي پراڙ ڪنهن کي ڳڙ ملڻ جو دلاسو هجي، پر جي نٽن ۾ گهڙي تہ وهڪري ۾ لوڙهي وڃي، نا تہ

ڳڙ ڪائڻ جو ارمان رهيس. ۾ مطلب هي آهي، جو مايا جو ڏندو اهڙو آهي جو جنهن وٽ نہ آهي سو سندس هيج جي وکهي ڏک ڏسي؛ ۽ جنهن وٽ آهي، سو سندس ڏنڊي ۾ موڙهو وٽي ٻر پنهنجن طرح ڏٺي وسريو وڃي. تنهن تي فارسي مثل آهي:

مثل: اي فرزند آدم، اگر تونگر باشي، مشتغل شوي بمال،
اگــر درويش شـــوي تنـگدل نشيني بـمـال.
پس حلاوت ذکر حق ڪجا يابي؟
و بـــہ عباتش ڪـــي شتابـــي.

ترجمو: اي ماڻهوءَ جا پٽ جي وهيون هئين تہ مال ۾ رجهين،
جـــي فقير ٿين، نـــہ آڻ تـڻ ۾ موڙهہ ســوڙهہ ٿين؛
پوءِ ڏٺيءَ جـي يادگيريءَ جـو سواد ڪٿان لهندين؟
۽ سندس بندگـيءَ ڏي ڪڏهن ڊوڙندين.

٥١٤- ننڍي وات مان وڏو ويڻ نہ ڪڍجي.

ويڻ يعني مهڻو يا طعنو، يا ٻيو ڀڙڙي ڳالهہ؛ پهاڪي وارو چپ مان ڳالهہ جو سنجم ڪرڻ ڇگو جاڻي تاڪيد ٿـو ڪري. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

بيت: زبان شڪل زنان دارد، زنان را ستّر درکار ست،
شکستن ستّر مستوران بـہ پيش عاقلان عــارست.

ترجمو: چپ کي صورت زال جي آهي، زالن کي ستر گهرجي؛
ستّر وارن ستر جـو پڃڻ سيانـن کـي ويڪ آهي.

هن ٻجهارت جو بيان.

زبان يعني چپ، زنان يعني زالون. پنهي حرفن جي صورت هڪجهڙي؛ رڳي هڪڙي نڪتي جو ڦير آهي.

٥١٥- نہ ڪنهن جي ڪٿي کي هٿ لاءِ، نـہ پنهنجو پٽ پٽاءِ.

پٽ جي پٽائي يعني پٽ جي ڪپڙي کي ٻڙو چوائڻ. هي پهاڪي وارو چوي ٿـو تہ ڪنهن کي ٻڙو نہ ڳالهائي، تہ توکي

ٻيڙو ڪونه ڳالهائي، ڇ نه ڪنهن جو مان لاهي؛ ته تنهنجو مان به ڪونه لاهي: يعني تنهنجو مان تو وهيٺو آهي. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

بيت— چه نيڪو زده ست. اين مثل برهمن،
بود حرمت هرڪس از خويشتن.

ترجمو: ڪهڙو چڱو مثل ٻانڀڻ چيو آهي،
ته ڪنهن جو مان پاڻ وهيٺو آهي.

٥١٦— ناڻو سو جو ڳنڍ، سا جا ڪنٺ.

ٻاڻي يعني جيڪي پڙهجي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته ناڻو اهو ڪم ايندو، جو هڙ ۾ يعني پاڻ وٽ هوندو؛ تهڙيءَ ريت علم اهو ڪم ايندو، جو ڪنٺ يعني ياد هوندو. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

بيت: علم همان نيست در جلد ميش،
علم همانست ڪه در جلد خويش.

ترجمو: اهو علم ڪار نه آهي جو چم جي جلد يعني ڪتاب ۾،
اهو علم ڪار آهي جو پنهنجي چم يعني دل ۾.

٥١٧— نه ڪتي، نه ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.

جيڪي زالون ڪتي سٽ مان ڪپڙو اڻائن، تن کي جائي ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻي پوي؛ پر جيڪو موران نه ڪتن، تن کي ڪهڙي ڪاڻ؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ماڳان ٻيڙي ڪم ڪان پري هوندو، تنهن کي جواب ڏيندڙ جو ڪهڙو ڊپ؟ جهڙو فارسي مثل آهي:

فارسي: آنرا ڪه حساب پاڪ ست از محاسبه چه پاڪ؟

ترجمو: جنهن جو ليکو چوکو آهي تنهن کي ليکي وٺندڙ جو ڇا ڊپ؟

٥١٨ — نانگ ريجهائڻ سولو، پر ڪرو کو گوهه ريجهائي.

سلڇڻي ماڻهوءَ کي کو گڻ سيکاربو، ته هروپرو سکي پوندو؛ ۽ ڪلڇڻي ماڻهوءَ کي جو گوهه جهڙو آهي جيڪي سيکاربو، سو ڪين سکندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: باران که در لطافت طبعش خلاف نيست،
در باغ لاله رويد در شور خار و خس.

ترجمو: مينهن جي سوجهارائيءَ ۾ کو ڦير نه آهي،
باغ ۾ گل چاهن، کلر ۾ ڪنڊا ڪک.

٥١٩ — نيچ نوڪري، آتم کيتي، وڌنت واپار.

هي پهاڪي وارو پنيءَ ۽ واپار جي ڪرت کي ساراهي، نوڪريءَ جي ڪرت جي گلا ٿو ڪري. سا ڳالهه سچ آهي؛ ڇاڪاڻ جو نوڪريءَ وارو ماڻهو سدا پرائي وس ۾ رهي ٿو. تنهنڪري فارسيءَ وارو پڻ نوڪريءَ کي اُن وٽندڙ جائي گلا ڪري ٿو.

فارسي: نان جوي خوردن، و بر زمين نشستن،
به که کمر زرين بستن، و درخدمت سلطان استادن.

ترجمو: جوَن جي ماني کائڻ، ڌرتيءَ تي وهڻ؛
سوني ترار ٻڌي راجا اڳيان بيهڻ کان چڱو.

٥٢٠ — ننڍي مري نه مايڙي، ٻڍي مري نه جوءِ،
ڪنت چوڙيلي نا مري، مت، جهڪ وهيڻي هوءِ.

ڪنت يعني مڙس، چوڙيلي يعني جوان جوءِ، هن پهاڪي مان پيو ڌار مطلب ڪونه ٿو نڪري؛ مگر ابترو آهي جو جنهن ٻار جي ماءُ ننڍپڻ ۾ مرندي سو ڇورو ٿي ڏک ڏسندو، ۽ جنهن مڙس جي ٻڍاپڻ ۾ جوءِ مرندي، سو پڻ اهنا ڏينهن لنگهائيندو، جنهن عورت جو جوانيءَ ۾ مرندو، سا رناپڻ جو ڏهاڳ ڏسندي.

۵۲۱- نڪي ڏهڪرن مال ميڙيو، نڪي سڱرهيا ٻڪ سوا.

ڏهڪرن جو ڪم ٻيڙيءَ ڏيپ وارو آهي، ۽ سڱرهين جي ڪرت سڃي سڱينڊ واري آهي؛ تن لاءِ ڀاڪي وارو چوي ٿو ته هنن ڪنهن ڪرت مٿي تي ڪنئين، ته ايترو ناڻو ڪٺو ڪونه ڪيائون، جو وٽن سدائي رهي، ۽ هنن سڃي ڪرت ڪئي ته به اهڙا سچا ڪين ٿيا جو ٻڪ سرن. تنهن وانگي جو ماڻهو چوريءَ يا ڦيٽ يا ٺڳيءَ مان گهڻو ناڻو ڪمائيندو، تنهن وٽ به سدا ڪين رهندو، ۽ جو ڀل مانسائيءَ جي ڪرت مان ٿورو ڪٺو ڪندو سو ٻڪ ڪين مرندو.

۵۲۲- نون ميهارن مينهون ڏاريون،
ڪٿا لاهي ڏونهيون ٻاريون.

ميهار ماڻهو گهڻو تڻو مينهن جي وٿاڻ ۾ چيٽا ڪڏ ڪري ڏونهي ٻارن؛ ٻر ڪٿو ڪونه ڏونهيءَ ۾ ٻاري. تڏهن هي ڀاڪو اڻ ٻرڪيل ماڻهوءَ سان لاڳو ٿو ٿئي، جو نيازموده ڪري ماڻهو جائي آپتو ڪم ڪندو، جو ڦِيڪيءَ کي مصري، ۽ لوڻ کي کنڊ چائندو.

۵۲۳- ٿئين سناسڻ چيلهه ۾ جٽائون.

هندو مذهب جا سناسي فقير مٿي جي وارن ۾ ٻوٽ جو ڪير ۽ رڪ وجهي نوڙن وانگي وٽي مٿي تي ويڙهن، تن کي جٽائون چئجي؛ پر آهي چيلهه تي ڪونه ويڙهي، ۽ جي ڪا عورت گروءَ جي اپديش ڏاران اهڙي هلت رکي، ته هي ڀاڪو مٿس لاڳو ٿئي. ٻر مطلب هي آهي، جو سيڪو ڪم دنيا توڙي ڏين جو مرشد جي وات ڏني ڏاران ڪرڻ اجايو آهي. تنهن تي گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

وچن: جي سو چندان اگوي، سورج چڙهن هزار،
ايتي چانڊن هونديا گور ٻن گهور انڌار.

ارٿ: سو چندن ۽ هزار سڄڻ ڪٿي آيــري،
ايتري سوجهري هوندي به ڪروڙ ٻنا اونده.

۵۲۴- نانءُ چڙهيو واپاري ڪٿي ڪاٿي،
نان چڙهيو چــور ڦاهــي اچـي.

جو واپاري واپار ۾ سپت رکندو هوندو، تنهن جو واپار گهڻو هلندو، ۽ جو ماڻهو چوريءَ ڪرڻ ۾ پڌرو هوندو، سو جاتي ڪاتي جهلبو. تنهن وانگي جو ماڻهو جڳ موڙسيءَ جي وات هلندو، سو جتي ڪٿي مانُ لهندو؛ ۽ جو لچائيءَ ۾ پڌرو هوندو، سو سڀ هنڌ بي‌مانو رهندو.

۵۲۵- نچڻ هلي ته گهونگهٽ ڪهڙو؟

گهڻيون ٽيون زالون منهن ڪيري گهمنديون آهن، پر ج زال نچڻ هلي. تنهن کي گهونگهٽ يعني منهن ڍڪڻ جو ڪهڙو ڪم؟ تنهن وانگي جو درويش دنيا جا ڏانڊا ڇڏي ڏٺيءَ جو ڳولو ٿيو، تنهن کي دنيا جي ڳالا جي ڪهڙي ڳڻتي؟

۵۲۶- ناٺو ڏجي آکرو، ته گيهه چو وڻجي ٻاکرو.

آکرو يعني مهانگو؛ گيهه ٻاکرو، ٻڪرين جـي کير جو گيهه يعني سادو؛ جي ماهه مهانگو ڏبو، ته گيهه سادو چـو وٺبو؛ جهڙو پيسا گهڻا ڏبا، ته شئي سادي چو وٺبي؟ تنهن وانگي خدمت ايمان سان ڪبي، ته ڦل چڱو چونا ملندو.

و

۵۲۷- واڳ ڏڻيءَ جي هٿ، آءٌ ڪا ٻاڻ وهٽي.

هن ماڻهو جو جيئڻ، مرڻ، آئڻ، وڃڻ، ڪاڻڻ، پيڻ، ڏک، سک، ڪٽيو، چيٽيو، ۽ ٻيا سڀ ڪم ڏڻيءَ جـي وس آهـن. پاڻ وهيٺو ڪي به ڪين اٿس. جهڙو گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي.

وچن: ڪري ڪرائي آهي آپ،
مانڪ کي ڪڇ نهين هاٿ.
ارٿ: ڪرائي ڪري سڀ ڏڻي پاڻ؛
ماڻهوءَ جي هٿ ڪي به نه آهي.

۵۲۸- وڃي سڱن کي، ڪن به وڃائي آئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو هڪڙي گڏهه، ڏٺو ته ڪان سڱ تي گهريا، پر ايتري ۾ هڪڙي پوک ۾ پيل ڪياڻين، تنهن جي هاريءَ ڪن وڍي ڇڏيس؛ جهڙو ڪي هڪڙو فقير ڪنهن کان نڪر مانيءَ جو گهري، اڳلو ڪپڙا به لاهي وٺيس. ان جهڙو فارسي پهاڪو به آهي: .
پهاڪو: بيچاره خر آرزوي دُم کرد؛
نايافت دُم ودو گوش گم کرد.
ترجمو: ويچاري گڏهه پڇ جي سڌ ڪئي،
پڇ نه مليس پر ڪن وڃايائين.

۵۲۹- ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وڃائي.

جنهن عورت کي نيٺ مڙس ڪرڻو هئي، سو ويهي جواني وڃائي پڊاپڻ ۾ پرڻبي تنهن کي ڇا سواد ايندو؛ ۽ اوڙڪ پڇتائيندي. تنهن وانگي جنهن ڪم مان نيٺ پڇتاءُ ڏٺي، سو مهل ويچاري ڪرڻ کپي.

۵۳۰- وهي درياءَ جي پر تي، وجهي واڳوءَ سان وير.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو پاڻان ڏاڍو پاڙي ۾ هجي تنهن سان وير رکڻ سان نيٺ پلائي ڪانه آهي. اهڙو مثل هنديءَ ۾ چيل آهي:
هندي: ڪيسي بن هي نيبل ڪون ڪر سبلن سون غير؟
جيسي بس ساگرو کي ڪرت مگر سون بير.

ترجمو: هيٺي کي ڏاڍن سان پياڻي ڪرڻ چا ٿهي؟
جهڙو دريا ۾ رهي مانگر مڇ سان وير هجي.

٥٣١ – واڳڻ هڪڙن کي وائي هڪڙن کي پيچي.

هي پهاڪو ڏڍَيءَ جا اچرج ذيڪاري ٿو، جو آهي سا گيا ڪم هڪڙن کي فائدو، ٻين کي گهاٽو ڪن، جهڙو شرم اشراف زال کي سونهي، پر ڪسٻڻ عورت کي ٻک ماري؛ يا جهلڙي مان درويش کي چڱي، پر راجا کي راج جو جوکو.

٥٣٢ – واتون مرار کاچن، نڪون ڪٿو به نه کاچي.

وات جي واڻان ٿورو ٿورو ڪري گهڻو کائي وڃجي؛ نڪ مان ٿورو به نه کائجي. پر مطلب هي آهي، جو واجبي طرح سان يعني جو ڳائيندو سيڪو گهڻوئي پيو کائي ۽ اڻ جو ڳائيندو کاڻ اهڙو آهي، جهڙو نڪ مان کائڻ.

٥٣٣ – واهڻ جو واٽيو، تهڙو ڏوري جو پاتـڙي.

هن پهاڪي مان پيو ڪين ٿو نڪري، مگر واهڻ ۾ گهڻو ڪري واٽيي جو هٿ هڪڙو رهي؛ تنهنڪري سيڏو پاڏو، ويگر وڪر مهانگو وڪٽي، ته به گراڪ ٻيوس ٿـي وٺي. تنهن وانگي ڏوري جو پاتڻي مهاڏو پڻ گهڻو تڻو اڙي گور ٿئي.

٥٣٤ – ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ هزار به ٿورا.

هن پهاڪي وارو چري ٿو، جو دوستي جئن گهڻن سان هئي تئن چڱي؛ ۽ وير هڪڙي سان بـه چڱو نه آهي چا ڪان جو دشمن هيٺوئي هئي تـه هيٺو ڄاڻڻ نه گهرجي. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

فارسيءَ: دشمن نتوان حقير بيچاره شمرد.
ترجمو: ويريءَ کي هيٺو نماڻو نه ڳڻجي.

۵۳۵- ونڊ ڪائيي، سک پائيي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ اهڙو اهنجو اکر ڪونہ آهي، جنهن جي لکڻ جو ڪم هئي، مگر مطلب هي آهي، جو سخاوت جي ساراهہ آهي. هن ريت جو ونڊي ڪائڻ يعني ڏئيڻ جي نالي بہ ڏي، ۽ کاءُ بہ، چاڪان جو ان بن ڪن ڏاران نالو بئي ڪهڙي ڪم ايندو؟ تنهن لاءِ فارسي بيت پڻ آيو آهي:

فارسي: اگر گنج قارون بدست آوري،
نماند مگر آنچہ بخشي خوري.

ترجمو: جيڪڏهن قارون جو خزانو هٿ ڪندين،
جيڪي کائيندين ۽ ڏئيڻ جي نانءِ ڏيندين،
تنهن ڏاران نہ رهندو.

۵۳٦- وڏڻ پير، ڪائون ڊاڪون، تن گهرن جون ڪهڙيون ساکون؟

پير، هڪڙي سستي وکري، ۽ ٻيا ڪ مهانگي وٺ آهي: تنهن جو مطلب هي آهي، تہ جو ماڻهو ڪمائيندو ٿورو ۽ کائيندو گهڻو تنهنجي پت ڪٿان رهندي؟ اهڙي لاءِ فارسيءَ واري پڻ ارمان کائي بيت چيو آهي:

بيت: بر احوال آنکس ببايد گريست،
کہ دخلش بود نوزده خرچ بيست.

ترجمو: ان جي حال تي رئڻ گهرجي،
جنهن کي آوڻيهہ آپت ويهہ کپت.

۵۳۷- وير وير واڌائي بہ ورچي.

واڌائيءَ جهڙي ڳالهہ جا سڀ کي وڻي، هر هر چوڻ سان آها بہ نہ وڻي، تڏهن بي ڳالهہ وري وري ڳالهائبي، تہ ڇا سواد ڪندي؟ تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: سخن گرچه دلبند شيرين بود،
سزاوار تصديق و تحسين بود،
چو يڪبار گفتي مگو باز پرس؛
ڪه حلوا چو يڪبار خوردي ويس.

ترجمو: جيتوڻيڪ ڳالهه وڻندڙ ۽ مٺي هجي،
سچائيءَ ۽ ساراهه جي لائق هجي،
جڏهن هيڪر چيئي، وري نه چئو؛
جئن حلوو هيڪر چکيل، وري نٿو چکجي.

٥٣٨- وچ ڪير ڏئي، ته مينهن چو ڏارجي؟

وچ، مينهن جو مادي ڦر آهي، تنهن جو نيپاج مينهن ڪان ٿوري ڏاڪڙي سان ٿئي. جڏهن ٿوري خرچ واري وچ ڪير ڏئي، تڏهن گهڻي ڪاڌي واري مينهن چو رکجي؟ پر مطلب هي آهي، ته جو ڪم ٿوري ڳالهائڻ سان چٽي، تنهن لاءِ گهڻو نه ڳالهائجي. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: چو ڪاري بر آيد به لطف و خوشي،
چه حاجت به تندي و گردن ڪشي؟

ترجمو: جڏهن ميٺ ۽ رس سان ڪم ٿئي،
تڏهن تيک ۽ هٺ جو ڪهڙو ڪم؟

٥٣٩- وهندي پير پوڙ به ڇڳي، بيٺل تار به نه ڇڳي.

پير پوڙ يعني تانگهو پاڻي، جنهن ۾ رڳو پير پسي، يعني وهندڙ پاڻي ننڍو هوندو ته به ڪنو نه ٿيندو؛ ۽ بيٺل پاڻي توڙي وڏو هوندو، ته به اوڙڪ ڪنو ٿي پوندو. تنهن وانگي ناڻو ٿورو ٿي هٿ ۾ هوندو، ۽ هلائڻ چلائڻ، خرچڻ ڪائڻ جي ڪم ۾ ايندو ته چڱو ۽ جي گهڻو ٿي رکيل هوندو ۽ ڪم ۾ نه ايندو، ته ناڻو ٿهڙا پتر. تنهن تي فارسي، واري چيو آهي:

فارسي: ز نعمت نهادن بلندي مجو؛
ڪہ ناخوش ڪند آب آستاد بو.

ترجمو: ناڻي رکڻ مان وڏائي مَ گهُول؛
جو بيٺل پاڻي بچڙي بـاس ڪري.

۵۴۰- وِهُ وڻجي، سو وه مان ڪائي.

هيءَ ڳالهہ سيڪو ٿو چاڻي، تہ جي ماڻهو سنکئي، رسڪپور ۽ پين وک جهڙن وکرن جو واپار ڪندڙ آهن، تن کي ڏٺي تـوڻ پهچائي ٿو؛ تڏهن ڪند جي وڻجارن کي بک ماريندو ڇـا؟ تنهن وانگي جي ماڻهو ڪپت ۽ ويساهہ گهاتيءَ ۽ پين بچڙن ڪمن مان پيٽ پريندا، تڏهن پت وارا ڪٿان بک مرندا؟

۵۴۱- وسي تہ بہ ڏيري گسي، نہ وسي تہ بہ ڏيري گسي.

وسي، يعني مينهن وسي؛ ڏيري يعني ڏيرو ڍور، گسي يعني مري يا پُڇ پوي؛ مطلب هي آهـي، جو جيڪڏهن وَس ٿـئي، تہ بہ ڏيري ڍور کي برسات وارا ڏهاڙا جهنگ ۾ چرڻ جي ويرم نہ ملي سو بک ۾ ساهہ ڇڏي، جي وس نہ ٿئي تہ جهنگ ۾ گاهہ نہ چاڙي، تہ بہ ڏيرو بک ۾ سِجهي سگهو مري. تنهن وانگر هيٺو ماڻهو پڻ نہ ٿڌي سهي، نہ ڪوسي سهي.

ھ

۵۴۲- هر هر هوراڻي وڃڻ در دوستن جي.

هوراڻي يعني هلڪائي، وري وري، يا سگهو سگهو سڄڻ وٽ اچ وڃ ڪرڻ مان هلڪائي آهي؛ اهڙيءَ اچ وڃ مان نيٺ دوستي گهٽجي وڃي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:
هندي: پريت گهٽي متر ڪي نِيتّ جائي.

ترجمو: مائٽ وٽ ڏهاڙي وڃڻ مان دوستي گهٽجي.

٥٤٣- هاسي ڪرَّه جي ماسي.

ماسي يعني ماءُ جي ڀيڻ يعني مائٽياڻي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو هاسي يعني مسخري يا ٺٺولي، جهيڙي جي پاڙ آهي. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

پهاڪو: المسخري مايهء فساد.

ترجمو: ٺٺولي جهيڙي جي موڙي.

٥٤٤- هڙ به گاسو، لوڪ به تماشو.

ڪنهن ڪنهن محل ۾ ماڻهوءَ جي هٿان قضا اهڙا ڪم ڪاري، جنهن مان گهر کي به گهاٽو پوي، ۽ ماڻهو به مٿانس کلن، جهڙو هڪڙو ماڻهو سهانگائيءَ ۾ هڪڙو واپار مهانگو وٺي، تنهن کي پاڙي وارا پڻ جهلين، پر نيٺ ان واپار ۾ گهاٽو پائي، ته هڙ جو ڇيهو پوي، ۽ پاڙي وارا به کلائنس. اهڙن ڳالهين لاءِ هيءُ پهاڪو آهي.

٥٤٥- هڪڙو چوي پيو مڃي، تنهن جو پورهيو ڏٺي نه پڄي.

هن پهاڪي وارو هڪڙي جي چئي مڃڻ جو گڻ ڏيکاري ٿو، يعني چئي مڃڻ کان ڏٺي به خوش ٿو ٿئي. تنهن تي گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

وچن: آگيا مانِ جانِ سک پايو.

ارٿ: چوڻ مڃي چاڙي سک پاتو.

٥٤٦- هٿ جنين جو هيٺ، پهرين پٽڻ سي لنگهندا.

هٿ هيٺ يعني هٿ سنئون يعني ڏيڻ وارو، يعني جنهن جو هٿ پئسي ڏيڻ لاءِ سنئون هوندو، سو پٽڻ جي پهرئين پور ۾ لنگهندو. پر مطلب هي آهي، ته جيڪو سخاوت ڪندو، تنهن جو سيڪو ڪم اڳي ڇٽندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

فارسي: سخاوت همه دردها را دوا ست.
ترجمو: سخاوت مڙيئي سورن جي دوا آهي.

۵۴۷- هنجهن سان حرص ڪري آڏاڻـي ڇڙي،
ڇڙو هوس ڇهنب ۾، سو به پيڻس ڪري.

هنجهه هڪڙو وڏو پکي، ۽ ڇڙي يعني جهرڪي، ننڍڙو پکي آهي؛ سا جهرڪي جيڪڏهن هنجهه سان ريس ڪري آڏامندي، ته ساڻس پهچندي ته ڪين، پر سورڳو ڏکجي ڇڙي ٿيندي. تنهن وانگي هڪڙو ڏڏ ماڻهو ڪنهن سياڻي کي وڏو ڪم ڪندو ڏسي، ريس ڪري اهڙي ڪم ۾ هٿ وجهندو، ته جاني ڪاپاربو. تنهن تي گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

وچن: هنس ترندا ديکڪي بگان به آيا چاو؛
ڏب موئي بگ پيري سر تلي آوپر پاو.

ترجمو: هنس کي ترندو ڏسي بگهن کي به دل ٿـي؛
ويچارا بگهه ٻڏي موا، پير مٿي، مٿو هيٺ ٿين.

۽ فارسيءَ واري پڻ اهڙو مثل چيو آهي:

فارسي: ڪلاغي تگ ڪبک را ڪوش ڪرد،
تـگ خويشتن را فراموش ڪـرد.

ترجمو: ڪانءُ هڪڙو تيتر جو ڏاڻ ٿـي سکيو،
پر پنهنجي هلڻ کي به وساري ڇڏيائين.

۵۴۸- هنر واري جو هنر کپي، بي هنر جي جند کپي.

جو ڪم هنر وارو ماڻهو پنهنجي هنر سـان ڪندو، تنهن ڪم ڪرڻ ۾ بي هنر پنهنجو مٿو وڃائي، ته به نه ڪندو، جهڙيءَ ريت هڪڙو تـارو ماڻهو سيٺه تـي چڙهي درياءُ تري وڃي، پيو اڻ تارو آن وانگي سيٺهه ٿوڪي چڙهي درياءَ ۾ گهڙي، پر جي سيٺه آٿلي پوي، ته پار پهچڻ جي هٿان ٻـڏي مري، مطلب جـ اڻ ڄاڻي ڪم ۾ هٿ وجهڻ، سورڳو جيءَ جو جوکو آهي.

٥٤٩- هڙ ۾ تماڪ ته جهنگ مڙيوئي دائريو.

تماڪ پيئڻ وارو ماڻهو چلم ڇڪڻ لاءِ هرويرو وٽ ڪان لڙي به دائرين ۾ وڃنءِ ڇا ڪان جو دائري ۾ تماڪ، چلم، ٽانڊو هڪيو رهندو آهي. پر جنهن کي تماڪ هڙ ۾ هوندو، تنهن کي دائرئي ڏاران به جاتي ڪاٺي چلم پڻ جو اڻڪاءُ نه ٿيندو. تنهن وانگي جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو ناٺو ڳنڍ ۾ آهي، تنهن کي سڄ ۾ به وسؤ آهي. جهڙو فارسي بيت آهي:

بيت: منعم به ڪوه و دشت بيابان غريب نيست،

هرجا ڪه رفت خيمه زد و بارگاه ساخت.

ترجمو: ڌن وارو، ڏونگر ۽ پٽ رڻ ۾ مسافر نه آهي؛

جاني وڃي، تنبو هڻي دربار ڪري.

٥٥٠- هڙ سڪٽي لوڏ گهٽي.

هي پهاڪو پڻ اهڙو آهي، جهڙو نمبر ٢٩٨ وارو پهاڪو، جو هڙ سڪٽيءَ وارو يعني ولهو ماڻهو هيڪاري ٽنبڊ گهٽي ڪري.

٥٥١- هٿ جي ڪنگڻ لاءِ ڪهڙي آرسي.

ڪن يا ڳچيءَ جي ڳهه ڏسڻ لاءِ آرسي جي گهرج ٿئي؛ پر هٿ جي ڪنگڻ ڏسڻ لاءِ آرسي ڪونه ڏسي. تنهن وانگي جا شئي يا جو ڪم اکيان هڪيو هئي، تنهن لاءِ ٻئي کان ڇو پڇجي؟ تنهن لاءِ هي مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي ماڻهوءَ، حجام کان مٿو ٿي ڪوڙايو؛ تنهن کان پڇيائين جو مٿي جا وار ڪارا آهن، يا اڇا؟ تنهن چيس، ڇي اڇا جي ڪارا، ته اکيان ٿا پوني، ڏسي وٺ، پڇڻ جو ڪهڙو ڪم؟

٥٥٢- هو ساڻ نه نيندا، هيءَ ڏاند چڙهندي.

پهاڪي جي معني هيءَ آهي؛ جو ڌنن کي هن جو ساڻ هلڻ به نه وٽي، هيءَ لاڏ ڪري، جو پنڌ ڪين ڪنديس، ڏاند تي

چاڙهي هلوم. مطلب ڪنهن سان اڻ وڻندڙ انگل ڪرڻ پنهنجو مان وڃائڻ آهي. تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو آهي:

هڪڙي هنڌ نن چئن گڏجي ويٺي ڪاچ ڪاتو؛ اوچتو هڪڙو ڏاريو ماڻهو لنگهي آيو، جنهن جو اچڻ نه وڻين. پر ملڪ جي ريت پٽاندر لنءِ صلاح ڪيائونس، "چي ادا، اچي ڪاءُ." هن به هر تر ڪانه ڪي؛ ۽ هٽ ڏوئي وهڻ لڳو، پر جاءِ سوڙهي هئي، تنهنڪري پڇان جو ڪٽي وهان؟ تنهن ڪي چيائون جو چڙهي ويهه اسان جي ڄڀ تي، جا چرڻ کان نٿي رهي. ۽ نمبر ٢٦٢ واري پهاڪي ۾ پڻ اهائي مراد آهي.

٥٥٣- هو سوڙَ پاند به نه ڏين، هيءَ وچ سمهندي.

هن پهاڪي جو مطلب پڻ نمبر ٢٦٢ ۽ نمبر ٥٥٢ وارن پهاڪن جهڙو آهي. جو هو هن کي گڏ به نٿا سمهارين، هيءَ پانئين ته وچ ۾ سمهان؛ يعني هيءَ به اڻ وڻندو لاڏ ڪري. اهڙي لاڏ ڪرڻ واري کي فارسيءَ وارو سمجهائي ٿو:

بيت: ناز بران کن کہ خریدار تست،
پیش کسي رَو کہ طلبگار تست.

ترجمو: لاڏ آن سان ڪر جو سهيئي؛
وچ تنهن وٽ جو ڪوئيئي.

٥٥٤- هنگ سهانگي ته به ڪا پات ۾ گهوربي.

هنگ هڪڙي ٻاس واري مهانگي شي آهي، جا گهڻو ڪري خراسان کان اچي، جنهن کي هندو ماڻهو، تن ۾ به گهڻو ڪري وشنو آچن تيوڻن ۽ ترڪارن پاچين ۾ ٻاس لاءِ وجهندا آهن. پات يعني آن ڏريل جنهن جي رب رنڌجي، گهورڻ يعني ٻرڪڻ؛ پهاڪي جي معني هيءَ آهي جو هنگ توڙي سستي هئي ته به رب جهڙي سادي ڪاچ ۾ ڪونه ٻرڪي. تنهن وانگي جا وٽ آچي ۽

کڻي ماھہ واري ھئي، ۽ سستي ملي وڃي، تہ بہ سادي ڪم ۾ نہ اٿجي. جھڙو گيھہ گھڻو سھانگو ھئي، تہ بہ سيڪو پوڙ پلاو ۽ پين ڪاڄن ۾ وجھي، يا ڪنھن کي مڪي؛ پر جُتي ساٿس ڪونہ مڪي.

٥٥٥- ھارڻيءَ ڪان پيتو پلو آھي.

ھي پھاڪو اصل ڪان ھن طرح آيو آھي، جو ھڪڙو ماڻھو شربت جي ٻتي ڪٺي تي ويو، اوچتو ڏڪو ڪاڏائين، جنھن ڪري ٻتيءَ کي چير پيو، ۽ شربت وھڻ لڳو. ھيڏي ھوڏي نھاريائين، تہ پيو ٻامڻ ڪونہ ڏٺائين، جنھن ۾ شربت لاھي، تڏھن ويچار ڪيائين، جو گھر وينديءَ تائين سيڌ وھي ويندو، تڏھن ماڻڙي ڪري پي ھي پھاڪو چيائين: پر مطلب چاھي، جو ماڻھو ناٺو گڏ ڪري مري اجايو ڇڏي، سو ڪاڏي يا ڏڏيءَ جي نالي ڏيئي سجايو ڇو نہ ڪري، تہ ارمان دل ۾ نہ رھيس. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

فارسي: دو ڪس مردند و حسرت بردند،
يڪي داشت نخورد دويم دانست نڪرد.

ترجمو: پہ چٽا مئا ۽ ارمان ڪاڏائون؛
ھڪڙي رکيو نہ ڪاڌو، ٻئي ڄاتو نہ ڪيو.

٥٥٦- ھڻ ڏيءَ کي، تہ سکي نُھَن.

نُھَن يعني پٽ جي جوءِ، پرائي ڏيءَ آھي، تنھن جو سيڪو ليئو رکي، ۽ ڏيءَ جا پنھنجي ڄائي آھي، تنھن کي چڱائيءَ لاءِ ڙڪو ڪڙڪو ڪرڻ ۾ ويڪ نہ آھي. پھاڪي جي معنيٰ ھيءَ آھي جو جيڪڏھن ڏيءَ ۽ نُھَن ٻنھي ۾ ڏِنگ ھئي تہ ان مان ڏيءَ کي دڙڪو ڏجي، تہ نُھَن پاڻا ڄاڻي سمجھندي. پر مطلب ھي آھي، تہ جو ڪم رڳيءَ ميچ سان چٽي، تنھن لاءِ چيپ بہ نہ ھلائي، ۽ جو چپ جي ڳالھہ سان نبري، تنھن لاءِ ھٿ بہ نہ چوري.

٨٥٧- هنجهه نه ميرو وت، جاسين جيئين ڏينهڙا،
جيءَ نه جنجل گهت، سيءُ تا سرَ ڪيترا.

هنجهه هڪڙو پاڻيءَ جو پکي آهي، جو تلاون ۾ رهي، تنهن کي مهاڏو ڪري هي پهاڪو چوي ٿو، ته جيڪڏهن سر يعني تلاءُ سڪي ويو ته دل ۾ ڏک نه ڪر، ڇا ڪان جو سيءُ آهي، ته تلاءُ گهڻا. پر مطلب هي آهي، جو ڪرت مان آپت توري ڏسي گهٽي نه ڪاءُ ڏٺي جو آسرو رک جو سڀ ڪنهن کي قوت ٿو پهچائي.
ان تي مولوي صاحب چيو آهي:

بيت: توهان ڪل ڪن، مرنجان پاو دست،
رزق تو برتوز تو عاشق تراست.

ترجمو: اڙي ڏٺيءَ تي پاڙ، هٿ پير نه ڏکوءِ،
تنهنو رزق تو ڪان واڌو تنهنو گهولو آهي.

٨٥٥- هٿ سهائيندو کائجي، لوڪ سهائيندو پهرجي.

هٿ يعني طبع، يعني کائجي اهڙو ۽ اوترو، جو طبع کي وڻي، ۽ سيبائي، ڇا ڪان جو واڌو کائڻ مان هڪڙو طبع کي وڻاءُ، ٻي ماڻهن جي گلا. جهڙي فارسي سٽ آهي:
سٽ: ڪم بسيار خوا است بسيار خوار.

ترجمو: جو گهٽي کائڻ وارو گهٽو گلارو آهي.

۽ پهرجي اهڙو، گهڻن کي وڻي، سو ڪوته، جو ماڻهو پنهنجي هوند ڪان واڌو ڪپڙا ڪري ٽنڊ ڪندو، سو به ماڻهن ۾ گلاهاب ٿيندو، ۽ گلا ناسور جي ڦٽ گهاءِ چڱڻ جي نه آهي. فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: به عذر توبه توان رستن از عذاب خدا،
وليکن مي نتوان از زبان مردم رست.

ترجمو: توبه ڪرڻ سان ڏٺيءَ جي ڏکن کان ڇٽي سگهيو،
پر ساڌن جي وات کان ڇٽي نه سگهيو.

٥٥٩- هيٺي ڪي نه هٽي، سو هٽن ۾ لهي.

هٽن ۾ لهي، هي رواجي سنڌي پاراتي وانگي آهي، جهڙو ڪو چوي، ته ڪهي ڪم نه ڪري، سو اڪين ۾ لهي، يعني اندو ٿئي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو هيٺي ڪي سيڪو ماري، ڏاڍي کان سيڪو ڏجي، ۽ سنديس وٽپ ڪري. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

هندي: سبهي سهائڪ سبل ڪوءِ نه نبل سهاءِ،
پون جڳاوت آگ ڪون، ديپنه ديت بجهاءِ.

ترجمو سڀ ڏاڍي جا همراهه، هيٺي جو سائي ڪوبه نه،
واءُ باهه کي ٻاري، ڏيئي کي وسائين.

٥٦٠- هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا.

جي ماڻهو اندر ۾ پاڻ ۾ پريل، ۽ ٻاهران درويش جو وس ڏيکارين، هي پهاڪي وارو انهن جا اهڃاڻ ڏئي ٿو.

٥٦١- هٽن ڪين حمير کائن پاٽ پلاءُ جي.

حمير يعني سورهيه، جي مانجهي کائڻ وير پلاءُ کائن، ۽ ويڙهه مهل پٺ تي پجن. هي پهاڪي وارو انهن جي گهالهه ٿو ڪري، پر مطلب هي اٿس، ته هي ماڻهو ڏٺيءَ جو ڏنو کائي پي سندس پجن مهل آرس ڪري، ته ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڇا لاءِ آيو آهيان! مولوي صاحب هن بيت کي ته سمجهي:

بيت: زندگي آمد براءِ بنده گي،
زندگي بي بنده گي شرمنده گي.

ترجمو: جيوت پجن لاءِ ملي آهي،
جيوت ري پجن لڄ آهي.

۽ مورک چائي ته، جو جيوت رکي ڪائڻ ڪاڻ آهي. تنهن ڪي فارسي بيت چيئب ڪري سمجهائي ٿو.

بيت: نان از براء زيستن و ذکر کردن است،
تو معتقد کہ زيستن از بهر خوردن است.

ترجمو: ماني جئڻ ۽ يجن ڪرڻ لاء آهي،
تو وسهيو ته جئڻ ڪائڻ لاء آهي.

۵۶۲- هنڌ ڏسي هاسي ڪجي.

هاسي يعني کل، پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو مهل ڏاران گهڻو نه ڪجي؛ پر مطلب هي آهي؛ جو جيڪي ڳالهائڻو هئي؛ سو هنڌ ڏسي مهل سر ڳالهائجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بيت: هران عاقل کہ با مجنون نشينند،
نبايد کردنش جز ذکر ليلي.

ترجمو: جو سياڻو مجنونءَ ڳڏ وهي،
ليليءَ جي ڳالهه ڏاران ٻيو نه ڳالهائي.

۵۶۳- هڪڙو هٿ کير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.

نير يعني پاڻي؛ پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو دنيا ۾ سک توڙي ڏک، هڪ ٻئي پٺيان لڳائي پيئا آهن. جهڙيءَ ريت ڏينهن پٺيان رات، يا گل سان ڪنڊو، ۽ ماکيءَ سان ڏنگ.

۵۶۴- هرڻي اڳي نچئي، پٺيتر پيس گهنڊئي.

هرڻي هڪڙو جهنگلي ڏاهڙ سرون آهي، تنهن کي گنڊئي ڳچيءَ ۾ ٻڌبي، ته هٿاهين واڏو ٿهندي ۽ نچندي. تنهن وانگي اهڙو ماڻهو اڳي ڏاڙ، تنهن کي ناٿو هٿ لڳو يا ونپ ملي، ته اڳي ڪان گهڻي ڏانهه ڪندو. تنهنڪري اهڙو ولهو چڱو آهي. اهڙي لاء فارسي مثل آهي:

بيت: چه نيڪو زده است اين مثـل پير ده!
سيتّور لـڪد زن گـردان بـــار بـــه.
ترجمو: ڳوٺاڻي کھڙو چڱو مثل ڏنو آهي!
ليـتـــر وهٺ تـي ڳـرو بـار چڱو.

۵۶۵- هٺن سان هاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي.

جي ماڻھو منهن تي دوستي ڏيکاري ۽ جي گلا ڪري، اڳلي جو وچ ڪيڏائـي، پرپٺ آهـي ڳالهيون ۽ هنڌ جهيڙو جاڳائن، تن لاء هي پهاڪو آيو آهي. فارسيءَ واري اهڙي ماڻهوءَ لاء هي پهاڪو چيو آهي:
فارسي: در برابر چـو گوسفند سليم؛
در قفا همچو گرگ مردم در،
ترجمو: منهن تي گهڻي وانگي ڪونڻرا،
پرپٺ بگهڙ گهاء مـاڻهو ڦاڙيندڙ.
پر اهڙن جرامن کـان، يا اهڙن جي سنگت کان سياڻي کي پاسو ڪرڻ کپي.

۵۶۶- هيانو تتي کان ڪُڙي تتي چڱي.

گهڻي يا ٿوري پنڌ تي وڃي ڪو ڪم ڪرڻو هئي، جي مهل سر ڪڙي تپائي يعني پنڌ ڪري چڙائي اچجي تـه چڱو، ۽ جي ويرم ٿي وڃي، اوتري ۾ ڪم رلي رندجي پـوي، تـه هيانءُ تپندو، يعني پڇتائبو تنهن وانگي جي هلنديءَ چانديءَ ۾ ڏاڪـڙو ڪري ڏٺيءَ کي ياد ڪبو ته چڱو؛ نه ته وڏتڻ ۾ چلڻ چڪي رهندا، تڏهن پڇتاڻو پوندو. تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:
هندي: رام نام پندار هي لوٹ سکهين تـان لوٹ،
نت پيچـي پچتائيـگا پـران جائيـگا چوٹ.
ترجمو: ڏٺيءَ جو نالو خزانو آهي، ڦرڻو اٿئي ته ڦر؛
نات پوء پڇتائيندي، سـاهه نڪري ويندو.

۵٦۷- هڪ سج، ٻہ پاڇاہ

هي پهاڪو دنيا جي ڪلالائي ڏيکاري ٿو، جــو جهڙو سج جو پاڇو ڪڏهن وڻ جي هڪڙي پاسي، ڪڏهن ٻئي پاسي؛ تنهن وانگي دنيا بہ ڪڏهن ڪنهن وٽ، ڪنهن وٽ. تنهنڪري درويش ساڻس وهنوارؑ پيار نہ رکن. فارسيءَ واري چيو آهي:

فارسي: بر مــرد هشيار دنيا خس است،
ڪہ هر مدتي جاءِ ديگر ڪس است.

ترجمو: سياڻي مڙس اڳيان دنيا ڪک آهــي،
جا سڀڪنهن مهل ٻئي ٻئي وٽ آهي.

تنهنڪري جڏهن ڳنڍ ٿئي، تــڏهن سياڻي ماڻهوءَ کي اُن جي هوند تي هٺ ڪرڻ نہ جڳائي. ر

۵٦۸- هسٽو جوڳي، پڏٽي نار، ڳنڍ ڪهي هي ٻئي مار،

هسٽو يعني ڪلڻ وارو، يعني چرچائي، پڏٽي يعني ٻٺاڪڻ، يا ڪلندڙ يا اجايو هلندڙ؛ يا ڳهڻ ڳالهائي، نــار يعني زال، ڳـد هڪڙي شاعر جو نالو، مطلب پهاڪي جو هي آهي، تہ جوڳي يعني ڏٽيءَ جي ڳولي دنيا جي رونشن ڏسڻ ۽ ڪاڻ ڪڏڻ سان ڪهڙو ڪم؟ تنهن وانــگي اشراف زال کـي پاڻ اجائي هلت ۽ ڪلڻ ڪان منع آهي. تنهن لاءِ فارسي بيت آيو آهي:

بيت: چودر روءِ بيگانہ خنديد زن،
دگر مرد گو لاف مڙدي مزن.

ترجمو: جڏهن ڌارئين جي اڳيان زال کليو، تڏهن مڙسهنس کــي مڙسيءَ جي ٻٺاڪ هڻ نہ کپي.

ي

۵٦۹- يار بہ تيلي، سينڌ بہ ميلي.

تيلي يعني چاڪي، ميلي يعني اٽي، مطلب، جو جنهن عورت جو يار چاڪي هوندو، تنهن کي سينڌ مکڻ لاءِ تيل بہ ڪو ٿورو،

پر جڏهن تيل نہ ملِيس، تڏهن ڇاڪيءَ جي مهابائي ڇڏبي؟ تڏهن ويچار ڪرڻ گهرجي تہ جو ماڻهو پنهنجي سڄڻ يا مائٽ جو مهابو نہ رکندو، تنهن ۾ ڌارين جي ڪهڙي اميد رهندي.

٥٧- ياد جنين کي يار، سي ياد هميشه يار کي.

جي ماڻهو يار کي ياد ڪندا، يار بہ انهن کي ياد ڪندو، يعني جي ڌڻيءَ کي ياد ڪندا رهندا، ڌڻي پڻ مهرباني ڪري انهن کي نہ وساريندو. تنهن تي هنديءَ واري ڇيو آهي:

هندي: جل ۾ بسي ڪمودني چندا بسي آڪاس،
جو جاهوڪي من وسي سو تاهوڪي پاس.

ترجمو: ڪُوڏي رهي پاڻيءَ ۾، چنڊ رهي آپ ۾،
جو جنهن جي دل ۾، سو ڄاڻ ان وٽ آهي.

تڏهن اهڙي ڌڻيءَ کي جو پنهنجي ياد ڪندڙ ٻانهن کي نہ وساري، تنهن کي سدائين ياد ڪندو رهجي!

اڙي ڪيولرام! تون پڻ اهڙي ڌڻيءَ کي ياد ڪري ڪتاب پورو ڪر!

* *

ڪتاب جي ڇپائي

هن ڪتاب جوڙڻ تي جيتوڻيڪ ته گهڻو اڳ ڏهاڙا لائي گهٽو پورهيو ڪري پورو ڪيو آهي، تڏهن به اڌڙو چڱو ٿيو چوانس، جنهن ڪي ڏسي پڙهڻ وارا سارادن. مگر رهلوءَ جا ڪاريگر ڪنهن ڪنهن مهل جوار جي روڻي پڻ دل ڪري ڪائيندا آهن. هي ڪتاب پڻ هڪڙي ٽئين ڊول جو ٿيو آهي، تنهنڪري پانيان تو جو پڙهڻ وارا هن ڪي پڙهي، جوار جي ماڻيءَ وانگي مواد وٺندا.

ڪتاب پورو ڪري سندس نالي رکڻ لاءِ هڪڙي جوتشيءَ کان پڇيم، جنهن جو نالو عاقل، تنهن فرمايو ته جڏهن پنج سؤ ۽ ستر پهاڪا منجهس آيا آهن، تڏهن آبجد جي ليکي پٽاندر (گل شڪر) نالو رکڻ گهرجي، جو گل شڪر هڪڙي جڙيل دوا آهي، جنهن کي (گلقند) پڻ چون. تنهن ۾ به شيون هڪڙا گل، ٻي مصري پونءِ تنهن وانگي هن ۾ پڻ هڪڙا پهاڪا ۽ ٻيو ارٿ گڏيو آهي، اها ڳالهه وٺيم. پانيان تو ته پڙهڻ وارن کي پڻ اهو نالو وڻندو.

پورو ٿيو ڪتاب گل شڪر، جوڙيل ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي سگهو جو، تاريخ ۲۷ مهني آڪٽوبر ۱۸۶۹ع جي ٻـڌر ڏهاڙي، حيدرآباد سنڌ ۾.

گل شڪر

گ	۲۰
ل	۳۰
ش	۳۰۰
ڪ	۲۰
ر	۲۰۰
	۵۷۰

گل شکر سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي پهريون ڪتاب آهي، جو **ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻيءَ** سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ نهايت پورهيو ڪري 1869ع ۾ لکي پورو ڪيو، پر پنجٽيهه سالن تائين مسودو ڇپڻ بنا پيو رهيو ۽ نيٺ 1905ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيو.

ديوان صاحب انهن لکندڙن مان هو، جيڪي پبلشر جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجين لکڻين کي ايندڙ نسلن لاءِ ڇڏي ويندا آهن ۽ پنهنجي نه لکڻ کي پبلشر نه ملڻ جو ڪارڻ نه ٻڌائيندا آهن.

هن ڪتاب ۾ پنج سؤ کان به مٿي پهاڪا جمع ڪيل آهن، جي پڙهندڙ جي سهوليت لاءِ نه رکيو الف-بي وار ڏنل آهن، پر انهيءَ سان گڏ پهاڪن ۾ ڪتب آندل ڏکين لفظن جي معنيٰ، سمجهاڻي ۽ پهاڪن جو پس منظر به ڏنل آهي ته جيئن اسڪولي شاگرد به سمجهي وڃي. ان سان گڏ هندي ۽ فارسي هم معنيٰ شعر ۽ پهاڪا به ڏنل آهن.

دراصل ڪو به سنڌي لکندڙ يا پڙهندڙ هن ڪتاب جي ڪارائتي هجڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهي. سنڌي لکندڙ لاءِ ته هي ڪتاب بيحد ضروري آهي.

هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب جو هي ستون ايڊيشن آهي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation